# خزانة العارفين

# Treasure for Arifs


مولانا در محمد ڪانڌڙو خاڪ

Molana Dur Muhammad
Kandhro Khak



المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

# خزانة العارفين

مولانا درمحمد خاك

## پيش لفظ

از افادات عاليہ جناب عالم عامل صوفي كامل فقيه فاضل مولانا غلام الرسول صاحب عباسي لاڑكانوي

# بسم الله الرحمٰن الرحيم حامدا و مصليا

سر ديگر هست كو گوش دگر

طوطي كو مستعد آن شكر

طوطيان خاص را قندي ست زرف

طوطيان عام زين خور بستہ طرف

كي چشد درويش صورت

ز ان لكات معني است

آن ني فعولن فاعلات

واضح هجي تہ علم تصوف نالو علم مشاهده جو آهي جنهن علم كي رسول خدا محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم احسان سان تعبير كرڻ فرمايو آهي:

(ان تعبد ربک كانک تراه فان لم تكن تراه فهو يراک)

علم تصوف جو محصول آهي محبت ۽ قرب الاهي ۽ تصفيه باطن ۽ تزكيه نفس. شيخ كامل مكمل عالم ظاهر باطن متبع سنت صاحب الهامات معبر روايات مسيحا دم جي صحبت ۽ تعليم ساڻ حاصل ٿئي ٿو. بي عنايات حق و خاصان حق گر ملک باشد سيہ هستش ورق. سلوک تصوف كامل رهبر جي صحبت كان سواءِ مشكل بلک بسا اوقات مهلک آهي. مكمل جي صحبت اكسير آهي. سندس كلمات شافيِ امراض باطنه ۽ سندس ارشادات دوائي اسقام خفيہ. محبت الاهي كري اُن جو كلام پارس آهي، جو ٽامي كي سون كري ڇڏي.

شيخ كامل جي صحبت ميسر نہ ٿئي تہ تصوف جا كتاب ۽ الله وارن جو كلام بہ نعمت آهي. اوليائن جي كلام ۾ كافي جاذبيت آهي جو دل كي غير حق جي تعلق كان آزاد كري ٿي ۽ انابت ميسر ٿئي ٿي. اسان جي سنڌ ۾ حضرت شاه عبداللطيف هڪ عارف كامل متبع شريعت، حاملِ عشق ۽ محبت، عاملِ شرع ۽ سنت ٿي گذريو آهي.

در كفِ جامِ شريعت، در كفِ سندانِ عشق،

هر هوس ناک نداند سام سندان باختن.

سندس رسالو هڪ شفا جو نسخو آهي جو باطن جي بيمارين كان خلاص كري ٿو ۽ كحل الجواهر آهي جو كور باطنن كي نور بخشي ٿو. زبان شيرين ملاحت كلام وري جڻ سون تي سهاڳي جو كم ڏيكاري رهيو آهي. مگر سندس كلام پر اشارات رموزات آهي، جو صاحب ذوق كان سواءِ بيو مشكل معلوم كندو. الحمد لله جو مولوي عالم ظاهر باطن واقف اسرار كن مولوي صاحب در محمد خاک كاندهلوي رسالہ جو شرح نالي خزانة العارفين تيار كيو آهي جو حامل خصوصيت خاصه آهي. حل معاني كليات مشكل تعبير اشارات كامنه تطبيق بہ احكام شريعت شرح رموزات مخفيہ ۾ كافي توجه فرمايو اٿس. هن وقت ۾ اهڙو شرح دستياب ٿيڻ مشكل آهي. فلله دره واجره، رب تعالىٰ سالكان طريقت كي نفع بخشي ۽ شارح صاحب كي اجر عظيم عطا كرڻ فرمائي. آمين.

**كتبه الفقير المتوسل بذيل الرسول صلي الله عليه و سلم غلام رسول المتوطن في بلدة لاركانه-**

23- رمضان شريف 1381 هـ

## تبصره از جانب جناب اديب اعلىٰ باريڪ بين بالا جناب خان صاحب عبدالله خان چنه حيدرآبادي

جناب مولانا در محمد متخلص بہ خاڪ ڪاندهلوي سان منهنجي واقفيت تقريبا ٽيهن سالن کان رهي آهي. جڏهن آءٌ وارهه جو مختيارڪار هوس تہ جناب مولانا صاحب ان وقت ۾ منهنجو عربي ۽ علم عروض جو استاد هو. مولانا صاحب جي صحبت ۾ شاعري، حديث، قرآني فلسفہ ۽ شاهه جي صوفيانہ فلسفي ۽ تصوف جي مسئلن تي ڪيئي مرتبا طويل بحث ۽ تبادلہ خيالات ٿيا. جنهن مون کي جناب مولانا صاحب ڏانهن زياده مائل ڪيو. مولانا صاحب جي شاعري، سنڌ ۾ عوام جي اڳيان ايترو مشهور نہ ٿي آهي. ڇاڪاڻ تہ اها عام جي آڏو ڪتابي صورت ۾ نہ آئي آهي. ور نہ مولانا صاحب هر ڪنهن قسم جو شعر، موزون، بلاغت، فصاحت ۽ ملاحت سان، مشحون نزاڪت سان نباهي ڇوڙ فرمايو آهي. انهيءَ ڪري جناب مولانا صاحب پڻ جمعية الشعراءِ جي اعلىٰ ارڪانن ۾ مندرج هجڻ ڪري ورڪنگ ڪاميٽي تي ممتاز ميمبر جي حيثيت ۾ چند سالن کان منتخب آهي. مطلب تہ مولانا صاحب جو وجود مسعود طبقئہ خاص وٽ محتاج تعارف جو نہ آهي. بلڪ عام جي اڳيان هڪ گمنام گودڙيو آهي. حضرت خاڪ صاحب، جناب حضرت بزرگ مرحوم مخدوم ملڪاٽي صاحب جو بامراد مجاز مريد هو ۽ آهي. ان جي صحبت سوني مان ڪيس شاهه صاحب جي لنؤ لڳي. اعلىٰ اثر دوران شاهه صاحب جي چند بيتن تي اسلامي نڪتي نگاهه کان شرح لکي آهي، جا لطيفي پيغام ۽ لاٽ ڪي، اهل روحانيت آڏو بخوبي پيش ڪري ٿي. اميد واثق آهي تہ جناب مولوي صاحب جن شاهه صاحب جي سچي رسالي کي اهڙي رنگ ۾ پيش ڪرڻ فرمائيندا، جو اڄ ڪلهه جي نوجوانن جي تربيت لاءِ اهڙو تمام ضروري آهي.

(والسلام)

62-2-25ع

عبدالله چنا حيدرآباد

## تبصره جديد مشحون بسخن سديد از طبع اديب احسن شيرين زبان اديب زمان جناب محبوب المحبوب صاحب القلم و اللسان دامت حياتہ – تبصرهء محبوب

جناب مولانا در محمد صاحب خاڪ ڪانڌڙي جو نام نامي سنڌ جي ادبي حلقن کان محتاج تعارف نہ آهي. حالانڪ پاڻ هڪ گوشہ نشين اديب؛ قادر الڪلام شاعر لطيفي لات جا شاهاڻا شارح، باعمل عالم ۽ متبحر فاضل آهن. ڏڻي تعالیٰ جي فضل و ڪرم سان شعر جي شعوري ميدان ۾ شهسوار آهن. ڪين عربي، فارسي، اردو، سنڌي ۽ سرائڪي ۾ مساوي طور يدِ طوليٰ آهي.

مگر افسوس تہ سندن شه پارا، بازار ادب ۾، جلوه افروز نہ ٿيا آهن. ان ڪري اسان جو عوام، جناب مولانا صاحب جي ملڪوتي مٽيا ڪان، متعارف نہ آهي. سندن خداداد قابليت جو ادنیٰ ڪرشمو، موجوده ناياب رسالي، بنام، (خزانة العارفين) جي سهڻي صورت ۾ هويدا ٿي رهيو آهي. ان مان ديس واسي پوريءَ طرح پرجهندا تہ مولوي صاحب جن ڪي لطيفي معرفت جي مام جو پورو پورو درڪ آهي. مرحوم محمد بخش واصف بہ شرح لطيفي لکي ديس واسين تي احسان ڪيو ۽ اها شرح گربخشاڻي ڊاڪٽر جي رسالي جي شايع ٿيڻ بعد سنڌ جي مسلمانن طرفان پهريون رد عمل هو. ان بعد مولوي صاحب جي هڪ سبر ساٿي اخويم عبدالله خان صاحب چنا، اديب سنڌ جي خاص شماره ذريعہ، ڊاڪٽر گربخشاڻي جون غلطيون شايع ڪري، سنڌ جي مسلمانن طرفان ٻيو قدم کنيو. هي موجوده ٽيون قدم، جناب مولوي صاحب طرفان کنيو ويو آهي جو مذڪور ٻنهي قدمن جو مرڪب آهي ۽ شاه صاحب جي رسالہ کي سمجهڻ لاءِ اضافي قدم جي حيثيت رکي ٿو. ڏڻي ڪري تہ مولوي صاحب لطيفي رسالي جي هن پاڪ پيغام کي توڙ تي پهچائي. آمين.

ازانسواءِ مولانا صاحب شاه صاحب جي شاهاڻي حياتي جي ڪن خار نڪتن تي بہ روشني وجهڻ فرمائي آهي، جن مان لطيفي تعليم، قابل توجه آهي. سندن نظريو تحفتہ الڪرام مقالات الشعرا جي صاحب مرحوم مير علي شير قانع جي تصديق ڪري ٿو. بندو پڻ ان نظرئي جو قائل آهي ۽ 1948ع ۾ هن جو پرچار ڪري چڪو آهي. جي صاحب روحانيت ۽ وهبيت ۾ عيني رکن ٿا. انهن کي قانع صاحب وارو نظريو قوي نظر اچي ٿو مگر جي دنوي ۽ اڪتسابي علم جا دلداده آهن تن کي اهڙي روحاني ۽ رباني رازن جي کهڙي قوت. ڪجداند حال ما سبڪار ان ساحلها توقع تام آهي تہ جناب مولانا صاحب جي هي محبت واري مشقت باثمر ٿيندي ۽ ميڙ لطيفي پانڌيڙن لاءِ هڪ مڪمل سونهي ۽ رهبر جو ڪم ڏيندي.

والسلام

محبوب علي چنا

حيدرآباد 62-2-25

## از قلم فيض رقم جناب حضرت سيد محمد علي اڪبر شاھ صدر جامع عربيہ حيدرآباد سنڌ

شاھ جو رسالو پيغام آهي جو سنڌي زبان ۾ آهي پر سنڌي ماڻهو بہ شاھ جي انهي پيغام کي نہ ٿا سمجهي سگهن، ڇاڪاڻ تہ شاھ جو پيغام روحاني پيغام آهي. روح کي جاڳائيندڙ پيغام آهي يعني تصوف سلوڪ طريقت ۽ حقيقت ۽ معرفت حاصل ڪرڻ جي تعليم آهي. حضرت شاھ حق آگاھ جي پيغام جي سمجهاڻي ۽ شرح تشريح جي ڏاڍي ضرورت آهي، آنجهاني گربخشاڻي البتہ همت ڪري هڪڙو شرح لکي شايع ڪيو جي ٽي جلد ملي سگهن ٿا، چوٿون جلد ناپيد آهي. مون کي ياد آهي تہ انهي زماني ۾ قاضي سيد اسد الله شاھ صاحب ٻارهن قسطن ۾ اخبار الوحيد ۾ گربخشاڻي جي شرح تي هڪ علمي تنقيد ناقدانہ انداز ۾ لکي هئي. جنهن سنڌ جي علمي ادبي حلقن ۾ هلچل مچائي ڇڏي هئي ۽ پروفيسر گربخشاڻي کي اعتراف ڪرڻو پيو تہ مان عالم نہ آهيان صوفي بہ ناهيان پر پنهنجي علم آهر جيڪي مون کان ٿي سگهيو آهي، سو مون لکيو آهي. مان چوان ٿو تہ ڪيس شاباش آهي پر افسوس آهي تہ گربخشاڻي کان پوءِ ڪو بہ مستند شرح شاھ جو شايع ڪونہ ٿيو آهي- مون کي جناب حضرت مولانا مولوي درمحمد صاحب خاڪ ڪاندهلوي جي لکيل شرح ڏسڻ جو اتفاق ٿيو تہ منهنجي دل باغ و بهار ٿي ويئي جو اهڙي عالم دين ۽ عارف حقيقت صوفي باصفا جي قلم ڪٽڻ جي ضرورت هئي. شاھ ڀٽائي ڀلاري جي هر شعر تي قرآن شريف حديث شريف ۽ تصوف جي تسليم ٿيل جاڻن- جاڻو بزرگن رومي، حافظ، جامي، سعدي، عطار، سنائي ۽ جنيد بغدادي ۽ بايزيد بسطامي، امام قصيري، امام غزالي ۽ امام رباني، ۽ غوث اعظم جيلاني، غوث ذڪريا ملتاني ۽ مخدوم جهانيان ۽ خواجہ معين الدين چشتي اجميري، نظام الدين اولياء دهلوي، قلندر شهباز ۽ بوعلي قلندر ۽ عرب عجم سنڌ ۽ هند جي صوفين اوليائن ڪرامن جي ڪلام کي گڏ ڪري شاهہ ڀٽائي جي شرح ۾ دليل ورتو آهي. شاھ جي پنجاھ بيتن جو شرح ڪري پنجاھ خزانن جا دروازا هن ڪتاب جي پڙهندڙن لاءِ کولي ڇڏيا آهن جئن شاھ صاحب ڀٽائي سنڌي جي مجلس ۾ انهن سيني بزرگن جي زيارت روحاني طور ۽ بشارت سندن گفتگو ۽ ڪلام جي صورت ۾ حاصل ٿي سگهي ٿي مان دعا ٿو ڪريان تہ الله تعالیٰ مولانا مولوي صاحب درمحمد المتخلص خاڪ جنهن سنڌ جي خاڪ کي افلاڪ تي پهچائڻ جو ڪم شروع ڪيو آهي سو پايئہ تڪميل تي پهچائي جو مولانا صاحب پاڻ صوفي شاعر صاحب ڪليات آهي ۽ اهڙي بزرگ جي قلم فيض رقم سان سنڌي ادب ۾ قابل قدر اضافو ٿيندو ۽ سنڌي ادب ۽ شاھ ڀٽائي جي شائقين جي تسلي ۽ تسڪين جو باعث ٿيندو. جيڪڏهن هن ڪتاب کي خريد ڪري حرز جان بنائيندا ۽ اهلهہ خزانو هٿ ڪندا تہ مصنف شارح جي همت افزائي ٿيندي، جنهن پنهنجي قلم سان گڏ پنهنجي حبيب کي بہ هن وڏي ڪم جي حوالي ڪيو آهي.

فقط 23 مارچ 1962ع

سيد محمد علي اڪبر شاھ ميهڙائي

## چند اشعار از طبع ع ق شائق ڪندوي

بي – اي (ايم – اي) سنڌ اي ايف پنجاب

لطيفي لات جو رهبر مبارڪ هي ڪتاب آهي
ڪيو تصنيف حضرت خاڪ صاحب لاجواب آهي

غواص بحر وحدة عرق ريزي سان ڪڍيا موتي
وينجهارن وٽ قدر قيمت انهن جو بي حساب آهي

بلاشڪ آهه شيرين چشمہ ميخانہ محبت جو
پياسي قلب جي اڄ ڪاڻ پاڪيزه سحاب آهي

موالي معرفت ميخانہ جا مشتاق ٿي پيندا
پيالا پر ڪري ساقي هٿان سهڻو ثواب آهي

تصوف جي سمندر جو هي آهي نا خدا ڪامل
شب ديجور ۾ جيئين منور ماهتاب آهي

نظر اڪسير عارف سان وجن رهگير لڪ رڱجي
نهاني نيهن پنهنجي مهن مٿان ڪوليو نقاب آهي

لطيفي لاڙ گهرجي تشنگي ۾ تشنہ لب ڪي
سدا ميخانہ ساقي جو صفا گلگون شراب آهي

لڪين نسخا لکيا شائق اديبن شاه تي ليڪن
ادب جي آسمان جو هي مڪمل آفتاب آهي

## سرتاج سنڌ جو روحاني عبرت خيز معجزو ۽ ڪرامت

اج رات آچر جي مورخه 27 ربيع الثاني سن 1381 ھ ۾ تورو تهجد جي وقت کان اڳي سهٽي ۾ سهٽو سفيد لباس نوراني سان پهريل ڏسي رهيو آهيان جو فقير جي مسجد شريف ۾ شريفانه انداز ۽ روحاني راز سان تشريف فرماء ٿيو ڏسڻ سان سجاڻي چيم ته جناب پٽائي گهوٽ آهي پاڻ سڳورا مون سان شفقت پريو پاکر پائي ملڻ کان پوءِ مسجد مبارڪ جي مصلي تي اوپر طرف ڏي مهن مبارڪ ڪري وينا فدوي سندس خدمت اقدس ۾ بينو رهيو تانجو پاڻ فرمايائون ته توهان منهنجي سجي پاسي کان ويهي رهو، فدوي حڪم موجب اجان ويهڻ جو خيال ڪري هيٺ نهاريو ته ناگاه نڪ تي حيرت پريو عمدو هنڌ وڇايل نظر آيو، جنهن تي ويهڻ سان دل جو دل ۾ خيال دامن گير ٿيو ته هي حيرتي هنڌ حضرت سرتاج سنڌ جي ڪرامت جو ڪارڻ آهي جو هنڌ فدوي جي اعزاز ۽ احترام جو باعث تي باهر ٿيو آهي وگرنه نڪ تي اڳ ۾ ڪجهه به ڪونه هو، آخرڪار ويهڻ کان پوءِ واجهائي ڏنم ته مسجد مبارڪ ۾ فقط تي فرد هواسون هڪ لطيف لاثاني ٻيو فدوي فرحاني ٽيون نالي علي محمد نگراني جو پڻ فدوي جو پاٽيجو ۽ مسجد جو بانگو آهي. سو سرتاج سنڌ جي اوپر طرف کان سامهون وينل نظر آيو تي. اهو وقت سعيد مون کي نماز جو نظر آيو تنهن ڪري مون ڪين مؤدبانہ نمونه ۾ گذارش ڪئي ته قبله عالم بانگ ڏيارجي پاڻ فرمايائون ته اجان وقت ڪافي پيو آهي ڪجهه دير ڪريو توري دير گذرڻ کان پوءِ ڏٺو ويو ته ساري مسجد ماٿهن سان پرجي پرپور ٿي وئي جن مان ڪي سينگار واسطي گل قل ڪٽي آيل هوا ته ڪي وري ڳاڙهي رنگ عمدي تي هڪ تنبو ڪٽي آيا جو ساري مسجد کي محيط تي ويڙهي ويو اسان سيني پاڻ کي تنبو رنگين جي زير سايه وينل ڏٺو مطلب ته ساري مسجد مبارڪ سينگار جي سبب ڪري جڻ بهشتي باغ بڻجي چڪي هئي. اتي سڀ ڪنهن جي حيرت جي حد نه رهي مؤئي مات جي حالت ۾ محو هجڻ ڪري لب ڪشائي جي جرئت وڃائي وينا هوا ته اوچتو هڪ نوجوان نروار ٿيو جنهن جي هٿ حڪمتي تي لٺا سفيد جديد رکيل هوا جي لٺا هن نوجوان جناب سرتاج سنڌ جي آڏو ادب سان رکيا پوءِ اهي ٿئي ڪپڙا پاڻ سڳورن پنهنجي هٿ مبارڪ سان فدوي کي پارايائين اها پڳ مبارڪ پاڻ پنهنجي هٿ سان بڌائي فرمايائون ته اج کان وٺي تون اسان جو أويسي خليفو آهين ۽ هي مسجد مبارڪ اج کان وٺي مسجد "لطيفي" سڏجڻ ۾ ايندي، جو ته تو مون کي رسالي "خزانة العارفين" جي ٺاهڻ سان نهايت روحاني راحت رسائي آهي تنهن ڪري مان بذات خود توکان گهڻو خوش ۽ رازي بازي آهيان، انهي چوڻ کان پوءِ پاڻ سڳورا غائب تي ويا ۽ مان بيدار تي جاڳي پيس، هن عبرتي خواب مان به ڳالهيون ڏيان طلب آهن هڪ سرتاج سنڌ جي روحاني ڪرامت وارو الهام ٻيو رسالي جي شارح جي عزت ۽ احترام، انتباه زائل اشتباه.

فدوي هڪ ڏينهن مورخ 26 ربيع الثاني تي رسالي خزانة العارفين جي فهرست مضامين کان فراغت حاصل ڪئي ته ورندڙ رات 27 ساڳي مهيني جي جناب سرتاج سنڌ پاڻ تشريف فرماءِ ٿي. فدوي کي فوز عظيم جي فيض سان فرحان ڪرڻ فرمايو، جڻ ته فدوي کي پنهنجي قدوم ميمنت لزوم سان رسالي جي تاليف جو حق هڪدم عطا ڪرڻ آيو هو.

لقاء لطيفي لهندڙ درمحمد خاڪ صديقي ڪاندهلوي.

## تعارف ذي المعارف جو بيان

سنڌ جي سرزمين سر سبز تي جناب سرتاج سنڌ جون سوين ورسيون ملهايون وڃن ٿيون ۽ سندس رسالي جي دشوار ۽ اوکن لفظن جي معنائن تي ڪن بزرگن اديبن گهڻي محنت ۽ ڪوجنا ڪرڻ فرمائي آهي جن صاحبن جي محنت مزيد ۽ ڪوشش ازيد جو شڪريو بجا آڻڻ اسان تي اخلاقي طرح لازم آهي پر ڪيئي ورهن جا ورهه ۽ صدين تي صديون گذر ٿينديون ويون مگر ڪنهن صاحب ڳام زن ٿي رسالي جي شرح شافي ۽ حجت وافي جي طرف وک وڌائڻ جي ڪوشش ڪامل ڪانه ڪئي، هائو مسٽر گربخشاڻي جو شرح تيار ڪيل نڪري نروار ٿيو جو تحقيق جي نڪتہ نگاه کان بلڪل اڻ پورو هو تنهن ڪري اهو بہ حضرات ناقدن جي نظر فيض اثر جو نيشان بڻجي اهڙو تہ ڊهجي ويو جو اديبن جي دنيا تي سندس مقبوليت تہ محو ٿي پر رهندو سندس پڙهڻ جي پچرئي عدم پديد ٿي وئي، تنهن ڪري بيا صاحب فهم بہ شايد زير اثر رهي سرد ٿي ويهي رهيا و گرنہ دنيا داناعن ۽ صوفين صديقن کان خالي نہ آهي يا ڪو ٻيو سبب روڪ رڪاوٽ جو هجي، والله اعلم بالصواب مطلب تہ گهڻو وقت اکيون انتظار جا تارا تڪينديون رهيون پر هينين پهاڪي وانگي

(پينچن ڪي مهت نيسارو اتي جو اتي)

وارو معاملو درپيش ٿيندو رهيو، آخرڪار ڏنو ويو تہ ڪو بہ مرد متين ميدان تي نڪري نروار نہ ٿيو ايتري انتظار واري عرصہ گذرڻ بعد، ڪن بزرگن احبابن ادب جي گهڻ گهرن جو فقير حقير پيرسن زهير هن خاڪ نمناڪ تي زور بار پيو تہ تون هن ڪنن ڪم ڏي تورو توجه ڏي. مون ڪين انڪاري جواب ڏيڻ موزون نہ ڄاتو بلڪ بيمارن وانگي هوريان هائو ڪري وينس جيئن جو هوريان واري هائو تي هي هينيون مصرعہ صادق اچي ٿو

(مصرعہ)

(هائو ڪري ٿو هوريان بيمار جي طرح)

تنهن هوندي بہ زماني جي لاهن چاڙهن ۽ بيمارين جي هولناڪ حملن هجڻ ڪري سنبرندي سنبرندي سال ڏيڊ گذري ويو پر ڪم اهم مطلوب ۾ هٿ وڌو نہ پنو، جنهن ڪاهلي ۽ سيڙپ واري سنبت تي هي هينيون بيت لطيفي صادق اچي ٿو.

(بيت)

اتر ڏني اوت نہ مون سوڙ نہ گبرو

چارئي چني پوت مون ويڙهندي رات وئي

آخرڪار ڳالهہ هن ڪڙي تي پهتي جو دوباري تاڪيد اڪيد ۽ محبت مزيد سان مون ڪي پنهنجن پيارن دوستن بزم لطيف نصيرآباد وارن ۽ سڄڻ جي سنگت وارن ۽ جناب شير شاه صاحب چيئرمن يونين ڪائونسل لاڪا جي اهڙو تہ مجبور ڪرڻ فرمايو جن صاحبن ڪي بيهر انڪاري جواب ڏيڻ ڏاڍو دشوار ۽ ڏکيو نظر آيو. نيٺ مون هائو ڪري الله تبارڪ جي توفيق ۽ رحمت رفيق تي اعتماد ۽ پروسو ڌري، ايڏي ڪنن ڪم جو بار سر تي ڪنيو، موجب پهاڪي معروف.

(همت مردان مدد خدا)

۽

جي گهڙيا سي چڙهيا

تي پورو پورو تڪيو ۽ پروسو رکي ڪنسر جهڙي سخت خطرناڪ بيماري کي بہ نظر انداز ڪري دل جو دل ۾ چيم تہ حق وارن جي حمايت هر دم حق جي طرفان ٿيندي رهندي آهي، هٽ وجهڻ ۾ هاٽي دم دير ڪرڻ نہ گهرجي، انهي پڪي عزم ايرادي جي پٺ پرائي زيرين ڪلام خاڪ جي مان صريح ثابت آهي

(ڪلام)

حق وارن جي حمايت هٽ هتي ٿيندي رهي، + ذات حقي سات سڀ کي پاڻ تي ڏيندي رهي.

١. پروسو جن جو فقط آ ذات باري تي پلو + رات ڏيهان ذات تن سان پاڻ گڏ رهندي رهي.

٢. نيهن جي نصرت عَلَينا ڪانَ حقا ڪارگر + عاشقن تي روز شب ۾ عرشن ڪان ايندي رهي

٣. ذار ڪنهن ڪان يار ناهي ذار جاٽو ڪينڪي، + وصل جي وائي ڪڏهن نا وات مون ويندي رهي

٤. خاڪ تي گل ڦل جمي پو باغ بڻجي تو پوي + حسن گل تي بلبلن جي هونگ ڏس هوندي رهي)

تنهن ڪري جيڪڏهن حق جي حمايت مون جهڙي مريض پيرسن کي نہ هجي ها تہ ايڏي ڪنن ڪم ۾ ڪامياب ٿيڻ محال هو پر هزارين حمد ۽ لک لک ڀيرا شڪرانا انهي سائين سچڻ سروري ۽ سرڪار صمدي جا جنهن پنهنجي فضل ڪرم سان منهنجي هٿان چند بيتن پٽ ڏٽي جو شرح شافي آيتن ۽ حديثن ۽ سلف صالحن جي سونن قولن سان سينگاريل پورو ڪرايو آهي آمين ثم آمين.

هي رسالو پرت جو پيالو نالي خزانة العارفين حصہ اول جو ڇاپجڻ ڪان پوءِ قريب قريب اڍائي تي سون صفحن تي تيار تي بيهندو سو صوفياني رنگ جو رسالو طريقت وارن لاءِ تحفو نرالو، مون جهڙي مريض ۽ پيرسن زهير جي طرفان پيش تي رهيو آهي. اميد تہ سيني پائرن اديبن ۽ پينرن خوش نصيبن وٽ مقبوليت جو شرف عظيم حاصل ڪندو، موجب زيرين فارسي جي،

برگ سبز ست تحفۂ درويش

گر قبول افتد ز هي عز و شرف)

تنهن ڪري لطيفي لاٽ سان پرپور رسالو جڻ تہ قرآني آيتن ۽ آفاقي آيتن جو پورو پورو مجموعو ۽ عبرتي ڪتاب مستطاب آهي جنهن رسالي جي روحاني رمزن ۽ رنگين غمزن کي فقط روحاني رهبر ۽ معرفت جا مهار ئي پروڙي سگهن ٿا چو تہ هينين پهاڪي مان اها حقيقت پڌري آهي

(پهاڪو)

(گونگا مامون گونگن جون سمجهندا آهن)

پر هي هينيون غزل غمزن پريل دنيا جي عبرتي ڪتاب ڏي عمدو اشارو ڪري رهيو آهي

(غزل)

دنيا سموري عبرت جو جڻ ڪتاب آهي + ست ست ۾ سير سڙي جو خوش خطاب آهي

١. زير زبر ۾ ذاتي پس پيش ۾ جزم سان + جي جو جيارجاني جگ، جو جناب آهي

٢. نقطي ۾ نينهن وارو نڪتو نهان جاٽو + نظري نماءُ نالي نادر نصاب آهي،

٣. هر ورق ۽ پني تي عبرت جي عين آڏو + ديوان معرفت جو ۽ بره باب آهي

٤. دنيا تي ديدور کي دلدار سان ملائي + صورت ڏسڻ سچڻ جي سهڻو ثواب آهي.

٥. ڪثرت مان ورهه وارن وحدت جو واس ورتو + ڪثرت ۾ ڪين اٽڪو اٽڪڻ عذاب آهي.
٦. دنيا جي دال اندر ديدار جو اشارو ڏس + ڏس نظارو نازڪ ڪليو نقاب آهي.
٧. دنيا جي معنیٰ اقرب ويجهو وصال سان + ديدار ڪان پري جو حيوان دواب آهي.
٨. نوني اشارو آهي نروار نيهن ڏي + ڌهه نيهن جو دنيا ۾ ڪو ڪو نواب آهي.
٩. يي مان يقين يارو ملندو پرين پيارو ٿي + ڪينڪي وسارو اڳيان عتاب آهي.
١٠. الف ۾ اشارو الفت عجيب وارو + سيني ۾ سير سارو تجلي جو تاب آهي.
١١. دنيا جي رنگ ظاهر تي پل ڪڏهن نہ + پورا پلجي وڃڻ دنيا تي اڪبر حجاب آهي.
١٢. خوش خواب پڻ عبادت دنيا ۾ خاڪ تن جو + وحدت جي راڳ سان جن رڳ رڳ رباب آهي.

## قدرتي ڪارخانه قديم جو اٽل

قانون ۽ دستور آهي ۽ هميشه هوندو ته سون سالن ۽ هزارن ورهين گذرڻ کان پوءِ دنيا اندر ڪو نه ڪو ديدور ۽ رهبر روحاني پيدا ڪري پنهنجي حڪومت عادلہ ۽ حڪمت ڪاملہ سان انهي ديدور داناءَ جي ذريعه سان دنيا کي سداريندو آهي تنهنڪري قانون مذڪور جي مد نظر تي ڏني تعالىٰ پٽ ڏٽي کي به اهڙو اعلىٰ درجه جو ديدور ۽ رهبر روحاني ڪري دنيا تي موڪليائين جنهن جي واسطي ساري سنڌ ڇا بلڪ ساري دنيا جو گهڻو ڀاڱو سڪي ٿو ۽ اڃا به سڪندو رهندو جيئن جو زيرين بيت مان پڻ اها حقيقت ظاهر آهي

(بيت)

(هزارون سال نرگس اپني بي نوري پہ روتي هي

بڙي مشڪل سي هوتاهي چمن مين ديدور پيدا)

پر هن سرتاج سنڌ دنيا جي ديدور پنهنجي سهڻي سنيهي ۽ سلام کي ساري سنڌ ۾ ڇا بلڪ پاڪستان ۽ هندستان وغيره کي به پهنچائي ڏنو هر ڪنهن قوم جي ڪن تي هي عبرت پذير پيغام پهچي چڪو آهي ۽ پهچندو رهي ٿو ويتر جو سندس سنيهي کي سهڻي پيرائتي سان سمجهائڻ لاءِ شرح شروح پرو روح شايع ٿيڻ لڳا آهن تن ته ويتر سون تي سهاڳي جو ڪم ڏنو آهي. اهڙي سهڻي سنيهي جي ٻڌڻ لاءِ نہ فقط قوم مسلم تيار آهي پر هزارين هندو پائر وغيره به وڏي سڪ سبيل سان سوا ڪنهن ڏڙڪ هبڪ جي سٽي ٻڌي سوزگداز ۽ روحاني راز پرائي رهيا آهن. جنهن جي علامت امتيازي هي آشڪار آهي ته ڪي هندو صاحب رسالي جي رغبت ۽ شوق جو شڪار ٿي رسالي جا شارح ٿي چڪا آهن ته ڪي وري ورسين ملهائڻ جا قوم مسلم وانگي مشتاق آهن ته ڪي وري جيڪي هن کان ڪجهه زمانو اڳي ٽوڪ لوڪ کان ٿهي رڳو بسم الله پڙهڻ کان پرهيز ۽ پاسو ڪندا هوا سي صاحب اڄ پٽ ڏٽي جي سندي لباس پهرايل قرآني پيغام کي پنهنجن اکين ۾ عزت افزا جاءِ ڏئي حبدارن وانگي هئن چوڻ کان نہ ٿا هٽن ته

(بيت)

زمر ز خوف سومرا حمد جنين جو هنڌ

اهدنا الصراط المستقيم اهو پهنوارن پنڌ

باري لاهڄ بند ته عيبن کان آڇي ٿيان]

اهڙي ديدور رهبر روحاني جو اسان سنڌ وارن ڪما حقه قدر ڪونہ آهي پر جي خدا نہ خواسته اهڙو ديدور لاثاني مغربي ملڪ ۾ پيدا ٿئي هان ته اها قوم سندس رسالي جي شرحن ڪرڻ ۽ شايع ڪرائڻ ۾ هزارين حيلا هلائي ۽ وڏا ڳاتي ڀڳا خرچ خروج ڪري به سندس رسالي جا شرح شايع ڪرائي دنيا کي ساڻس روشناس ڪرائن هان پر افسوس صد افسوس جو اسان مشرقي اديبن کي اهڙي لاثاني هيري جو ڪو به جوڳو قدر ڪونہ آهي جو سندس رسالي جا هزارين شرح شروح ته پري ٿيا پر اڃان تائين اسان سنڌي ٻتي شرح قابل اعتماد به نروار ڪري نہ سگهيا آهيون شايد —

پهاڪو —

(گهر جو پير چلهه جو مارنگ)

وارو مثال گهڻي ڀاڱي اسان سنڌ وارن سان ئي لاڳو ٿي سگهي ٿو — اهڙي حالت بي قدري جي ڏسي وائسي اديبن جون دليون گهڻو ڪري سرد ٿي ويون آهن تنهن ڪري تصنيف جي ڪم اهم ڏي دلي توجه نہ ٿا ڏين — ڪجي اميد ته ڪي نوجوان يا ڪهنہ مشق اديب سنڌ غفلت جي ننڊ کان بيدار ۽ سجاڳ ٿي مون ڪهنہ مريض جي

ڪوڪ ۽ اپيل کي لبيڪ فرمائي هٿ حقير جي سان پنهنجو هٿ حمايت ملائي ميدان تي نڪري نروار ٿين ته مون پوڙهي بيمار تان به ڪجهه بار هلڪو ٿئي پر مان هن هينين دعوىٰ ڪرڻ ۾ حق بجانب آهيان ته جيڪڏهن فخر هند سر اقبال تائين لطيف جي رسالي جو ترجمو اردو زبان ۾ پهچي هان ته اهو اقبال به سر زمين سنڌ تي تشريف فرماءِ ٿي پٽ ڌڻي جي روضه مبارڪ کي پاڪر پائڻ جي نه رڳو عزت حاصل ڪري هان بلڪ سندس آستاني بوسي سان پنهنجي اقبال جو به اقبال جاڳي هان موجب بيت زيرين جي

(بيت)

قدر جو هر شاه داند يا بداند جو هري

قدر گل بلبل بداند قدر دلدل شه علي

شاعرن جو شاه جناب سرتاج سنڌ نه فقط معمولي مشتاق هو پر هو رهبر روحاني ترجمان الهام آسماني اهو شوق وحدت جو شهباز ۽ بره وارن وقت جو بادشاه باز هو – جنهن جي هر هڪ سور سوز تان سو سَوَ سڪ به صدقي هوا ۽ هوندا- تنهن ڪري طالب حق ۽ سالڪ سڪ برحق جي کي ۽ بره جي باني مباني عاشق اڻ ٽڪ کي گهرجي ته سرتاج سنڌ جي سچن سورن مان ڪجهه نه ڪجهه پرائي سنڌ ۾ سورن جي اقليم جو سردار ۽ دردن جو دهدار ۽ دنيا جي عالم ۾ عشق ذاتي جو علمبردار تي ڏيکاري ته نيهن وارا نواب ڪيس نظر اعتبار جي سان نهارين – جيئن جو هينيون غزل غمزن پريل انهي حقيقت تي پوري طرح روشني وجهي ٿو.

(غزل)

١. عاشقن جو عشق ذاتي سان علمبردار تي + سور جي اقليم جو سڪ سوز سان سردار تي
٢. قلب واري ڪوڪ سان تون قلب جو پڻ قلب تي + روح روحي راز اندر روح جو رهدار تي
٣. سير سري سون ليڪن خير خفي خوب آ + عين اخفىٰ ۾ عجيبن جو عجب اسرار تي
٤. نفس ناسو تي نفي اثبات سان نابود ڪر + نور نفي نور نظري نور ۾ نروار تي
٥. درد جو پڻ درد تي تا داس دردن جا برن + بر بري باري بيائي باڻ جو بي بار تي
٦. جان جوشن ۾ جياري جوش جو پڻ جوش تي + گوش جو بي گوش تي پر گفت جي گفتار تي
٧. هوش جو بي هوش تي تون هل هيئين سان هوت ڏي + هوڏ هستي کان هٽي پو هوش جو حقدار تي
٨. خيم وحدت جا پيالا پر ڪري ميخانه مون + ساقي ڪوثر هٿان هردم وني ميخوار تي
٩. طالب المولىٰ تکو تک تار ۾ ترندو رهي + تون به تنهن وانگي تري اغيار جو اغيار تي
١٠. خاڪ آهين خاڪ تي افلاڪ جو معراج ڪر + سير سري جي صفت سان عرش جو سينگار تي

هن غزل مذڪور مان صحيح ثابت آهي ته جڏهن به سا لڪ سلوڪي سيني لطائفن کان فراغت نامه حاصل ڪري فڪرات جي مراقبن ۾ مستغرق ٿيندو آهي تڏهن هُن کي بيخودي جي حالت طاري هجڻ ڪري فقط فڪر ذڪري جي محويت ۾ مداوت هوندي آهي ته ڪنهن بي شغل اشغال ۾ هميشه سندس حالت خالي هوندي آهي نه قاني جيئن جو زيرين ڪافي مان انهي ڳالهه جو ڪجهه پتو پوي ٿو.

(ڪافي)

فڪر تنهنجي ۾ فنا ٻي فڪر کي مان ڇا ڪندس + اجر اعظم عشق جو ٻي اجر کي مان ڇا ڪندس

عشق تنهنجي جو نہ مٽ مشڪ ختن کي پائيان + عطر اعلىٰ عشق جو ٻي عطر کي مان ڇا ڪندس

فاذڪروني گوش تي آواز اذڪر ڪم پيو + ذوق تنهنجي ذڪر جو ٻي ذڪر کي مان ڇا ڪندس

پاڻ پنهنجي پاڪ هٿ سان جام ڏي جاني پري + خمر پاڪيز پيان ٻي خمر کي مان ڇا ڪندس

ابر رحمت رات ڏيهان رات وارن تي وسي + ابر سوئي ماڻيان ٻي ابر کي مان ڇا ڪندس

خاڪ ڪر پرواز تون افلاڪ ڇا عرشن متي + اُدُن مِنِي امر آ ٻي امر کي مان ڇا ڪندس.

حاصل ڪلام تہ رسالي ”خزانة العارفين“ جي ناهڻ جو اهو هرگز مطلب نہ آهي تہ رسالي مذڪور ڇا پرائي فقط پاڻ کي عوام ۾ پڌرو ڪجي بلڪ رسالي جي ڇاپائڻ ۽ شهرت ۾ فدوي جو فقط هي مطلب آهي تہ جيئن تيئن لطيفي لات سان سهٽي پيرائي ۾ ساري سنڌ کي ڇا بلڪ دنيا کي روشناس ڪرائڻ جو خيال آهي اهو خيال عديم المثال حال توڙي استقبال ۾ ساراهہ جو سزاوار آهي- شل اهڙو خيال اديبن ۽ عالمن کي ابد الاباد هجي آمين- ٻيو تہ فدوي سرتاج سنڌ جي سيرت جي تشريح تي ڏيان ڏيڻ وڌيڪ مناسب ۽ موزون ڄاتو ڇو تہ سيرت تي گهڻن صاحبن چڱو تحقيق ڪرڻ فرمايو آهي باقي شرح شافي جي حصول ۾ ڪوشش ڪثير جي اشد ضرورت هئي – تنهن ڪري تشريح نامہ تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو آهي نہ سيرت ڏي – پر تنهن هوندي بہ بيماري جي هر هر حملن هجڻ سبب رسالي ۾ ثاني نظر ڪرڻ جو پورو پورو وجهہ نہ مليو سگهيو آهي، تنهن ڪري ممڪن آهي تہ ڪي نہ ڪي خيالي يا قلمي خاميون منجهس رهجي ويون هجن- تنهن ڪري حضرات اديبن ۽ معرفت جي ماهرن جي خدمت ۾ مؤدبانہ گذارش آهي تہ اصلاح فرمائي همدردي ڪرڻ جو ثبوت ڏيندا ۽ عيب جوئي کي نظر انداز ڪرڻ فرمائيندا ڇو تہ دانائن جي دائمي هنر تي نظر هوندي آهي نہ عيب اوڻاين تي جيئن هن بيت مان عيان آهي:

الا اي خرد مند فرخنده خوئي،

هنرمند نہ شينده امر عيب جوئي

## (پنهنجي پچار)

ڪاندهلہ قديم جي ڪيفيت تاريخي روشنائي موجب روشن ڪجي ٿي جا وڏن ڪان تواتر جي طريقہ سان اسان جي ڪنن تائين پهتل آهي سا هيٺين ريت آهي تہ-

هندستان اندر ضلع مظفر نگر جي گردنواحي ۾ هڪ وڏو جبل توق زني ۽ گولي ماري جي گولي سان نيشانن هجڻ ڪري ڪنڌ ڪنڌ ۽ گهير واتون ٿي رهيو هو – اتي قسمت سانگي هڪ عرب امير دهلي شهر شاندار جي عرب سرائي محلہ مان نالي قاضي ضياءُ الدين سنامي صديقي قريشي آيو- جنهن امير صاحب اچي جبل مذڪور جا ڪنڌر ڪرڙا ۽ گهير گهٽ پنجي پورا ڪرائي ۽ هيٺ متاهيون مارائي متاچري مقام تي هڪ شهر بادشاهہ تغلق جي يادگار ۾ تغلق آباد جي نالي سان ٻڌايو – جنهن شهر جي شهرت عوام جي ڪثرت استعمال ڪري ۽ قدرتي عزم ايراده موجب **ڪانڌره** نالي سان نروار ٿي وئي – تان جو گهڻي زماني گذرڻ ڪان پوءِ اهو ساڳو **ڪانڌره** نالو بدل سدل ٿي **ڪاندهلہ** ٿيو جنهن جي نالي اهڙي تہ شهرت پذيري حاصل ڪئي جو ڪن ايامن بعد ريلوي وارن ڪاندهلہ جي ايڏي شهرت ڏسي ٻڌي ڪاندهلہ جي نالي سان استيشن ڪاندهلہ برپا ڪرڻ فرمائي جا استيسن اجان تائين موجود آهي اهو استيشن جو ذڪر تذڪره الياس عليہ الرحمتہ ۾ پڻ ثابت آهي پردين اسلام جي اشاعت سبب اهو شهر اهڙو تہ شهرهء آفاق ٿي چڪو هو جو مذهبي مرڪز ۽ دارالافتاءَ جو عمدو لقب ماڻي رهيو هو جنهن مان هزارين ماڻهو فيضياب ۽ مستفيد ٿي ويندا هوا ڪاندهلوي بزرگن جي خاندان نسل مان قابل ذڪر بزرگ هيٺين نالن وارا آهن.

1- پهريون مولانا علامتہ العصر مفتي الهيٰ بخش صاحب صديقي ڪاندهلوي آهي جنهن صاحب مثنوي رومي جو شرح ڪامل ناهي تيار ڪرڻ فرمايو ۽ قصيده برده جو شرح شافي ناهڻ فرمايو آهي وغيره. هن بزرگ جو شجرو مبارڪ جو چاپيل فدوي وٽ آهي حضرت امام رازي صاحب تفسير ڪبير واري سان ملي پوءِ حضرت ابابڪر صديق رضي الله عنہ سان ملي ٿو- 2 فرد فريد باني تبليغي جماعت جو جناب مولانا محمد الياس ولد مولانا محمد اسماعيل آهي جنهن بزرگ جي مزار پرانوار دهلي شهر جي محلہ نظامي ۾ آهي- جا عام خاص جي زيارت گاه آهي- هن ثاني بزرگ جو خلف رشيد پراخلاق حميد مولانا محمد يوسف آهي جو اجان تائين زنده حيات آهي. 3- مولانا محمد ذڪريا صديق صاحب شيخ الحديث داماد مولانا محمد الياس صاحب جو آهي. انهي ڪاندهلہ گهراڻي ۽ خاندان جو هڪ هيرو ۽ گوهر گرامي نالي شاه احمد احسن انجامي صديقي ڪاندهلوي تغلق جي زماني ۾ تغلق سان گڏجي سنڌ ۾ آيو اچڻ ڪان پوءِ سنڌ ۾ رهڻ جو پڪو پهہ پچائي هڪ ڳوٺ نالي ڪاندهلہ جديد ڪاندهلہ قديم جي يادگار ۾ ٻڌايو جتي هن صاحب سعيد کي ٻہ پٽ پيدا ٿيا. 1- هڪ خيال احمد 2- مجتهد احمد- فدوي خيال احمد صاحب جي نسل جي نيشاني آهي تنهن ڪري فدوي خيالاڻي پاڙي پڏرو هوندو آهي. آخر گهڻي زماني گذرڻ بعد رڳي ڪاندهلہ جو ترجمو ڪانڌڙه مشهور ٿيڻ لڳو جو اڄ تائين سرڪاري نقشہ تي ٻہ ڳوٺ ڪانڌڙهہ لکيل آهي ۽ سڏائين سڏجي پيو- ڳوٺ جا رهاڪو جي ابتدا ۾ ڪاندهلوي سڏبا هوا سي ڪانڌڙا سڏجڻ ۾ آيا مگر نہ ڪاندهلہ نسبت شهر ڪاندهلہ قديم سان آهي نہ ذات سان- پر هي ڪاندهلہ جديد بہ تاريخي روشني موجب ڪلهوڙن جي حڪومت ڪان بہ ڪجهہ قديم نظر اچي ٿو جنهن ۾ قديم زمانہ ڪان وٺي اڄ تائين ٻي ڪا بہ قوم ڪانہ آهي- هن ڳوٺ ۾ ڪاندهلہ قديم وانگي هر ماه جي ٻي جمعہ تي نوري جلسو تبليغي طور تي ملهايو ويندو آهي جتي هر قسم مداحي ۽ حضرات علماء ڪرام واعظين ايندا رهندا آهن- ايندڙن جو انتظام طعام قيام بابت تبارڪ و تعاليٰ جي توفيق سان پنهنجي جيب گريبان مان ڪيو ويندو آهي تہ ڦندي ڦرڙي چندي چوڙي مان. ماني ڪارائڻ ۾ غني غريب کي هڪ نظر سان ڏٺو ويندو آهي هن جلسي ۾ هر هڪ حبدار حبيب الله کي اچڻ جو حق آهي.

داعي الي الخير فقير در محمد خاڪ صديقي ڪاندهلوي

## نظم ڪاندهلہ قديم جي ياد ۾

ڪاندهلہ ڪان شان وارو شاهہ احمد آيو + سنڌ ۾ تغلق سان گڏجي پير تنهن پائيو

ڳوٺ تنهن پنهنجو ٻڌو هت ڪاندهلہ نالي جديد + ڪانڌڙهہ تي ترجمو ويو وات وائي وائيو

پهريون پٽ خيال احمد مجتهد نالي ٻيو + تي ٻئي پيدا ويا اولاد صالح جائو

پهريون پاڙو خيالاڻي پيو سڏجي سدا + ٻيو مجتهداڻي ٻڌيو پاڙو پلارا پائيو

ڪجهہ ڪلهوڙن ڪان قديمي ڪاندهلہ جو ڳوٺ هي + جنهن مٿي رحمت رباني جو رهي تو سائيو

نور نرمل ياد جو جنهن ڳوٺ ۾ جلسو ٿئي + اهڙي نوري ڳوٺ ڏي رحمت جي ڪڪرن ڪاهيو

خود خيالي سان رهي هي خيال دامن گير ٿيو + ڪر پچر پنهنجي پٽر آ روح دل جو رائيو

خاڪ پيدا وار نالي خيال احمد آل مان + هيئن وڏن فرمان فدوي ڪي چٽو فرمائيو

ڪاتب الحروف فقير خاڪ عاشق احمد آرياڻي، مستفيد مجاز درگاهہ ملڪاڻي

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ.

نَحۡمَدُهٗ وَ نُصَلِّيۡ وَ نُسَلِّمُ

## سيرت سرتاج سنڌ جو اختصار

### حسب ۽ نسب

سنڌ جي صوفين ڪرامن جي سردار ۽ شاعرن جي شاه ۽ مهدار- جناب حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمة جي نجيب طرفين نسب جو 23 پيڙهي ۾ انين امام موسىٰ رضا سان ڳنڍجي حضرت علي ڪرم اللهٰ وجهه سان وڃي پهچي ٿو.

سندس نسب شريف جو اختصار هن نموني سان نروار آهي- حضرت شاهه عبداللطيف تارڪ ڀٽائي بن سيد حبيب اللهٰ عرف سيد حبيب بن سيد عبدالقدوس بن سيد جمال بن سيد عبدالڪريم جو شاه ڪريم ٻُلڙي واري نالي سان نروار آهي سنہ 1398ع ۾ امير تيمور گورگان جڏهن هندستان تي ڪاهہ ڪرڻ جي عزم ايرادي سان هڪ وڏي لشڪر سميت فرات ۾ پهتو تڏهن ڀٽائي پوتار جي ڏاڏن مان (14) چوڏهين نمبر نالي مير علي تيمور جي مرحبا مزيد ڪرڻ فرمائي ۽ بادشاهي سپاه لاءِ مهمان نوازي واسطي وڏي رقم پيش ڪئي- امير تيمور اهڙي مهمان نوازي کان ايترو تہ خوش خورم ٿيو جو سيد صاحب موصوف کي انعام اعلىٰ شاهاڻان عطا ڪرڻ فرمايائين ۽ اڳتي هلي سندس ڇهن پٽن کي جدا جدا ملڪن جو حاڪم مقرر ڪيائين.

(1) مير عبدالباقي جو اجمير جو حاڪم ٿيو (2) مير عبدالواحد جنهن کي حڪومت ملتان جي عطا ڪئي وئي (3) مير عبدالرزاق جو بکر جو حاڪم بنايو ويو (4) مير ابوبڪر جو سيوهڻ جو حاڪم مقرر ٿيو (5) مير شرف الدين جو پنهنجي ڳوٺ رهڻ ۾ راضي بازي رهيو (6) سيد حيدر هروي ڀٽائي جي ڏاڏن مان تيرهون نمبر جنهن کي پڻ حڪومت جي آڇ ڪئي وئي مگر اُن صاحب نوڪري کان نابري واري پنهنجي والد ماجد مير علي جي خدمت ۾ رهڻ پسند ڪيائين.

امير تيمور جڏهن هندستان تي ڪاهہ جو قصد ڪيو تہ اُن سفر ۾ سيد حيدر ۽ سندس والد مير علي امير تيمور سان همرڪاب هوا- هندستان پهچڻ بعد ستت سيد حيدر پنهنجي والد بزرگ ۽ امير تيمور کان اجازت گهري تہ جيئن پنهنجي پائرن کي ڏسي اچي ان سان گڏ هندستان جي جدا جدا پاڱن جو پڻ سير ڪري- سيد سڳورو سير سفر پر ظفر ڪندي سنڌ جي پراڻن هالن جي ڳوٺ ۾ ڳوٺ جي هڪ معزز ماڻهو وڏيره شاه محمد پٽ دريا خان هالي وٽ اچي مهمان ٿيو جنهن صاحب سندس سهڻي خدمت ڪئي – سيد حيدر صاحب ٿوري عرصي ۽ مدڪت ۾ غريب پروري ۽ همدردي ڪري اهڙو تہ مشهور ٿي چڪو هو گهڻا ماڻهو سندس سهڻي صحبت ۽ سنگت ۾ سڪ ساڻ رهڻ لڳا پاڻ اهنجي سهنجي وقت غريبن جي غمخواري ڪرڻ سان سار سنڀال لهي مسڪينن جون مددون ڪندو هو – انهي عرصي اندر اتي جي حاڪم نالي مير محمد ڪنهن سبب ڪري هالن جي ماڻهن تي ڪجهہ رقم ڏنڊ وڌو هو- جنهن کي غريبي ۽ مسڪيني ڪري ڀري نہ ٿي سگهيا- سيد حيدر صاحب کي جڏهن انهي معاملي جي خبر پئي تڏهن غريبن تي ڏاڍي ڪهل ڪري اها رقم پنهنجي هڙان ڀري ڏني- پر انهي کان سواءِ انهن ماڻهن سان ٻيا بہ گهڻا پال پلايا- ۽ اوکي سوکي ۾ قدم قربن جا ڀريا- ان ڪري اهي ماڻهو شاه صاحب جا گهڻو ڪري شڪرمند رهندا هوا – نيٺ اهو لاڳاپو وڃي هن ڪڙي تي پهتو جو ٿوري مدت کان پوءِ سيد حيدر جي شادي خانہ آبادي وڏيره شاه محمد پنهنجي نياڻي نماڻي نالي بي بي فاطمہ ساڻ ڪرائي- ڳالهہ ڪن ٿا تہ حيدر شاه کي هالن ۾ رهي اڃان ٽي سال 7 اٺ مهينا مس گذريا تہ کيس والد جي وفات حسرت آيات جي خبر ملي- جنهن ڪري هرات ڏي وڃڻ واجب ڄاڻي سفر جو سانباهو ڪيو، انهي وقت سندس بي بي کي پورا مهينا هوا. جنهن ڪري لاچار کيس مائٽن ۾ رهائي پاڻ هرات روانو ٿيو- ۽ بيبي وٽ نشاني طور ٽي شيون ڇڏي ويو- هڪ سهڻي منڊي جنهن تي سندس نالو اڪريل هو ٻيو هڪ جڙدار خنجر ٽيون هڪ ٻانهي جا هرات کان آندي هئائين ۽ وصيعت ڪيائين تہ جيڪڏهن پٽ ڄمي تہ ان کي منهنجي

والد مير علي جي نالي سان سڏجو ۽ جڏهن پاڻ پرو ٿئي تہ ٽيئي نشانيون سندس حوالي ڪري هرات روانو ڪجوس- پر جيڪڏهن نياٽي ڄمي تہ ان کي منهنجي والده بي بي فاطمہ جي نالي سان سڏجو- سيد حيدر هرات مان بہ پنهنجي بيبي سان وقت بوقت لکپڙهہ پيو ڪندو هو- جڏهن هرات ۾ اٽڪل چار ورهيہ ٿيس تڏهن روح ريلو ڏنس تہ بيهر وڃي سنڌ جا وڻ وطن وارا ڏسي اچان- اجان پورو تيار ئي نہ ٿيو تہ اوچتو بيماري جو شڪار ٿي پيو ۽ هن جهان فاني مان رحلت ڪري جنت جاوداني ماڻڻ واسطي دار البقا ڏي روانو ٿيو- ڪيس اتي بہ اهل عيال هو — ٻي گهر مان بہ پٽ هوا (1) سيد محمد (2) سيد حسن- جن پنهنجي پيءُ جي وفات حسرت آيات کان پوءِ سڀ دولت ۽ مال بہ ياڳا ڪري هر هڪ ورهاڱو ڪنيو هو — سيد حيدر جي هالن واري بي بي کي سيد صاحب جي هرات ڏانهن وڃڻ کان بعد ستت ئي پٽ ڄائو- جنهن جو نالو مير علي رکيو ويو جڏهن هي نينگر جوان ٿيو تڏهن ڪيس پيءُ واريون ٽيئي نشانيون جي سندس والد ڇڏي ويو هو حوالي ڪيون ويون ٿورن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ پيءُ جي ٻيڙي ٻانهي کي ساڻ ڪٺي مير علي هرات روانو ٿيو- اتي پنهنجن پائرن کان پيءُ جي مال ملڪيت مان پنهنجو ڀاڱو گهر ڪيائين پر پائرن ڀاڱي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائون تہ پنهنجي حسب نسب جي شاهدي ڏيئي پنهنجو حق ثابت ڪر- جواب ۾ مير علي پيءُ جي هٿ واري منڊي ۽ خنجر ڏيکاري ۽ ٻيڙي ٻانهي پڻ شاهدي ڏني- تڏهن پائر ڀاڱي ڏيڻ کان نابري واري وينا- آخر اهو فيصلو قاضي وٽ نبيرڻ واسطي ويو نيٺ قاضي مير علي کي پائرن کان ٽئين پتي حصو وٺي ڏنو- حصو هٿ ڪرڻ کان پوءِ هو هرات ۾ ڪو گهڻو عرصو ڪونہ رهيو پر جلد ئي سنڌ ڏي موٽڻ جو رخ رکيائين ۽ پاڻ پنهنجو چاچو سيد شرف الدين ساڻ ڪري هالن ۾ آيو- مير علي سگهوئي سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ بہ شاديون هڪ هالا ذات مان ٻي ترڪن مان ڪيون پهرين زال مان ڪيس هڪ فرزند ڄائو جنهن جو نالو شرف الدين رکيائين ۽ ٻي مان بہ هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو احمد شاه رکيائين مير علي جي ٻنهي فرزندن جي اولاد اجان تائين مٽيارن ۾ موجود آهي جنهن مان سيد شرف الدين جو اولاد شرف پوٽا ۽ ٻي جو اولاد ميرڻ پوٽا سڏبو آهي پر اها خبر نہ ٿي پوي تہ اهي سادات ڪهڙي سبب ڪري ۽ ڪڏهن مٽيارن ۾ لڏي پلاٽي آيا انهي خاندان مان رڳو شاه عبدالڪريم بلڙي واري جي حالات جي خبر ملي سگهي ٿي. جنهن کي سنڌ جي نالي وارن ولين مان شمار ڪيو وڃي ٿو ۽ جنهن جو بيان وضاحت ۽ چٽائي سان بيان العارفين ۾ ڏنل آهي جو ڪتاب شاه ڪريم جي وفات حسرت آيات کان پوءِ مير محمد رضا ٺٽوي جو جوڙيل آهي- شاه ڪريم بلڙي وارو شرف پوٽا سيدن مان آهي جنهن جي پشت مبارڪ مان اسان جو بزرگ ولي ڪامل ۽ شاه شعراء سنڌ شاه صاحب عبداللطيف تارڪ پيدا ٿيو جنهن کي جهان وارا هاڻي سرتاج سنڌ جي لقب لائق سان سڏيندا آهن.

## ولادت پر سعادت

شاه عبداللطيف تارڪ عليہ الرحمتہ جي ولادت باسعادت سنہ سعيد هجري 1102 ۾ مطابق سنہ 1690 عيسوي ۾ تعلقہ هالا جي ڳوٺ ڀئي پور ۾ ٿي جو ڳوٺ ڀٽ کان 9 ڪوه پري آهي- سندس ڦٽل نشان راه گيرن واٽهڙن کي اجان بہ ڏسڻ ۾ پيا اچن- شاه صاحب جنهن گهر سڳوري ۾ ڄائو هو اتي گهڻي عرصي کان پوءِ لونگ فقير لوڙهہ واري نصير واه جي ڪپ تي هڪ مسجد شريف جوڙائي ڇڏي جا اڄ تائين قائم آهي- معتبر ذريعي سان مروي آهي تہ شاه صاحب عبداللطيف جي والد سڳوري شاه حبيب کي ٽن شادين هوندي بہ اولاد اصل ڪونہ ٿيو هوڏانهن هڪ خداءِ واري فقير ڪيس هي خوشخبري ڏني هئي تہ توکي پٽ ڄمندو جو زماني جو قطب ٿيندو ۽ سندس نالو عبداللطيف رکجاءِ آخر شاه حبيب کي مخدوم عربي خاندان واري پهرين بي بي مان هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو درويش جي وصيعت موجب عبداللطيف رکيائين- پر هو طفلي حالت ۾ هو جو گذاري ويو. وري ٻي گهر مان هڪ پٽ پيدا ٿيو جنهن جو نالو جمال شاه رکيائين جنهن جو اولاد اجان ڀٽ شريف جي گادي گلزار جو گادي ڏٽي ٻٽيو اچي- وري ٻيهر پهرين گهر مان ٻيو پٽ ڄائو جنهن جو نالو پڻ عبداللطيف رکيائين- اهو آهي امل ماڻڪ اسان جو سرتاج سنڌ عبداللطيف جنهن جي حياتي پاڪ جو احوال خير مقال اوهان جي اڳيان عيان آهي- شاه ڀٽائي جو پڙ ڏاڏو نہ پر تڙ ڏاڏو جناب شاه عبدالڪريم بلڙي وارو ڳوٺ مٽياري ۾ ڄائو نپنو- اڳتي هلي جناب غوث زمان مخدوم نوح هالائي جي حڪم موجب مٽيارين مان لڏي وڃي بلڙي جي سر زمين کي فيض ۽ عرفان سان سرسبز ۽ آباد ڪيائين- شاه ڪريم جي وفات بعد سندس کي فرزند ارجمند بلڙي ۾ رهياہ کي ٻيا ٻين

ڳوٺن ڏانهن لڏي ويا- شاه ڀٽائي جو پڙ ڏاڏو سيد جمال شاه بلڙي مان لڏي مٽيارين ۾ وڃي رهيو ۽ ان کان پوءِ سيد حبيب شاه عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمۃ جو پيءُ سڳورو سخي هاشم شاه قلندر جي ارشاد موجب مٽيارن مان ڪوچ ڪري ڳوٺ ڀئي پور ۾ اچي رهيو- اڳتي هلي اتان بہ لڏ پلاڻ جي صورت اختيار ڪري ڪوٽڙي مغل ۾ اچي ساڪن ۽ مقيم ٿيو- جتي جناب شاه ڀٽائي سرتاج سنڌ پرورش پائي جواني جي عروج اوج تي پهتو- هي ڳوٺ ڀٽ شريف کان ڇئن ميلن جي پنڌ تي ويران صورت ۾ ڦٽو پيو آهي جنهن ۾ ڪا بہ آبادي نہ آهي-

## سرتاج سنڌ جي تعليم ۽ تربيت تي تحقيقي تبصرو

پيشوائي پرت وارن سرتاج سنڌ سردار سالڪن جي منڊ ۾ ئي پرورش جسماني اهڙي گهر روحاني ۾ ٿي جو اصل کان الله وارن بزرگن ۽ صوفين سڳورن جو گهراڻو هو جتي پرورش ۽ سنڀال جسماني سان گڏوگڏ پرورش روحاني بہ عام جام جاري هئي – شاه ڀٽائي جي تڙ ڏاڏي شاه عبدالڪريم بلڙي واري جو مختصر احوال تہ اڳ پڙهي آيا تہ هو هڪ نالي واري وڏو ولي الله ۽ عارف انسان هو شاه بلڙي واري جو فرزند شاه ڀٽائي جو پڙ ڏاڏو سيد جمال بہ هڪ ولي الله ۽ ڪامل بزرگ هو جنهن بابت مير علي شير قانع پنهنجي ڪتاب تحفۃ الڪرام فارسي ۾ هيئن فرمايو آهي تہ عابد روزگار آمده يعني پنهنجي زماني جو وڏو عابد ۽ پارسا هو- هي بزرگ پنهنجي والد ماجد جي حياتي ۾ ئي هالن جي پرسان هڪ رن زال جي حمايت ۽ همدردي ڪندي آخر چورن ۽ رهزنن جي هٿان شهيد ٿي شهادت جي اعلیٰ عهدي ڪي ماڻي وڃي پنهنجي محبوب حقيقي سان مليو- شاه ڀٽائي عليہ الرحمۃ نجيب طرفين يعني پيءُ ۽ ماءُ ٻنهي طرفان برگزيدو هو- سندس والد شاه حبيب هڪ خدا پرست پرهيزگار صوفي علمي ۽ عملي ڪمال جو صاحب هو- شاه ڀٽائي رح جي والده سڳوري مخدوم عربي ڏياڻي جي خاندان عالي شان مان هئي- جنهن ڪري شاه ڀٽائي کي ٻاراڻي وقت کان وني ڏاڍي سهڻي سيکت ۽ تربيت عطا ٿي- جنهن صوفي صحبت شاه جي فطري ڪمال کي ۽ استعداد ازلي کي سون تي سهاڳي جو ڪم ڏئي جمندي جام بنايو- تنهن هوندي بہ زماني جي رسم رواج موجب هن نيڪ نالي نيڪ صورت ۽ سيرت واري سندوري سعيد ٻار کي سندس والد شريف ڪوٽڙي مغل جي هڪ قابل آخوند نالي نور محمد رائي واري وٽ پاڙهڻ وهاريو- آخوند نور محمد ذات جو ڀٽي هو ۽ وائي جو وينل هو جا ڀٽ کان 6- ڪوه ۽ اڏيري لعل کان 2- ڪوه پري آهي- ڀٽائي عليہ الرحمۃ جي تعليم بابت ڪا خاص صفائي قابل اعتبار ٿيل ڪانہ آهي فقط مٿئي واقعہ سان گڏ هي قصو بہ لکيو وڃي ٿو تہ جڏهن آخوند نور محمد هن نيڪ بخت ٻار کي (الف- بي) سيکارڻ شروع ڪيو تڏهن شاه صاحب (الف) کان مٿي پڙهڻ کان پڙ ڪيڏي بيهي رهيو ۽ نهه پهه آخوند کي وراڻي ڏني تہ سائين (ب) وري چا جي (الف) کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي- نيٺ نينگر کي شاه حبيب وٽ وني ويا ۽ ڪيس ساري حقيقت کان واقف ڪيو ويو سيد حبيب رمز رندي کي پروڙي ورتو ۽ نينگر کي پاڪر پائي چوڻ لڳو تہ پٽ تون حق تو چوين) زماني ۾ ظاهري علم پرائڻ جو دستور اهو ئي آهي- ان کان پوءِ جو تعليم بابت ڪو بہ احوال بيان ٿيل نہ آهي تنهن ڪري صفائي سان ڪنهن بہ مؤرخ رايو نہ ڏنو آهي تہ شاه صاحب ڪيترو وقت پڙهيو ۽ درسي تعليم ڪيتري قدر پرايائين مگر سيد مير علي شير قانع ٺٽوي مؤلف ڪتاب تحفۃ الڪرام – شاه صاحب جو وڏو معتقد آهي جمار جي لحاظ کان توڙيڪ ڀٽائي کان ننڍو آهي تاهم شاه جو هم عصر ۽ شاه جي خاص دوست دلي ۽ معتقد مخدوم محمد معين جو شاگرد آهي، سو صاحب تحفۃ الڪرام فارسي ۾ لکي ٿو تہ آثار ڪرامات و اخبار قاتش اظهر من الشمس درين مختصر چہ قدر گنجايش پذير دبانڪہ اهي بود، حق تعالیٰ تمام علوم بر لوح سينہ اش مثبت (اشتہ) يعني ان جي ڪرامتن جون نشانيون ۽ خارق عادتن جون خبرون سج کان وڌيڪ روشن آهن. هن مختصر بيان ۾ سيئي سمائجي نہ سگهنديون انهي کان سواءِ تہ هو اُمي هو حق تعالیٰ سمورا علم ان جي سيني واري ڦرحي تي اڪيري ڇڏيا هوا) تاريخ تحفۃ الڪرام وارو ٻين مورخن متاعہ خرن غير محققن کان گهڻن وجهن ڪري معتبر آهي هڪ تہ هو صاحب شاه جي معاصرن مان قابل اعتبار فرد آهي 2- معتقد مين مان معتمد عليه هجڻ ڪري ممتاز درجو رکي ٿو تنهن ڪري اسان هن صاحب جي شهادت ۽ ڳواهي کي قابل اعتبار ڄاڻي چئون ٿا تہ شاه ڀٽائي برابر امي هو جنهن جي دل واري پٽي تي پروردگار جي طرفان علم لدني جي پالوٽ ٿيندي رهندي هئي- جو تہ تحفۃ الڪرام جي عمدي عبارت پر بشارت مان بہ ڳالهيون صريح ثابت آهن. 1- هڪ تہ سرتاج

سنڌ ولي ڪامل ڪرامت جو صاحب هو 2- ان جي ڪرامتن مان سندس امي هجڻ نمايان حقيقت ۽ علامت ولايت آهي، تنهنڪري سرتاج سنڌ صاحب جو توجه نامہ ۽ استعداد فطري اهڙو تہ اعلىٰ درجہ جو هو جو ٻاراڻي وقت کان وٺي محبوب معنوي جي مطالعہ ڪرڻ ۾ محو هو تنهن ڪري استاد جي اڳيان الف کان متي پڙهڻ جو انڪار ڪري ويٺو اڳتي هلي جواني جي اوج اچڻ بعد پنهنجي اُمي هجڻ جو اقرار هينئين بيتن جي ذريعي چٽو ڪرڻ فرمايو اٿس تنهن سان گڏ پرين پسڻ جو پاسو بيو ٻڌايو اٿس- جيئن زيرين بيتن مان ظاهر آهي-

1- ڪنز قدوري ڪافيه ڪو ڪونہ پڙهيوم، جتان پرين ڏٺوم او پاڙو ئي ڪو بيو.

2- لوڪان نحو صرف مون مطالعي سپرين، سوئي سو حرف پڙهيون پڙهان من ۾.

3- ڪيو مطالع مون هو جو ورق وصال جو، تنهن ۾ تون ئي تون ٻي لات نہ لحظي جيتري.

بيو تہ جناب سرتاج سنڌ جيئن قدرتي مادر داد شاعر شيرين زبان هو تيئن تيئن قدرتي مادر زاد امي اولياءِ ڪامل ترجمان الهام رحمان هو چو تہ ڪو بہ امي جڏهن ولايت درجہ تي پهچندو آهي تہ انهي کي الله تعالىٰ پنهنجي علم لدني جي پالوت ۽ الهام جي روحي روت سان نوازيندو رهندو آهي هن ڳالهہ تي جميع اوليائن جو اتفاق آهي، جيئن جو تفسير معتبر روح البيان جي زيرين عبارت مان ظاهر آهي وقد اتفق اهل الله تعالىٰ علي ان العبد اذا وصل الي الله فالله تعالىٰ يعلمه ويلهمه فيميز بين الحق والباطل ولايكون مايتكلمه خارجا عن الشريعة واليه يثير قول من قال ما اتخذالله من ولي جاهل ولو اتخذه لعلمه) يعني الله وارن جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ ٻانهي کي جڏهن الله تعالىٰ جو وصال ٿئي ٿو تہ الله تعالىٰ انهي کي علم لدني سيکاري ٿو ۽ الهام فرمائيندو رهي ٿو پوءِ هو علم لدني جي ذريعي سان حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق ڪري ٿو ۽ ان جو ڪو بہ ڪلام اهڙو نہ هوندو جو شريعت احمدي کان ٻاهر هجي ان ڏي ڪنهن قائل جي قول زيرين جو اشارو آهي ما اتخذ الله من ولي جاهل ولو اتخذه لعلمه) يعني نہ وٺندو الله تعالىٰ جاهل ولي کي دوست ڪري پر جيڪڏهن وٺندو تہ انهي کي ضرور علم لدني جي عنايت سان عالم ٻڻائيندو. پوءِ جڏهن ائين آهي تہ جناب لطيف لاثاني جي علم لدني ۾ ڪهڙو شڪ چو تہ سندس قلب واري پٽي پرورش ڪان وٺي اجريل آهي جنهن جي ذريعي دائي ڏٺي جي ديدار ۽ محبوب معنوي جي مشاهدي جون موجون ماڻي رهيو آهي جيئن سندس زيرين بيت مان ظاهر آهي

(بيت)

اندر آئينو ڪري پرين سو پسيج

انهي راه رسيج نہ مشاهدو ماڻين

پر جڏهن پٽائي صاحب کان مولا پاڪ جي مشاهدي جي مطالع مخفي نہ آهي تہ تڏهن هن صاحب کان علم الافاق ۽ علم الا نفس ڪيئن مخفي رهندا سندس دل واري پٽي تي بفموي الكريم علمك مالم تكن تعليم الايہ- توڪي تنهنجي رب سڀ ڪجهہ سيکاري ڇڏيو جيڪي تو نہ ٿي ڄاتو)

هي حڪم اگرچ سنئون سڌو سرور ڪائنات ستوده صفات جي ذات سان وابستہ آهي تہ بہ على سبيل العلوم سندس وارثن ولين تي بہ صادق آهي جيئن متي تحقيق روح البيان جي مان ثابت ٿي چڪو آهي تہ اهو ولي توڙي جو امي هوندو تہ بہ جو بہ ڳالهائيندو تہ شريعت کان ٻاهر نہ هوندو اها روح البيان واري جي پيشين گوئي جناب شاه صاحب تي پوري طرح صادق آهي جو باوجود امي هجڻ جي سندس سارو رسالو قرآن ڪريم جي آيتن سان پرپور آهي جيئن پاڻ پنهنجي زبان فيض ترجمان مان چٽو فرمائي رهيا آهن تہ

(بيت)

بيت نہ ڀايون ڀائرو هي آيتون آهين

وجيون پچائين پرين سندي پار ڏي

هن بيت لفظ آيتون جمع آيت جو آهي سي آيتون ٽن قسمن ۾ ورهايل آهن هڪڙيون آيتون تنزيلي جنهن کي الهام آسماني سڏبو آهي جن تي قران ڪريم جو اطلاق علیٰ سبيل الشرع آهي ان ڪري ڀٽائي صاحب قران ڪريم کي سنڌي جو لباس پهرائي هر هڪ آيت جي ترجماني پنهنجن بيتن سان ڪرڻ فرمائي آهي جن بيتن جو ڪجھ قدر شرح اڳتي خلاصي طرح سان ايندو- جيئن حضرت مولانا رومي صاحب قران ڪريم کي لباس زبان پهلوي جو پارايو آهي تيئن اسان جي سرتاج سنڌ قران مجيد کي لباس سنڌي جو پهرائڻ فرمايو آهي. 2- ٻيون آيتون تڪو يعني آفاقي آهن 3- ٽيون آيتون انفسي آهن – جناب شاه صاحب جي نزديڪ ٽنهي قسمن جون آيتون مراد آهن چو ته معرفت جي ماهرن وٽ هر شيءِ ڪائنات جي محبوب معنوي جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ آيت آهي تنهن ڪري اهل بصيرت جا هر چيز کي دفتر معرفت جو ڄاڻندا آهن جيئن مولانا سعدي عليہ الرحمتہ فرمايو آهي

(بيت)

برگ درختان سبز در نظر هوشيار

هر ورق دفتري ست معرفت ڪردگار-

پر انهي بابت حضرت لطيف سائين پڻ ڏاڍو عمدو فرمايو آهي ته

(بيت)

ايڪ قصہ درلڪ ڪوڙيين سهسين ڳڙکيون

جاڏي ڪريان پرک تاڏهون سڄڻ سامهان

فقط شاه صاحب سرتاج سنڌ امي ولي نہ آهي پر ڪيترا ٻيا بہ ولي امي هوا ڪي شاه جي زمانہ کان اڳ ٿي گذريا آهن جن جو ذڪر جناب عطار صاحب جي ڪتاب تذڪرت الاولياءِ ۾ موجود آهي ۽ ڪي صاحب سرتاج سنڌ جا معاصر هوا جهڙو جناب مخدوم محمد کهڙن وارو جو پڻ اومي هوندي بہ ولي ڪامل ٿي گذريو آهي جيئن جو تحفتہ الڪرام وارو لکي ٿو تہ مخدوم محمد واسطي هڪڙو وڏو عالم پري کان آٿي پگهار تي مقرر ڪرڻ سان وهاريائون سبق ڏيڻ جي وقت بزرگ کان پڇندو ويو ڪنهن بہ ڪتاب جي مقام ۾ بزرگ مخدوم محمد نہ اٽڪيو آخر مولوي گهرايل عاجز ٿي چيو تہ هي مخدوم علم لدني سان مالا مال آهي هن کي ظاهري علم جي استاد جي ڪا بہ ضرورت ڪانہ آهي چو تہ قدرتي ڪاليج جو پڙهيل آهي هن کي مان ڇا پڙهايان. ائين چئي ٽپڙ ٽيشن تي اماڻي واپس وري ويو. هاڻي هتي باقي انهن مؤرخن متاعخرن جا رايا ڏجن ٿا جن صاحبن پڻ تحفتہ الڪرام جي روايت کي قابل اعتماد ڄاتو آهي تن مان هڪ قابل ذڪر لطف الله بدوي آهي جنهن صاحب پڻ متاعخرن جي قولن ۽ راين جي ترديد ڪندي پڇاڙي ۾ پنهنجو رايو هينين ريت لکڻ فرمايو آهي تہ:

متقدمين مان آءٌ ٻين سيني کي ڇڏي تاريخ تحفة الڪرام جي شهادت کي پيش ڪريان ٿو-

آثار ڪرامات و اخبار خوار قاتش اظهر من الشمس درين مختصر چہ قدر گنجايش پذيرد بانڪہ امي بود حق تعالیٰ تمام علم بر لوح سينہ اش مثبت داشتہ 12

آخر گهڻي بحث کان پوءِ متاعخرن مان مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر ايچ- ٽي سورلي ۽ ٻين جي ترديد تام ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو آخرين رايو هن طرح پيش ڪرڻ فرمايو آهي تہ متين حقيقت جي مطالع کان پوءِ تحفتہ الڪرام جي روايت کان ڪنهن کي بہ انڪار ٿي نہ ٿو سگهي جيڪڏهن هن روايت جو اسان انڪار ڪيون ٿا تہ پوءِ تحفتہ الڪرام جي هر روايت ۾ شبهو ٿي سگهي ٿو جنهن نڪتي کي هڪ تاريخ جو طالب ئي سمجهي سگهي ٿو) 2- ٻيو مولانا وفائي صاحب گهڻي بحث ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو آخرين رايو ڀٽائي صاحب جي امي هجڻ بابت لطف اللطيف ۾ هن طرح ڏنو آهي تہ اسان جي ڄاڻ ۽ تحقيق موجب شاه صاحب رواجي نموني ۾ ڪنهن بہ استاد وٽ تعليم ڪانہ ورتي هئي پر هو پنهنجو پاڻ مطالع ڪندو ۽ علم پرائيندو ويو لکڻ نہ سکي سگهيو پر پڙهڻ جو پاڻ ۾ چڱو محاورو پيدا ڪري ورتائين هو فطري شاعر ۽ ڏاڍو تيز فهم ۽ هوشيار ماڻهو هو جنهن

ڪري هڪ هڪ شئي جو جدا جدا رنگ ۾ اصلي روپ ۾ نظارو ڪندو رهيو- ۽ ان نظاري کي وري پنهنجي ڪلام ۾ هڪ خاص من موهندڙ انداز ۾ پيش ڪندو آيو- سندس ڪلام جو ايڏو بلند بلند انداز ۽ بلند بيهڪ آهي جو ڪو به ماڻهو اعتبار نه ڪري سگهندو ته شاه صاحب ڪو اڻ پڙهيل هو يا معمولي پڙهيل هو پر جن ماڻهن کي خبر آهي ته دل جي صفائي ۽ رياضت ڪرڻ ڪان پوءِ انسان جو اندر اجري ٿو ۽ متس ڪيترائي اهڙا مخفي راز پڌرا ٿي پوندا آهن (جن رازن ۽ رمزن جي عام ماڻهن کي سمجهه بوجهه ئي ڪانه هوندي آهي) سيئي ويساه ڪري سگهن ٿا ته الله تعاليٰ ڪيترن اڻ پڙهيل ماڻهن کي ڳجهي علم جا خزانا عطا ڪري ٿو جنهن کي ڏسندي هڪ عاقل عالم ماڻهو دل جو دل ۾ دنگ رهجي وڃي ٿو-

هنن بنهي صاحبن جي راين مان پڻ سرتاج سنڌ جو امي هجڻ ثابت آهي جنهن مان تحفته الڪرام جي روايت جي ترجيح اظهر آهي پر جڏهن الله تعاليٰ بفحوي الڪريمه ان الله علیٰ ڪل شيءِ قدير هر شئي تي قادر آهي تڏهن جي ڪنهن به امي ولي جي دل واري پٽي تي پنهنجي علم لدني جي پالوٽ ڪرڻ فرمائي ته باري تعاليٰ جي قدرتي برڪت ڪان بعيد ۽ پري نه آهي جيئن جو ابو نراس عباسي شاعر ڪهڙو نه عمدو چوڻ فرمايو آهي ته (اليس علي الله بمستنڪر ان يجمع العالم في واحد) يعني الله جي قدرت ڪان هي ڳالهه پري نه آهي جو ساري جهان کي هڪ جسم ۾ گڏ ڪري ڇڏي) باوجود انهي ڳالهه جي صوفين جي اصطلاح موجب حقيقت جي پنڌ ۾ انهي تحقيقات جي ڪهڙي ضرورت اهي جو ته هو هميشه محبوب جي مشاهدي ۾ مست ٿي رڳو محبوب جي اسم اعظم جو بطور ورد تڪرار ڪندا رهندا آهن جيئن جو سرتاج سنڌ پاڻ فرمائي ٿو-

(بيت)

ڇڏ الله هيڪڙو وائي ٻي م سک

لکيون پيو لک سچو اکر من ۾

صوفي سرمد پڻ انهي ڳالهه جو انڪشاف هن طرح ڪيو آهي

من آنچه خوانده ايم فراموش کرده ام

الا حديث يار ڪہ تکرار ميکنم-

۽ جناب شاه ولي الله صاحب دهلوي جو پڻ ڀٽائي صاحب جي زماني جو وڏو ولي ڪامل آهي هن صاحب ته امي اڻ پڙهيو هجڻ ان سان گڏ وري الاهي علمن جي ذات جي پالوٽ ٿيڻ کي ولايت جو هڪ درجو ڪري لکيو آهي- هن صاحب صحابين سڳورن جو مثال پيش ڪندي ائين به لکيو اٿس ته وڏن دانائن ۽ فلاسفرن تي جو ڳجها راز کلي پوندا آهن هوڏهون هو فطري طرح امي هوندا آهن جيئن فرمائي ٿو ته الا ان للحڪماء قوة قدسية فهذا ايتهم بحب الفطرة) خير ڪثير- يعني خبردار فطر تي اڻ پڙهين دانائن لاءِ قوت قدسي هوندي آهي جنهن جي ذريعي متن ڳجها راز کلي پوندا آهن 12 – مطلب ته جا دل پاڪ الاهي اسم ذات سان اجڙيل هوندي انهي دل تي غيبي خزانن جي پالوٽ ٿيندي رهندي جنهن سبب امي به الاهي علومن جو عالم ٿي پوندو مگر ڪنهن رهبر روحاني ڪان پنهنجي دل واري دهه ۾ زمين تي الف جي اوڙ ڏياري ته ڳجها راز متس کلي پوندا جيئن جو انهي حقيقت تي لطيف لاثاني جو زيرين بيت پوري پوري روشني وجهڻ فرمائي ٿو

(بيت)

(هارائج هينين ۾ الف سندي اوڙ

ته ڪتابن جي ڪوڙ منجهائي معلوم ٿئي)

## بيان طريقت جي سلسلي جو

جناب لطيف جي ظاهري علم پرائڻ بابت جيئن اختلاف آهي تيئن سندس باطني طريقت ۾ ڪنهن مرشد مربي جي بيعت ڪرڻ ۾ اختلاف آهي- ڪن جو چوڻ آهي ته هو ظاهر ۾ ڪنهن جو به مريد نه ٿيو آهي فقط رياضتون محنتون مجاهدن ڪرڻ سان ياد خدا ۾ اهڙو مشغول رهيو جو براه روحاني سندس سيني ۾ اوجر ۽ اجلائي آئي ۽ سندس دل جي طور تي تجلي ايزدي چمڪي جنهن سبب هو هادي حقيقت ۽ ڳجهن رازن ۽ روحانيت جي رمزن تي واقف ٿي وقت جو مرشد ڪامل ثابت ٿيو يعني ته هو اويسي عارف هو- باوجود ان جي سندس صحبتون جدا جدا طريقن وارن فقيرن سان ٿينديون رهنديون هيون- جيئن مخدوم محمد معين ٺٽوي نقشبندي سان سندس صحبتون سدائين هونديون هيون، بيو جناب مخدوم محمد زمان لنوُاري واري سان پڻ سندس صحبتون ثابت آهن جيئن جو لطف اللطيف جي ص 73- ۾ آهي ته انهي وقت جي بزرگن مان جن سان شاه صاحب جي ملاقات ٿي آهي تن مان خواجه محمد زمان لواري جو بزرگ به آهي جنهن جي وفات 1188 ھ ۾، خواجه صاحب جي جواني جو وقت هو ۽ حضرت شاه صاحب جو بيدا پڻ خواجه جي درويشي جو پڙلاءُ پري پري پهچڻ لڳو. جنهن جي زيارت لاءِ سفر جون سختيون سهي وٽن ڪهي آيو، جڏهن لواري ۾ خواجه صاحب جي رهڻ واري حجري جي دروازي تي پهتو تڏهن خادم کي چيائين ته اندر وڃي اطلاع ڏي (خادم وڃي خبر ڪئي) خواجه صاحب فرمايو ته (ترسو ته اسان پاڻ استقبال لاءِ اچون ٿا) شاه صاحب خادم کان پڇيو ته خواجه صاحب ڪهڙي مشغولي ۾ هوا) هن چيو ته خاموش ويٺا آهن- شاه صاحب فرمايو ته اهو شغل ته سندن ختم ٿيڻ وارو ئي نه آهي) اُٿ ته اندر هلون (شاه صاحب جڏهن اندر لنگهي آيو تڏهن ڏسي هي بيت چيائين-

سامي سفر هليا ڪو پروڙي پنڌ

جن هينان ڪنڌ آءٌ نه جئندي انهن ري.

خواجه صاحب ٺهه پهه جواب ڏنو

ڪين آهين ڪين ٿئين، وڃي ڪين ڪماءِ،

لاڳاپا لوڪ جا، لا سين سپ لهراءِ،

سامي پو سليندياء، ڳالهه پريان جي ڳجھ جي.

انهي تي شاه صاحب فرمايو-

قلم وهي ويو ڪانهه، سرتيون ڪنهن سهاڳ جو،

انگ اڳي ئي لکيو، ات نه پهچي ٻانهه،

ڪنهن کي ڏيان دانهه، ته پرين مون سين هئن ڪيو.

خواجه صاحب وراڻيو ته –

ويهه وڃي وٽ تن قلم جنين جي هٿ ۾

ميٽيو انگ اڳيون واري بيو لکن

پنو سو پاڙهن جنهن سان پسن پرين کي.

انهن بيتن ڪان جن جي ذريعي ملاقات ٿي تن ڪان پوءِ شاه صاحب پڇيو ته فنا ڪان پوءِ به ڪو علم آهي؟ جنهن تي خواجه محمد زمان ورندو ڏنو ته (فنا ڪان اڳ پلا چا آهي) خواجه محمد زمان اگرچه حضرت شاه عبداللطيف جي مريد خواجه محمد صادق نقشبندي ٺٽوي جو شاگرد هو مگر جڏهن تصوف جي طريقه وحدت ۾ سندس نالو بڌائون ته سندس ملاقات مسرت آيات لاءِ وٽن لنگهي اچي روح رهاڻيون ڪيائون- خواجه محمد زمان جي حياتي لکندڙن

جو چوڻ آهي ته انهي ملاقات کان پوءِ شاه صاحب وٽ خواجه صاحب جي ڳالھ نڪرندي هئي ته هينئيون بيت پڙهندا هوا-

سي مون ڏٺا ماء جنين ڏٺو پرين کي

تنين سندي ڪاء ڪري نه سگھان ڳالھڙي

3- ته شاه صاحب جي مخدوم محمدي کهڙن واري سان ملاقات- محمد عاقل نالي مخدوم رابع پنهنجي ڏاڏي مخدوم محمدي وفات 1171 ھ جي حالات ۾ لکيو آهي ته مخدوم محمدي جي زماني ۾ هڪ دفعه حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي کهڙن جي ٻاهران ميان سچيڏنه اُجڻ فقير جي کوھ تي اچي منزل ڪئي جڏهن مخدوم صاحب کي خبر پئي تڏهن دعوت لاءِ شاه صاحب جي خدمت ۾ ماڻهو موڪليائين جواب ۾ شاه صاحب هينئيون بيت چورائي موڪليو ته- اڄ نه آيس آءٌ صبح ايندس سپرين، توتي جنهن جو ناءُ سو ڪٽي بار ڪهين جا) وعده موجب ٻي ڏينهن شاه صاحب اچي مخدوم جو مهمان ٿيو شاه صاحب جي عادت هوندي هئي جو اسر جي ويلي اٿي تهجد جي نماز پڙهندو هو- سفر ۾ به فقيرن جي ٽولي ساڻ هوندي هوس- کهڙن جهڙي شريعت واري شهر ۾ شاه صاحب کي مخدوم صاحب جي خليفن عرض ڪيو ته راڳ سواءِ سرود جي بيشڪ ٻڌي سگھو ٿا پر سرود وڄائڻ جي هن شهر ۾ هرگز موڪل ڪانه آهي شاه صاحب اها ڳالھ قبول ڪئي- طنبورا ۽ يڪتارا ڪٽائي هڪ ڪوٺي ۾ بند رکيائون رات جو تهجد جي نماز کان پوءِجڏهن شاه صاحب فارغ ٿيو ۽ فقيرن ڳائڻ شروع ڪيو تڏهن بند ٿيل ڪوٺي مان طنبوري جو آواز اچڻ لڳو ماڻهن وڃي انهي مامري جو مخدوم صاحب کي اطلاع ڏنو يعني ته بند ڪوٺي ۾ سرود وڃي رهيو آهي- مخدوم صاحب فرمايو ته اها هڪ نرالي حالت آهي جنهن سان شرعي قانون لاڳو ڪونه آهي- ان کان پوءِ شاه صاحب کهڙن ۾ مخدوم صاحب وٽ برابر هڪ هفتو ٽڪيو پيو هو- ۽ پاڻ ۾ روح رهاڻيون ڪندا رهيا تي (تاريخ آئينه جهان نما قلمي) انهن کان سواءِ ٻين ڪيترن سان سندس صحبتون ٿينديون رهيون آهن خاص طرح پنهنجن ويجهن عزيزن صوفين سان به سندس ميلاپ ٿيندو رهندو هو- خاموش خاموش انداز ۾ انهن کان به گھڻو ڪجھ پرائيندو هو. اويسي طريقه بابت شاه صاحب جي استدعا تي علامه مخدوم محمد معين ٺٽو (اويسيه) نالي هڪ رسالو به لکيو جو رسالو هينئر جهندي وارن پيرن جي ڪتب خانه ۾ قلمي موجود آهي جنهن مان معلوم ڪري سگھجي ٿو ته شاه صاحب جو روحاني طريقه سان ڪو گھاٽو تعلق رهيو آهي انهي رساله ۾ اويسي طريقه جو ۽ روحانيت جي ذريعي فيض حاصل ڪرڻ جو ڏيکاريل آهي- تنهن ڪري هڪ ڏر شاه صاحب جي اويسي هجڻ تي هن ڪري زور ڏئي ٿي جو ظاهر ۾ شاه صاحب ڪلي ريت ڪنهن به بزرگ جو بيعت ٿيل نه هو- جيڪڏهن بيعت ٿيل هو ته به عام ماڻهن کي ان جي ڪا ڪل ئي ڪانه پيل هئي- اگرچه سندس ڪن بيتن ۾ مرشد وٺڻ جو تاڪيد فرمايل آهي جيئن جو پاڻ فرمائي رهايا آهن ته

(بيت)

اپرا سونهن ڏيھ گھٽو ئي ڏوريو

سگھ ري سونهن پهتي ڪا نه پنڌ ڪري

هن بيت مان عيان آهي ته شاه صاحب سونهي کان سواءِ پاٽو جاڻ پنڌ ڪري نه پهتو آهي والله اعلم بالصواب ٻي ڏر جو چوڻ آهي ته شاه صاحب کي پنهنجي والد ماجد سان بيعت هئي- مرحوم مشتاق متعلوي لکي ٿو ته شاه صاحب طريقه قادريه جو خرقو پنهنجي والد ماجد هٿان ڍڪيائون ۽ انهي کان تلقين ورتائون شاه صاحب اگرچه تصوف جو ذڪر ۽ شغل پنهنجي والد بزرگ کان حاصل ڪيو ۽ خرقو خلافت ان کان ڍڪيائين پر اِن هوندي به هو مشهور اويسي هو يعني ته ظاهر ۾ڪنهن به مرشد جي امداد کان سواءِ روحاني رنگ ۾ حضرت پيغمبر عليه الصلوات والسلام پاران متس ذات ٿيل هئي) جاڻن گھرجي ته جيڪو درويش اويسي به آهي ان سان گڏوگڏ ڪو ظاهري مرشد به وٺي ٿو ته ان ۾ ڪو به حرج نه آهي جيئن حضرت اويس قرني تابعي سڳوري کي حضور جن صلي الله عليه وسلم جي ديدار کان سواءِ پريٽ ئي عشق ۽ محبت سبب سندس سيني جي اندر تي انوار الهيٰ

جو اولڙو پيو) پر تنهن هوندي بہ هن ظاهري طرح حضرت امير عمر ۽ حضرت سيدنا علي رضي الله عنهما جي صحبت سهٽي مان گهڻو ڪجهہ پرايو ساڳي ريت جيڪڏهن حضرت شاہ يٽائي باطني طور پنهنجن رياضتن ۽ محنتن سان بہ گهڻو ڪجهہ پرايو هجي جنهن ڪري اويسي لقب سان مشهور ٿيو هجي- ۽ ان سان گڏ ظاهري مرشد جو هٿ بہ ورتو هجيس تہ ان ۾ ڪو بہ حرج نہ آهي- هڪ بزرگ نالي غلام رسول صديقي جو حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمۃ جي نسل مان آهي حضرت شاہ يٽائي جي بابت پنهنجي هڪ راءِ لکي آهي جنهن ۾ هو صاحب شاہ صاحب کي ڪامل ولي تہ ليکي ٿو پر مرشد ڪري شمار نہ ٿو ڪريس- هو صاحب فرمائي ٿو تہ حضرت شاہ يٽائي درويش ڪامل هو مگر مرشد نہ هو. پنهنجي سر ولي ڪامل هو مگر سندس حياتي واري وقت ۾ ڪيترا بہ مريد فقير هوا تن مان ڪو بہ ولايت جي ڪمال کي پهتل ڪونہ هو – سندس صحبت مان فائدا پرايائون ٿي پر مرشدي جو درجو ڏاڍو بلند بالا آهي ماڻهن جو وٽس رجوع ڏاڍو هو چاڪاڻ جو پاڻ ولايت جو مالڪ هو (ارشاد الطالبين قلمي) وري ان صاحب ساڳي ڪتاب ۾ ڏيکاريو آهي تہ سموري سنڌ ۾ مرشد فقط 3 آهن -1 مخدوم عثمان مروندي قلندر لعل شهباز -2 مخدوم بلاول -3 مخدوم نوح- ٽورو اگتي هلي مخدوم عثمان کي بہ انهي سلسلہ مان ڪيري ڇڏيو اٿس- پوءِ لکي ٿو تہ ازان هر سہ ڪہ مرشد ان زمان و مڪملان دوران بودند آن دو ڪس است يکي مخدوم نوح و دويم مخدوم بلال قدس الله اسرار هما) ميان غلام رسول صديقي هالائي جو خيال الائي ڪهڙي بنياد تي آهي) پائنجي ٿو تہ سندس تاريخي معلومات متاچري آهي نہ تہ سنڌ جهڙي صوفين عارفن ڪاملن جي وطن ۾ فقط ٻن بزرگن تي فيض ۽ ارشاد جو بند رهڻ بہ ڪنهن بہ حالت ۾ قابل قبول نہ آهي) خصوصاً حضرت شاہ يٽائي جهڙي صاحب دل صوفي کي مرشدن جي سلسلي مان ڪيڏي ڇڏڻ هڪ اهڙي جرئت آهي جو سڀ ڪو ماڻهو ڪري نہ سگهندو قول صديقي صاحب جو تہ يٽائي صاحب ولي ڪامل هو پر مرشد نہ هو تائين قول مرشدي جو درجو ڏاڍو بلند بالا آهي) صديقي صاحب جو قول مذڪور جرئت ۽ گستاخي نہ آهي بلڪ شريعت ۽ طريقت جي قانون اندر بلڪل پورو ۽ سچو آهي چو تہ ولي ڪامل جا آهن هڪ صاحب الارشاد ٻيو صاحب الحال والاستغراق پهريون قسم ولي ڪامل هجڻ سان گڏوگڏ ارشادي فيض جو دروازو عام جام کولي تبليغ شريعت ۽ طريقت جي دڪانداري جاري رکندا آهن جنهن مان سوين ۽ هزارين سلوڪي سالڪ ۽ طالب صادق مستفيد ٿيندا رهندا آهن انهي پهرين قسم جي ولي جون بہ حالتون هونديون آهن جڏهن خلق سان رهندو آهي تہ پاڻ کي انهن مان هڪ فرد فقير ڪري ڄاڻندو آهي پر جڏهن خلق کان منهن موڙيندو آهي ۽ پنهنجي پاڪ مولا ڪريم ڏي متوجہ ۽ رجوع ٿيندو آهي تہ انهي وقت خلق فراموش هوندي اٿس بفحوي الحديث لي مع الله وقت الخ- اها وات ۽ سبيل صديقن ۽ مرسلن مقبولن جي آهي انهي وصفن واري ولي ڪامل کي مرشد الخق چئبو آهي باقي ٻيو قسم ولي ڪامل فقط پاڻ گهٽي ياڳي وحدت جي وادي ۾ محو ۽ مستغرق هوندو آهي هن صاحب کي ارشاد جي دڪان کولڻ تي چاہ نہ هوندو آهي موجب نظريہ خير محمد شاعر- رند روز شب آهن سدا وحدت جي وادي ۾ غرق) پر سچل سرمست بہ گهڻو ڪري پيري بزرگي کان پري رهيو آهي سندس حياتي رندانہ طريقہ تي رهي آهي نہ زاهدانہ تي جيئن جو سندس زيرين شعر مان ظاهر آهي.

(بيت)

بزرگ شيخ مشائخ يارو نا مخدوم ٿياسين،

نڪي قاضي نڪي ملا معلم پير بڻياسين،

نڪي ناھ نڱي جا ناهي رنگ رساءِ رکياسين

سچا پاجهون عشق الله جي ڪو ئي هنر نہ سکياسين-

هن شعر شائق صوفي صادق جي مان بہ هي ڳالهہ ثابت آهي تہ پاڻ سچل سائين توڙي جو ولي ڪامل هو پر ظاهري دڪانداري کولڻ سان مرشد الخلق بڻڻ تي سندس چاہ تہ نہ هو پر رهندو انهي رسم رواج کي نفرت جي نگاہ سان تي ڏنائين اگرچہ سندس نفرت طبعي کي ڪو شريعت پاڪ ۾ دخل ڪونہ آهي چو تہ اهڙا عاشق گهڻو ڪري مجذوبي حالت طاري هجڻ سبب بيخود ٿي وحدت ۾ مستغرق هوندا آهن تڏهن انهن کي ٻين کي ارشاد

ڪرڻ جي ڪھڙي ضرورت جيئن جو سچل جھڙي سرمست جي محويت تي ھينئون سندس بيت فارسي دال آھي (بيت) عاشقان باشند در سوزو و گداز زاھدان ھستند در روزاه نماز 12- تنھن ڪري پٽ ڏٽي گھوٽ بہ گھٽو ڪي ولين جي ٻي قسم مان ھو نہ پھرين مان ھن صاحب جي تنھائي واري استغراقي حال تي سندس تارڪ لقب مان بہ ڪافي ثبوت ملي ٿو تہ پاڻ سگورا برابر فقط ولي ڪامل ۽ عارف اڪمل ھوا جنھن جھڙو ولي اڪمل اڄ تائين سنڌ سونھاري پيدا ڪري نہ سگھي آھي شايد ڪو اھڙو قيامت تائين بہ مشڪل پيدا ٿئي- اگرچہ شاہ صاحب جي وجود مسعود ۾ استعداد ارشاد ڪرڻ جو ڪماليت جي درجہ کي پھتل ھو- پر سندس حاتم طبيعت جو چاہ ارشاد جي دڪانداري کولڻ تي نہ ھو چو تہ صوفيانہ رنگ ڍنگ ۾ سندس مشرب گھٽو ڪري نيھن کي نھان ڪرڻ ۽ لڪائڻ جو ھو نہ نيھن کي نروار ڪرڻ جو جيئن جو پاڻ زيرين بيت ۾ چٽي فتویٰ ڏيڻ فرمائي اٿن تہ

(بيت)

نھائين ڪان نيھن سک منھنجا سپرين

سڙي سارو ڏينھن تہ بہ ٻاھر ٻاڦ نہ نڪري

مطلب تہ شاہ صاحب بہ جي مرشدن وانگي مرشد خلق جو بڻي ارشاد جو مڪان ۽ گادي کولي ويھي ھان تہ سندن فيض يافتہ خليفا ھزار نہ بلڪ لک ھجن ھان پر پاڻ پاڻ کي سدائين سناسين ۽ ڪاپڙين جي روپ ۾ لڪائيندو رھيو ۽ سامين سان بفحوي الڪريمہ (قل سيروافي الارض) سلوڪي سير ۽ آفاقي آيتن جي خط معرفت حاصل ڪرڻ خاطر ڪائنات جي ھر چيز مان معرفتي مشاھدا ماڻيندو رھندو ھو- اھڙن گوشہ نشين ڪاپڙن جي باب ۾ سچل سائين ڏاڍو سھٽو چوڻ فرمايو آھي تہ

(بيت)

جوڳي ڏنم جام، پر ڪو ڪو ليي ڪاپڙي،

ڪي وستن تي ويھي ويا، ڪي لوڪ نہ لڙيام،

تني ڪاڻ تيام، ھي ھي ھڙا حالڙا.

ھتان بہ ثابت آھي تہ جوڳي بہ قسم آھن ھڪ اھي جي وستن يعني ڳوٺن ۾ ارشاد جو در کولي خلق خدا جي ڪي فيض سان پرپور ڪن ۽ ٻيا اھي جوڳي جي ارشاد جي دڪان کولڻ ڏي متوجہ نہ ٿيا بلڪ لوڪ کان لڪي پنھجي پاسو ڪري فقط وحدت جي وادي ۾ مدامي مستغراق رھيا- سو پنائي بادشاہ بہ لڪا پوٽن لوڪ ۾) وارن مان ھڪ ڪامل ڪاپڙي ھو اگرچہ آخرين عمر ۾ ڪنھن مخفي نمونہ سان چند خلفاءِ طريقت پيدا ڪري وڌائين تانجو اھا خبر بہ ڪن خاص فردن تي ڪليل ھئي نہ عوام تي- جيئن جو چند خلفائن جو ثبوت تحفتہ الڪرام واري عبارت زيرين مان ظاھر آھي آن ولي مخصوص بڪرامات خفي وجلي است ودر سلسلہ فقراء چند خليفہ نامدار دارد) يعني تہ جناب شاہ صاحب ڳجھن ۽ ظاھري ڪرامتن جو مالڪ ولي آھي ۽ سندس سلسلہ فقيري ۾ ڪيترا نالي وارا خليفا آھن) ھن عبارت تحفہ جي مان بہ سندس ولي ڪامل صاحب ڪرامات جو ھجڻ ثابت نہ عوام جو مرشد ھجڻ چو تہ پاڻ سگورا ھر طرح جي مشھوري کان پاسو ڪندڙ پرھيزگار ھوا وگر نہ پاڻ بہ ٻين پيرن فقيرن وانگي پيري مريدي جودڪان کولي ويھن ھان پرائين ڪرڻ ڪين پسند ڪونہ ھو – لطف اللطيف جي عبارت زيرين مان پڻ اھا ڳالھ عيان آھي تہ ڪيس ڪن اڪين وارن سڃاتو پر عوام ڪيس مرشد ڪري نہ ڄاتو جيئن فرمائي ٿو تہ شاہ صاحب ھڪ باڪمال ۽ مشھوري کان پڇندڙ عارف ھو جنھن ڪري پنھنجي زمانہ ۾ ڪن خاص اڪين وارن ماڻھن ئي ڪيس سڃاتو باقي عوام ماڻھو- الخ انھي ساري تحقيق مان ھويدا آھي تہ مخدوم صديقي صاحب مرشديت جي ارشادي نڪتہ نگاہ کان سچ چيو آھي فقيرن صادقن ۾ غير جائز گمان رکڻ چڱو نہ آھي- باقي جي عناد سبب سرتاج سنڌ جو نالو مرشديت جي لسٽ تان خارج ڪري ھان جيئن لطف اللطيف جي زيرين عبارت مان معلوم ٿئي ٿو تہ پيري مريدي وارن سندس مخالفتون ڪيون) پوءِ تہ شاہ صاحب کي ولي ڪامل ڪري بہ نہ لکي ھا چو تہ ولي ڪامل ئي مرشد بڻڻ جو مستحق آھي نہ ناقص پر ھن صاحب جي مرشد لفظ مان مراد آھي-

گادي ڏٽي تي ويهڻ ۽ ارشاد عام جو دروازو کولڻ سو اهو عام پيري مريدي وارو رستو شاه صاحب جواني کان وٺي جاري نہ رکيو جو سندس مشرب کمان عشق جو هو نہ اظهار جو ان کري ٻين وانگي مرشد مشهور ٿي نہ گذاريائين پر (لکا پوٽن لوک ۾) عمل پيرا رهيو تنهنکري صديقي صاحب مذکور جو لکڻ کو هرون پرون بي واجبي نہ آهي بلک صوفيانہ نکتہ نگاه کان بہ واجبي ۽ برحق آهي پر جي طوعاً کرهاً کڻي قبول کجي تہ جناب صديق صاحب جو شاه صاحب سان همسايہ هجڻ کري تعصب ۽ حسد هو تنهن کري کيس مرشد خلق جو کري نہ تسليم کيائين اگرچہ الله وارن ۾ اهو بدگمان نيڻ خود گناه آهي، پر جناب قلندر لعل شهباز سان سندس کهڙو تعصب ۽ حسد هو جو ان کي بہ مرشدن جي منصب معلىٰ تان لاهي ڇڏيائين جو هو صاحب تہ صديقي صاحب کان گهٽو کجھ قديم ۽ اڳاتو هو اتي تہ همسايگي واري حسد جو اعتراض اٿارڻ عبث آهي بلک اتي بہ مرشد مان مراد صاحب الارشاد گادي ڏٽي آهي نہ صاحب وجد ۽ استغراق چو تہ جناب مخدوم عثمان مروندي بہ مي محبت ۾ محو هجڻ کري ولين کاملن جي ٻي قسم مان هو نہ پهرين مان چاکاڻ تہ قلندر جو قلندر ئي انهي معنىٰ تي دال آهي تہ هو ٻنهي جهانن جي لاڳاپن کان آزاد هوندو آهي فقط مولا جي محبت ۾ مست مستغرق هوندو آهي پوءِ اهڙي قلندر کي وري ماڻهن جي مرشد بڻڻ جي کهڙي پرواهہ آهي جيئن جو تصوف جي کتاب مصباح الهدايتہ ۾ لکي ٿو تہ قلندر خلق جي آبادي ۽ خرابي جي پرواه نہ رکندا آهن انهن جي کوشش رڳي پانهجن رسمن ۽ عادتن کي سڌارڻ جي ۽ جهان جي گرفتاري کان ڇٽڻ هوندي آهي. مطلب تہ هو صاحب محبوب معنوي جي محبت ۾ اهڙو تہ گم ۽ محو هوندا آهن جو جن کي پنهنجو پتو بعضي بعضي کونہ پوندو آهي جيئن جو زيرين بيت فارسي اهڙن مستن تي صادق آهي

(بيت)

گم شدم چون سايہ اندر آفتاب

يا چو بوئي گل دراجزاءِ گلاب-

عشق اللغات ۾ لکيل آهي تہ: قلندر انهي کي چوندا آهن جو اهو ٻنهي جهانن کان آزاد يعني پالهو هجي خاص خالص معبود پاک خالق الا فلاک ۾ محو هجي جي اهو شخص کو ذرو ٻنهين جهانن سان يا انهي جي اهل سان ميل رکندو تہ اهو ڇٽبو اهل غرور ۽ مذهب قلندري کان ڏوراہ باقي مرشد الخلق پهرين قسم وارا ولي کامل آهن جي سدائين سلوکي ارشاد جو دروازو عام جاري رکندا آهن انهي معنىٰ سان برابر انهي زماني جا صاحب الارشاد مرشد خلق جناب مخدوم نوح عليہ الرحمتہ ۽ جناب مخدوم بلال رح هوا- جناب غوث اعظم مخدوم نوح تہ ايترو عام جام ارشاد جاري کرڻ فرمايو جو کيس نو لکي مريدن جو سونهون سرور سڏڻ لڳا جنهن کري سندس گادي ۽ درگاه اجان تائين بہ سروري جي سهڻي لقب سان ممتاز آهي- جيئن جو انهي اعلىٰ درگاه مقبول بارگاه جي سرتاج سروري جي سلام بابت رسالہ فردوس 1958ع جي صفہ 12 تي زيرين سلامي پرت پيامي پديد آهي جا هتي بعينہ نقل کجي ٿي.

## سلام در جناب سرتاج سروري

از – طبع درمحمد (خاک) صديقي کاندهلوي

سروري درگاه جي سرتاج سرور کي سلام

دل جي دلکش دين جي دهدار دلبر کي سلام

غوث حق لاريب آهي لاڏلو لاهوت جو

علم لدني جي لياقتدار ليدر کي سلام

سروري سايه پوڻ سان سرورن سرور ٿيو

سرور درگاه واري گھوٽ گوھر کي سلام

صبغته الله سان رڱيل هادي هدايت جو ڏٺي

راه جي رهبر رباني روح پرور کي سلام

لطف لطف الله تي لاريب لکيل لوح ۾

نوح ثاني لک نوازي نور گستر کي سلام

نيهن حضرت نوح کان ناليون نديون نروار ٿي

سنڌ کي سرسبز ڪن ساقي سمندر کي سلام

زيب زينت ٿي زماني کي عطا مخدوم سان

مه جبين ملڪوت جي مهتاب مهتر کي سلام

سک سقاهم ربهم جو پر پيالو پياريو

پرت وارن کي پرين آ پرت پيچر کي سلام

دوش دلبر تي دوشالو دين ۽ اقبال جو

چرخ جنهن جي چاڪري ڏئي تنهنجي چاڪر کي سلام

ميڪده محبوب جو آباد هوندو تا قيام

مست من مي نوش ۽ ساقي جي ساغر کي سلام

زر زماني ذوق کان زانو ادب جا کوڙيا

طالب المولیٰ اڳيان تنهن بخت برتر کي سلام

روز رندي جو آ رهبر پل رهاڻيون رند ڪن

رند جي پير مغلن ۽ راه رهبر کي سلام

سرپرستي ۾ سندس فردوس ٿي جاري ويو

منهنجي محبوبن هٿان محبوب مستر کي سلام

طالب المولیٰ کي مولیٰ کان عطا موتي ٿيو

جو محمد جو امين اقبال اختر کي سلام

مون کي مون محبوب کان فردوس وي پي ٿي ملي

التجا ويندي اگھي دلبر جي دفتر کي سلام

خاک هالا حال استقبال ۾ اقبال سان

سبز تر هوندي سدا خدام خوشتر کي سلام

## (دعاگوئي قديمي درمحمد خاڪ – محبوب جو مداحي مشتاق)

اهڙي طرح جناب مخدوم بلال شهيد رحمتہ الله عليہ پڻ گهڻن راه گيرن کي رڱڻ فرمايو آهي جنهن جي رڱڻ حياتي ۾ تہ جاري هئي پر مماتي ۾ بہ سندس روضہ يا درگاه تي اها رڱڻ وحدت جي ندي تار جاري آهي جو ساري پاڪستان ۾ اهڙي طرح ماه پهرين تي مداحي جيئن نعرو نيهن ۽ دين جو نروار آهي تيئن ڪاتي بہ ڪونہ آهي، جنهن جي تعريف ڪرڻ ائين آهي جيئن سج کي آئينہ ڏيکارڻ. باقي جناب قلندر لعل شهباز بره جو باز رندي مشرب جو مست مرد ميڙ هو جنهن کي پڻ لعل لطيف وانگي مرشد ٻڌڻ جي ڪا ڪاڻ ڪانہ هئي چو تہ قلندر گهڻو ڪري پنهن جهانن جي جهيڙن کان آزاد هوندا آهن جيئن جو انهي جو بحث متي گذري آيو آهي- حاصل ڪلام تہ جي عارف الاهي محبت جي مستي ۾ محو ۽ مستغرق آهن تن صاحبن کي مرشد ٻڌڻ جي کهڙي گهرج آهي انهي رنگ وارا رند فقط پاڻ لاءِ مي محبت ۾ مدهوش رهندا وتن ٿا. عوام جي انتفاع ۽ نقصان ۽ ناموس جي هنن رندن کي ڪا بہ پرواه نہ هوندي آهي تنهن ڪري ويچارو صديقي صاحب تہ حسرت سبب فرمائي رهيو آهي تہ افسوس صد افسوس جي اهڙا اولياءَ پنهنجي مدهوشي ڪان ڪجهہ آفاقو حاصل ڪري عام خلق کي ارشاد جي عنايت ۽ رافت سان رڱن هان تہ هزارن کي چا بلڪ لکن ماڻهن کي رڱي فيضيافتہ ڪري ڇڏن ها، ان سان گڏوگڏ مرشد الخلق جو ممتاز لقب ماڻي مرشدي جو بلند بالا درجو بہ ماڻن هان موجب حديث حبيب الله صلي الله عليہ وسلم (خير الناس من ينفع الناس) زور پلو اهو مرشد آهي جو عام ماڻهن کي فاعدو پهچائي) انهي حديث شريف جي مدنظر تي مخدوم صديقي صاحب فرمائي رهيو آهي تہ مرشد جو درجو ڏاڍو بلند بالا آهي) پر افسوس جو ولين ڪاملن مذڪورن باوجود ڪماليت ولايت ۽ استحقاق منصب مرشديت جي بہ ارشاد جو دروازو عام جام نہ ڪوليائون وگر نہ ڪيترا راڄ انهن جي ارشاد ۽ فيض سان رڱجي وڃن هان – اهو احسن تاويل جناب صديقي صاحب جي قولن مذڪورن جو ٿي سگهي ٿو نہ اهو ابتو تاويل جو فاضلن وقت جي سوا ڪنهن غور جي ڪرڻ فرمايو آهي، باقي رهيو هالن وارن مخدومن جي مخالفت تي بحث جو پڻ قابل غور آهي انهي جو مستقبل بيان فدوي جي رسال راحت الروح في مناقبات مخدوم نوح ۾ تفصيل ۽ تحقيق سان ايندو انشاءَ الله تعالىٰ اهو بہ عنقريب بشرط بقاءَ حياتي جي مطبوع ٿي مشتاقن ادب جي زير مطالع اچي ويندو آمين پر جي جناب صديقي صاحب لطيف لعل جي مرشديت مطلق کان انڪار ڪرڻ فرمائي هان تہ ڪيس ولي ڪامل بہ نہ سڏي هان چو تہ ولي ڪامل ئي مرشد سڏائڻ جو مستحق آهي تہ ناقص پر جڏهن آخرين عمر ۾ لطيف سائين نيٺ ڪجهہ نہ ڪجهہ ارشاد ڏي توجه ڪيو تہ ڪيترن کي ئي فائده مند ڪري ڇڏيائين جيئن ان ڳالهہ ڏي لطائف لطيفي جي آندل بيت زيرين جو اشارو ڪافي آهي

(بيت)

نکورو تاب مهجوري ندارد

درش بندي زروزن سربر آرد

12- نيٺ جناب سرتاج سنڌ بہ آخرين عمر ۾ نيهن جي نانگن تي نوازش فرمائي چند خلفاءِ طريقہ ڪري پنهنجو يادگار قائم ڪري ويو-

### شاه جي شادي خانہ آبادي

سرتاج سنڌ سدائين جواني جي اوج ۽ عمر گرامي جي قوه ڪان وٺي روحي رياضتن ۽ عبادتن ۽ مجاهدن محنتن سان مولا پاڪ جي ذڪر فڪر ۾ مشغول رهندو هو ۽ سناسين ۽ سامين سان سفر پر ظفر ۾ سرگردان هوندو هو- تنهن ڪري زال ذات سان سندس من جو ميلان نہ هو ان ڪري پنهنجي والد ماجد جناب سيد حبيب شاه کي بہ ڪڏهن شادي مبارڪ جو عزم ۽ ايرادو نہ ڏيکاريندو هو- اوچتو شاه جي جديد عشق مجازي جو ڪارڻ هن صورت سان عيان ٿيو جو مرزا بيگ مغل جي ارغون جي وڏي نياڻي مسماه سعيده بيگم عليلہ ۽ بي خوش ٿي پئي مرزا

جو شاه حبيب جو وڏو معتقد ۽ سچو ارادتمند هر هميشان حبيب شاه کان دعا تعويذ وٺندو ۽ دعا ڦيڻو ڪرائيندو هو – ان قديم ارادتمندي موجب مرزا مذڪور جو ماٺهو شاه حبيب کي دعا ڦيڻي لاءِ وٽڻ آيو- سيد حبيب پاڻ انهي وقت طبيعت ۾ ذرا ناخوش هو- تنهن ڪري پنهنجي عوض پنهنجي فرزند ارجمند شاه عبداللطيف کي حڪم ڪيو ته تون وڃي دعا ڪري اچ حڪم موجب لطيف سائين حويلي جي در وٽ پهتو – مغل  اميرن ۾ بنيادي طرح پردي جو رواج چالو هوندو هو- ڪنهن به بيگاني ۽ ڌاري ماڻهو کي مجال ۽ طاقت نه هئي جو حويلي جي چائٺ به لتاڙي سگهي. ساداتن سان خاص ارادتمندي ڪري- هي مروت هوندي هئي- جو ڪين پرده جي پيرايه ۾ اندر اچڻ ڏيندا هوا نينگري پرده ۽ حجاب جي حالت ۾ ڪپڙن سان ڍڪيل ۽ ويڙهيل هئي فقط سندس چيچ کليل هئي- جنهن کي جناب شاه صاحب پنهنجي هٿ ۾ جهلي فرمائڻ لڳو- جنهن جي چيچ سيد هٿ ۾ تنهن کي لهر نه لوڏو) مصرع جو مطلب ۽ مقصد ۽ ظاهر باهر هو ته هن نماڻي نينگري کي سيد سڳوري کان سواءِ ٻيو ڪو به هٿ نه لائيندو- قلم قضا جي ڪو لوح محفوظ تي اڳ ۾ ئي نينگري جو ميلاپ شاه سان لکي ڇڏيو هو جو شاه جهڙي عارف ڪامل جمندي جام کان اوچتو مصرع مذڪور نڪري نروار ٿيو بفحوي لحديث (جف القلم بما هو ڪائن) جنهن حديث جو ترجمو شاه لطيف هن بيت  زيرين ۾ ڪرڻ فرمايو آهي ته

(توڙي وڃي تڪڙي توڙي وڃي وڪ

لکيي منجهان لک لهي ڪين لطيف چئي)

آخر انهي پيشين گوئي شاه جي هٽي هند ڪيو جيئن اڳتي اچي تو ان ۾ اٺ سڌي طرح سنگ گهرڻ جي رمز رچايل هئي- پر اچ ڪلهه وانگي انهي زماني جي وڏيرن ۽ اميرن ۾ به وڏائي جو مرض منتشر ۽ پکڙيل هو- نڪاح شادي جي معاملن ۾ نخوت ۽ وڏائي ڪري ڪنهن کي به پنهنجو مٽ ثاني نه سمجهندا هوا ان ڪري مغلن کي ڏاڍي منيان لڳي جنهن ڪري ساداتن سان مودت موافقت جي پاران مخالفت ۽ دشمني ظاهر ڪري طرحين طرحين ايذائن ۽ تڪليفن پهچائڻ جون سٽون سٽي رهيا هوا – پٽائي صاحب به اوچتو ئي اوچتو اٺ ڏٺي عجيب جي عشق جو شڪار ٿي چڪو هو. جنهن کي ناگاه نينگري جي نيهن لغار لڳي ويل هئي سو هاٽي بي اختيار ٿي بره جا باب پڙهڻ لڳو رات ڏيهان محبت محبوبن ۾ مست مخمور رهي جهنگ جهر جانب ڪاڻ جوڳي تي جهونگاريندو رهندو هو ۽ ڪشالن جا ڪوه ڪاٽيندو ۽ ٿاڪيندو هو ۽ حال جي زبان سان هينيون شعر شوق مان پرهندو رهندو ته

(ڪافي)

ٿينديس پار پنهل جي پانڌياٽي + ونئي رهبر احمد آرياٽي

١. ڏسي رند پنهل جا روئنديس مان + پيرا خان پنهل جا ڪٽنديس مان

ڳولي ڦولي لڪن مان لهنديس مان + چون ڏونگر ڏوري تي ڏوتياٽي.

٢. ويهان ڪيئن پنيور ۾ ور بنا + پنهنجي پاڪ پرين پيغمبر بنا

سردار سچي سرور بنا + جاچان جانب کي تي جوڳياٽي

٣. جيڏيون ناهه جبل ڏونگر جو ڏر + پايان پر به پنهل لئي پنهنجو گهر

توڙي سر وڃي ٿئي ٻيٽو ڪر + چون سک اندر مئي سانگياٽي

٤. راتيان ڏينهن خطائي ساري تو. + ڪيون پنهل پنهل ته پڪاري تو

روئي رت هنجهون ڳل هاري تو، + ٿيندي نيٺ پنهل سان پرچاٽي.

آخر مرزا بيگ هڪ حادثي ۾ دلن جي هٿان مارجي مات ٿي ويو. ان جي پوين پشيمان ٿي ساڳي نينگري جو سنگ سچي سڪ سان سرتاج سنڌ کي آڇيو- سيد سڳوري غمخوار محبوب جي گھوري سڪ سان اهو سهڻو سنيهو قبول ڪرڻ فرمايو- نيٺ شاه جي شادي خانہ آبادي ان نينگري نالي سعيده بيگم سان ٿي ۽ سهڻي سرتاج سنڌ لاڏي ڪوڏي ٿي ڪنوار مذڪوره سان لاڱون لڏيون ۽ سائين لطيف جي لائن ويلي ڪنهن خاڪ جهڙي شاعر هي هينيون سهرو حال واري زبان سان هيئن چئي ٻڌايو

(سهرو)

ٻئي گڏيا تہ گل، اڄ ڪا رات معراج جي

-1 چمن کي چو طرف چوڏاري، ڏسي باغن بيش بهاري، ڦرن پيا بلبل،

-2 پرڻي رات لعل لطيفي ڪاج جي، بهتر حالت ڪيفي حورن ڏسي ڪيا هل.

-3 چار ئي يار رسول جا رهبر ٿيا، گهوٽ لطيف جي واهر پنجتن پاڪ امل

-4 خاڪ خوشي سان ڪاج ڪريمن، اڄي ملهايو پاڻ امامن شادي ۾ ٿيا شغل.

شادي مبارڪ جي گذرڻ کان بعد بيبي سڳوري کي شاه صاحب جا مريد ۽ معتقد (تاج الخد رات) پردي وارن جو زالن جو چٽ ڪري سڏيندا هوا- بي بي صاحبه نهايت پرهيزگار پاڪ دامن نماز روزي جي سخت پابند هئي، امير گهراڻي جي ڇوڪري هوندي بہ گهر جو ڪاروبار سڀ پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪندي هئي. ڪوٽڙي مغل جو ڳوٺ ويران ۽ قتل ٿي رهيو هو، تنهن ڪري شاه صاحب شاده گذرڻ کان پوءِ اتان لڏي اچي نئين سر ڀٽ وسائي. شاه صاحب .کي ان بيبي سڳوري مان ڪا بہ اولاد پيدا نہ ٿي. بي بي صاحبہ شاه جي حياتي ۾ ئي رحلت فرمائي وئي ان کان پوءِ شاه صاحب شادي جو ڪڏهن بہ ايرادو ڪونہ ڪيو.

### شاه جي وفات حسرت آيات

شاه صاحب سرتاج سنڌ جي وفات جو واقعو بہ هڪ عجيب غريب آهي. ڪي مؤرخ لکن ٿا تہ جناب ڀٽ ڌڻي عمر جي اخير ايامن ۾ مراقبي ۾ ذڪر فڪر واسطي هڪ جاءِ تي پورا 21 ڏينهن ويهي رهيا ان سموري مدت ۽ عرصي ۾ ڪاڏو فقط ٻن ويلن جو واپرايون هڪ ڏينهن مراقبي واري ڪوٺيءَ مان نڪري شايد جوش جذبي حرارت کي هٽائڻ خاطر هڪ سئو دلن پاڻي سان وهنجي ٻيهر اندر ساڳي ڪوٺي ۾ هليا ويا. ٻاهران سنڌي ٻولي ۾ فقيرن جو رندي راڳ ٿيندو رهيو. برابر ٽين ڏينهن ساندهه راڳ جي محفل گرم رهي فقير فقراء بہ ايڏو تہ محو هوا جو ڪين خبر ئي نہ ٿي پئي تہ هي ڇا ٿي رهيو آهي جڏهن جوش جذبو ڊرو ٿين ۽ ٺورو سڌير ۾ آيا تڏهن وڃي ڏسن تہ رهبر روحاني جو روح پر فتوح پرواز ڪري وڃي رهو پرور کي حظيره القدس ۾ رسيو آهي. ڪين اهو پتو پروڙ نہ پئي تہ ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت فوت ٿي ويا آهن. سندن حالت اها ئي مراقبي واري هئي. اهو واقعو وفات وارو سنہ 1165 ھ مطابق سنہ 1752ع جي 14 صفر جي ٿي گذريو.

انا لله و انا اليہ راجعون.

## جناب ڀٽ ڌڻي جي چند ابياتن جو شرح الاهي آيتن سان

### بيت -1

ڪوڙيين ڪتابن ۾ حرف مڙو ئي هيڪ

جي نظر هجي نيڪ تہ بسم الله ئي بس آ-

شرح- جناب سرتاج سنڌ فرمائي رهيو آهي تہ حضرت آدم عليه السلام کان وٺي جناب محبوب مدني صلي الله عليہ وسلم تائين- جيڪي بہ انبيائن ۽ مرسلن تي صحيفا ۽ ڪتاب آسماني نازل ٿيا تن سڀني ڪتابن ۾ ذڪر ذاتي اسم الله جو هو- جو اهو ساڳو اسم ذاتي بسم الله شريف ۾ موجود آهي پوءِ جو شخص گهري تہ مون ڪي سڀني ڪتابن جي پڙهڻ جو اجر ۽ برڪت حاصل ٿئي تہ انهي ڪي نيڪ نيت ۽ نيڪ نظر هجڻ ڪري هڪ بسم الله شريف جو پڙهڻ ئي ڪافي ۽ بس آهي ڇو تہ بسم الله شريف سارن ڪتابن آسماني جي برڪتن سان پرپور آهي. اها بسم الله شريف اها پهرين آيت الاهي آهي، جا زمين جي مهن تي حضرت آدم ابو البشر عليه السلام تي نازل ٿي. پوءِ حضرت آدم فرمايو تہ هاڻي مون ڄاتو تہ جيستائين زمين تي بسم الله هوندي ۽ منهنجو اولاد انهي کي وظيفو ڄاڻي پڙهندو تہ دوزخ جي عذاب اليم کان امن ۾ رهندو ڇو تہ بسم الله شريف رحمت ۽ امان واري آيت آهي. جنهن جي نور برڪت سان حضرت ابراهيم خليل الله نمرودي باه کان بچيو ۽ حضرت موسىٰ ڪليم الله فرعون بي عون جي حملہ کان بچي امن سان درياءَ کان پار پهتو. جڏهن حضرت سليمان عليه السلام تي نازل ٿي آئي تہ ملائڪن الله پاڪ جو قسم کڻي فرمايو تہ هاڻي تنهنجي بادشاهي برقرار ٿي ڪامل رهندي. ڇو تہ هي آيتہ رحمت ۽ امان واري نموني نازل ٿي آهي پر جڏهن وري محبوب مدني عربي عدني تي سوره نمل ۾ نازل ٿي تہ ڪيس انهيءَ جي برڪت پرپور سان فتح عظيم حاصل ٿي گويا ڄڻ بسم الله ئي فتح عظيم آهي. اها نمل واري آيتہ هن طرح آهي تہ انه من سليمان وانه بسم الله الرحمان الرحيم) انهي ڏينهن کان وٺي سيد الڪونين صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجن اصحابن احبابن کي حڪم فرمايو تہ سڀ ڪنهن سورت جي اول ۾ بسم الله الرحمان الرحيم لکو ۽ هر ڪتاب ۽ هر دفتر جي اول ۾ بسم الله شريف لکڻ گهرجي. ۽ الله پاڪ جو قسم کڻي فرمايائين تہ جو بہ ڀانهو مؤمن ڪنهن بہ ٿول حلال تي بسم الله پرهندو تہ ان ۾ باري تعالىٰ گهڻي برڪت وجهڻ فرمائيندو. ۽ فرمايائين تہ بسم الله پڙهندڙن لاءِ دوزخ کان حجاب ۽ پردو ٿيندي انهي جا جملہ حرف 19 آهن جي اڻويهن دربانن دوزخ جي کان بچائي وٺندا ۽ ٻي حديث ۾ آهي تہ هي بسم الله شريف ترازو جي هڪ پڙ ۾ رکجي ۽ ٻي پڙ ۾ 7- ست آسمان ۽ ست زمينون ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ شيون رکجن تہ بسم الله وارو پڙ ڳورو ٿي پوندو ڇو تہ بسم الله شان ۽ برڪت ۾ سڀني شين کان ڀلاري آهي. بفحوي الحديث مفتاح القرآن بسم الله الرحمان الرحيم يعني بسم الله شريف ساري قرآن ڪريم جي ڪنجي آهي) پر سورتن قرآن ڪريم جي پهرين سورت جا سرور ڪائنات مفخر موجودات تي نازل ٿي، اها سورت علق آهي. جنهن ۾ سبحان سائين سردار ڪريم کي پهريان حڪم بسم الله جي پڙهڻ جو فرمايو تہ اقراء باسم ربک الذي خلق الايہ اي محمد چؤ تون بسم الله الرحمان الرحيم تنهن کان پوءِ پڙهہ تون) هن مان ثابت آهي تہ اقراء باسم ربک- بسم الله کان سواءِ نازل ٿي آهي. امام بخاي رحمتہ الله عليہ ان ۾ هن طرح تصريح ڪرڻ فرمائي آهي تہ هادي حڪيم پنهنجي حبيب رئوف رحيم کي بسم الله پڙهڻ جو حڪم بن سببن جي ڪري ڪرڻ فرمايو هڪ تہ بسم الله جي پڙهڻ سان قرآت ۾ قوت حاصل ٿيندي 2. تہ بسم الله پڙهڻ ڪري پنهنجي مولا پاڪ سان أنس جو اظهار ٿئي ٿو ڇو تہ اسم جو انس مسمىٰ جي انس الفت ڏي مفضي ۽ موصل هوندو آهي. هڪذا في تفسير روح البيان.

## نعت بسم الله شريف

## از طبع خاک صديقي کاندهلوي ثم نصير آباد

ڪنجي قرآن ساري جي پلاري پاڪ بسم الله
ابن عباس کان آهي روايت تي رسول الله
بيو اهڙو نہ آهي ڪو وظيفو ڪنهن ڪتابن ۾
مڪي اول مني مولا متي آدم صفي الله
اسم اعظم اهو ئي آ وڏائي ساڻ برڪت جي
دنيا اولاد مالن کي قسم آهي ڪلام الله
ڪمايو هن وظيفي کي محبت سان مڙي مومن
عجب اسرار ان اندر رکايو رمز سان الله
سبق استاد کان طالب وٺي بسمي چٽن چارئي
معلم ماءُ پيءُ تنهنجي چيو حضرت حبيب الله
حروف 19 –اڻويهہ جي بسمي طفيلي تن تہ دوزخ جا
ترن اگواڻ اڻويهئي چيو نرمل نبي الله
بدن ۾ ورد بسمي جو رکج تون "خاک" خوشدل تي
ڪرم ۽ فضل پنهنجي سان ڪري واحد ولي الله

# توحيد جي تعريف ۾ پنهنجي نامدار جو نظريو

**نمبر 2- (بيت)**

جو تہ الله هيڪڙو، وائي ٻي م سک،

لڪيون پيو لک، سچو اکر من ۾)

شرح- هن بيت جو شرح شافي ٻن پهلن تي مشتمل آهي هڪ ظاهري شرعي پهلو ٻيو باطني پهلو شرعي پهلو سان هي بيت پٽ ڏٺي جو سورة اخلاص جي پهرين آيت جو هوبهو ترجمو آهي- سورت اخلاص مڪي آهي نہ مدني انهي سورت سونهاري ۾ چار آيتون آهن هر هڪ آيت سرتاج سنڌ جي هن بيت مذڪور ۽ هينئين نمبر وار بيتن جو پورو پورو شرح آهي. نمبر اول بيت جو شرح هي پهرين آيت اخلاص جي (**قل هوالله احد**) آهي يعني چئو تہ اهو الله هڪڙو آهي) شان نزول ان سورت سونهاري جو ٻن روايتن سان مروي آهي. 1- قريشن جي هڪ گروه محبوب مدني کي چيو تہ تون اسان کي انهي الله جي وصف واکان ٻڌاءِ جنهن جي عبادت ڏي اسان کي سڏي رهيو آهين پوءِ اها سورت سونهاري نازل ٿي. 2- تفسير معلم ۾ آهي تہ يهودن جي هڪ ٽولي چيو تہ اي ابو القاسم پنهنجي پروردگار جي اسان کي صفت ساره ٻڌايو تہ اسان توتي ايمان آڻيون چو تہ اسان تورات ۾ ان الله جي صفت لکيل ڏٺي اهي پوءِ اها سورت نازل ٿي. حديث ۾ آهي تہ اخلاص سورت کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ثواب ڏهن سيپارن جو حاصل ٿيندو آهي ۽ ٽن ڀيرن پڙهڻ سان ساري قرآن ڪريم جي ختم ڪرڻ جو ثواب ۽ اجر پڙهندڙ کي درگاه پاڪ جي مان پلئو پوندو آهي. شيخ ابو علي رودباري جو چوڻ آهي تہ شرڪت دائر آهي عدد ۽ تلقب ۽ علت ۽ معلول ۽ شڪل ۾ ضد ۾ پوءِ الله تعالیٰ **هو الله احد** فرمائي عدد ۽ ڪثرت جي نفي ڪرڻ فرمائي ۽ **الله الصمد** فرمائي تقلب ۽ تنقص کان پاڻ کي پاڪ ڪيائين ۽ **لم يلد ولم يولد** فرمائي علت ۽ معلول کي نفي ڪرڻ فرمايائين ۽ **ولم يکن لہ کفواً احد** فرمائي اضداد ۽ اشڪال جي نفي ڪرڻ فرمائيان. 2- باطني پهلو سان انهي سورت سونهاري کي اخلاص جي امتيازي لقب سان نروار ڪيو ويو آهي، چاڪاڻ تہ اها سورت سونهاري عاشقن عارفن واسطي خاص درس معرفت حق جو آهي تنهن ڪري سدائين سالڪ سورت اخلاق کي نماز تهجد واري ۾ فاتح پڙهڻ کان پوءِ بطور تڪرار پڙهندا رهندا آهن. تنهن ڪري جناب سرتاج سنڌ بہ هر هڪ آيت اخلاص جي ۾ بطور معنیٰ ۽ تشريح جي چار بيت نمبروار چوڻ فرمايا آهن جن جو بيان ترتيب سان تفصيل وار ٿيندو رهندو.

پهرين نمبر بيت ۾ پٽ ڏٺي فرمائي رهيو آهي تہ اي انسان تون اُنس ۽ الفت سان سچو انسان بڻي هڪ الله جو درس دل جي دهلن ۽ زبان کي چوراءِ نہ فقط چوراءِ پر انهي اسم ذات کي پنهنجي قلب واري پٽي تي لکي لکي اهڙي تہ مشق ڪر جو تنهنجو اندر اجرو ٿي آئينده ديد ار نما جو لائق ٿئي غير الله کي ڪڍهن بہ دل ۾ رهڻ جو دنگو نہ ڏي ۽ نہ زبان سان غير جي بولي بول هن بيت جي تائيد تقويت ۾ اخلاص جي پهرين آيت مذڪوره شرح جو ڪم ڏئي چڪي آهي انهي آيت جي ٽن اسمن مان صوفين جي اصطلاح موجب ٽن مقامن ڏي اشارو آهي. هو جو اشارو مقام اول ڏي آهي جو مقام مشتاقن مقربن جو آهي ۽ اسم الله جو اشارو ٻي مقام ڏي آهي جو مقام اصحاب اليمين جو آهي جو مقام اوليٰ کان ڪجهہ گهٽ آهي ۽ اسم احد جو اشارو مقام ثالث ڏي آهي جو مقام اصحاب الشمال جو آهي، هي مقام سيني مقامن کان گهٽ ۽ خسيس آهي. لطيف لاثاني لاڏلو لامڪاني ٻي مقام کان مافوق ٿي مقام اوليٰ جو مصداق ۽ مستحق نظر اچي ٿو جو تہ سندس ابيات ترجمۂ آيات مان سندس قرب ۽ ڪماليت واري تصوير اهل بصيرت وارن اڳيان نروار ٿي رهي آهي موجب قول ديوان مخفي جي. هر ڪہ ديدن ميل دارد درسخن بيند مرا درسخن مخفي چنالم بوئي چون در برگ گل هن ساري تحقيق انيق مان ظاهر آهي تہ لطيفي لات جي نظريہ اقدس موجب سچو انسان اهو آهي جنهن جي دل واري پٽي تي الله جو اسم ذاتي اڪريل ۽

لکيل آهي جنهن اسم ذات جي انس الفت کان انسان گهڙي بہ غافل نہ رهي وگر نہ انسان جي عالي درجہ کان هٽي حيواني درجہ جو حقدار رهندو جيئن جو پٽائي رحہ جي نظريہ جي تائيد مزيد فقير خاڪ جي زيرين مخمس مان پڻ ظاهر آهي جو مخمس هوبهو هيٺ درج ڪجي ٿو.

آس الف أنس سان انسان ٿي حيوان نہ ٿي
قرب وڙ سڪ سرس سان انسان ٿي حيوان نہ ٿي
جوش جذبي جنس سان انسان ٿي حيوان نہ ٿي
پي پيالو پرت جو پير مغان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

ميٺ سک ميناج سک ماڪي جي مک جي ماٺ سک
ڪير ڪنڌ تي پاڻ ۾ پائڻ ڳراٽي ڳاٺ سک
ميٺ مان ماڪي بڻي اڄ عشق جي اوساٺ سک
پرت سک جو پرت وارن پاسبان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

فڪر قرحي تي لکي ڪو انگ عبرت خيز ٿي
رمز وحدت جي رڱڻ سان روح جي رنگريز ٿي
انگ اڪرائي اندر ۾ پاڻ وچ انگريز ٿي
راه وحدت رمز جو روح و روان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

دل بہ هڪ دلدار هڪ دل ڏي فقط دلدار کي
يار سان ياري رکي دل ڏي نہ ڪنهن اغيار کي
ديد دل سان ماڻ پو مننار جي ديدار کي
نحن اقرب نيهن جو نالو نشان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

هوت هڪ هر هنڌ حاضر وات وائي ٻي نہ سک
ٿي نہ ٽيڏو وجهہ ٻيائي کي نہ انڌي وانگي ٻک

جسم جي ۾ جان هڪڙي روح رهبر ساڻ رک
درد دل جو درد افزا داستان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

عبرتي اک ساڻ اچ تون انجمن اوطاق ۾
ڳول پنهنجو يار وڻ ٽڻ ۽ زمين افلاڪ ۾
فرش عرشي انفسي ايوان ۾ آفاق ۾
آفتاب عشق جو آ آسمان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

عشق وارن جي اڳيان اشياء عالم آيتون
رمز وارن لاءِ دنيا ۾ رموزي راحتون
سوز سڪ وارن جون عبرت جي اندر سڀ ساعتون
ذوق ذاتي جي ڪري زينت زمان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

وره جي وائي سدائي ورهه واٽن ڪي وٽي
ورهه وارن ڪي وسيلو جاڻ تي پيرن پٽي
بره جي شهباز سان برميچي چا اڏندي چٽي
ورهه واري وات جي ظاهر زبان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

سور سک چا پور ۾ پلپل پنهل جو پور رک
سور سارا سڀ سٽي سيني سڄڻ جو سور رک
دلربا ديدار دي ديدار بيا سڀ دور رک
سالڪن جي سوز سڪ جو ساريان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

سنڌ تي سر سبز ساري سنڌ جي سردار سان
باغ ۾ آئي بهاري باغبان بيدار سان

وئي ٽڙي ٽانگر جي ٽاري پٽ ڏٽي پوتار سان
بلبلن جي ڏڻ جو سونهون ۽ شبان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

سنڌ جي سرتاج تي اڄ سنڌ کي پڻ ناز آ
جا بجا ورسي ملهائڻ جو عيان آواز آ
سنڌ ڇا ٻي هند جت ڪٿ پٽ ڏٽي ممتاز آ
پاڪ پاڪستان ۾ آ آستان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

موج دريا جي سپن جو گهوٽ گوهر آ لطيف
سنڌ جي صوفين سنڌو سرتاج سرور آ لطيف
بخت ۽ اقبال جو اقبال برتر آ لطيف
لاڏلو لاهوت جو ۽ لامڪان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

رمز روحاني سان پريل آ رسالو شاه جو
مي محبت سان پيالو پير مقالو شاه جو
نيهن وارن ڏي نياپو آ نرالو شاه جو
ڪاپڙن جي ڪاروان جو ڪاربان عبداللطيف
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

خاڪ پٽ ڇا سنڌ ساري باغ تي سرتاج سان
رات گوندر جي گذر تي روز شادي ڪاج سان
ويو لطيفي تي لقا محبوب جو معراج سان
غرق رحمت هو ٻہ- هردم بيگمان عبداللطيف 1961ع
باغ سڪ سنڌي سخن جو باغبان عبداللطيف

## بيت نمبر 3-

دوست کھائي دادلا، محب مارائي،

خاص خليلن کي تو، سختيون سهائي،

الله الصمد بي نياز، سا کري جا چاهي،

انهي ۾ آهي، اونهي ڳالھ اسرار جي-

شرح:- ڀٽائي صاحب فرمائي ٿو تہ الله تعالیٰ باري بي پرواھ پنهنجي صفت صمدي بي نيازي واري سان اهڙو تہ مستقل ممتاز آهي جو ساري ڪائنات چا بلڪ دنيا جا دادلا ۽ محبوب ۽ خليل پڻ سندس درگاھ جا نياز ڪيش ۽ محتاج آهن. پاڻ ڪلي اختيار اٿس جو ڪجھ بہ ڪرڻ چاهي تہ ڪرڻ تي قدرت ڪامل سان پوري طرح قادر آهي، تنهن ڪري جي پنهنجي قدرت ڪامل ڪن ڪاملن ولين چاهي پيارن پيغمبرن ۽ خليلن خاصن تي هلائي تہ ڪيس آڏو اچڻ وارو ڪو بہ ڪونہ آهي. پر درگاھ جي دادلن ۽ خاصن خليلن کي سختيون سهائڻ ۾ سندس اسرار جي اونهي ڳالھ رکيل آهي جنهن کي فقط پاڻ تو جاڻي بي کي سندس ڄاڻائڻ کان سواءِ ڪو بہ پتو پرو ڪونہ آهي. هن بي نمبر بيت جو پورو پورو شرح هي بي آيتہ اخلاص جي آهي (الله الصمد) يعني الله بي نياز آهي) آيت شريف ڏسڻ ۾ ننڍي آهي مگر متئين ساري نظريہ شاھ جي کي حاوي ۽ محيط آهي طوالت جي خوف کان سندس تشريح تي زياده توجه نہ ڏنو ويو آهي چو تہ اسان جو غرض فقط شاھ جي هر هڪ بيت کي آيت سان ربط ڏيکارڻ جو نہ ڏگھي تفسير جو.

## 4 بيت نمبر

نہ ڪنهن جائو جام کي نڪو جام وياءِ،

نندي وڏي گندري سين آھ سياءُ،

لم يلد ولم يولد اي نجابت نياءُ،

ڪبر ڪبرياءُ تخت تماچي جام جو (سر ڪاموڏ)

شرح: پٽ ڌڻي فرمائي رهيو آهي تہ منهنجي محبوب جام هردم همام کي نہ ڪنهن ڄڻيو آهي نہ ڪنهن کي جام ڄڻيو آهي بلڪ نندي وڏي گندري يعني ننڍن وڏن نوري حضوري جي هم جنسن سان سندس روحاني رابطو بفحوي الڪريمه ونفخت فيه من روحي وارو آهي جنهن نسبت نروار ڪي بيت جو جملو- سين اُھ سياء چٽي پٽي دلالت ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري ننڍن مان مراد عام آدمزاد ۽ وڏن مان مراد وڏا اولي العزم انبياء وغيره آهن گندري مطلق آمزاد کي هن ڪري پٽ ڌڻي پنهنجي نظريہ موجب فرمايو آهي جو گناهن جي ارتڪاب سبب فقط بندو گندوئي گندري جي اطلاق جو مصداق تي سگهي تو نہ غير باقي رهي گندري جنس مان اتم اعزاز واري نوري حضوري جا پنهنجي پاڪائي ۽ سيرت صورت سان سينگاريل هجڻ ڪري لولاڪ لما خلقت الافلاڪ جو تاج متي تي دري ۽ لقب نوري جو بفحوي الڪريمه قدجاء ڪم من الله نور) ماڻي جام تماچي جي روحي راڻي تي رهي جنهن کي سيني گذرن وچان رفرف واري گاڏي تي چاڙهي ملڪوتي معراج ماڻايائين تنهن کي تماچي تخت ڌڻي صحي سنجاڻي نور جو لقب متس موهجي ڏيڻ فرمائي پنهنجي باجهہ جو بيڙو عرش تي آڻائڻ وارو فقط نوري جي بانهن ۾ پٽو جنهن ڳالهہ ڏي هينيون بيت پٽائي جو اشارو ڪري رهيو آهي(بيت) هٿين پيرين ارڪٽين مهن نہ مهاڻي جئن سڳو وچ سرنڌڙي تيئن راڻن ۾ راڻي اصل هئي ان کي اهل جاماڻي سمي سنجاڻي بيڙو ٻڌس بانهن ۾. هن بيت مان بہ ظاهر آهي تہ نوري لقب نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو آهي چو تہ حقيقت محمدي کي پوري پوري نسبت نور ذاتي سان آهي جنهن جو اشارو جملہ- اصل هئي ان کي اهل جاماڻي) مان اظهر من الشمس آهي، هتي هن بحث ڪولڻ جو موضوع نہ هو پر گندري جي لفظ تي توري روشني وجهڻ خاطر ڪجهہ نہ ڪجهہ اشاري طرح بيان ڪرڻ ۾ آيو آهي و گر نہ تحقيق انيق سان تفصيل انشاء الله تعالیٰ بشرط بقاءِ حياتي جي بي رسالہ جي هٿ ۾ ڪٽڻ وقت گندري جي بحث ۾ ڪيو ويندو. آمدم بر موضوع خود. هي آيت الاهي سورت اخلاص جي تي آيتہ آهي تہ لم يلد ولم يولد) يعني نہ ڄڻيائين ۽ نہ ڄڻيو ويو آهي) انهي آيت کي جا سندس بيت جو پورو پورو شرح آهي تنهن کي جناب پٽ ڌڻي بطور تضمين جي پاڻ پنهنجي بيت مذڪور ۾ درج ڪرڻ فرمايو آهي جنهن آيتہ جو ماحصل هي آهي تہ برابر پٽائي صاحب جي نظر موافق اهو حقيقي هوت تماچي جام جيئن زال ۽ اولاد کان پاڪ آهي تيئن پنهنجي پاڪ ذات هجڻ ڪري ماءُ پيءُ جي ڏارڻ کان پڻ منزہ ۽ پاڪ آهي بلڪ اهو عرش ڌڻي ازل کان ابد تائين هميشہ قديم ۽ عيبن نقصانن کان منزہ ۽ پاڪ آهي ۽ هوندو- آيت جي لفظ لم يلد ۾ يهودين جو رد آهي جو انهن حضرت عزيز عليہ السلام کي پروردگار جو پٽ سڏيو هو- ۽ ولم يولد ۾ رد نصارن جو نروار آهي جن حضرت عيسیٰ ابن مريم کي پنهنجي اونڌي اعتقاد ۽ نلهي ويساه موجب خداء نهرايو هو- باقي سندس بيت جي آخرين سٽ (ڪبر ڪبرياءُ تخت تماچي جام جو) هي هينين حديث قدسي پورو پورو شرح آهي (حديث) الڪبرياءُ ردائي) يعني جائٽ ۽ تڪبر منهنجي چادر آهي) پر هتي حضرت سرتاج سنڌ شاعرن جي شاه اهڙي تہ نازڪ خيالي ڏيکارڻ فرمائي حديث جو ترجمو ڪرڻ فرمايو آهي جو دنيا جو ڪو بہ ديدور يا شاعر اهڙي نازڪ خيالي سان حديث جو ترجمو تحسين جوڳي طرز تي لطيف لاثاني وانگي ڪڏهن بہ ڪو نہ ڪري سگهي هان چو تہ جناب سرتاج سنڌ جو اهڙو تہ ادب عشق وارو پنهنجي پاڪ پنهل سان آهي جو سچڻ حقيقي پاڻ بذات خود اقراري آهي تہ چائٽ جي چادر فقط پنهنجي متي تي نهي تي- پاڻ پٽ ڌڻي ادب کي آڏو آڻي حديث جو ترجمو مٽائي هئن سهٽي پيرايہ ادب سان بيان ڪري رهيو آهي تہ ڪبر ڪبرياء تماچي جام جي قدمن پاڪن جي رکڻ جي جاءِ تخت آهي جو منهنجي محبوب پاڪ جي قدم مبارڪ هيٺ نهي تو نہ محبوب جي متي تي اگرچہ

محاوره اتفاقيہ موجب هٿ ۾ ڪبر گهٽو متي ۾ جاء گزين ئي موج زن هوندو آهي پر تنهن هوندي بہ لطيف سائين ادب ناڪ نازڪ خيالي موجب پنهنجي پنهل پاڪ تي ڪک بہ نہ سهي ادب ۾ عشق جي هڪ نئين راه ايجاد ڪرڻ سان پاڻ کي ممتاز فرمايو آهي ان سان گڏوگڏ حديث قدسي جي ترجمي ۾ بہ تر جو تفاوت ضرر پذير سرزد نہ ٿيو آهي بلڪ وڌيڪ تحسين جوڳو ثابت ٿيو آهي-

## بيت نمبر 5-

وحده لاشريڪ له، ٻڌئي نہ ٻوڙا،

يا تو ڪنين نہ سٽوء گهٽ اندر گهوڙا،

ڳاڙيندين ڳوڙها، جڏهن شاهد ٿيندئي سامهان-

شرح:- سرتاج سنڌ سمجهائي ٿو تہ اي ڏٽي پاڪ مالڪ الا افلاڪ جا سچا صادق ٻانهان تون غفلت جي ڪپه ڪنن مان ڪيي ڇڏ - لاشريڪ لاؤٻالي سرڪار جي سڏ ٻڌڻ کان ٻوڙو تي نہ ويهہ پر جي اجان تائين سڏ سرڪاري تنهنجي ڪن نہ پڌو آهي بلڪ شتربي مهار وانگي غفلت جي گردب ۾ پنهنجي عمر گذاري رهيو آهين تہ پوءِ تنهنجي ايڏي گهري غفلت تي گهوڙا گهوڙا ۽ ارمان ڪرڻ گهرجي- هاڻي بہ هشيار ٿي پاڻ سنڀالي انهي الله پاڪ جو سڏ سهڻو قلب جي ڪن سان ٻڌي وٺ جنهن جهان جي باني مباني جو ڪو بہ شريڪ ثاني ڪونہ آهي- پر جي اجان بہ ويل حياتي تي حسرت ڪائي هشيار ۽ بيدار نہ ٿيندين تہ حشر حساب جي ڏينهن زبردست ذات واري حاڪم جي آڏو حساب ڪتاب ٿيڻ وارو آهي، جتي تنهنجا پنهنجا عضوا بہ توتي شاهدي ڏيندا تہ انهي مهل توڙي پشيمان ٿي رت جا ڳوڙها ڳاڙيندين تہ بہ ڪمائتا نہ ٿيندا. جو تہ رت روئي منٿ ڪرڻ جو ماڳ هي جهان آهي نہ هو جهان- هن چوٿين نمبر بيت جي شرح ۾ هي آيت شريف سورت اخلاص جي آخرين آيتہ پورو پورو شرح شافي ۽ حجت ڪافي جو ڪم ڏئي رهي آهي. ولم يكن له كفواً احد) يعني نہ آهي الله پاڪ جو ڪو بہ شريڪ) هن آيت ڪريم ۾ عرب جي مشرڪن ڪي جواب آهي جي مشرڪ بتن ۽ ابرهن ڪي ذات باري جو شريڪ بنائي پوڄيندا هوا. حاصل ڪلام تہ اهو الله ڪريم رئوف رحيم جو سورت اخلاص جي سمورين صفتن سان سينگاريل لا شريڪ آهي تنهن هوت جي ذاتي حقيقت جي ڪنهہ تي لڪين فڪري فرس ڊوڙائي ٿڪا آهن مگر ڪو بہ معرفت جي منتهيٰ تي نہ پهتو آهي- باقي تنهنجي ۽ منهنجي فڪر فهم ۾ جا معرفت محبوب معنوي جي موج زن آهي انهي فهم فراست کان محبوب قمدس اجان گهڻو متاهون ۽ منزه پاڪ آهي.- انهي ذات ستوده صفات جي ڪنه بحث ۾ عقل جو اسپ عاجز ۽ فڪر فهم جو فرس وڌائڻ وک کان لنگ آهي انهي ذاتي ڪنهہ ڪي ڪما حقه ماپڻ ۽ ڪچڻ ائين آهي جيئن جو – منڊي ڪاموڙي ڪوه ۾ ويني ڪيچي اپ) مطلب تہ انهي ذات پاڪ جي ڪما حقه ادراڪ کان هر چيز عاجز آهي فقط اها ذات با برڪت ئي عبادت ۽ سجدي ڪرڻ جي لائق آهي جنهن جي معرفت ۾ هزارين چا پر لکين ڪروڙين معرفت جا ماهر بہ پنهنجي عاجزي جا اقراري آهن جيئن جو زيرين عربي شعر مان سندن عجز جو اظهار ثابت آهي-

اعتصام الوریٰ بمعرفتک عجز الواصفون هن صفتک-

تب علينا واننا بشرماعرفناڪ حق معرفتڪ)

هاڻي جڏهن ڪمال عفان ڪي حاصل ڪرڻ سولو ۽ سهنجو ڪم نہ آهي تڏهن هي اوليا عارف ڪئن تا معرفت جي منزل مان- هائو سوپ سر جي هن پر آهي- تنهن ڪري عارف ڪامل اهي آهن جي فقط معرفت ذات جي فڪر فهم ۾ پنهنجي استعداد علمي موجب مستغرق ٿي- پاڻ ڪي پوري طرح پنهنجي پاڪ پنهل ۾ فنا ئي ڏين ۽ نابودي نيستي ڪي پنهنجو پورو پورو مذهب ۽ دين ڄاڻي معراج آسماني جا مستحق ٿيندا آهن جيئن جو هن ڳالهہ ڪي حضرت مولانا رومي صاحب جي مثنوي واري بيتن هينين مان ٽيڪو ملي ٿو-

هر ک از هستي نگردد او فنا نيست

ره در بارگاه ڪبريا يست

معراج فلڪ اين نيستي

عاشقا نرا مذهب و دين نيستي)

پر جناب سرتاج سنڌ نيهن جي نامدار شاعر قدرتي شاندار نيستي ۽ ڪين هجڻ بابت نيهن وارن ڏي زيرين بيت جي ذريعه نياپو نروار ڪرڻ فرمايو آهي

(بيت)

جنين پايون پاڻ کي هڏهن ڪري ڪين

اهڙا ئي مسڪين در لنگهندا دوست جو)

۽ وري بي هنڌ پڻ فرمائن ٿا تہ

(بيت)

نابودي نيئي عبد کي اعلیٰ ڪيو

مورت ۾ مخفي ٿيا صورت ۾ سيئي

ڪبي اِت ڪيهي ڳالهه پريان جي ڳجهه جي-

پر خاڪ ڪاندهلوي وري هيئن نيستي ۽ فنائي بابت پنهنجو نظريو نروار ڪري رهيو آهي- فڪر تنهن ۾ فنا بي فڪر کي مان چا ڪندس. اجر اعظم عشق جو بي اجر کي مان چا ڪندس- مطلب تہ جيستائين سلوڪي سالڪ ۽ صوفي صادق فڪر جون سپ فنايون نہ وننڌو تيستائين معرفتي معراج ماڻڻ محال آهي باقي جناب شاه صاحب جي بيت مذڪور جي آخرين سٽ يعني ڳاڙيندين ڳوڙها جڏهن شاهد ٿيندئي سامهان) جو پورو پورو شرح هي آيت الاهي آهي تہ يوم تشهد عليهم السنتهم وايديهم وارجلهم بما ڪانوا يڪسبون) يعني انهي ڏينهن ڏوهين جي مٿان سنڌن زبانون ۽ هٿ ۽ پير شاهدي ڏيندا تن ڏوهن بابت جي ڏوهه ڪيائون ٿي) تنهن ڪري توڪي ۽ مون کي اڄ کان وني غفلت جي گهري ننڊ مان بيدار ٿي سچي نيت ۽ سچي عزم ايرادي سان توبهہ تائب ٿي پنهنجي رنل رب کي رجهائي ڪيل ڪوتاهن جي معافي ونن گهرجي ڇو تہ هي جهان ئي ماڳ منٿ ۽ زاري نيزاري جو آهي تہ هو جهان وگر نہ حساب جي ڏينهن هم عضون جي گواهي گذرڻ بعد بادشاه بي پرواه حاڪم حقيقي- حاضرين ملڪن کي حڪم فرمائيندو تہ هن مجرم ڏوهي کي جهنم جي جبل ڏي جلد وني وڃو اتي هو ڏوهي پشيمان ٿي-پنهنجن عضون- انگڙن تي ملامت ڪندو تہ توهان پاڻ تي پاڻ ڇو شاهدي ڏني- هو جواب ۾ چوندا تہ اسان جو انهي ۾ ڪو بہ اختيار نہ هو – اسان کي انهي الله ڳالهرايو آهي جو سائين سڀ ڪنهن شئي کي ڳالهرائي سگهي ٿو – اهڙي طرح هر زمان ۽ مڪان ۽ ڏيهن رات وڻ ٽڻ وغيره بہ حڪم حاڪمن جي سان شاهدي پري پري ڏيندا – تڏهن انهن جي گواهي کان رهائي ۽ ڇوٽڪارو هن ڳالهہ ۾ آهي تہ اسان اڄ ڏينهن کان وني ڪيل قصورن جي مولا پاڪ کان معافي وني پنهنجي الله ارحم راحمين سان هي نئون عهد انجام ٻڌون تہ اي الله ارحم اسان تنهنجي توفيق رحمت رفيق موجب تنهنجو نيهن نروار ٿي نباهينداسون ۽ غير الله جي دوستي کي دم ۾ دور ڪري تنهنجي درپاڪ تي دردن جي داس جو دونهون دکائي ويهي رهنداسون انهي سان گڏ فقط تنهنجي ذڪر فڪر ۾ محو ۽ فنا ٿي گذاريندا سون مگر مداحي تنهنجي مدد ۽ معاونت جا اشد محتاج آهيون- ڌڻي جي دربار اڳيان دود دکائي ويهڻ بابت ويچاري خاڪ پڻ چگو مشورو ڏنو آهي

(غزل)

دود دردن داس جو دل ۾ دکائي دود ويهہ + سوزسڪ سانڍڻ سوا ساعت نہ هڪ بي سود ويهہ

١. ساه ۾ سوغات سڪ جي سانڍيون پيو سانڍ تون + ور نہ اي بدڪار تون ٿي باد جو پيمود ويهہ

٢. باد جي پيمود مان حاصل نہ حظ دمڙي هجي + قلب أجريل ساڻ تون ٿي يار وٽ مسعود ويهہ

٣. سوز سڪ سودي برابر سون چاندي چا ٿئي + سون سر صدقي سجڻ تون ڪر ڪري آسود ويهہ.

۴. نفس اماره ايازي نياز نوڙت جڏ ڪري + تون سدا تنهن جي مٿان سلطان ٿي محمود ويهہ

۵. فکر جون ماڻي فنايون رهه فنا جي فوز ۾ + با بقا باقي بڻي موجود سان موجود ويهه

٦. جود جذبي جسم سان تون جود جو پڻ جود تي + مان منصب ۾ وڏي ملڪن جو تي مسجود ويهه

۷. عشق ذاتي سان اجابت ۾ عبادت تي اچي + بود کان بيزار رهه ۽ خاڪ تي نابود ويهه)

وگر نه جي پنهنجي انجام جي پوءِ واري نه ڪئي سون ۽ ڏٽي پاڪ جي دوستي ۾ ڪاهل رهي ويو ملعون جي دوستي ۾ پنهنجي ڪيل پيمان ۽ عهد انجام ڪي چني غير سان بي غيرت تي ڳنڍيوسون ته پوءِ اسان جي حال بدخصال تي جيترو تي سگهي اوترو رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ گهرجن جيئن ڪنهن ڪامل شاعر فارسي زبان ۾ فرمايو آهي ته

(بيت)

بقول دشمن پيمان دوست بشکستي

به بين کز بزيدي وبا که پيو ستي)

اهڙي خواجہ سعدي رحمتہ الله عليہ اسان جي بدتر حال تي حشرت ڪائي هيئن چوڻ فرمايو آهي ته

(بيت)

دريغ ست که فرموده ديوزشت

که دست ملک برتو خواهد نوشت-

رواداري از جهل ونا پکيت

که پاکان نويسند ناپاکيت

طريقي بدست آرو

صلحي بجوئي شفيعي برانگيز و

عذر بگوئي که يک لحظ صورت نه بندد امان

چو پيمانہ پرشد بدور زمان —

ايضا در خير بازست و طاعت وليک

نرکس تواناست برفعل نيک-

متين بيتن جي ترتيب وار معنیٰ پوري طرح هيٺ نمبر وار ڏجي ٿي

١. دشمن جي چوڻ سان دوست جي دوستي جو انجام چنو تي انصاف سان ڏسي بڌاءِ ته ڪنهن سان چني رهيو آهين ۽ ڪنهن سان ڳنڍي چڪو آهين

٢. افسوس آهي جو شيطان جو ڪرايل ڪم توتي ملڪ جو هٿ پاڪ لکندو

٣. جهل ۽ ناپاڪائي ڪان تون هي ڳالھ جائز جاڻي تو ته پاڪ فرشتا تنهنجي پليدي لکن

۴. صلح جي واسطي ڪو طريقو هٿ ڪر اڳ ۾ سفارشي ساڻ ڪري پوءِ گناهن جي معافي گهر

۵. جڏهن دنيا جي دور ۾ تنهنجي حياتي جو پيالو پرجي پورو ٿيندو ته هٿ هڪ گهڙي به توکي امن جي صورت نظر نه ايندي

٦. دروازو خير ۽ عبادت جو ڪليل آهي پر هر شخص چڱي ڪم جي ڪرڻ تي قادر نہ آهي جيئن جو زيرين بيت ۾ آهي تہ

(بيت)

اين سعادت بزور بازو نيست

تا نہ بخشد خداءِ بخشنده

## بيت نمبر -6

ايک قصر در لک کوڙيين سهسين گڙکيون

جا ڏي کيان پرک تاڏهون سڄڻ سامهان)

**شرح:-** سرتاج سنڌ جي هن بيت جو مطلب آهي ته سارو جهان هڪ ماڙي جي مثال آهي جنهن ماڙي کي لکين ڪروڙيي دريون آهن پوءِ ديد عبر تي جنهن به دري مان جهاتي پائي ڏسان ته سڄڻ سامهون تي پنهنجو ديدار پاڪ پسائي ٿو- غرض ته جناب شاه صاحب ايڏو ته محبوب معنوي جي معرفت ۾ محو جو هرچيز ڪائنات جي ان لاءِ آئينو وصال وحدت جو ۽ هر دري ديد نما آهي جيئن سچل سرمست پڻ فرمايو آهي ته دري منجهارون دوست ڏنوسون لالن ليڙو پايو تو) پر مولانا سعدي عليہ الرحمۃ جو پڻ قديمي اولي العزم شاعرن مان هڪ فرد فريد آهي تنهن صاحب فرمايو آهي ته-

برک درختان سبز در نظر هوشيار

هر ورقي دفتري ست هرفت کردگار)

پر اجوکي وقت جي خاکسار خاک کاندهلوي پڻ ذري گهڻ قابل قبول چوڻ چيو آهي (چوڻ)

چشم منهنجي تي چٽو ديدار جو چمکار آ-

هر دري دنيا منجهان دلدار جو ديدار آ)

حاصل ڪلام ته جناب سرتاج سنڌ جي بيت مذڪور جو شرح شافي ۽ بينا ڪافي ۽ سندس هر چيز مان وصال وافي جي گواهي هن هينين آيت شريفہ مان بلڪل عيان ۽ آشڪار آهي.

وسنريهم آيا تنا في الافاق وفي انفسهم حتي يتبين لهم الحق: يعني جلد ڏيکاريندا سون انهن کي ساري ڪائنات ۽ نفسن ۾ پنهنجون نشانيون تان جو ظاهر تي پوندو انهن واسطي ديدار حق جو) ۽ پڻ بي هي آيت ڪريمہ به ساڳي بيت جي بطور شرح جي تائيد مزيد فرمائي رهي آهي فان تولوا فثم وجه الله يعني جاڏي به منهن ڦيرائيندو ته اوڏاهون الله جو منهن آهي) گويا پٽ ڏٽي جي بيت جو پويون اڌ (جاڏي کيان پرک تاڏهون سڄڻ سامهون) هوبهو آيت الاهي جو ترجمو آهي جيڪڏهن عبرت جي اک ۽ انصاف جي عينڪ اکين ۾ پائي رسالہ شاه شعراءِ جي کي ڏسجي ته برابر سندس سپ ابيات الاهي آيات آهن مگر وڏي غور ڪرڻ جي گهرج ۽ ضرورت آهي- چو ته جيئن عارف ولي ڪامل جو سڃاڻڻ دشوار آهي تيئن ولي ڪامل جي ڪلام روحاني ترجمہ الهام آسماني کي جاڻڻ به سالڪ ۽ ولي ڪامل جو ڪم آهي بفحوي المقولہ ان الولي يعروف الولي) يعني تحقيق ولي ولي کي سڃاڻندو آهي) نہ بي سپ ڪنهن عام ماڻهو جو ڇو ته گونگائي مامون گونگن جون پروڙيندا آهن هن مقولہ مذڪور مان هرگز هيئن نہ سمجهڻ گهرجي ته شايد شارح رسالہ شاه جو به ولين مان هڪ ولي آهي بلڪ هيئن سمجهڻ گهرجي ته جيئن هڪ عورت عاشقہ صادقہ حضرت يوسف عليہ السلام جي خريدارن ۾ نالي ڳڻائڻ خاطر هڪ ڍيرو ڪٽي حاضر هئي تيئن هي فدوي به پاڻ کي هرون پرون ولين جي خريدارن ۽ واصفن ۾ ائين ڳڻائي رهيو آهي جيئن جو پاڻ کي هتراڌو رت لائي شهيدن جي شهادت پاڪ ۾ شمار ڪجي- باقي رهيو ته پوءِ هرون پرون شاه جي رسالہ جي شرح تي زور ڏيڻ جو کهڙو ڪم هو تنهن لاءِ عرض ته فدوي گهڻي زماني کان اوليائن جي در جو دربان تي رهيو آهي خصوصاً ننڍا ئي کان وني سرتاج سنڌ جي رسالہ سان انس الفت تي رهي آهي شايد شاعرن جي شاه ۽ روحانين جي رهبر راه جي روحاني رابطي هجڻ ڪري مون ۾ اها جرعت پيدا تي هجي ته ممڪن آهي تنهن ڪري گهڻ ابوجهن وٽ فدوي به ڏاندراي مان صبرڪتي سڏجڻ ۾ اچي ته ڪو شڪ نہ آهي مگر جي ائين ٿيندو ته به لطيف لاثاني جي روحاني ڪرامت سمجهڻ گهرجي وگرنہ- من آنم ڪہ من دانم) چو ته فدوي ته مصداق هينين مصرعہ جو آهي:- مون جهڙو مس کو ليي مجرم ۽ مذلبا) آمدم برسر مطلب) پر صوفين صادقن جي اصطلاح موجب سالڪ تي بسط کان بعد ڪڏهن ڪڏهن قبض جي حالت پڻ طاهري ٿيندي آهي، جنهن ڪري جانب جي جمال باڪمال کان حجاب جي وقت فرقتي فرياد سان فرش فلڪ ڇا بلڪ عرش عظيم کي

پنهنجي الحاج ۽ آه دردناڪ سان دهڪائي ڇڏيندو آهي- جيئن جو سرتاج سنڌ بہ قبض جي حالت ۾ هئڻ هنجهون هاري پنهنجي هوت حبيب ڪي فرقتي فرياد بڌائي رهيو آهي تہ

(بيت)

اڄ پڻ اڪڙين سڄڻ پنهنجا ساريا

ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن.

سنڌي سڪ پرين لوڪ ڏني نہ لهي

پر ويچارو روه جو وٽجارو حضرت سچل سرمست قبض جي حالت ۾ محبوب جي هر چيز سان معيت مجيندي هن نموني سان درد جي دانهہ ديوان آشڪارا ۾ نروار ڪري رهيو آهي تہ

(بيت)

يا جامع المتفرقين چون دور مارا ڪرده

باشي بهم باهر همہ مهجور مارا ڪرده)

پر ڪي عاشق صادق ۽ صوفي سالڪ وري قبض جي حالت ۾ عجيب ازلي ڪي عتاب ڏيڻ عوض رهندو پاڻ ڪي ميارادار ۽ قصور وار جاڻي سخت پشيمان تي پنهنجن آهن دانهن سان عرش ڪي جنبش ۾ آڻيندا آهن جيئن جو حضرت مولانا مثنوي رومي فرمائي ٿو

(بيت)

گر بر آرنداز پشيماني انين

عرش لرزد از انين المذنبين)

يعني جيڪڏهن پشيماني ڪان فرياد فغان ڪن تہ انهن جي آهن ڪان عرض عظيم ڏي ويندو آهي)

مٿين بن آيتن مان پهرين آيت ۾ بہ ڳالهيون آهن جي قابل توجہ ۽ غور ڪرڻ جي لائق آهن- هڪ ذڪر آفاق جو- جو جمع افق جو آهي بيوذڪر انفس جو – جو جمع نفس جو آهي پوءِ آفاق جو اطلاق عالم ڪبير تي آهي جو فرش ڪان وٺي عرش تائين آهي ۽ انفس جو اطلاق عالم صغير تي آهي- عالم صغير انفرادي حيثيت سان هر هڪ انسان آهي تنهن ڪري الله تبارڪ و تعاليٰ صوفين جي اصطلاح موجب عالم ڪبير ڪي هر هڪ انسان جي وجود مسعود ۾ ماپايو آهي عالم ڪبير ڇا بلڪ مومن جي قلب روشن ڪي تہ الله تعاليٰ جو تخت پاڪ سڏيو ويو آهي جيئن صوفين سڳورن حجت برآري لاءِ هن حديث مشهور ڪي بطور سند جي ڪم آندو آهي (حديث) قلب المؤمن عرش الله تعاليٰ) غرض تہ جيڪي بہ قدرتي دليل ۽ آيتون عالم ڪبير ۾ آهن – سي سڀ عالم صغير يعني انسان ۾ آهن – جو تہ انسان ذات ئي آئينہ جهان نما ڇا بلڪ نگار نما يعني خدا نما آهي- بفحوي الحديث من ر آني فقد رائي الحق) يعني جنهن مون ڪي ڏٺو تنهن تحقيق حق ڪي ڏٺو) تنهن ڪري صوفين جي اصطلاح ۾ انسان ڪامل ڇا بلڪ اڪمل نالو حقيقت محمدي ۽ ذات احمدي جو آهي- جنهن ذات اڪمل جي ظهور ۽ جمڻ سان سارو جهان هدايت جي حسن ۽ خلق جي خوشبوءِ سان منور ۽ معطر ٿي ويو جو تہ حضرت محمد مصطفيٰ هادن جو بہ هادي ٿي هويدا ٿيو جمندي جام جي ڏيهہ مان ڪفر ڏور ٿي سڪر جو سال سڏجڻ لڳو بلڪ سندس جمڻ واري سال ۾ سيني عورتن پٽ ئي پٽ ڄڻيا نہ مادي جيئن جو زيرين نظر خاڪ جي مان ان حقيقت هادي تي روشني پوي ٿي.

(نظم)

محمد مصطفيٰ هادي همہ هادن جو هادي آ

| | |
|---|---|
| نياپي نيهن جو نادي | همه هادن جو هادي آ |
| فاغفرمي پهريون جمڻ سان جام فرمائي | |
| گهري بخشيش جي گادي | همه هادن جو هادي آ |
| خوشي ٿي شهر گهر گهر ۾ عرب پڻ باغ بڻجي پيو | |
| مگر دشمن سان ٿي تادي | همه هادن جو هادي آ |
| سڄڻ جنهن سال ۾ جائو ڄڻيا سڀ عورتن پٽڙا | |
| نہ ڪنهن عورت ڄڻي مادي | همه هادن جو هادي آ |
| لقب لولاڪ جو مالڪ نسورو نور نور الله | |
| ڏسي شهرن ۾ ٿي شادي | همه هادن جو هادي آ |
| قريشي قائدن جو پڻ وڏو ئي قائد اعظم آ | |
| اُٿڻ اذ رات جو عادي | همه هادن جو هادي آ |
| لِڪيل قومِ ٿي هادي همه واسطي آيو | |
| وهي وحدت جي پئي وادي | همه هادن جو هادي آ |
| مڪو مهراڻ بڻجي پيو مدينو معرفت جو گهر | |
| عرب ايران آبادي | همه هادن جو هادي آ |
| بڻي رحمت جهانن جي عرب ۾ عرش کان آيو | |
| ثنا خوان خاڪ اولادي | همه هادن جو هادي آ |

تفسير روح البيان حقيقت انسان هئن عيان فرمائي رهيو آهي تہ اطلاق صورت انسان جو حق تي محققن وٽ حقيقت آهي نہ مجاز چو تہ عالم ڪبير سارو صورت حضرت الاهيتہ آهي ۽ حضرت الاهي جي ذاتي اسمن جا مظاهر تفصيل ۽ اجمال ڪري پر انسان ڪامل علیٰ سبيل الجمع صورت انهي جي آهي جي روح البيان جي ڪجهہ عبارت بعينہ ملاحظ لاءِ پيش ڪجي ٿي واما عندالمحققين فحقيقة لان العالم الكبير باسره صورة الحضرت الا لاهيتہ و مظاهر اسماء هابحضراتها تفصيلا وجمالا فالانسان الكامل صورتہ جميعا) تنهن ڪري الله تبارڪ و تعالیٰ پنهنجي محبوب محترم حبيب اڪرم صلي الله عليہ وسلم ڪي بفحوي الڪريم (قد جاء ڪم من الله نور) نور جو لقب لاثاني ڏيڻ فرمايو آهي – فدوي جي فهم ۽ خيال ۾ محبوب مدلي عجيب عدلي عليم علم لدني – انسانن ۾ ڪامل چا بلڪ اهو اڪمل ۽ اجمل آهي جنهن جي ڪمال ۽ جمال تي هينيون عربي شعر شايان آهي-

(بلغ العلیٰ بكماله + كشف الدجیٰ بجماله)

پر حضرت حسان صحابي سندن حسن بي نظير بابت هئن فرمائي رهيو آهي تہ –

واحسن منک لم ترفظ عيني + واجمل منک لم تلد النساءٗ)

يعني منهنجي اکين توکان وڌيڪ حسين ڪونہ ڏٺو ۽ تو کان وڌيڪ سهڻو ڪنهن بہ عورت ڄار نہ ڄڻيو – پر خود خداءِ تعالیٰ سندس ڪمال لايزال تي قرآن ڪريم جي ذريعي سان گواهي ڏئي رهيو آهي. فقد قاب قوسين اودني) وري پڻ حديث قدسيہ ۾ معراج جي محفل مخفي وقت پنهنجي حبيب کي هئن فرمائي رهيو آهي تہ (ادن مني يا

خير البريه) يعني اي زور پلا مخلوق جا مون کي تمام وجهوي تي وج) اهڙي قرب ڪمال ڪري انهي حد تي پهتل آهي جنهن حد جي تحقيق ڪرڻ ۾ فهم قاصر ۽ عقل عاجز آهي پر ڪي قديمي شاعر شيرين زبان شاه زمان جي شان ۾ هيئن شعر چئي پنهنجي درفشان دهان کي مني مصري ڪارائي رهيا آهن – گڏيا وجين ذات کي ذاتي صفاتي جو لتو پولو أتي قادر ڏنس ڪرسي جُتي سان ويهه چڙهه جاني – پر ان حقيقتہ محمدي حد جناب پٽ ڏٽي هئن فرمائي آهي

(بيت)

عاشق چؤ م ان کي م ڪي چؤ معشوق

خالق چؤ م خام تون م ڪي چؤ مخلوق

سلج تنهن سلوڪ ناقصائي جو نگيو)

تنهن ڪري اهڙي حبيبي حقيقت کي صوفي صادق عارف آفاق بالاتفاق حقيقتہ محمدي سڏيندا آهن جيئن بره جي باز شوق و حدت جي شهباز بزرگ لواري واري جناب خواجہ محمد زمان پڻ هن طرح فرمايو آهي

(بيت)

عجب جهڙي آهہ حقيقت حبيب جي

نکي چؤ سو ڏٽي نکي چؤ مخلوق

شفق جي ساجاه جامع ليل و نهار کي)

وري گروهڙي صاحب هئن حقيقتہ حبيب جي ڳائي رهيو آهي

(بيت)

وصف تنهن ورنهہ جي متو مور نہ آهہ

سسئي سهٽي مون پرين مارائي محبوبا

پاڙي مون پرين جي مجنون مشتاق

حقيقتہ حبيب جي عجب جهڙي آهہ

جامع ليل و نهر کي شفق جي ساجاه

آگو چؤ م ان کي نکي مخلوق)

پر وري هڪ اردو دان عاشق هئن چيو آهي تہ

(بيت)

محمد سر وحدت هي کيا کوئي کيا جاني

محمد کو خدا جاني خدا کو مصطفيٰ جاني)

هن ساري تحقيق انيق مان ثابت آهي تہ حقيقت محمدي جنهن جو لقب اڪمل انسان آهي سا حقيقت صوفين جي اصطلاح موجب مجموعہ ڪتب الاهي آهي – باقي هر هڪ انسان جو عالم اڪبر جو هڪ جزو آهي جنهن کي صوفي صادق پنهنجي اصطلاح ۾ عالم اصغر چوندا آهن. سو انسان مجموعہ جملہ جهان آهي – چو تہ حقيقت انساني همه حقيقتن جي جامع چا بلڪ اجمع آهي ان ڪري ساري ڪائنات جون شيون فقط مظهر ۽ آئينہ معرفت آهن پر حقيقت انسان مظهر اتم ۽ اجمع آهي جيئن هن حقيقت تي حضرت علامہ محقق تفسير روح البيان واري

پوري پوري روشني وجهڻ فرمائي آهي ته حيث اورد ان الحقيقته الانسانيته اجمع الحقائق) يعني حقيقت انسان همه حقيقتن جي جامع آهي) تنهن ڪري جاڻڻ گهرجي ته حقيقت انسان ۾ جنهن کي عالم اصغر سڏيو وڃي ٿو تنهن جي وجود مسعود ۾ عالم اڪبر ويڙهيل عالم اصغر باوجود جسم صغير جي عالم اڪبر جو محيط مجموعو آهي جيئن جو جناب معلیٰ القاب اسدالله الغالب حيدر يرڪرار غير فرار سالڪن جي سردار پنهنجي ديوان علي عربي ۾ چٽو چوڻ فرمايو آهي وتحسب انک جرم صغير او فيک الظوي العالم الاکبر وانت الکتاب المبين الذي باحرفه يظهر المضمر) يعني تون ته پاڻ کي جسم صغير پائين ٿو - پر تو ۾ سارو عالم اڪبر ويڙهيل آهي) ۽ تون اهو ڪتاب چٽو آهين جنهن جي حرفن مان ايزدي اسمن ۽ صفتن جون مخفي تجليون عيان ٿين ٿيون) تنهن ڪري جنهن به انسان پاڻ کي سڃاتو ته ڄڻ پنهنجي رب رحيم قادر ڪريم کي سڃاتائين جيئن جو هن حقيقت تي حضرت علي ڪرم الله وجهه جي هي حديث جا همه صوفين صادقن وٽ مقبول ۽ مشهور آهي ڪافي روشني وجهي ٿي انهي حديث جا هي الفاظ آهن (من عرف نفسه فقد عرف ربه) يعني جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو) هن ساڳي حديث مقبول جو شرح عمدو زيرين ڪافي سر صوفي صافي خاڪ احنافي مان ظاهر آهي-

پاڻ کي پاڻهي پاڻ سڃاڻي پاڻ، پري نا پاڻ کون آ

١. مون جي مون ۾ مام جا مخفي، ماڻ پري نا ماڻ کون آ
٢. عين تي عيني عين سڃاڻي، ساڻ پري نا ساڻ کون آ
٣. طلب جني کي ٽاڻ آ تن ۾، ٽاڻ پري نا ٽاڻ کون آ
٤. جاڻ جي جاڻين جاڻ تو جاڻين، جاڻ پري نا جاڻ کون آ
٥. پل نہ پلي آ ڀاڻ تي پنهنجي، ڀاڻ پري نا ڀاڻ کون آ
٦. رمز سان روئي يار رجهائي، آڻ پري نا آڻ کون آ
٧. پلڻ جي بيٺو بار بريل کي، ٻاڻ پري نا ٻاڻ کون آ
٨. ڪاڻ ڪنجي ڪاڻ بہ ڪيبي، ڪاڻ پري نا ڪاڻ کون آ
٩. خاڪ خدائي ڪاڻ خفي آ، ڪاڻ پري نا ڪاڻ کون آ.

نوٽ:- هي ڪافي هن کان اڳ رسال فردوس ۾ 1958ع جي صفه 12 تي پڻ ڇاپيل آهي)

انهي مد نظر تي رب جو سڃاڻڻ سوڪو ۽ سهنجو آهي جو ته آفاقي ۽ انفسي آيتون سندس وحدانيت ۽ معرفت تي براهين ۽ دلائل معرفت آهن جن جي ذريعي الاهي محبوب معنوي جو مشاهدو ماڻي سندس مطالع ۾ مدامي محو هوندا آهن جيئن جو مولانا سعدي عليہ الرحمت فرمائي رهيو آهي

(بيت)

برگ درختان سبز در نظر هوشيار

هر ورقي دفتري ست معرفت کردگار –

پر جناب مولانا جامي صاحب وري هئن فرمائي رهيو آهي

(بيت)

جهان مراة حسن شاهد ماست

فشاهد وجهه في كل درات)

پر پاڻ سرتاج سنڌ بہ بي هنڌ هئن چوڻ فرمايو آهي – لوڪان نحو صرف مون مطالع سپرين اهو ئي حرف پڙهيون پڙهج من ۾) پر ويچارو خاڪ زري وره جو واڪ هن طرح اچاري رهيو آهي تہ

(ڪلام)

سڄڻ سونهن وارا سڄڻ سونهن وارا + جتي ڪٿ نظر تنهنجا نوري نظارا،

١. پنهل پرتوو تنهنجو پاڻي پذر ۾ + بري نور چمي تو بيرن ٻبر ۾

اتن پتر مان الا آشڪارا

٢. چمڪي جبل بر جهنگل جرم جلوو جمالي + جبل طور تي تنهنجي تجلي نرالي

پسان چو طرف حسن تنهنجو پيارا

٣. همه حور پريون بہ حيران + توتي قمر ماه ڪنعان مستان توتي

ڏئي سونهن تنهنجي جا سچ تو اشارا

۴. فلڪ تي فرشتا ڦرن پيا فراقي + اين ڪان متي عرش عاشق اوطاقي

نبي نور ڪي نور حاصل نيارا

۵. پيو خاڪ تي پاڪ پرتو پنهل تو + تڏهن تانگهيان جهاڳيان ٿي جبل تو

جلب ۾ ڏسان توڪي جيء جا جيارا

پر پاڻ سڃاڻڻ ايڏو محال ۽ مشڪل آهي جو سيڪو انسان پنهنجي حقيقت سڃاڻڻ ۾ سدائين حيران ۽ سرگدان آهي پر ڪي ڪي پهلوان مانجهي مرد ميدان بشريت واري بود بيان ڪي نابود ڪري لامڪان جي اعليٰ رتبي ڪي رسيا آهن. انهي حقيقت جي فيصلي ڪي نيهن جي نامدار نواب عشق جي عقاب پٽ ڏٽي جناب هئن نبيري نروار ڪيو آهي – انسان ڪي لفظ عبد جي اطلاق سان ياد فرمائي چوي تو تہ عبد جي نہ ابتدا آهي نہ انتها جيئن جو هيٺ ايندڙ بيت ۾ فرمائن تا –

# عبد جو احترام

7 – بيت

نکا ابتدا عبد جي نکا انتها

جن ڏٺو سپرين سي وڃڻ کي ويا)

شرح – هتي حضرت شاه مقبول درگاه ڏٽي تعالىٰ – عبد جو اطلاق انسان تي ڪري فرمائي رهيو آ تہ اُهو انسان جو عالم اڪبر جو مجموعو آهي ۽ محبوب معنوي جو آئينو اعلىٰ آهي انهي آئينه ايزدي جي ابتدا ۽ انتها کي ڪنهن بہ حد تي بيهارڻ بشريت جي عوامي طاقت کان گهڻو بيرون ۽ ٻاهر آهي – چو تہ صورت انسان جو اطلاق الله تعالىٰ تي حقي حقيقت آهي نہ مجاز جيئن جو متي محققن جي فيصلہ موجب ثابت تي چڪو آهي پر باوجود انهي تحقيق انيق جي هي حديث قدسي بہ ان تي دلالت صريح ڪري رهي آهي – ان الله خلق آدم علىٰ صورته) يعني تحقيق الله آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو آهي) 2- تہ ڪنهن صوفي صاحب عمدة البيان ۾ پنهنجي حقيقت تي هئڻ روشني وڌي آهي تہ (بيت) مجموعہ اسرار الاهي مائيم لوح و قلم و حرف و سياهي مائيم هر چيز کہ مقصود تو باشد اي دل از خود بطلب کہ هرچيز خواهي مائيم) پر عبد انهي درجہ اعليٰ ۽ بلند بالا کي تڏهن پهچندو جڏهن خودي ڪائي بود کي نابود ۽ نيست جي نردبان تي آٽيندو تہ پوءِ بفحوي الڪريمه نحن اقرب اليه من حبل الوريد) جو جلوو دلي ديدن ۽ عبرتي اکين سان مدام ماٽيندو رهندو جيئن جو پاڻ سرتاج سنڌ جن فرمائي رهيا آهن تہ (بيت) نابودي نيئي عبد کي اعليٰ ڪيوء مورت ۾ مخفي ٿيا صورت ۾ سيئي ڪبي اِت ڪيهي ڳالھ پريان جي ڳجھ جي) پر جڏهن نيهن جي نامدار شاه شاندار جي نظريہ موجب عبد عام جو اهو منصب آهي تہ عبدا اڪمل جو ڇا ڪمال لايزال هوندو

اهڙي عبد اڪمل بي نظير اجمل جي منزل ۽ منصب تي انسان ڇا پر فرشتا فلڪ ۽ ديو و پري وغيره خلق پڻ نہ پهتا آهن – جيئن اهڙي عبدا اڪمل جي احترام بابت سهڻي سر اقبال فخر الهند صاحب سهڻو سڌو ڪري سمجهايو آهي تہ

(بيت)

عبد ديگر عبده چيزي دگر

آن سراسر انتظار و اين سراسر منتظر)

جناب سر اقبال جي نظريہ موجب عبد عام ڇا پر خاص بہ واحد جي وصال لاءِ ساري عمر انتظار اشد الموت ۾ رهي رب ارني جي مناجات سان قاضي الحاجات جي در پاڪ تي توقع جا تارا تڪيندا رهندا آهن – تن مان ڪي حضرات تہ لن تراني جا تازيانہ جهلي بہ اڳتي وڌندا ويندا آهن. پر قربان وڃان انهي اخص الخواص عبده عبد اڪمل تان جو پاڻ پهرين جو پڳدار سردارن جو سردار رب ارني جو رواج روانہ نہ تو رکي بلڪ محبوباڻي ماڻي سان ماڻ ميٺ ۾ رهي تو – پر تنهن هوندي بہ پاڻ مولا پاڪ موجب هينين حديث قدسي جي (انا مولاڪ وانت محبوبي) متس مشتاق تي سندس ملاقات منظر رهي اهڙي سير سفر پر ظفر غير محدود سان سڄڻ سر وحدت جي ڪي سر افراز فرمائي تو – جو هن ڪان اڳ ڪنهن بہ عبد کي اهڙي سر افرازي معراج واري سان نہ نوازيو ويو آهي – هاڻي انهي بنهي بيتن يعني شاه جي بيت مذڪور جو ۽ سر اقبال جي بيت مذبور جو هي آيت شريف شرح شافي ۽ قدر ڪافي جو ڪم ڏئي رهي آهي سبحان الذي اسرىٰ بعبده ليلامن المسجد الحرام الي المسجد

الاقص الذي بار كنا حوله لنيره آيتنا انه هوالسميع البصير) باقي رهيو معراج مبارڪ جو بيان سو انشاء الله تعالىٰ خزانة العارفين جي ڪنهن نہ ڪنهن جلد ۾ راجا راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل جي قصہ اندر شرح شافي سميت تفصيل سان بيان ڪيو ويندو بشرط بقاء حياتي جي — پوءِ پلي تہ مشتاق قصہ معراج جا ڪو وقت منظر رهي دعا خير سان فدوي کي ياد ڪندا رهن- حقيقت انسان کي حڪيم الاتہ جناب مولانا اشرف علي شاه صاحب رح پڻ اجمع الحقائق چيو آهي جيئن سندس ڪتاب تڪشف جي صفہ 115 ۾ زيرين مصرعہ جي شرح ڪندين لکي ٿو تہ-

خود بخود آزاد بودي خود گرفتار آمدي) چونڪہ بہ نسبت ممڪنات کي انسان اجمع الڪمالات هي اور أس بناء پر اسڪو مرتبہ جامعہ اور مظهر اتم ڪها گيا هي) پر حقيقت انسان تي تفسير روح البيان واري وڏيڪ تفصيل سان روشني وڌي جنهن جي عبارت عربيہ جو بعينہ ترجمو پيش ڪجي ٿو جو هي آهي تہ جيڪي بہ ڪائنات ۾ قدرتي علامتون ۽ آيتون نمايان آهن - انساني صورت ۾ علامتون قدرتي انهن کان ٻها ڪثر آهن چو تہ انسان دارين ۽ ڪونين جو مجموعو آهي ۽ انهي جي وجود ۾ علم الاسرار موجود آهي بفحوي الحديث من عرف نفسه فقد عرف ربه) تنهن ڪري انساني صورت حقيقت جو آئينو آهي جنهن جي ذريعي معرفت جي ماهرن کي حقيقت جو نور انساني صورت ۾ نروار تي نظر ايندو آهي جيئن جو سچل سرمست جي ڪافي جي تلهہ ۾ اهو بيان عيان آهي تہ (تلهہ) سبحان صورت ساڳي مولا مڪي ماڻهن ۾) پر حديث قدسي ۾ بہ انهي حقيقت ڏي پڌرو اشارو آهي تہ الانسان سري وانا سره) سر الاناسان مان مراد حقيقتہ انساني ظاهري آهي جا حقيقتہ الاهي تي دال آهي — هن حديث جي تائيد مزيد بلڪ ازيد محبوب مدني عجيب عدني جي هن هينئين حديث شريف مان ثابت آهي تہ (ان الله خلق آدم علىٰ صورته).

## انسان جا ٻہ قسم آهن

### 8- بيت

ماڻهو نہ سڀئي ماڻهو پڪي نہ سڀئي هنجهہ

ڪني ڪني منجهہ اچي بوءِ بهار جي)

شرح- سرتاج سنڌ سمجهائي ٿو تہ سڀ انسان صورت انساني ڪري ماڻهو سڏائڻ جا لائق ۽ مستحق نہ آهن پر تن مان ماڻهو چوائڻ جو مستحق ۽ حقدار اهو انسان آهي جنهن جي صورت نہ پر سيرت سهڻي ۽ اخلاق حميده هجن جن اخلاقن عمدن جي آڏار تي هو مرتبي ۾ مان ۾ ملائڪن ڪان بہ مٿي چرهي وڃي ان جي ڏسڻ پسڻ مان ۽ گفتار رفتار مان بوءِ برهہ واري بهار جي اچي پر جي اهو انسان سيرت سهڻي سان سينگاريل نہ آهي تہ اهو مورت ۾ ماڻهو حقيقت ۾ حيوان ڪان بہ هيٺ تي حمار حقير سان بہ همسري ڪري نہ ٿو سگهي ڇ جائيڪہ ماڻهو جو منصب ماڻڻ جيئن زاغ زغن ڪبر ڪبوتر ڪانيرو ۽ هنجهہ همه پکي آهن پر تنهن هوندي بہ هنجهہ پکي جو لقب ٻي ڪنهن بہ پکي کي ڏيڻ معنیٰ ڏاهپ جو ڏيوالو ڪيڻ آهي تيئن ماڻهو جو لقب سڀ ڪنهن بداخلاق انسان حيوان صفت کي ڏيڻ ڏاهپ ۽ عقل جو ڏيوالو ڪيڻ آهي ڇو تہ فقط خورد و خورب تناول طعام ڪباب تي غفلت سان گذارڻ پڻ حيوانيت آهي نہ انسانيت عظمیٰ جنهن کي قدرت ايزدي اشرف المخلوقات جي اعلیٰ لقب سان نوازيو آهي پر جيڪي بہ حيواني صفت انسان آهن جي رڳو ڪائڻ پيئڻ سينگار سمهڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نٿا ڪن — انهن کان ماڻهو وارو اعليٰ لقب ۽ رفيع منصب فقط پٺائي صاحب نہ کسيو آهي پر خود خداءِ تعالیٰ قرآن ڪريم ۾ حيواني صفت انسان کي حيوانن جهڙو سڏڻ فرمايو آهي جيئن هن هيٺين آيت شريف مان پڻ ثابت آهي تہ ياڪلون ڪما تاڪل الانعام والنار مثوي لهم) يعني اهي کائن ٿا جيئن چوپايا کائيندا آهن انهن جي جاءِ جهنم آهي پر مولانا سعدي رح پڻ انهي حقيقت تي هئن روشني وجهڻ فرمائي آهي تہ

(بيت)

چو انسان نداند بجز خورد و خواب

کدامش فضيلت بود بر دواب )

انهي تي فقير خاڪ وري هئن آلاپيو آهي تہ- سدا سيرت کي سينگاري سچو انسان ٿڄي وڃ وگر نہ خورد خوابن ۾ رهي حيوان ٿڄي وڃ) غرض تہ حڪيم حاذق هادي برحق هر هڪ انسان هاتڪ ۾ پنهنجي قدرت ڪامله ۽ حڪمت شامله سان ٻہ حصا مقرر فرمايا آهن هڪ حصو روحاني ٻيو جسماني وري جسماني ٻن چيزن ڪان مرڪب آهي هڪ عقل ٻيو شهوت پوءِ جيڪڏهن عقل شهوت تي غالب آيو تہ پوءِ اهو انسان ملائڪن ڪان بہ مان ۽ منصب ۾ گهڻو مٿي چڙهي ويندو، انهي جو نالو انسان آهي، پر جيڪڏهن شهوت عقل تي غالب ٿي تہ پوءِ انسان حيوانن ڪان بہ درجي ۽ مان ۾ هيناهون هوندو- اهو صورت ۾ انسان آهي پر حقيقت ۾ حيوانن ڪان بہ بدتر آهي جيئن جو هيٺيون بيت فارسي سندس حال پرملال تي صادق ۽ سچو آهي — بهرهء از ملڪ هست و نصيبي ازديو- ترڪ ديورڪن وبگذريہ فضيامت ز ملڪ) مطلب تہ حضرت انسان اشرف المخلوقات چئڻ وجهن ڪري انسان سڏائڻ جو حقدار آهي

1- پهريون تہ انسان ۾ اُنس الفت عشق پنهنجي عجيب الله ۽ باري بادشاہ حقيقي ۽ الله وارن عارفن ۽ صالحن صادقن سان هجي بفحوي الڪريمه (وڪونوامع الصادقين) يعني سدائين سچن جي صحبت ۾ هجو) جيئن جو پاڻ سرتاج سنڌ جن سچي سپرين جي صحبت جو تاڪيد هيٺين ريت فرمائي رهيا آهن (بيت)صحبت سپرين جي اي پڻ وڏي هاچ قضا ڪر نماز جو وقت وڃائڻ سڙو) حاصل ڪلام تہ انسان کي انسان لقب ئي اُنس رکڻ ڪري پيو آهي

چو ته انسان جو لفظ – أنس  کان ماخوذ ۽ ورتل آهي تنهن ڪري جيستائين هن ۾ انس ۽ الفت نه آهي تيستائين انساني معنیٰ مقصود کان محروم ۽ خالي آهي جيئن جو حضرت علامہ الدهر جناب سيد محمود آلوسي عليہ الرحمتہ پنهنجي تفسير روح المعاني ۾ انهي انساني رمز رندي کي هن طرح رچايو آهي (وما سمي الانسان الالانسه) يعني انس جي ڪري انسان جو نالو انسان آهي) تنهن ڪري هن کي پنهنجي هوت حقيقي سان ايڏو ته انس هجڻ کپي جو گويا هڪ هوت جي حب ۾ محو ٿي وڃي جيئن  جو هڪ سان هڪ ٿيڻ بابت هينين درد پري دانهه ۾ هڪ جي حبدار کي هدايت ڏنل آهي

(درد پري دانهه)

هڪ سان هڪ ٿي حال استقبال ۾ عاشق اچن، + تن جي ميخانه اندر مي نوش ٿي نانگا نچن

حال ۾ ٿي حال رهہ تون حال جو اج ڪال آ + ڪال ۾ ڇڏ قال کي جو ڪال ۾ ڪيئي ڪسن

درد ۾ ٿي درد تون درد دل جو ورد آ + درد وارو داس ياري ديو کي دردي دسن

تاس ۾ طالب تکا تک تار ۾ تشنه رهي + آب سان عاشق اُجان سڪ سير ۾ اج آ اجن

هل هينين سان هوش ڏاري هوش ۾ ڪو هوش ڪر + لن تراني تازيانه کان نہ تا طالب لئنڪن

ڏئي ڪن ٿي وڃو ڪن ساڻ ڪن ڪيما ملي + وات وائي وارو وانگي واو ٿي وڻ ٽڻ لڏن

چوه ۾ ڇڏ چوه چوڙي چوه ۾ ڪو دوه آ + دوه کي پڻ دوه جاٽي دوه کان دوکا ڊکن

روئي زيبا رند کان روپوش راتيان ڏينهن آ + رند رَندن کي ڪڙي راهن متي رت تا رڙن

خاڪ ٿي افلاڪ چا عرشن متي ڪر آشيان + ڪلّ شيئٍ يَرجِعُوا ويندا وري پنهنجي وطن

خاڪ پڻ خاموش آهي خوبرو جي خيال ۾ + خاڪ وانگي خاڪ ٿي پروان کان پروان پچن

پر جي انسان هڪ جي حب ۽ انس کان عاري ۽ خالي هوندو ته معنیٰ مقصودي جي مفقود ۽ گم هجڻ ڪري حيوان کان به هتي ويندو- بفحوي الڪريم (ثم رددناه في اسفل السافلين) يعني تنهن کان پوءِ اسان هُن کي هيناهن کان به زور هيناهون ڪري هٽائيندا سون)

2- پيو ته جڏهن ايزدي ايرادي جو پڪو عزم باعث بره بزم محبت جي بحربي ڪنار ۾ موج زن ٿيو ته حديث قدسي جي فقره اوسط (فاحبت ان اعرف) جي اعلان واجب الاذعان سان انسان کي آگاه ڪرڻ فرمايائين ته اي انسان اشرف المخلوقات توکي ته فقط مون پنهنجي انس و روح ونڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي ته رڱو منهنجي ذات سان ذوق ۽ روح ونڻي مون کي سيني صفتن پاڪن سان سجاڻ ۽ اڻ جاڻ ٿي عمر نہ وڃاءِ تنهن ڪري توکي انهي امتحان الستي ۾ پهرين نمبر پروان وانگي پاس ٿيڻ گهرجي نہ فعل ٿيڻ- بفحوي الحديث (الدنيا دار المحسن يعني دنيادار دردن ۽ امتحان جي آهي) پوءِ جو به انسان هن دنيا ۾ آيو ۽ دنيا جي رنگ روپ حرص هوا هن جي اندر مان انس – الاهي نہ وڃايو اهو انسان صحي معنیٰ ۾ عالم اصغر آهي جنهن جي وجود ۾ قدرت ڪامل سان مون سارو علم اڪبر ويڙهي رمز سان رکايو آهي – اها ڳالهہ قدرت قدير جي کان بعيد ۽ پري نہ آهي جو هيڏو عالم اڪبر هڪڙي فرد فرد جي وجود مسعود ۾ ماپائي موجود ڪري ڇڏي بفحوي الڪريم (ان الله کل شيءِ قدير) يعني الله تعالیٰ هر چيز تي قادر آهي) هن حقيقت کي جناب ابونراس عباسي شاعر ڪهڙو نہ عمدي طرح چتو ڪرڻ فرمايو آهي- ليس علي الله بمستنڪر ان يجمع العالم في واحد) پوءِ جڏهن به سچو  انسان انس – الفت واري صفت عمدي ۽ سهڻي سان موصوف ٿي اٿي ويني ستي بيني اسم ذات جي انس بنا ڪيس آرام نہ تو اچي بفحوي  الڪريم (الابذڪر الله تطمئن القلوب) يعني خبردار الله پاڪ جي ذڪر سان اندر کي آرام ايندو آهي) پوءِ جڏهن به الله واري عارف ذاڪر جي اها عادت ٿي رهندي آهي ته الله  تعالیٰ پاڻ متس مشتاق ٿي اهڙي سچي انسان

عارف بالله سان انس  الفت ڪرڻ خاطر عرش اعظم ڪان لهي اچي هم مجلس تي همدم ٿئي ٿو جنهن جي شاهدي هينين حديث پاڪ مان ثابت آهي (حديث) انا جليس بمن ذڪرني) يعني جو شخص ٻه منهنجو ذڪر ڪري ٿو ته آءٌ انهي سان گڏ ويهي مجلس ڪريان ٿو) هائو هن حديث پاڪ جو شرح شافي ۽ عجيبن جي اچڻ جي بشارت ڪافي هن هينين ڪلام خاڪ جي مان عيان آهي

(ڪلام)

قرب واري ڪار ڪاهي يار آيو ڪار ۾ + وار وارن مان ڪو واري آيو ڪنهن وار ۾

آر آهي پيار آهي آر جو بي آر آ + تنهن ڪري آري عجيبن کي ڏسان پيو آر ۾

ڏار ڪان بي ڏار تي ديدار ڏينڌڙ ڏار ۾ + دم نہ رهندو ڏار تي کهڙو مزو آ ڏار ۾

تار تارن تار تي تک تار ۾ تارو تري + تار تن من دل جي رستي يار آيو تار ۾

دار دنيا آسمان ڇا عرش اعظم کي ڇڏي + دلربا ديدار خاطر دل جي آيو دار ۾

هارَ اَجبَتيي کي پائي هوت هيِنڙي هار ٿيو + هار ڪائي هوت آيو هار ۽ سينگار ۾

لن تراني) تازيانن جا لکين وسڪار ٿيا + پر وري پرچي پنهل وسيو وڏي وسڪار ۾

سار سک ۾ خاڪ تي رهِ خاڪ تي گل قل چمن + خاڪ مظهر گل جو آهي سوز سک جي سار ۾

### 9- (بيت)

پڇن جي ميهار جو پڇي تن ميهار

ترهو تني جو پار عشق جني جو آکرو

شرح - سهڻو سرتاج سنڌ فرمائي رهيو آهي ته سچا سالڪ ۽ عاشق صادق تون به سهڻي جي سچي سڪ واري سمنڊ مان سڪ جي سرڪ پري ستي بيني ۽ اٿي ويني پنهنجي محبوب حقيقي ميهار جي پڇا ۽ پڇر زڪر ۽ فڪر ۾ مدامي محو ۽ مشغول ٿي ته تنهنجو به ترهو پار پهتل رهي تان جو اهو پاريڇو پاڻ به تنهنجي پڇر هچر ڪرڻ مان نه ڍها پي بلڪ پاڻ به ذاڪر ٿي تنهنجو ذڪر ڪندو رهي جيئن جو هي هيئين آيت شريف بيت جو پورو پورو شرح آهي (فاذڪروني اذڪرڪم) يعني منهنجو ذڪر ڪيو ته مان توهان جو ذڪر ڪيان) مٿي آيت شريف جي شرح ڏي هن هيئين ڪلام مان پڻ اشارو عيان ٿي رهيو آهي-

(ڪلام)

ذوق سان ذاڪر مان تنهنجو تون به ذاڪر منهنجو ٿي + شوق سان شاڪر مان تنهنجو تون به شاڪر منهنجو ٿي

حال حاضر توسان آهي پائي تون به ٿي + حب سان حاضر ٿي آيس تون به حاضر منهنجو ٿي

مان فقط تنهنجي نظر جو دمبدم ناظر رهان + نيهن جي نافع نظر سان تون به ناظر منهنجو ٿي

نيهن تنهجي کي نهان لوڪالڪائي مون چِٽيو + عيب اوٽايون لڪائي تون ساتر منهنجو ٿي

فڪر تنهنجي ۾ فنا ۽ محو الفت ۾ منا + فڪري فوري فيض ده سان تون به فاڪر منهنجو ٿي

خاڪ پنهنجي قدر آهر قدر قيمت ڪجهه ڪيو + بي بها قدرت سان پنهنجي تون به قادر منهنجو ٿي

بلڪ اهڙي ذاڪر صادق ۽ شاڪر شائق کي هر لفظ ذڪر جي پنيان پنهل پاڪ خالق عرش افلاڪ لبيڪ لبيڪ جي پوڪار پياري جي نروار نعري سان نوازيندو رهي ٿو. لبيڪ جي معنئ آهي ته جي چوان توکي اي پيارا پانهان جي چوڻ جا حقدار اٿي اي غافل تون بيدار ۽ هشيار ٿي کو پنهنجي پاڪ پنهل جي جَي چوڻ مان عبرت ونڻ جو سبق سونو حاصل ڪر- مطلب ته ڪڏهن مادر مشفقه جي ٻچي جي ٻاڪن ڪوڪن کان ڪڏهن نه ڪڏهن ڪڪ ٿي ٻوڏ ۽ قوٽ چوندي آهي پر رب پاڪ ڪريم رئوف رحيم اهڙو ته رحمت پريو بحر بي ڪنار آهي. جو ڪڏهن به ٻانهي جي ڪوڪ ۽ ڪوڪار ۽ سڏ پر سڏڪار کان ڪڪ ته نه ٿئي پر رهندو هر سڏ جي عوض ۾ گهڻ ۾ گهڻ ڏهه دفعا وڌ ۾ وڌ چوڏهن سؤ پيرا جي چوڻ فرمائي. هن کان وڌيڪ ٻاجهه ۽ رحمت ڪهين ۾ به نه آهي پر ڪڏهن ڪڏهن عاشقن صادقن ۽ صوفين سالڪن تي جدائي ۽ قبض جي حالت طاري ٿيندي آهي ۽ نگار نازڪ پنهنجي ناز بي انداز ۾ رهي ڪو وقت پنهنجي توجه نظر ظاهري کان ڪتائي نظر انداز ڪرڻ فرمائيندو آهي، انهي حالت کي مشتاق محبوب مطلق جا پنهنجي واسطي موت ۽ جدائي جهنم جاڻندا آهن تنهن ڪري درد پريون دانهون آهون ڪندا رهندا آهن مگر محبوب معنوي ڪين جي ته چوندو رهندو آهي پر اهڙي رمز رندي سان جيئن حبدارن جي حيرت جي حد نه رهي آخرڪار حبدار حسن حقيقي جا هئڻ چوڻ تي تيار ٿي ويندا آهن جيئن جو خاڪ جي زيرين جذبات مان ظاهر باهر آهي

(جذبات)

سوپ تنهنجي آه کهڙي ڪيل جي مارڻ منجهان + سوپ آهي تنهنجي سائين دل مئل جيارڻ منجهان

حُي تون آهين حقيقي ڏي حياتي ڪيل ڪي + تنهنجي هٿ ڏوڙي حيا تي آب جي پيارڻ منجهان

تون آهين قيوم قائم استقامت ڪر عطا + پاڻ ڪان ٿاري نہ ڇڏ چا هٿ اچي ٿارڻ منجهان

رمز روپوشي ڇڏي آ روبرو ڪنهن رات ۾ + مل اچي چا هٿ اچئي گوشي اندر گهارڻ منجهان

تنهنجو جيڏو ناء آهي ايڏو مون ڪي آسرو + سود چا لاتقنطوا جي وعد ويسارڻ منجهان

يار يشفيني پڙهي تنهنجي تڏي تي مان ٽڪس + غور ڪر ڪهڙو مزو ٿي منهنجي پوڪارڻ منجهان

ناء تنهنجو ارحم آهي رحم ڪر راحم رحيم + ڳٽتين ۾ ڪين ڳارج چا اچئي ڳارڻ منجهان

خاڪ جهڙي جهور سگ ڪي سڏ ڪري ڏي ڏاڻ ڪو + فصل سان ڏي فائدو ڪو ڪوڪ ڪوڪارڻ منجهان

10- (بيت)

ليلان ليلهائيج اڳيان اُتڙ جام جي
ليلهائي نہ لهين تہ وري بہ ليلهائيج،
پاند ڳچي پائيج سجڻ ٻاجهارا گهڻو)

شرح – اي انسان بي ڏيان ڪن قبوليت جو ڏئي مون ڪان ٻڌي وٺ بره جو بيان اي غافل غفگتي گرداب جا غرقان توڙي ساري عمر گناهن ڪرڻ ڪري پر عصيان ۾ رهيو آهين تہ بہ اجان تنهنجي واسطي ڏٽي جي دربار ۾ داخل ٿيڻ لاءِ دروازا توبہ ۽ اميد جا ڪليل آهن تون ڏٽي پاڪ جي دربار رحمت کان ڪڏهن بہ نااميد نہ رهہ جيڪڏهن هڪ دفعو تنهنجي درخواست ۽ دانهہ دربار اقدس ۾ قبول نہ پوي تہ بہ دل نہ لوڏ وري دوباري بہ درد ناڪ دانهون آهون ڪندو رهہ - منهنجو محبوب مهربان سجڻ سائين سبحان اهڙو تہ ٻاجهارو مالڪ منان آهي جو نيٺ توکي ساري عمر جا گناہ ۽ بديون بخشي ڇڏيندو ۽ ڪڏهن بہ ڪريم ڪرم نواز پنهنجي درپاڪ ڪريمان تان نااميد ڪري نہ موٽائيندو جنهن جو ثبوت هن آيت شريف مان بطور شرح جي عيان آهي.

قل يا عبادي الذين اسرفوا على انفسهم لا تقنطوا من رحمتہ الله ان الله يغفرالذنوب جميعا) يعني چئو تون اي محبوب مدني تہ اي منهنجا ٻانهو توهان مان جن پنهنجن نفسن تي ظلم زيادتي ڪئي آهي اهي مون الله جي رحمت کان نااميد نہ ٿين تحقيق الله انهن جا جميع جرم ۽ بديون بخشي ڇڏيندو) هي آيت شريف مان نہ فقط ظاهري گناهن جي بخشيش جو پتو پوي ٿو پر انهي سان گڏوگڏ بره جي بيمارين کي صحت سلامتي معنوي ۽ بشارت وصال لايزال جو پڻ آسرو ڏنل آهي تنهن ڪري جي بہ جسمي هوڏ هٺ وڃائي بي نياز باري جي اڳيان پنهنجي نيستي ۽ نياز جو ناٽو نقد بطور نذر جي پيش ڪندا رهندا- تن سان ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪرم فرمائي ڪريم مزاج باوجود بي نياز هجڻ جي پرمي جو پوندو ۽ نياز واري کي ڪڏهن بہ نااميد ڪري پنهنجي درپاڪ کان نہ موٽائيندو تنهن ڪري نيهن جي نانگي کي بہ پنهنجي نياز ۽ نيستي تي ايڏو تہ قابل قبول ناز هجي جنهن نياز بي انداز کي ڏسي بي نياز بادشاہ پڻ پاڻهيءَ موم دل ۽ پاڻي تي پوي تہ ممڪن آهي تہ ممتنع. جيئن جو اهڙي نياز نوڙت تي ناز ڪرڻ بابت هينيون شعر پڻ شاهد آهي.

(شعر)

بي نيازي ناز تنهنجو ناز منهنجو نياز تي + ناز نخوت تي آ تنهنجو منهنجو آزي آز تي
لاشريڪي ذات تي آ لاڏ لاشڪ ناز تو + مون کي تيڙو لاڏ مولا ذات تو ممتاز تي
سونهن پرور ناز توکي حسن صورت سونهہ تي + ناز مون کي سوز سڪ سيني جي سهٽي ساز تي
هوڏ هستي ناز تنهنجو نيستي تي ناز مون + شوخ شوخي ناز تنهنجو منهنجو آ ايلاز تي
ليس مثلڪ ناز تنهنجو ناس ۾ نروار آ + مون کي تو بي مثل مهرو شوق جي شهباز تي
ناز بي پرواهي تنهنجو منهنجو آ پرواہ تي + توکي پنهنجي راز تي مون کي بہ تنهنجي راز تي
خود خودي تي ناز تنهنجو خلق ۾ تيڙو عيان + بي خودي تي خاڪ کي بيو عرش جي پرواز تي

# وجه انسانيت اندر جو اوجارڻ آهي

## 11- بيت:-

اندر آئينو ڪري پرين سو پسيج

انهيءَ راه رسيج ته مشاهدو ماڻين)

شرح- جناب شاه صاحب جي بيت مان هي بيان عيان آهي ته جو به انسان عاقل بيدار مغز تي پنهنجي قلبي پٽي ڪي غفلت جي گرد ۽ غير جي الفت واري ڪٽ کان صاف ۽ پاڪ ڪري اهڙو ته اُجريل بڻائيندو جهڙو آئينو اُجريل هوندو آهي ته پوءِ اهو انسان شايان شان ملائڪن ڪرافن کان به گهٽو متي چڙهي هن منزل جي معراج جي پهچندو جو مدامي پنهنجي محبوب معنوي جو مشاهدو ماڻيندو رهندو چو ته قلوب جمع قلب جو آهي جنهن قلب مبارڪ ڪي صوفين صادقن جي اصطلاح موجب بيت ربي ۽ الله پاڪ جو عرش سڏيو ويو آهي- قلب جو مثال آئينه وانگي آهي اهو قلبي آئينو تصديق ۽ الله تعالىٰ ڏي رجوع تيڻ سان اُجرو ۽ صاف تيندو آهي- علامت اُجري تيڻ جي هي آهي ته اندر جي آئينه اُجري تيڻ وقت دل انوار الاهي جي واردات جو مورد ۽ محبط تي رهندي آهي اندر اُجرڻ ڪري انسان صحيح معنىٰ ۾ انسان هجڻ جو حقدار آهي وگرنه حيوان کان به پري آهي- جيئن جو روح المعاني تفسير جي تحقيق انيق مان عيان آهي وهي محبط الانوار الاهيتہ الصمدانيتہ وبهايکون الاسنان انسانا) يعني دل الاهي نورن جي نزول جي جاءِ آهي جڏهن به دل انواران الاهي جي مورد بڻي تي ته پوءِ اهڙي دل اُجري وارو انسان انسان آهي) حاصل ڪلام ته جڏهن به قلب انساني اسم ذاتي جي اوڙ سان اُجرو رهي تو ته پوءِ اهو انسان محبوب معنوي جي مشاهدي ماڻڻ سان متو اتر هن منزل متاهين مقصودي تي پهچي تو جو علم لدني جي برڪت سان ڪوڙيين ڪتابن علم حضوري جا ڪباٽ حاصل ڪري وني تو جيئن جو هينيون بيت پٽ ڏٽي جو پڻ انهي ڳالهه ڪي تيڪو ڏئي رهيو آهي

(بيت)

هارائج هنيين ۾ الف سندي اوڙ

ته ڪتابن جي ڪوڙ منجهان ئي معلوم تئي)

پر انهي علم لدني جو پتو خاڪ جي هينين ڪلام پرت پيغام مان پڻ پڌرو آهي.

(ڪلام)

حق حافظ منهنجو حامي هوت احسن حال ۾ + حور جنت جي ڏنم گل گون گلشن حال ۾

الف الماڙي ۾ رکيل دل جي ديدن سان ڏنم + علم لدني جا ڪبٽ رخشان روشن حال ۾

فڪر فرحي لوح تي لکيل قلم جا لک اکر + پنهنجي چشمن سان چٽا پڙهيم تي پرشن حال ۾

ظاهري لکيل ڪتابن پشت تي پڌرو ڏنم + عشق جو سولو اکر مکتوب محسن حال ۾

سوز سلطاني ذکر ۾ خاڪ تي سلطان تي + پر نفي اثبات کان اڳ روح رازن حال ۾

جناب سرتاج سنڌ جي بيت مذڪور ۾ الف مان مراد الله تعالىٰ جو اسم ذاتي الله آهي جنهن کي اوڙ يعني تلقين مرشد جي سان تاويل ڪرڻ احسن آهي چو ته موجب حڪم هينين آيت شريف قرآني ياايهاالذين آمنوا تقوا الله

وابتغوا اليه الوسيله وسيله مان مراد صوفين جي اصطلاح موجب مرشد آهي چاڪاڻ ته گهٽي پاڳي مرشد ڪامل جي تلقين سان ئي اندر سارو اجرو ٿي ويندو آهي تنهن ڪان پوءِ اهو قلب جو لطيف انساني جو مشرق آهي بعد صفائي ۽ تزڪيه تام جي صوفين وٽ بالااتفاق مجموعہ اسرار الاهي جو لقب لهندو آهي جيئن جو هينئين بيت فارسي مان صريح ثابت آهي

(بيت)

مجموعہ اسرار الاهي مائيم

لوح و قلم و حرف و سياهي مائيم)

پر باوجود انهي جي حضرت مولانا رومي صاحب پڻ فرمائي رهيو آهي ته

(بيت)

آئينه دل چون شود صافي و پاک

نقشها بيني برون از آب و خاک)

پر هينين ڪلام ۾ ته آدمي جي وجود مسعود کي فقط مجموعہ اسرار الاهي چا مگر محبوب معنوي ۽ ساري جهان جو ڪيس جامع سڏيو ويو آهي.

(ڪلام)

صورت سڄڻ جي سهٽي سبحان آدمي ۾ + تجلي جو تاب طوري تابان آدمي ۾

جهڙو جلاءُ جلوو جاني جمال جو آ + تهڙو نہ حسن هرگز عالم مثال جو آ

ديدار يار اهڙي جو دان آدمي ۾

نوري نظر جو ناظر نروار نيهن وارو + هو تن جي آڏو حاضر نروار نيهن وارو

نوري نظر کي نوري نيشان آدمي ۾

جت ڪٿ جناب جاني جلوه نماءُ آهي + سڄ سونهہ جي ڏٺي سان دل تي سماءُ آهي

سارو جهان سڪ جو سامان آدمي ۾

هر چيز حسن واري آئينو معرفت جو + برگ و گلن بهاري آئينو معرفت جو

هو تن جي حسن وارو هڳسان آدمي ۾

اعزاز خاڪ خوشتر فردوس فرش ڪان آ + ايجاد عشق اڳ ۾ افلاڪ عرش ڪان آ

جلوه نما جو جذبو جولان آدمي ۾

مطلب ته اندروني آئينه اُجارڻ ۽ تزڪيه تام ۽ مجاهدن مدام سان مولا پاڪ جا مخصوص مشتاق خواه مرد هجن خواه عورتون انهي حد اعلیٰ تي پهچندا آهن جو علم لدني ۽ الهام الاهي اُدن مِني جي بارش مٿن مينهن وانگي وسندي آهي جيئن جو هينين حديث بيهقي واري مان حقيقته مذڪوره جي حمايت حاصل ٿي رهي آهي. (حديث قال الله تعالیٰ اعطيهم علمي و عقلي) يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته مان پنهنجن پيارن کي پنهنجو علم لدني ۽ عقل ڏيندو آهيان) پر انهي حقيقت علم لدني واري تي ته هن آيت الاهي مان بہ روشني روز روشن وانگي پوي ٿي وعلمناه من لدنا علما) هن کي اسان پنهنجو علم لدني سيڪاري ڇڏيو آهي) پر جي قلب يعني اندر جو آئينو

انکار عناد غفلت ۾ ڪاهلي قصورن ڪري ڪنجي ڪارو تي ويو هوندو ته اهو انسان جي اعليٰ درجي کان گهٽجي هيٺ لهي بفحوي الڪريمه ثم رددناه اسفل السافلين) جي حيوانن جو هيناهون ۾ اسفل درجو حاصل ڪري تو اهڙي انسان فقط خورد و خورب جي مشتاق ڪي انسان سڏائڻ جو ڪو به حق نه آهي ڇو ته زهريلي هوائي نفساني ۽ غفلت جي غبار ۾ شهوت حيواني سندس ساري عمر جي پوک ۾ کيتي ساڙي ڇڏي آهي. جيئن جو مولانا سعدي رحمت الله انهي بابت هينين ريت چٽو چوڻ فرمايو آهي ته –

غبار هوا چشم عقلت بدوخت

سموم هوا کشت عمرت بسوخت-

بکن سرمئہ غفلت از چشم پاک

کي فرد اشوي سرمہ درچشم خاک)

تنهن ڪري اهڙو آدمي ماڻهو سڏائڻ جو مستحق نه آهي بلڪ حيوانن کان به حرمت ۾ احترام ۾ گهٽ ۾ اسفل آهي نه افضل اهڙن اوصافن خرابين وارو انسان تحسين جي بدران صد حيف ڪرڻ جو حقدار آهي جيئن جو انهي بابت ڪنهن فارسي دان فرمايو آهي ته-

حيف باشد کہ عمر انساني چون بهايم بخواب و خور گذرد

آدمي ميتو انداز کوشش کہ مقام فرشتہ در گذرد)

حاصل ڪلام ته سچن سونهن جي سچي ۾ سوني صحبت سبب عمل ۾ اخلاق جي سهڻي سيرت ۾ نيڪ ڪرداري سان سينگار جي آدمي سچي انسان سڏائڻ جو لائق ۾ سزا وار آهي وگرنہ حيوانن کان به بدتر بدڪار آهي جيئن جو انهي بابت خاک جي زيرين مصرعہ مان پڻ ظاهر آهي

(مصرعہ)

سچن جي سون صحبت تي سچن سان تي سچو رهہ تون

سدا سيرت کي سينگاري سچو انسان بڻجي وڃ) –

## ڪوشش ڪرڻ لاءِ شاه جو حيوان صفت انسان کي هشيار ڪرڻ

12-(بيت)

جس جفا ري نہ ٿهي آهي جفا وارن جس

ستن سات وڃائيا تون گولي ڇڏ نہ گس-

أتي پنهل پس سِر سان هلي سسئي)

شرح – جناب شاعرن جي شاه معرفت جي ماه جي بيت مذڪور جو جيڪڏهن ڪما حقه شريعت ۽ طريقت موجب پورو پورو بيان عيان ڪجي تہ بطور شرح شافي ۽ بيان وافي جي وڏو دفتر تي ويندو تنهن ڪري طوالت جي ترهيب ۽ تهديد خوف ڪان پاسو ڪري اختصار تي عمل پيرا رهي سندس بيت جو شرح فقط بن آيتن نديڙن جي آڌڻ سان ڪريان ٿو علىٰ سبيل الاختصار فاعتبرو ايا اولي الابصا- پهرين آيت شريف هي آهي اليس للانسان الاماسعیٰ) يعني انسان کي ڪوشش ۽ سعيي ڪرڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو) پر جڏهن انسان عام لفظ آهي جو مرد توڙي عورت وغيره تي صادق ۽ سچو آهي تہ جناب لطيف سائين جي جس وارو لفظ بہ عام آهي تنهن ڪري مرد توڙي عورت عمل صالح ڪرڻ سان جهان جي جوڙيندڙ مهربان مالڪ کان عمل جي مڪافات موجب جس ۽ آفرين لهڻي بشرطيڪ عملن صالحن ۾ بہ اخلاص ۽ نيت جو خلوص شامل هجي – تنهن کان پوءِ عمل صالح ڪرڻ واري انسان جو لقب ممتاز پنهنجي محبوب منان رب رحمان وٽ مومن آهي- اهو مومن صادق جنهن کي عمل صالح جي ذريعي حياتي طيبه بطور انعام جي عطا ٿيندي آهي جيئن جو هن هينين آيت ثاني مان ارشاد الاهي عيان آهي- من عمل صالحا من ذکر او انثیٰ و هو مؤمن فلنحيينة حياة طيبة) يعني جنهن بہ مرد توڙي عورت عمل صالح ڪيو انهي جو لقب مومن آهي پوءِ اسان انهي کي ڏينداسون حياتي پاڪ) هن آيت ۾ عمل صالح جو صحيح ذڪر آهي- عمل صالح جا بہ پهلو آهن هڪ پهلو هي آهي تہ جو بہ مرد توڙي عورت جُرمن جي جَوَن پوکڻ جي عوض آخرت جي لاءِ عمل صالح نماز روزن وغيره جي ڪٽڪ کٽي ڪنبي ڪنبي قهار کان نيت جي خلوص خاص سان پوکيندو تہ انهي کي حيات طيبہ فردوس برين جي رهڻ واري جي بشارت هن دنيا ۾ ئي حاصل ٿيندي موجب آيت مذڪوره جي ۽ بيت زيرين فارسي جي

(بيت)

ازمکافات عمل غافل مشو

گندم از گندم بروید جو از جو)

2. ٻيو پهلو هي آهي تہ عمل صالح مان مراد عشق ذاتي آهي نہ غير- مرد توڙي عورت کي نيهن جي نامدار سرتاج سنڌ جي نظريہ موجب فقط رضا ربوبي ۽ مشاهدو محبوبي درڪار آهي ٻيو ڪجهہ بہ نہ پر جيڪڏهن ڪجهہ ڪاڻ رهاڻ آهي تہ بہ انهي هڪ ڪيچ ڏٺي جي ڪاڻ آهي نہ ٻي ڪنهن جي جيئن جو ڪاڻ رهاڻ جي قصہ کي نيهن جي نياپي ڏيندڙ فقير خاڪ هينين ريت نروار ڪيو آهي.

(ڪافي)

ڪنهن جي نہ ڪيان ڪاڻ مگر ڪاڻ آهہ تنهنجي + ڪنهن جي نہ رکان چاڻ مگر چاڻ آهہ تنهنجي

١. هڪ طرف طلب تاس متي تاس تي رکان مان + ٻي طرف پرين پياس متي پياس تي رکان مان

٢. ٿي آڻ نہ ڪنهن جي آ مگر آڻ آهہ تنهنجي + تن من ۾ نہ ڪا طلب نہ ڪا تاڻ آهہ ڪنهن جي

٣. سڪ سوز فقط تنهنجي نہ سڪ ساڻ ٻي آ ڪنهنجي + جي تاڻ اندر آهہ فقط تاڻ آهہ تنهنجي

٤. توکان نہ گهڙي هڪ بہ گهري نند ۾ گهاريان + ٻاريون تي فقط ٻاڻ اوهان جا ٻروچ ٻاريان

٥. ٻن ٻاڻ ٻين جي آ مگر ٻاڻ آهه تنهنجي + ڏک درد نه آ ڪنهن جو مگر درد آهه تنهنجو
٦. منهنجو نه وظيفو ڪو مگر ورد آهه تنهنجو + چڪتاڻ نه چوري ڪي ٻي چڪتاڻ آ تنهنجي
٧. ڏونگر ڏکن جا ڏوريان ته توکاڻ ڏوريان تي + وڻ ٽڻ جي وطن ووڙيان ته توکاڻ ووڙيان تي
٨. هوري جي هينين هوت اڱي هاڻ آهه تنهنجي + بنيور ڏيان باه نگهه نور آ نه جيتر
٩. طواف ڪيان توکي نگهه طور آ نه جيتر + جا ڪاڻ خفي خاڪ ۾ سا ڪاڻ آهه تنهنجي

حاصل ڪلام ته پوءِ جڏهن اهي ٻئي ڇٽا مرد توڙي عورتون ڪنهن به غير جي ڪاڻ رهاڻ ڪان بلڪل ٻي ڪاٽيا تي فقط هڪ سڄڻ سرمدي ۽ سلطان صمدي جي سڪ سوز ۾ پتنگن وانگي سڙي جلي فنا في الله جو درجو فوز عظيم وارو حاصل ڪري پوءِ حيات طيبہ بقا باالله واري بشارت ماڻي مومن مشتاق جو منصب ماڻي-محبوب معنوي جي مشاهدي ۾ محسوس مستغرق هوندا آهن- ٻي ڪنهن به اغيار سان انهن ڪي انس الفت ۽ سودي صحبت جي ضرورت نه رهندي آهي جيئن جو انهي ڳالهه تي فقير خاڪ جو هينيون سارو شعر صادق اچي ٿو

(شعر)

سر سڄڻ تنهنجو پرين سر واه ٻي تنهنجا پرين + وڻ وطن وحدت جون وايون واهه ٻي تنهنجا پرين
١. تنهنجي نيڻن ناز تي نرگس چمن نازان پڻ + سو ثنا گو يا ستارا ماه ٻي تنهنجا پرين
٢. سونهه ٻي تنهنجي پرين سينگار ٻي تنهنجو پرين + چشم جو چمڪار ڇهڇٽ چاه ٻي تنهنجا پرين
٣. ٿهڪ ٽانگر وانگي ڏيئي پرچ پيارا پلڪ ۾ + صلح سهٽو ناهه ڪر ڪو ناهه ٻي تنهنجا پرين
٤. بره واري باغ جو تون باغبان بالا پرين + بره وارا باغ گلشن گاه ٻي تنهنجا پرين
٥. عشق تنهنجي جي امانت عاشقن سر تي ڪئين + عشق تنهنجو عشق جا آڙاه ٻي تنهنجا پرين
٦. زهر جو پيالو پيڻ تنهنجي هٿان ماڪي منو + حوض ڪوثر ذوق زمزم چاه ٻي تنهنجا پرين
٧. خاڪ کي خوش خيال تنهنجا حال استقبال ۾ + روح دل ڪي روڊ رستا راه ٻي تنهنجا پرين

پر جي انصاف جي عينڪ اکين ۾ پائي ساري ڪائنات ۾ عبرتي اک سان نظر ڪري نهاريندو ته هر هڪ چيز جي مائنه مان محبوب معنوي جو مطالع ميسر ٿيندو رهندو جيئن جو جناب سرتاج سنڌ کي سدائين سپرين ۽ محبوب معنوي جو مطالع حاصل هو جيئن جو پاڻ سڳورا انهي مطالع مدامي جا زيرين بيت ۾ پاڻ مقر ۽ اقراري آهن – لوڪان نحو صرف مون مطالع سپرين) تنهن ڪري تون به اي انسان غافل غفلت جي ڪپه پنهنجن ڪنن مان ڪيڍي پٽ ڏٺي جي مشوره موجب دنيا ۾ عمل پيرا رهه ته توکي به فنا في الله جي فوز عظيم حاصل هجڻ ڪري ڏٺي پاڪ جي دربار اقدس مان حيات طيبه ابدي جو عمدو تحفو انعام طور عطا ٿئي جيئن جو پٽائي صاحب فرمايو آهي ته

(بيت)

جيٺان اڳي جي جيا جڳ جڳ سي جين
او موتي ڪين مرن مرٽا اڳي جي مئا)

پر جو به جيري جانب سان جڙ لڳائيندو اهو جڻ هن دنيا ۾ ئي مري جيرو تي چڪو آهي جنهن کي افطاري موت جو ڪو به فڪر ڪونه هوندو آهي. جيئن جو هينيون شعر خاڪ جو انهي بابت پتو ڏئي رهيو آهي (شعر) بعينه لکجي ٿو:

جيري سان جڙ لڳائي جيرو بہ تي ويس + ديدار دلربا جو ديرو بہ تي ويس

١. نروار نحن اقرب ۾ نيهن ناز ڪن + غمزن جي گهير گهٽ جو گهيرو بہ تي ويس

٢. ذاتي تہ ذوق اندر قربن جو اڳ ڪنل + ڪاتي ڳڻن جي آڏو ڳيرو بہ تي ويس

٣. لک لن تراني – ڇهبڪ دل جان تي جهلي + هيراڪ حسن هو تن هيرو بہ تي ويس

٤. نمرود ناز ٻاري پل امتحان لئي + گلزار نار جاٽي گيرو بہ تي ويس

٥. تي خاڪ پاڪ پاڪن جو پير ڇڏ ڪڙي + پڻ پيروي سان پاڪن پيرو بہ تي ويس

حاصل ڪلام تہ جي بہ اولياءِ عاشق الاهي دنيادار آخرت مان ڪٽي ڇٽي ستا آهن اهي حياتي پاڪ ابدي ماڻڻ ڪري اهڙا تہ جيرا جاڳندا اولياءَ الله ۽ عارف باالله آهن جي سڳورا قبر واري زمين لاءِ زينت ۽ سرمئہ چشم خاڪ آهن تنهن ڪري هاڻي انهن جي آستانن تي پري پري کان پروانا ۽ زائر ايندا رهن ٿا پر زائرين بلبلن سندن مزار مبارڪ ڪي گلزار عبرت جاٽي زيارتون فيض بشارتون هميشان ڪندا رهندا آهن ڇو تہ انهن عارفن ۽ سالڪن صادقن ساريون راتيون سجاڳ رهي سبحان سائين کي سرچائي پرچائي ستا آهن تنهن ڪري هنن جي مٽي مبارڪ کي مان خاطر سوين هزارين لکين ڇا بلڪ ڪروڙيين سندن اڳڻ تي سلامي ڪرڻ ۽ آداب بجاءِ آڻي رهيا آهن ۽ آٽيندا رهندا جيئن جو لطيف لعل فرمايو آهي تہ

(بيت)

سڄي رات سبحان جني ياد ڪيو

انهن جي عبداللطيف چوي مٽي لڌو مان

ڪوڙيين ڪن سلام اڱڻ اچي انهن جي)

پر عجب ۽ عبرت پذير هي ڳالهہ آهي تہ هن بيت مذڪور جي پيشين گوئي ٻين اوليائن تي تہ صادق ۽ سچي آهي پر پاڻ تي اهڙي تہ پوري طرح صادق آهيس جو جٽ ڪٽ سندس سوين ورسيون ۽ بزمون ملهايون وڃن ٿيون. مطلب تہ عاشق عفيف مرشد لعل لطيف جي روحاني رمزن ۽ سندس ابياتن جي قرآني آيتن جا گهٽي ڀاڱي ترجما آهن تن تہ بريٽ ۾ بره جون بازاريون ۽ رندي غمزن جون گلزاريون لائي بلبلن سنڌ کي ڇا بلڪ ساري دنيا کي بوءِ بهار جي بخشي ڇڏي اٿن-

# ٽيون وجه انسانيت جو

13- (بيت)

اکيون اُهي ڏار جن سان پسين پرين

ٻي ڏي ڪين نهار جو راڻل ريسارو گهڻو

شرح- سرتاج سنڌ هتي ٻه انسان ذات کي انهن اکين عبرت پذيرن ڏارڻ جو خطاب پرشوق شتاب جو ارشاد عالي فرمائي رهيو آهي- جڏهن اکيون ئي سچي انسان لاءِ آئينہ عبرت وحدت نما آهن تڏهن هر شخص مرد توڙي عورت کي هادي لطيف جهڙي جي هدايت تي هشيار ٿي هڪدم اهڙيون عبرتي اکيون ڏارڻ گهرجن چو تہ اهڙين اکين وارو ئي ڪائنات جي ڪثرت کي وحدت ڄاڻي يا آيات ۽ علامات معرفت محبوب معنوي ڄاڻي مشاهدو ماڻيندو آهي ۽ مدامي محبوب جي مطالع ڪرڻ ۾ محو ۽ مستغرق هوندو جيئن جو ڪنهن عرب عالي دماغ شاعر ڏاڍو عمدو چوڻ فڪر سليم ۽ عبرت پذير عارف جي بابت فرمايو آهي

(بيت)

اذا لمرء ڪانت له فکرة ففي کل شيي‌ء له عبرة

يعني جو بہ مرد فهيم فڪر سليم جو فائق آهي هر شيءِ جي ڏسڻ ۾ ان کي عبرت جي اک عطا آهي )

پر جناب مولانا شيخ سعدي صاحب وري انهي فڪر سليم وارن جي فهم فڪر ۽ تيز نظر جي تعريف هئن ڪرڻ فرمائي آهي

(بيت)

برگ درختان سبز در نظر هوشيار

هر ورقي دفتري است معرفت ڪردگار)

پر نظر هشيار جو ڪجھ پتو پرو هن هينين ڪلام مان پڻ پوي ٿو

(ڪلام)

سڄڻ سونهن وارا سڄڻ سونهن وارا + جتي ڪٽ نظر تنهنجا نوري نظارا،

جلب بر جهنگل جر ۾ جلوو جمالي، + جبل طور تي تنهنجي تجلي نرالي،

پسان چوطرف حسن تنهنجو پيارا،

همه حور پريون بہ حيران توتي، + قمر ماه ڪنعان مستان توتي،

ڏئي سونهن تنهنجي جا سچ تو اشارا،

پنهل پرتوو تنهنجو پاٽي پڌر ۾، + بري نور چمڪي تو ٻيرن ٻبر ۾،

اُتن تا پٽرن مان اُلا آشڪارا،

فلڪ تي فرشتا قرن پيا فراقي، + اين ڪان متي عرش عاشق اوطاقي،

نبي نور کي نور حاصل نيارا،

پيو خاڪ تي پاڪ پرتو پنهل تو، + ڏٺن تانگهيان جهاڳيان تي جبل تو،

جبل ۾ ڏسان توکي جي جيارا.

پر اهي اکيون عبرت پذير سڄڻ سونهن ڏٺي جي سڄاڻ واريون ٻه ڪن ڪن پيارن عارفن کي بطور فضل ۽ وهب جي پاڻ وهاب ڪار ساز ڪريم رب رحيم عنايت ارزاني جذبئہ جاوداني سان عطا ڪرڻ فرمائيندو آهي جيئن آيت شريف زيرين مان ارشاد ايزدي عيان آهي- سنريهم آياتنا في الافاق وفي الانفس حتي يتبين لهم الحق جلد ڏيکاريندا سون انهن کي اسان پنهنجون آيتون آفاق ۽ نفسن ۾ تان جو ظاهر ٿي ويندو، انهن جي لاءِ ديدار حق جو هن ارشاد الاهي مان صريح ثابت آهي، تہ جن عارفن کي ڏٺي پاڪ جي دربار اقدس مان عبرتي اکيون عطا ٿي ويندون آهن، اهي ڪائناتي ڪتاب ۽ نفسي نقاب مان محبوب معنوي جو مدامي مطالع ڪندا رهندا آهن. جيئن جو جناب پٽائي صاحب پاڻ ٻه محبوب جي مطالع جو معشرف آهي، جنهن جي اقرار مان سندس ولايت ڪبرىٰ ۽ قطبيت عظمىٰ جو پتو پوي ٿو

(بيت)

لوڪان نحو صرف مون مطالع سپرين)

حاصل ڪلام تہ محبوب جي مطالع واريون تجليون ٽي قسم آهن، پهرين تجلي علمي آهي، ان تجلي جو صاحب برزخي احبابن مان ڳڻيل آهي مگر مرشدي درجه جو مستحق نہ آهي ۽ ٻي تجلي عيني آهي ۽ ٽي تجلي حقي آهي- انهن ٻنهي تجلين جا حقدار ارباب يقين ۽ ارباب وصول جا آهن، اهي ٻئي صاحب ارشاد ۽ مرشدي جو استحقاق ۽ جميع مراتبن طريقت ۾ اهليت جو حق رکڻ وارا آهن- اهي مرتبا طريقت وارا هي آهن 1- طبيعت جو مرتبو 2- نفس جو مرتبو 3- مرتبو قلبي 4- مرتبو روحي 5- مرتبو طريقت 6- مرتبو معرفت 7- مرتبو حقيقت. انهن مرتبن جي ماڻڻ وارن کي ازروئي شريعت ۽ طريقت جي اهل بصيرت جو عمدو لقب انعام ٿيل آهي- جن اهل بصيرت وارن عارفن ڏي هن آيت شريف هيٺ ايندڙ مان اشارو عيان آهي- قل هذه سبيلي ادعو الي الله على بصيرة انا ومن اتبعني) يعني چوُ تون اي محبوب مدني تہ هي واٽ منهنجي اها آهي جنهن ڏي مان بصيرت رهي الله جي طرف سڏيان ٿو ۽ جو شخص منهنجو تابع آهي اهو بہ بصيرت تي آهي) هن آيت جي ارشاد مان ثابت آهي تہ اهل بصيرت وارن عارفن اوليائن کي مرشد وٺڻ گهرجي نہ ٻين کي جي جي صاحب اجان اهل بصيرت جي اعلىٰ عهدي تي نہ پهتا آهن- باقي رهي هي ڳالهہ تہ تجلي عيني ۽ تجلي حقي جي وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي- انهن ۾ باوجود اشتراڪ قطبيت جي هي فرق آهي تہ تجلي عيني وارو فقط قطبيت ارشاد جو مستحق آهي نہ قطبيت ڪبرىٰ جو انهي جو حقدار تجلي حقي جو صاحب ۽ مالڪ آهي نہ غير- اهڙن ديدورن جي ديد ڪان دلدار حقيقي هڪ دم بہ دور نہ ٿو رهي بلڪ هر زمان هر مڪان ۾ لامڪاني لاهوتي جي معيت ۽ معونة پنهنجي مشتاق صادق ڪان بعيد ۽ پري نہ آهي- بفحوي الڪريم وهو معكم اينما كنتم) يعني هو جت ڪٿ اوهان سان گڏ آهي) انهي حقيقت حال تي زيرين شعر مان ڪجهه روشني پوي ٿي (شعر) دم نہ دم ڪان ڌار منهنجو دلربا دلدار آ، ساهہ وانگي ساهہ اندر ساهہ جو سينگار آ. 1- دم سڄاڻي دم کي ڄاڻي دم جو دم تي پاڻ تون، دم بہ صدقي دل بہ صدي دم دمن ديدار آ، 2- وهو معكم اينما كنتم جي مخفي مام تي نحن اقرب نيهن نازڪ جو نالو نروار آ. 3- وره واري وک وڏائي وڏ وڏي وٽڪار ڏس. ورءِ تنهنجي وچ ۾ ويچو ڪين هڪڙو وار آ. 4 — بره واري باه پڙڪي گاه ساڙي غير جا، غير غيرت غمز جي سان غار اندر آر آ. 5- بره باري باه دوزخ ڪان تکي نيهن نازڪ نار چا پر نار جي ٻي نار آ. 6- خاڪ ٿي افلاڪ چا پر عرش تي ڪر آشيان، عرش چا عرشي بہ توڪان دم نہ هڪڙو ڌار آ.

غرض تہ تجليات حسن حقيقي هوت جو تذڪرو گهڻا عارف اولياءَ پنهنجي پنهنجي حال مذاق موجب ڪندا ويا آهن ۽ اجان بہ ڪيترا ڪامل ۽ عارف عامل قيامت جي قيام تائين ڪندا رهندا جيئن جو پنهنجي ديوان ۾ حضرت خواجہ اجميري صاحب فرمائي رهيو آهي- گرز انوار رخت يڪ شعلہ تابد برفلڪ از حيا مستور گردد آفتاب اندر نقاب نور

حق ست آن مجسم گشتہ درذات نبي صہ همچو  نور ماه کز خورشيد کردست اکتساب در مقام لیٰ مع الله از کمال اتصال از خدا نبود جدا همچو شعاع از آفتاب- پر خير محمد فقير وري حقيقي حسن جي هئڻ تعريف ڪري ٿو-

جهلي تاب حسن جون ڪو تجليون

جن سان طور جبل وجي ڪوه جليون)

پر ڪن عاملن جو قول آهي تہ ساري ڪائنات هوتن جي حسن جو عمدو آئينو آهي، تنهن ڪري ڪائنات جي ذري ذري مان ذاتي محبوب جو مشاهدو ماڻڻ گهرجي جيئن جو حضرت جامي عليہ الرحمتہ  فرمايو آهي تہ

(بيت)

جهان مرآة حسن شاهد ماست

فشاهد وجهه في کل ذرات)

پر سلوڪ جي سالڪن ڪي بسط کان بعد ڪڏهن نہ ڪڏهن قبض جي حالت پڻ طاري ٿيندي آهي تہ انهي وقت جانب جي جوش جدائي سڪ سوز سدائي ۾ روئي رڙي هئڻ چوندا رهندا آهن تہ

(بيت)

اڄ پڻ اکڙيون ساريون رئڻ سڄڻ ڪي،

سي ڪئڻ ويهن وساري جي وهم پرين وڪڙيون.

تيز آهن تڪڙيون ملڻ ڪارڻ محب جي-

وري بيهر بہ لطيف لعل  هئڻ پاڏائي رهيو آهي تہ

(بيت)

اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا،

گِلن تان گوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن،

سندي سڪ پرين لوڪ ڏٺي نہ لهي-

پر وري بہ جدائي جي جهونگار افغاني اڳگار چاڪن چورڻ جي چونگار هئڻ چونگاري رهيا آهن

(بيت)

اڄ پڻ چکن چاڪ. وهين ويڙهيچن جا،

سورن اچي سومرا اڏي اندر اوطاق،

مارن جي فراق. هڏ مئي جا ڪپيا)

پر جناب سرتاج سنڌ جيئن جيئن سڄڻ جي سڪ سمنڊ تار ۾ تري رهيو آهي، تيئن تيئن سڪ جو سمنڊ تارون تار ٿيندو وجي. جيئن سندس زيرين بيت مان ظاهر آهي.

14- (بيت)

سڪ تنهنجي سپرين، جيئن تران تيئن تار،

تون رهين روح ۾، تون اکين ٺار،

پرين تنهنجي پار، مون کي واجهائيندي ورهه ٿيا.

شرح – هن بيت ۾ ٻه ڳالهيون ڏيان طلب آهن هڪ ته جڏهن هوت حقيقي بفحوي لڪريمہ نحن اقرب اليہ من حبل الوريد ساه جي رڳ کان به اقرب آهي تڏهن سڪ جي سمنڊ ۾ ترڻ جي ڪهڙي ضرورت درپيش آهي. 2- موجب ارشاد آيت شريف وفي انفسڪم افلا تبصرون جي جڏهن جانب جي اندر آهي، پوءِ به تار ترڻ جي ڪا به ضرورت محسوس ٿيڻ نه گهرجي ڇچو ته پاڻ پٽ ڏٺي ساڳي بيت مذڪور ۾ قبول ڪري چڪو آهي ته- تون رهين روح ۾) انهي ٻنهي اعتراضن جو جواب هي آهي ته نيهن جي نانگي ۾ سالڪ مجذوب جي نيڻن ڪان قبض جي حالت طاري ٿيڻ سبب ناگاه نوري تجلي جو نظارو بند ٿي ويندو آهي تڏهن سالڪ پنهنجي دل ۾ ايڏو ته پريشان ٿيندو آهي جو وصل کان ويچي واري هڪ گهڙي به سال ۾ ورهه سمجهي سڄڻ ڪي سرچاڻ خاطر هئڻ چوڻ کان نه رهندو آهي ته – پرين تنهنجي پار واجهائيندي ورهه ٿيا) پر سڄڻ سهڻي صورت جي سبحان کي سرچاڻ ۾ پرچاڻ بابت ويچارو خاڪ هئڻ واڪا ڪري رهيو آهي.

(ڪافي)

پرچاءِ تون پڙهي ڪر والڪاظمين غيظ + نروار تي نظر ڌر والڪاظمين غيظ

نالو وني ته تنهنجو توکي ڪيم نياز + نالو سڄاڻ پنهنجو ڪاوڙ ڪنا تي باز

پرچي وجو ڪهين پر والڪاظمين غيظ

توکي قسم آ تنهنجو ڪر پاڻ قدر پنهنجو + اهنجو هلي جو توسان سائين تون تنهن سان سهنجو

تون فيض سان پري پر والڪاظمين غيظ

ويني ستي سوالي عرضدار عالي + پنهنجي نگهه نرالي ڪان ڇڏ نه مون کي خالي

ڪر تون حياء هر هر والڪاظمين غيظ

مون ڏي هزار مهڙيون ڪهڙيون ٻڌايان ڪهڙيون + تون بخش مون کي باري جهڙيون هجن به تهڙيون

تنهنجو وتو اثر در والڪاظمين غيظ

عاجز سان تي نه اولو سرچي سڄڻ تي سولو + پرچي پوين جي پل ۾ پو توکي ڪنهن جو پولو

واڪا ٻڌي تون ور ور والڪاظمين غيظ

جي خاڪ آهه خاطي عيبن سان اختلاطي +توبهه سان تنهنجي در تي آيو تي احتياطي

روئندي اکيون ٿيون پر والڪاظمين غيظ

حاصل ڪلام ته ايترن آهُن دردي دانهن تي من محبوب معنوي کي ڪاوڙجي بدران ڪهل اچي ۽ عاشقن صادقن جي سچي طلب تاس ۽ اداس اج تي رحم اچي پر اهڙي معنوي محبوب جي اُج ۾ فقط پٽائي چا پر ساري ڪائنات

أجاري آهي موجب ارشاد قرآني وان من شيءِ الا ان يسبح بحمده) يعني ڪو بہ تول ڪائنات ۾ نہ آهي مگر جو هوتن جي حمد ۽ تسبيح سان پنهنجي تن جي تاس اجهائيندو آهي) جيئن جو زيرين بيت مان پڻ ظاهر آهي

(بيت)

محبت جن جي، تن تشنگي تار،

پي پيالو اڄ جو، اڄ سان اڄ اٿار،

پنهل پاڻ پيار، تہ اڄ سان اڄ اجهائيان.

پر هن بيت پٽ ڏٺي جي ۾ آهي تہ پنهل پاڪ پاڻ پنهنجن پاڪن هٿن قدرتي سان جڏهن بہ جام وصل پري پاريندو آهي، تڏهن عاشق صادق جي اڄ بک دور ٿي ويندي آهي. انهي حقيقت جي تائيد ۾ هي آيت الاهي ڪافي ثبوت آهي وسقاهم ربهم شرابا طهورا) يعني پاڻ پنهنجي هٿ پاڪ سان پنهل پاٽي پاڪ پياريندو) انهي اڄ جو اجارو فقط لطيف لاثاني نہ آهي پر ساري ڪائنات سڄڻ جي سڪ ۽ عشق ۾ اجاري آهي جيئن زيرين جذبات خاڪ جي مان ظاهر آهي.

(جذبات خاڪ)

سڪ سير ۾ رهان جيئن تئن تئين اندر ۾ آ اُڄ + نازڪ نظر نہ تنهنڪر نيٽن نظر ۾ آ اڄ

١. اڄ عشق جي أُلي آ عاشق جي دل جهلي آ + نرواز تي نلي آ اڪ ۾ چپر ۾ آ اڄ

٢. درياءَ ۾ رهان تو پاٽي سدا پيان تو + دل جي لهي نہ آتش پاٽي پٽر ۾ آ اڄ

٣. مون ڪي فقط نہ آهي هر چيز تي مري اُڄ + ڏس آسمان تارن شمسو قمر ۾ آ اڄ

٤. عرشي هلاڪ اڄ ۾ فرشي فراق اڄ ۾ + وڻ ٽڻ پکي بہ اڄ ۾ شاخو شجر ۾ آ اڄ

٥. غواص بحر وارا اُڄ جا ڏئي اشارا + ويڙا وڃائي وارا رڃ آب چر ۾ آ اڄ

٦. برتر ۾ خاڪ وائي اڄ عشق جي سدائي + وڃ اڄ سان ڪر وفائي ڏونگر پٽر ۾ آ اڄ

## وجه انسانيت جو ڪن قلبي آهي نہ متي جو.

### 15- (بيت)

ڪن ڇڏي ڳاڙوان ٻيا ڪن ڪٽيج،

تني ساڻ سٽيج سنيها تہ سڄڻ جا.

شرح- جناب سرتاج سنڌ ساري قرآن ڪريم رب رحيم جي ڪلام ڪي پرت جو پيغام ۽ سڄڻ جو سنيهو سلام سڏي رهيو آهي، تنهن ڪري سندس نظريہ موجب هر هڪ آيت الاهي سرڪار نامدار حقيقي طرفان اسان ايماندارن عاشقن عاقلن ۽ اڪبوجهن مردن توڙي عورتن ڏي پورو پورو نيهن جو نياپو ۽ سڪ جو سنيهو سلام آهي. پوءِ اسان سامعن ۽ ٻڌندڙن کي گهرجي تہ پنهنجي سهڻي سڄڻ صورت جي سبحان محبوب مهربان کان اهو سڪ جو سنيهو سلام قلب وارو ڪن ڏئي چپ چاپ ۾ رهي ڪري سڪ ۽ سوچ سان ٻڌون نہ غفلتي گوش متي واري سان چو تہ متي وارو گوش سان ٻڌڻ جو ڪم تہ حيوانن کي بہ حاصل آهي- پر انسان اشرف المخلوقات کي ڪن ڳاڙوان ڇڏي فقط قلبي ڪنن سان سڀاجهي سرڪار جو سنيهو ٻڌڻ گهرجي تہ ڪجهہ ڪاميابي جو ڪارڻ ٻڻي هن بيت مذڪور جي شرح ۾ هي هينئن آيت الاهي شرح جو ڪم ڏئي رهي آهي.

فاذا قراءَ القرآن فاستمعو اله و انصتوا لعلڪم ترحمون)

يعني جڏهن بہ قدوسي ڪلام پرهيو وڃي تہ چپ چاپ سان قلبي ڪن ڏئي ٻڌو تہ شايد رحمت ياب ٿي وڃو)

مطلب تہ هي اهو ڪلام پاڪ مالڪ عرش افلاڪ جو آهي جنهن جي چند ڪلمن پاڪن جي فضيلت ۽ ڀلائي بابت جي ساري دنيا جي دريائن کي لکڻ لاءِ مس بڻايو وڃي ۽ ساري دنيا جي وڻن ٽڻن کي قلم بڻائي ۽ سندن برگ پنن کي ڪاغذ بڻائي ملائڪن ۽ جنن حڪم ايزدي لکڻ بابت ٿئي تہ اهي ڪونين جا ملائڪ ۽ جن لکي لکي نيٺ لکڻ کان عاجز ٿيندا ۽ دريائن جي مس سڪي ڪپي خسڪ ٿي ويندي، مگر قادر ڪريم رب رحيم جي چند ڪلمات قرآني جو قدر ۽ شان پورو ٿي نہ سگهندو — اهڙي قدر واري قران ڪريم جي ننڍڙي آيت سونهاري جا متي آيل آهي تنهن جو هوبهو ترجمو ترجمان قرآني جناب سرتاج سنڌ هن هينئن بيت ۾ ڪرڻ فرمايو آهي تہ

(بيت)

ڪن ٿي ڪيچن ڪچيو ڪچ متان ڪچن

اشارتون ان جون سڪو نان سجهن،

وٺان ويهي تن سڻ تہ سوز پرائين)

هن بيت مان هڪ تہ پهريون بيت مذڪور جي حقيقت هالي جي پٺ پرائي ثابت آهي 2- هن بيت ۾ لفظ ڪيچن مان بہ مرادون قابل ذڪر آهن هڪ ڪيچي مان مراد مولا پاڪ عرش افلاڪ جو پنهنجن ٻانهن عاجزن کي قران ڪريم جي ذريعي پنهنجو پاڻ سنيهو سلام سڻائي رهيو آهي 2- ٻيو مرشد ڪريم يا استاد عليم ٻڌائيندڙ مراد آهي جو پڻ هڪ هڪ آيت سونهاري جا آيت چڻ تہ سنيهو سرڪار سرمدي جو آهي جو عام ماڻهن کي علي الاعلان ٻڌايو ويندو آهي، پوءِ ٻڌندڙن ٻانهن کي هئن جاڻڻ گهرجي تہ جو بہ هنن کي الاهي آيتن جو سهڻو سنيهو سڻائي تہ گويا هو ٻڌندڙ ائين سمجهي تہ مان هن ٻڌائيندڙ قاصد جي واتان پنهنجي پاڪ پروردگار جو پيغام ۽ سڪ جو سنيهو سڻي رهيو آهيان پر اهو قرآني سنيهو دل جي ڪنن سان ٻڌي عمل پيرا نہ ٿيندو تہ جهڙو ٻڌائين

تهڙو نہ ٻڌائين چو تہ قران ڪريم کي قلبي ٻڌڻ سان ئي فائده رسان ٿيندو آهي نہ ڪن مٿي جي سان جيئن جو حضرت مولانا رومي صاحب انهي بابت عمدو فيصلو ڏنو آهي تہ

(بيت)

اين سخن از گوش دل بايد شنود گوش

گل اينجا ندارن هيچ سود گوش

سربا جمل حيوان همدم ست

گوش سر مخصوص نسل آدم ست)

تنهن ڪري جو شخص بہ دل جي ڪنن کي ڇڏي فقط مٿي جي ڪنن تي ٻڌڻ جو دارو مدار رکندو تہ انهن تي ڏاتار ڏمرجي سندن دلين تي ڏمر ۽ غضب جي مهر هڻي ڇڏيندو آهي، جيئن هينين آيت شريف انهي ڳالھ تي چٽي چٽي دلالت ڪري رهي آهي ونطبع على قلوبهم فهم لايسمعون) يعني اسان هنن جي دلين تي مهر هڻي ڇڏي آهي تہ هو نہ ٻڌن) مطلب تہ جيئن هو هدايت ۽ سک سنيهو نہ ٻڌن تہ وڌيک عذاب عظيم جا حقدار ٿين تنهن ڪري جناب پٽ ڌڻي انسان ذات ابوجهہ تي رحم ۽ ڪهل ڪرڻ فرمائي هنن کي مذکور بيت جي ذريعي خواب غفلت کان بيدار ڪري رهيو آهي- چو تہ قلبي ڪن سان سنيهو سڻڻ نهايت نافع ۽ اثر وارو آهي، جيئن جو مولانا حسين ڪاشفي صاحب فرمايو آهي تہ

گوش دل از استماع سخن حق فائده دارد نہ گوش آب و گل)

حاصل ڪلام تہ ڪا شفي صاحب جي تحقيق مان پڻ جناب سرتاج سنڌ جي بيت مذکور جي تائيد مزيد ثابت آهي تہ برابر انسان ذات کي هر حال ۾ ڪن قلبي سان سنيهو سڄڻ سرمدي ۽ عجيب الستي جو ٻڌڻ فائدي وارو آهي، نہ مٿي جي ڪنن وارو جن سان ٻڌڻ هم حيوانن کي بہ حاصل آهي- تنهن ڪري انسان تہ اهو آهي جو قلبي ڪنن سان ٻڌي ٻڌڻ سان پرين جي پيغام کي اکين رکي قلب سان قبول ڪري هڪدم عمل پيرائي تي رهي پر جي فقط ٻڌڻ جو ڪم ڪيائين ۽ عمل ڪرڻ جي ويجهو نہ ويو تہ چڻ انهي سڄڻ سرمدي جو سنيهو سلام ٻڌو ئي ڪونہ سنيهي ٻڌڻ لاءِ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ هي جهان ئي آهي نہ هو جهان جيئن جو انهي بابت ڪنهن عربي ۾ شعر چوڻ فرمايو آهي تہ

(ابيات)

يا سامعا ليس السماع بنافع

اذا انت لم تفعل فما انت صامع

اذا كنت في الدنيا عن الخير عاجزا

فما انت في يوم القيامۃ صانع

يعني اي ٻڌندڙ ٻڌڻ نفعي وارو نہ آهي، جڏهن جو عمل نہ ڪرين تہ پوءِ چڻ تون ٻڌندڙ ئي نہ آهين جڏهن دنيا ۾ تون خير ڪم کان عاجز آهين تہ قيامت ۾ ڪم ڪرڻ جو وقت ڪٿي آهي، حاصل ڪلام تہ قلبي ڪن سان ٻڌڻ بلڪل ڪمائتو ۽ ڪارامد آهي پر جي سک جو سنيهو قلبي ڪن سان ڪن ڏئي ڪو بہ نہ تو ٻڌي تہ انهي جي درميان ۽ حيوان جي ڪو تفاوت ڪونہ آهي، قلبي ڪنن سان پرت جي پيغام کي ٻڌڻ بابت هينيون ڪلام خاڪ جو پڊرو پتو ٻڌائي ٿو

(ڪلام)

قلبي ڪنن سان ڪانگل جو اچ ڪلام ٻڌ ٻڌ.

سهڻي سڄڻ جي سڪ جو سهڻو سلام ٻڌ ٻڌ.

1- واڪا ڪري وڻن جي لامن مٿي لوي ٿو،
ظاهر زبان ڪولي توکي ته ڪجهه چوي ٿو،
خاموش ٿي محبت مخفي جي مام ٻڌ ٻڌ.

2- چپ چاپ سان چوڻ جي ڪا چاس تون چکي وٺ
سڪ جو سنيهو سهڻو سهڻي طرح سکي وٺ
ماکي منائي مصري جهڙو پيام ٻڌ ٻڌ

3- ڪو نيهن جو نياپو نازڪ جو آ نرالو
نيڻن نظر تي رک رک نازڪ جو نور نالو
نيهن ۾ نيهن وارو نروار نام ٻڌ ٻڌ

4- محبوب پاڻ پنهنجو پيغام موڪليو اچ
قرآن قل هوا الله انعام موڪليو اچ
نروار نيهن واري نوبت نظام ٻڌ ٻڌ

5- ڪانگل قدم مبارڪ پنهنجا پري پلي اچ
خوش خاڪ تو اڱڻ تي آيو اجهو تلي اچ
ڪن سن ۾ ڪن جون ڳالهيون مخفي مدام ٻڌ ٻڌ

مٿئين ساري تحقيق انيق مان هي حقيقت عيان آهي ته جنهن به آدمي ۾ اِهي چار وجهه مذڪور انسانيت وارا موجود نه هوندا، اهو حقيقت ۾ انسان نه آهي. بلڪ حيوان کان به مرتبي ۾ ۽ مانَ ۾ هيناهون ۽ گهٽ آهي. مٿين چئن وجهن مذڪورن جو شرح شافي ۽ جامع ڪافي هي هينين آيت الاهي طويل آهي، جا آيت سونهاري هتي بطور سند حجت وافي جي پيش ڪئي وڃي ٿي. ولقد ذراٴ نالجهنم ڪثير امن الجن والانس لهم قلوب لايفقهون بهاولهم اعين لايبصرون بها ولهم آذان لايسمعون بها اولائڪ ڪالانعام بل هم اضل سبيلا واولائڪ هم الغافلون) يعني تحقيق اسان جنن ۽ انسانن مان گهڻن کي جهنم لاءِ پيدا ڪيو آهي اُهي اُهي آهن جن جون دليون مولا جي معرفت ڏي متوجه نه آهن انهن جون اکيون عبرت جي نظر سان قدوسي ڪائنات ڏي نه ٿيون نهارن انهن کي ڪن آهي پر فڪري سماع سان الاهي آيتن کي نه ٿا ٻڌن اهي همه حيوانن جهڙا آهن بلڪ انهن کان به وڌيڪ گمراهه آهن ۽ اهي آخرت جي ڪاروبار کان غافل آهن) هن آيت جي حڪم موجب ڪيترا انسان حيوان صفت آهن نه ماڻهو.

# شريعت ۽ طريقت ۾ قلبي ڪن جو لقب اذن واعيه آهي

16 – (بيت)

سڻ تہ سوز پرائيين آءُ چيائون اچ،
بولي بي نہ سکيا پاٽان چوندئي پچ،
واجي وٺ م وچ ٻڌ تہ ٻيائي لهي.

شرح- سرتاج سنڌ جي نظريہ موجب هن بيت جي مطالع واري لفظ سهٽي (سڻ) مان مراد سڻڻ ۽ ٻڌڻ ڪن قلبي جو آهي نہ ڪن مٽي جو ڇو تہ اهو ڪن قلبي جيڪو جو ٻڌي سو ڪڏهن بہ ڪين وساري بلڪ حافظي ۽ يادگيري جي لحاظ سان دل تي اهڙو تہ نقش ٿي وڃي جو ڄڻ تہ حجر پٿر تي چٽ چٽيل آهي پوءِ جيئن جو پٿر تان چٽ وارو نقش نہ ويندو آهي، تهڙي طرح قلبي ڪن سان ٻڌڻ واري جي قلبي ڦرحي تان ٻڌل ٻول جو نقش چٽيل نہ ويندو آهي، اهڙي چٽ چٽيندڙ ڪي نيهن وارا نقش بند جو لقب ڏيندا آهن، تنهن ڪري هڪڙي خاص طريقہ ذڪر جي تي نالو ئي نقشبندي پيو آهي ڇو تہ اهو نالو مبارڪ نقشبندي جناب حضرت خواجہ نقشبند ڪان نروار آهي، هاڻي هر هڪ هادي ۽ رهبر مرشد ڪامل ڪي انهي طريقہ جي طربيت موجب نقشبندي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي ڇو تہ انهي طريقہ جا مرشد بہ خواجہ نقشبند وانگي پنهنجن مريدن جي قلب واري پٽي ۽ ڦرحي تي اسم اعظم ذاتي جو پنهنجي تلقين جذبہ خيز سان چٽ چٽيندا رهندا آهن

تنهنڪري شريعت ۽ طريقت جي اربابن اهڙي ڪن قلبي جو لقب اذن واعيہ رکيو آهي ڇو تہ اهو اعلى لقب قرآن ڪريم جي زبان فيض ترجمان ڪان بطور نص نروار جي عطا آهي شل اهڙو ڪن مقبول محبوب معنوي ۽ برگزيده بارگاه ايزدي – ڪريم ڪار پنهنجي فضل ڪرم سان سڀ ڪنهن سالڪ سلوڪ جي ڪي ڏيڻ فرمائي آمين – پوءِ جنهن ڪي بہ اهو قابل قبول ڪن عنايت ايزدي سان عطا ٿي ويو اهو انانيت ۽ ٻيائي ڪان پري ٻيجي ۽ خودي جي ڪائڻ ڪان پوءِ فنائيت جو فوز حاصل ڪري هڪ سان هڪ ٿي بقا باالله جو فوز عظيم حاصل ڪندو جيئن جو – اذن واعيہ جي لقب ممتاڪز جي سند سوره الحاقة جي آيت شريف زيرين ۾ موجود آهي (وتعيها اذن واعيه) ياد ڪندو نصيحت ڪي ڪن ياد ڪندڙ) هن آيت سونهاري مان صريح ثابت آهي تہ ڪن قلبي جي سڄاڻ جي چٽي پٽي امتيازي علامت هي آهي جو اهو ڪن ٻڌل سنيهو سڪ جو يا وعظ نصيحت ڪڏهن بہ نہ وساريندو. بلڪ انهي حڪايت حبيب جو هميشان حافظ هوندو ڇو تہ لفظ ايعاء مصدر آهي جنهن جي معنىٰ ئي قلبي ڪن سان ياد ڪرڻ آهي تہ ڪن مٽي جي سان – انهي آيت الاهي جي تحت ۾ تفسير روح البيان وارو هئن فرمائي رهيو آهي تہ انهي ڪن جو هي شان آهي تہ جنهن چيز جو ياد ڪرڻ ۽ حفظ واجب آهي انهي جو حافظ ٿي وڃي ۽ عمل ڪرڻ جي اعتبار سان تارڪ عمل جو نہ ٿئي ياد ڪرڻ ڪم قلب جو آهي پر ظاهري ڪن نفسي قلبي ڪنن ڪي ٻڌل ڳالهہ پهچائي ڏيندا آهن تنهن ڪري قلبي ڪنن جي صديقي نفسي ڪنن جي نعت نروار ٿيندي آهي جيئن جو مولانا سعدي صاحب فرمايو آهي (بيت) وگر نيستي سعي جاسوس گوش خبر ڪي رسيدي بہ سلطان هوش- جي نفسي ڪن جاسوسي جو سعيو نہ ڪن هان تہ هوش جي بادشاه ڪي ڪيئن خبر پوي هان هن بيت ۾ جناب سعدي صاحب قلب جي ڪن مبارڪ ڪي سلطان هوش جو لاثاني لقب ڏنو آهي جنهن ۾ صفا ثابت آهي تہ وره وارن وٽ جيڪا قلب جي ڪن ڪي وقعت آهي اهڙي وقعت بي ڪهين بہ ڪن ڪي نہ آهي- اهڙي ڪن مقبول عطا ٿيڻ واسطي حضرت حبيب ڪريم رسول رب رحيم بي بي اسماء ذي امير المومنين حضرت صديق اڪبر رضہ جي ڪي حديث شريف زيرين جي ذريعي دعا ڪرڻ فرمائي آهي قال عليہ السلام لاسماء بنت ابي بڪر رضہ لا توعي فيوعي الله عليڪ ارضخي ما استطعت) فرمايو محبوب مدني اسماء ذي ابوبڪر جي ڪي تہ نہ ياد ڪر تون توڪي الله پاڻ ياد ڪرائيندو رهندو تون طاقت آهر پنهنجي پروردگار ڪان ياد ڪندي ره – انهي دعا ڪان پوءِ بي بي صاحبہ مذڪوره ڪي ڪڏهن بہ ياد ڪرڻ تي مٽي هٽڻ جي نوبت نہ ايندي هئي پر گهٽي پاڳي هن زمانہ جي زندگي ۾ پلائي ۽ فائدو اهڙو اعلى درجہ

وارو ڪنهن کي بہ نصيب نہ ٿيندو آهي مگر بن شخصن کي 1- هڪ عالم ناطق کي 2- ڪن قلبي مالڪ کي جيئن جو زيرين حديث حبيب الله مان هويدا ۽ ظاهر آهي لاخير في العيش الالعالم ناطق وستمع واع يعني نہ آهي ڪو بہ خير زندگي ۾ مگر واسطي عالم ناصح جي ۽ قلبي ڪن سان ٻڌنڙ لاءِ) مطلب تہ جنهن بہ فرد فريد سالڪ سعيد صاحب نجريد جي کي اهڙو مقبول ڪن عطا ٿيو تہ جڻ اهو سڌو سنئون پنهنجي سائين سبحان ڪان ٻڌي ٿو ۽ ٻڌندو رهندو- اهڙي هڪڙي ڪن مقبول کي سواد اعظم جي لقب لاثاني ۽ سند سرمدي سبحاني جي سرافرازي حاصل رهي ٿي جيئن جو انهي اعلىٰ لقب بابت تفسير ڪشاف واري چٽي تصريح ڪرڻ فرمائي آهي كما قد نقل عنہ صاحب روح البيان في تفسيره حيث اورد قال في الكشاف الاذن الواحدة اذا وعت و عقلت عن الله فهي السواد الاعظم عندالله و ان ماسوا ها لايبالي بهم) تفسير ڪشاف ۾ آهي تہ هڪ اذن واعيہ جڏهن سنئون سڌو سبحان ڪان سمجهي ياد ڪري ٿو انهي ڪن کي سبحان سائين وٽ سواد اعظم جو لقب حاصل آهي ۽ انهي هڪ ڪن مقبول کان سوا ٻين ڪنن جي پروردگار کي ڪا بہ پرواه ڪانہ آهي) هن تحقيق تفسيري مان ڪن قلبي کي سواد اعظم جو لقب لاثاني حاصل آهي پر اسان نچ نص نروار اذن واعيہ کي ڪن قلبي سان تفسير ڪري آندو آهي جنهن لقب جي مزيد تائيد هن هينين حديث نبي نوري حبيب حضوري کان نروار آهي فلح من جعل الله له قلبا واعيا) يعني اهو شخص ڪامياب ٿيو جنهن کي الله ڪن قلبي عطا ڪرڻ فرمايو) 2- ٻيو جڏهن اها آيت الاهي اذن واعيہ واري نازل ٿي هئي تڏهن حضرت نبي ڪريم عليہ السلام حضرتڪ علي ڪرم الله وجهہ کي فرمايو تہ اي علي مون پنهنجي مولا پاڪ کان سوال ڪيو تہ توکي اذن واعيہ عطا ڪرڻ فرمائي حضرت علي انهي دعا کان پوءِ جيڪي بہ ٻڌائين تہ ڪڏهن بہ ڪونہ وساريائين. جيئن جو حديث مبارڪ هينين مان اظهر من الشمس آهي وعن النبي عليہ الاسلام انه قال لعلي رضہ عند نزول هذه الا آيتہ مسئلت الله ان يجعلها اذنک يا علي قال علي فما نسيت شيئا بعد وماكان لي ان انسي) پر هن حديث جي هينان توري بحث ڪرڻ کان پوءِ صاحب روح البيان جو حضرت حيدر علي ڪرم الله جي حق ۾ هئن فرمائي رهيو آهي تہ اذ هوالحافظ للاسرار الا لٰيهة) هن عبارت جو مطلب آهي تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي حضرت نبي ڪريم جن جي دعا جي برڪت سان اهڙو حافظو هو جو جنهن جي حافظ سان ڪو بہ همسري ڪري نہ ٿو سگهي- جو تہ هو الله پاڪ جي اسرارن جو حافظ هو پر بعض اربابن تصوف وارن جو چوڻ آهي تہ جن جن ڪنن کي ازل جي ڏينهن ڪان الله تعالىٰ پنهنجو خطاب ٻڌايو آهي اهي بہ ڪن واعيہ آهن جو هر هڪ خطاب عتاب کي گهٽو ڪري سڌو سنئون الله پاڪ کان ٻڌن ٿا جيئن جو تفسير روح البيان واري انهي حقيقت حال تي عمدي طرح روشني وجهڻ فرمائي آهي تہ تلک آذان اسمعها في الازل خطابة فهي واعيه تعي من الحق كل خطاب) اهي ڪن جن کي ازل جي ڏينهن الله تعالىٰ پنهنجو خطاب ٻڌايو پوءِ اهي ڪن هر حڪم سڌو سنئون حق ڪان ٻڌندا رهن ٿا) هن تحقيق انيق مان صريح ثابت آهي تہ ڪيترن اوليائن ڪرامن ۽ عارفن عظامن کي اذن واعيہ جي نعمت عظمىٰ نصيب آهي- جو تہ جي سامع سرمدي کي ڪن قلبي جي نعمت نصيب نہ آهي تہ ناصح نگار حقيقي جي نصيحت ۽ نيهن جي نياپي مان فائدو پرائڻ ڏاڍو دشوار ٿيندو هتي لفظ ناصح جو اطلاق محبوب معنوي توڙي مجازي ٻنهي تي شامل آهي، مجازي مان مراد مرشد ڪامل آهي نہ غير جيئن جو هينيون بيت فارسي انهي ڳالهہ تي حقيقت کولي رهيو آهي گرچہ ناصح رابود صد داعيه پندرا اذني ببا يد واعيہ گرنہ بودي گوشهائي غيب گير وحي ناوردي زگردون يک بشير) حاصل ڪلام تہ اذن واعيہ جي نعمت عطا ٿيڻ کان پوءِ ڪيترا سارا اولياءَ ڪامل ۽ عارف عامل غيب جو آواز سنئون سڌو پنهنجي سڄڻ سبحان کان ٻڌاندا رهندا آهن – جن صاحبن مان ڪن ٿورن جو هيٺ ذکر ڪجي ٿو – انهن عارفن کي هينين ريت عتاب خطاب ٿيندو رهندو آهي تہ هذا افعل اولاتفعل يعني هي ڪم ڪر يا نہ ڪر – يا اهو مقبول پانهو پاڻ غيب ذات کان پڇندو آهي تہ هي ڪم ڪيون يا نہ ڪيون- غيبي آواز جي انعام جا اقراري هينيان بزرگ پڻ آهن.

1- شيخ جمال الدين اُڇوي رحمتہ الله عليہ بہ انهي مرتب جو مالڪ آهي- انهي صاحب سگوري وٽ جيڪڏهن ڪو بہ شبهي ناڪ طعام آڻيندو هو تہ هو صاحب غيب کان چٽو ٻڌندو هو تہ هي حرام آهي پر تولاءِ مون حلال ڪيو آهي)

جناب مخدوم جهانيان آهي جنهن وٽ پڻ هڪ آدمي طعام آندو ته جناب مخدوم صاحب کي اوچتو آواز غيبي ڪن تي پيو ته ياعبدي لاتاکل من هذا الطعام فانه حرام)

3 – اي منهنجا ڀانهان تون هن طعام حرام کي نه کاءُ) هي ٻئي بزرگ سنه 707 هجري جا آهن پر حضرت سرتاج سنڌ ته پنهنجي بيت مذڪور ۾ هينيان الفاظ چئي آواز غيبي ٻڌڻ جو اقراري ٿيو آهي. سڻ ته سوز پرائين آءُ چيائون اچ) جناب سرتاج سنڌ ته سنئون سڌو سجڻ ۽ عجيب اعلىٰ ڪان حڪم اچڻ جو ٻڌي رهيو آهي، اهڙا ڪيئي واقعا پٽ ڏٺي جا آهن جي طوالت جي خطره ڪان هت آڻي نه ٿا سگهجن. 4 – جناب حضرت مرشد ملڪاني سيف رحماني جن هڪ ڏينهن پنهنجي حجره مبارڪ ۾ ماه پهرين جمعه جي ڏينهن وينل هوا ته ڪين آواز غيبي جو هينين ريت اطلاع ٿيو ته تنهنجي امتحان وٺڻ لاءِ هڪ شخص غلام عمر نالي ذات ماڇي آيل آهي جو مسجد جي اتر واري ڪنڊ تي وينل آهي پاڻ هن کي نالو وٺي ماني لاءِ سڏيائون جنهن تي هو پشيمان ٿيو) 5 – فقير خاڪ خادم درگاه ملڪاني کي جواني ڪان وٺي اج تائين انهي نعمت جي نوازس ٿيندي رهندي آهي پر فقير مخفي رکندو آيو آهي هاڻي جڏهن حياتي جا پويان ڏينهن بچيا آهن ته بفحوي الڪريم واما بنعمتہ ربک فحدث يعني پنهنجي رب ڪريم جي نعمت کي نروار ڪر) انهي آيت الاهي جي حڪم تي عمل پيرا رهي ڪجهه نه ڪجهه شڪر گذاري جي نيت ۽ ايرادي سان ٻڌائڻ گهران ٿو ته هڪ ته من شڪر گذاري جو سبب ٻڻي مون کي آيت الاهي ان شڪرتم لازيد نكم) جو مصداق ٻڻائي 2- ٻيو ته انهي نعمت جي اظهار ڪرڻ جو ناگاه موقعه پيدا ٿيو آهي 1- پهريون پيرو فقير کي هي غيب ڪان آواز آيو ته اي مولوي اٿي ٻاهر تي جو جاءِ تنهنجي ڪري ٿي) سياري جا ڏينهن هوا مان اندر ڪوٺي ۾ ستل هئوس سڏ تي سجاڳ ٿي هڪدم سجي آکهه کي اٿاري اجان ٻاهر نڪري ڀينس ته ساري جاءِ ڪري پئي) اهو واقعو فقير جي جواني جو آهي جنهن جي ساري ڳوٺ کي خبر آهي 2 – هڪ ڏينهن ڳوٺ وارن وٺان رڌل گوشت شبهي وارو آيو اجان ڪائڻ لاءِ هٿ ڏگهو ڪيم ته اوچتو غيب ڪان هي هيبتي آواز آيو يا عبدي لا تاکل هذا الحم) اي منهنجا ڀانها هي گوشت نه کاءُ) پوءِ اهو شبهي وارو گوشت هڪدم ڦٽو ڪيو ويو. 3- ٻاڊه واري درگاهي مسجد شريف ۾ تهجد جي وقت مراقبہ ۾ مستغرق آهيان ته ناگاه ندا آئي زبان فارسي ۾ ته از لحم بدن تو هم پاره بريده اند) يعني تنهنجي بدن واري گوشت مان ٽڪرو وڍيو اٿن) اجان صبح تي پوري طرح آراقي نفل پڙهي پورا نه ڪيا ويا هوا ته ڳوٺ ڪان هڪ شخص نالي محمد مريد آيو جنهن ٻڌايو ته توهان جو همشيره زادو نالي نياز محمد ڪالهه گذاري ويو آهي مون جاتو ته برابر همشيره زاده بہ بدن جي گوشت جا پاره ۽ ٽڪرا آهن 4 – ته مون کي شاعرن جي شاه مقبول درگاه جي رسالہ تي شرح لکڻ ۾ ڏاڍو تردد ۽ فڪر هو ته باوجود پيري ۽ زهيري ۽ ڪهنه مرض مزمن جي مون ڪان ايڏو ڪنن ڪم ڪئن ٿي سگهندو انهي تصور ڪرڻ سان رات جو خوابيده هئس ته ٿورو تهجد جي وقت ڪان اڳ ۾ هي آواز غيبي گوش گذار ٿيو ته يا عبدي اعطينالڪ اذ نا واعيا) يعني اي ڀانهان تحقيق اسان توکي ڪن ٻڌندڙ ڏنو آهي) انهي آواز ٻڌڻ ڪان پوءِ فدوي جي ڪن قلبي کي ٻڌڻ جي حافظي ۽ ياد تي ايتري ته طاقت ٿي جو انهي عطائي طاقت جي آڌار تي ۽ توفيق رفيق جي وسيلي هيڏي ڪنن ڪم ۾ انشاء الله تعالىٰ پڙهي هٿ همت جو وڌو ويو آهي جو اميد ته قادر ڪريم جي ڪرم ۽ فضل سان ڪم سارو سجايو ٿي ويندو. آمين. انهي سائين سجڻ جي سڏ سڻ بابت ويچارو خاڪ هينين ريت پنهنجي شعر زيرين ۾ اقرار ڪري رهيو آهي-

(ڪافي)

سهڻو سجڻ سدائين نالو وٺي سڏي ٿو + آڌي اُٺاري پنهنجي انعام سان اڏي ٿو.

١. پارس نه آ پري مون ڏوليو پيو ڍري مون + سهڻو سڏي ڪڍهن مون ڳڏ پاڻ سان ڳڏي ٿو.

٢. يا عبد چئي ادب سان لائق سڏي لقب سان + ريتو جو پنهنجي رب سان ڏيلي نه تنهن ڇڏي ٿو

٣. ڪڏ ڪير پاڻ پياري فردوس تو ڏيکاري + ڪڏ دل مئل جياري ڪڏ قلب ۾ ڪڏي ٿو

٤. تهجد جو وقت ويلو روحن ڏنو هو ريلو + محبوب ڪرڻ ميلو تهدل اچي تڏي ٿو

٥. ڪڏ خاڪ خوبرو آ ڪڏ آب آبرو آ + ڪڏ رب روبرو آ ڪڏ پاڻ ۾ پڏي ٿو

## هڪ هوت سان ياري ڳنڍ ٻين سان ڇن

17- (بيت)

يار ڪجي هڪڙو گهڻان تان نہ ڪجن

دل بہ ڏجي هڪڙي کي مَرُ سوين سڏون ڪن

سي چلولا چئجن جي در در لائن دوستي)

شرح- سرتاج سنڌ جي سهڻي صلاح موجب فقط هڪ ڏڻي پاڪ جي دوستي دائمي ۽ ياراني قائمي قبول ڪرڻ گهرجي پر نيهن جو ناتو پنهنجي پنهل پاڪ سان اهڙو تہ نروار تي نباهجي جو سچائي صداقت ڏسي سوين ٻيا بہ حيران ٿي ڪري تنهن سهڻي سڄڻ سائين سان سچي دوستي رکڻ جون سڏون ڪن نہ فقط سڏون ڪن پر رشڪ وٺي پاڻ بہ سچي ياري رکڻ لاءِ تيار ٿين تنهن ڪري گهڻن درن جون دوستيون ڇڏي رڳو هڪ در جي ڏڻي سان پنهنجي پرت وارو پيوند ٻڌن- خدا نہ خواستہ ائين نہ ٿئي جو هڪ هوت ڪان حب هٽائي چلولو ٿي غفلت ڪري دز در دوستي جو دم ڀريندو رهجي ائين هرگز هرگز نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ ٻين جي درن کي نظر انداز ڪري فقط هڪ الله پاڪ سان اُنس ۽ الفت رکڻ گهرجي ان بيت مذڪور جي تائيد هن آيت الاهي مان بطور شرح جي ٻاهر ظاهر آهي قل الله ثم درهم وهم في خوضهم يلعبون) چؤ تون اي محمد مصطفیٰ تہ الله هيڪڙو آهي تنهن کان بعد ٻين کي ڇڏي ڏي جو اهي پنهنجي باطل خيال موجب راند روند ڪيڏن ٿا – اهل اشارات جي عارفن جيڪي بہ ان آيتہ مان نڪتا ۽ عبارتي لطائف بيان فرمايا آهن اهي اهل نظر وارن جي اڳيان نروار ڪري ڏيکارجن ٿا تہ پڙهندڙ ڏسندڙ فڪر سليم سان پروڙي فائدو پرائين ڀهريون شيخ ابو سعيد ابو الخير قدس سره مٿي آيتہ جي بابت هئن فرمايو آهي در ڪلمئہ (قل الله ثم ذرهم) فرموده ڪہ الله بس وما سواه هوس وانقطع النفس) يعني قل الله ثم ذرهم) جي ڪلمہ ۾ فرمايائين تہ نفس جو تعلق ڪپي ڇن چو تہ هڪ الله ڪافي آهي ۽ بس ۽ ماسوي الله همه هوس آهي جنهن ماسوا جي محبت ۽ حب مان ڪو بہ ڪڙتيل نہ نڪرندو ۽ وري شيخ الاسلام فرمايو آهي تہ (قل الله جو مقصد آهي تہ قلبي ڪن جو ڌيان الله جي طرف ڏي توجہ تام ۽ ڪامل سان ڏي ۽ ثم ذرهم غير الله سان دوستي ڇني ڇڏ – جيئن جو روح البيان واري نظريو هن طرح نروار ڪرڻ فرمايو آهي. شيخ الاسلام فرموده ڪہ (قل الله) دل سوئي اوده (ثم ذر هم) غير اورا فروبگذار) ۽ علامہ شبلي رح پنهنجن دوستن مان ڪن کي فرمايو تہ الله جي الفت پاڻ تي واجب ڄاڻ ٻين جي دوستي ڇڏي ڏي شبلي بابعض اصحاب خود ميگفت ڪہ عليڪ باالله ودع ماسواه) (بيت) چون تفرقئہ دل ست حاصل زهمہ دل رابہ يکي سپار وبگسل زهمہ) پر پڻ ٻي ڪنهن صاحب فارسي ۾ هئن فرمايو آهي تہ (بيت) بقول دشمن پيمانہ دوست بشکستي بہ بين ازکہ بريدي وباکہ پيوستي – پوءِ نيهن جي نامدار پٿائي پوتار جي نظريہ موجب جنهن نظريہ جي پٺ پرائي آيت الاهي مذڪوره مان صريح ثابت آهي- عاقل انسان عارف عرفان لاءِ انتباه جو اعلیٰ اشارو آهي تہ جو بہ جوڳي وصال جو ووڙو وصول الي الله جو عزم پڪو ۽ ايرادو جازم رکي ڀهريون ماسوي الله کان پنهنجو منهن مٽي ۽ نفساني تعلقات تمامي توڙي فقط مولا پاڪ جي محبت ۾ محو مستغرق رهي جيئن جو زيرين بيت مان سندس بيت مذڪور جي تائيد مزيد معلوم ٿئي ٿي (بيت) ڇا کي وڃي ڇو ٻيلي ٻيهين ٻين جو ڪنجڪ وٺ ڪريم جي جڳ جو والي جوء سو ڪو هوندو سو جنهن جو عشق الله سان) ڇو تہ غير الله سان دل ڳنڍڻ محض لهو لعب ۽ گمراهي آهي پوءِ لهو لعب سان لنؤ لڳائڻ لاعب غافل جو ۽ ٻارن غير عاقلن جو ڪم آهي نہ دانائن هشيارن مغز بيدارن جو بيدار بخت سدائين ذڪر ذاتي جي ذوق ۽ فڪر وحدت جي فنائي واري شوق ۾ شادان ۽ فرحان رهندو آهي جيئن جو هينيون ڪلام خاڪ جو انهي ذڪر فڪر تي شاهد آهي)

[ڪلام]

جهڙو ذڪر تهڙو فڪر چڏي ذڪر نہ ٿي نڪر

١. رکو ذڪر جو ڪو ذوق شب و روز ڪري شوق + چڏي گوڙ گندو گوڪ نلو نور ٿي پو نڪر
٢. انئي پهر اهو آر پيو ذڪر سان رک پيار + ڪري قلب جي ڪوڪار پنهل سان وجي پڪر
٣. سوا ليکي سجڻ سار ڏئي قوڪ ٻريل ٻار + طلب تيز رکي تار ڪدي من مان چڏيو مڪر
٤. ڪر نفس متي غيظ فنا فڪر جو وٺ فيض + نہ ٿي ديت دلو ديز پڙهي تهجد ڪرين شڪر
٥. ٻٽي خاڪ ٿي گيراڪ پلئي پاڙ پوي پاڪ + ڏسي چاڪ ڪان ٿي چاڪ وسي توتي ڪرم ڪڪر

## سوز سڪ جي باه سان خطرن خام جو جهنگ جلي ڪامي خاڪ تي ويندو آهي

18 – (بيت)

جنگ سڙي بڻ ٿيو وئي مرون لڪ

سجڻ ۽ سڪ ٻئي وڃي هڪ ٿيا-

شرح- پت ڏٺي جي فرمان موجب مرون مان مراد خناس خر خيالات افگن في الصدر جو آهي پوءِ توڙي اهو خرخبيث انسان ذات جي جنس مان هجي خواه جنن جي جنس مان جو اهو گهڻو ڪري انسانن جي سينن ۾ خراب خطرن جو جهنگ پيدا ڪري پاڻ انهي جهنگ ۾ لڪي ڇپي جائگير ٿيندو آهي- تنهن ڪري سرتاج سنڌ سالڪ سلوڪ جي ڪي سمجهائي رهيو آهي ته منهنجي سوز سڪ ۽ بره جي باه مذڪور مرون جي لڪ واري جهنگ جهر ڪي اهڙو ته ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو آهي جو هاڻي مرون جي لڪڻ واري جڳهه معدوم ۽ برباد ٿي رهي آهي تڏهن منهنجي من وارو مرون برمهن ڏئي ڀڄي ويو آهي ائين مون کان ڀڄي پري ٿيو آهي جيئن جو حضرت امير المومنين عمر فاروق جي پوڇي کان پري ڀڄندو آهي جيئن جو حديث زيرين مان ثابت آهي ان الشيطان يفرمن ظل عمر) يعني تحقيق شيطان عمر جي پوڇي کان ڀڄندو آهي) پوءِ هاڻي منهنجي من ۾ باقي موج زن هڪ سجڻ ۽ ٻي سڪ آهي- اهو مقام معلىٰ فناعيت جو محبوب معنوي ۾ آهي اهو درجو ڪن ڪن درد وارن مومنن مشتاقن ڪي معراج صلاتي جي صورت ۾ نصيب ٿيندو آهي جيئن جو حديث حبيب الله سان ثابت آهي ته الصلوٰة معراج المؤمنين) يعني نماز مومنن جو معراج آهي) پر جناب سرتاج سنڌ ڪي ته سدائين سوز گداز سبب محبوب جي مشاهدي جو معراج مدامي نصيب آهي جيئن جو هينئين بيت ۾ پرين جو پسڻ نماز کان نرالو ٻي پهلو تي ٻڌائي رهيو آهي (بيت) نماز روزو اِيءُ پڻ چڱو ڪم، پر اهو ٻيو فهم جنهن سان پسجي وڃي پرين ڪي) پر جناب سچل سرمست وري سوز گداز ڪي ئي نماز سڏي رهيو آهي جيئن جو زيرين بيت ديوان آشڪار جي مان ظاهر آهي ته (بيت) عاشقانرا نماز سوز گداز زاهدان رامدام روزه نماز) حاصل ڪلام ته لطيفي لات ڀهرين مذڪوره جي پٺ پرائي ۾ بطور شرح جي زيرين آيت الاهي شرح شافي جو ڪم ڏئي رهي آهي خناس الذي يوسوس في صدور الناس من الجنه والناس) يعني جنن ۽ انسانن مان هڪ خناس نالي شيطان آهي جو انسانن جي اندر ۾ وسواس وجهندو آهي) هن آيت الاهي مان خطرن ۽ وسواسن جو وجود چٽو ثابت آهي جن خطرن ڪي جناب سرتاج سنڌ مرون جي لڪ جو جهنگ سڏيو آهي جو جهنگ سندس جوش جذبہ ۽ سوز سڪ جي باه سان سڙيل نظر اچي ٿو پر سندس نمازي معراج هن هينئين بيت مان نروار آهي (بيت) تان تان ناه سجود، جان نه پري ٿين پاڻ کون، وڃائي وجود تهان پوءِ تڪبير چؤ) هن بيت جي شرح ۾ هي حديث ڪافي آهي – لاصلوٰة الا بحضور القلب) يعني نماز قلب جي حضور کان سواءِ نه آهي) مطلب ته سرتاج سنڌ کان پنهنجا مارو پاڪ ڪڏهن بہ وسريل ڪونہ هوا پر ڪائنات تي ڪوٽ ۾ يا انفسي اوٽ ۾ قيد تي بہ ٻاٻاڻي ٻول ڪي فراموش ڪرڻ نہ فرمايائون جيئن جو سندس هينيون ڪلام انهي حقيقت تي صادق آهي

(ڪلام) روپ جوڳ –

مارو منڙا ڍول، وسون ڪين وساريان مان

1- ڪوٽ وهڻ جي ڪانہ ڪنديس مان ٻاٻاڻن سان ٻول

2- گڏجن مان گداوَ ۾ گوٺن ۾ ڪنديس گول.

3- ڪڍ ٻندياني ٻند مون ڪڙا لاهي ڪڙول

4- اسر ويل اتي ڪري پڙهان پئي لاحول

5- اديون شاه لطيف چئي رتا منجهه رتول –

## نماز گلاري ٽيڻ کان نجات آهي.

18- (بيت)

جي پائين جوڳي ٿيان، که ڪلمي سندي ڪار،

پورو رهه پنجن ۾، آيا ٿيهه نه ٿار،

اهي ڏاڍا ڏار، ته گر وت گلارو نه ٿئين.

شرح- فياض فائق لطيف لائق فرمائي رهيو آهي ته اي انسان عاقل جي تون مومن صادق سڏائڻ جو مستحق ۽ لائق بڻجين ته ڪاهل ۽ غافل نه ٿي بلڪ غفلت جي ڪپه ڪنن مان ڪڍي منهنجي مشوره مفيد موجب 1- پهريون ڪلمو پاڪ پڙهي پاڻ کي ايمان علامت اسلامي اعلان سان مزين فرماءِ. 2- پنج وقت نماز سونهاري پوري پوري پابندي سان پڙهه جو ته ايمان آڻڻ کان پوءِ فقط نماز ئي افضل الاعمال آهي، پوءِ جنهن به آدمي نماز قائم ڪئي تنهن جڻ دين متين کي ٿنڀ ڏيئي بيهاريو ۽ جنهن جوني نماز ڇڏي تنهن جڻ پنهنجي هٿ پليد سان ڏٽي پاڪ جي دين کي ڊاهي ڇڏيو جيئن جو انهي حقيقت حال تي هي هينين حديث شريف هوبهو صادق آهي. من اقام الصلواه فقد اقام الدين ومن توکها فقدهدم الدين) 3- ٽيون ٽيهه روزا رمضان شريف جا هر سال ۾ سنپالي رک جو ته روزن جي فرضيت پڻ قران ڪريم جي هينين آيت شريف سان ثابت آهي ياايها الدين آمنوا ڪتب عليڪم الصيام) اي مومنو توهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن) بيو ته روزن جو عمل اهڙو ته اعلىٰ درجه جو آهي جنهن عمل ۾ رياءَ جو ريج ۽ بوءِ باس ڪانه آهي بڻائڻ کان سواءِ سوا سرڪار صمدي جي ڪنهن کي به ڪل خبر نه پوندي آهي تنهن ڪري اهڙي روزه بي ريا واري جو اجورو خود ڏٽي پاڪ جو ديدار آهي جنهن جو دلاسو ڏٽي پاڪ پاڻ هن حديث جي ذريعي ڏيڻ فرمايو آهي ته الصوم لي وانا اجزه به) يعني روزو خاص منهنجي لاءِ آهي ان جو اجورو آءٌ آهيان) انهن ٽن چيزن هر هڪ ايمان- نماز- روزي کي جناب پٽ ڏٽي ڏاڍا چوڻ فرمائي چوي ٿو ته اي انسان اهي ڏاڍا ڏار ته توتي مومن جو نالو مبارڪ نهي وگر نه انهن ڏاڍن ڏارڻ کان سوا پنهنجي گر غفار سائين ستار وٽ گلارو ٿي گذاريندين پوءِ پنهنجي رب ڪريم غفور رحيم آڏو گلارو ٿي گذارڻ ڪم مشرڪن جو آهي نه مومنن جو جناب نيهن جي نامدار جي نظريه مذڪور جي تائيد هي آيت الاهي زوردار نموني سان نروار ڪري رهي آهي واقيموا الصلواة ولا تڪونوا من المشرڪين) يعني نماز قائم ڪيو ته مشرڪن کان ممتاز رهو) وگر نه توهان جي ۽ مشرڪن جي وچ ۾ امتيازي علامت معدوم ۽ گم هجڻ ڪري ڪو به سڌو فارق نظر نه ايندو تنهن ڪري مومنن کي جاٽي واٽي نماز ڇڏي مشرڪن جهڙو بي نمازي ٿي رهڻ مناسب نه آهي اميد ته اسان جا عاقل بائر ۽ عقل واريون پينرون هن سهٽي صلاح سرتاج سنڌ جي کي هرويرون نظر انداز نه ڪرڻ فرمائيندا جو ته قيامت جي قيام برپا هجڻ وقت به پهريون پهريون پڇا نماز سڳوري جي ٿيندي جيئن جو زيرين بيت فارسي مان ظاهر آهي

(بيت)

روز محشر ڪه جان گداز بود اولين پرسش نماز بود)

## پاند پسائڻ کان پاسو کان پاسو

19- (بيت)

مون کي مون پرين ٻڌي وڌو تار ۾
مٿان تا بہ چون مٿان پاند پسائين

شرح- جناب سرتاج سنڌ پنهنجي فهم فهيم موجب فرمائي رهيو آهي تہ ميثاق واري الستي ڏينهن کان وٺي منهنجي محبوب معنوي مون کي قالو ابلىٰ جي ٻول وٺڻ سان ائين ٻڌو آهي جيئن جو ماءُ پنهنجي ٻچي ۾ ٻار کي ڄمڻ کان وٺي چند مهينن تائين ٻنڌڻن ۾ ٻڌي قابو ڪندي آهي پر انهي مادر مشفقہ جي نيت خالص ۽ ايرادو هي هوندو آهي تہ جيئن منهنجو پيارو ٻار ٻنڌڻن جي ٻڌڻ ڪري بدن بيهڪ ۾ سڌو سنئون سهڻو ٿي هلي مٿان سوا ٻڌڻ جي سندس ڄنگهون ۽ عضوا ڦري ڏنگا ۽ ڦڏا ٿي وڃن تنهن ڪري ايترا ساراڏينهن پنهنجي ٻچي کي بنا ڪنهن حياءَ رحم ڪرڻ جي ٻڌندي رهندي آهي- تنهن وانگي پنهل پرين پاڪ جو لک ڪروڙ ڀيرا ظاهري مادر پدر کان رحم ڪرم ڪرڻ ۾ وڌيڪ آهي تنهن بہ مون کي ميثاق واري ڏينهن جو ڄڻ روحن جي ڄمڻ جو ڏينهن ۾ تنهن ڏينهن ۾ پهريائين (الست بربڪم) فرمائي قالوا بلىٰ جي ٻول ۾ پڪي پايہ سان ٻڌي پوءِ دنيا جي درياءَ تار ۾ وجهي مٿان دڙڪو ڏئي چيائين تہ مٿان هي عهد الستي وساري پنهنجا چارئي پاند پاپن جي پليد پاٽي ۾ پسائين- هتي ٻول ٻڌڻ ۽ پسڻ کان پاسو ڪرڻ ۾ پڻ پرين کي پنهنجي پياري ٻانهي جي خير خواهي ۽ ڀلائي مد نظر آهي وگر نہ ٻانهي جي ٻول ۽ پاند پسائڻ جي هن سائين کي ڪهڙي ڪاڻ آهي هو تہ سدائين صمد بي نياز بادشاه آهي جنهن کي ڪنهن جي بہ عبادت جي گهرج ۽ پرواه نہ آهي مگر انسانن ۽ جنن کي عبادت جو حڪم سندن سڌاري ۽ فائدي لاءِ ڏيڻ فرمايو اٿس- تنهن ڪري پٽ ڏٽي پاڻ تسليم ڪري ٿو تہ جنهن وقت الله سائين مون کي الست بربڪم جو استفهام ڪرڻ فرمايو تڏهن بروقت مون سوچي سمجهي پنهنجو پورو پورو فائدو ڄاڻي هڪدم قالوا بلىٰ جو وچن پنهنجي خوشي سان خوشي ٿي ڪيم جو اجان تائين نہ وسريو آهي جيئن جو هن هينئين بيت ۾ سندس اقرار عيان آهي (بيت) الست بربڪم جڏهن ڪن پيوم قالوا بلىٰ- قلب سين تڏهن تت چيوم تهين وير ڪيوم وچن ويڙيچن سين) باقي رهيو بيت جي آخرين جملہ - مٿان پاند پسائين) جو جواب سو سرتاج سنڌ جي نظريہ نگاه موجب هي آهي تہ پرين پاڪ پنهنجي ٻانهي خطرناڪ جو ڏيان ۽ خيال چڪائي فرمائي ٿو تہ اي انسان جڏهن بہ آسماني فرمان توتي اچي ۽ انهي ۾ توکي علىٰ الاعلان عصيانن ڪرڻ ۽ پاپن جي پاٽي ۾ پاندن پسائڻ کان منع ۽ روڪ ٽوڪ هجي تہ تون انهي آسماني حڪم جي آڏو پنهنجو گردن جهڪائي خم ڪري سر بسجود رهجاءِ مٿان امر جي انحرافي ڪري پنهنجا چارئي پاند پاپن جي پاٽي پليد ۾ پسائي عذاب اليم ۽ جهنم جي جيل نالي حجيم جو حقدار ٿي هن ساري حقيقت تي هينيون بہ آيتون الاهي شرح شافي جو ڪم ڏين ٿيون 1- پهرين آيت هي آهي امايايتينڪم مني هدي فمن اتبع هداي فلايضل و ولايشقىٰ) يعني جڏهن بہ مون وٽان توهان وٽ هدايت جو حڪم اچي پوءِ جو اوهان مان هدايت تي هليو تہ انهي جو پاند پاپن ۾ نہ پسندو ۽ نہ منهنجي مشاهدي کان محروم رهندو) پر جو باوجود منع جي بہ پنهنجا چارئي پاند پاپن جي پاٽي ۾ پسائي پاڻ کي مجرم ۽ ناپاڪ ٻڻائيندو تہ انهي لاءِ جهنم جو جيل ڪليل رهندو جو هو انهي جيل ۾ نہ مرندو نہ جئندو بلڪ جاوداني جسمي سزا ڀوڳيندو رهندو جيئن جو هي 2- ٻي آيت ڪريمہ انهي ڳالهہ تي پوري پوري شاهدي ڏئي رهي آهي تہ من يات ربه مجرما فان له جهنم لايموت فيها ولايحي) جو بہ پنهنجي پروردگار ڏي چارئي پاند پسائي مجرم ٿي ايندو انهي جي جاءِ جهنم آهي جو انهي ۾ نہ مرندو نہ جئندو) هن آيت مان چٽو ۽ صاف ثابت آهي تہ پاپن ۾ پاندن پسائڻ وارو مجرم سدائين سقر جي باه ۾ سڙندو رهندو مگر عذابن جي سختي ڏسڻ سبب مري بہ نہ سگهندو. رڳو عذابن ۾ حياتي گذاريندو- نعوذ بالله من ذلک العذاب

## پسڻ کان پالهي ٿيڻ جو رستو روحاني رهبر هئڻ ٻڌائي ٿو

20-(بيت)

پريت رک پنجن سان ٿيهئي کر بحال،

انهي تڪرار ڳالهه تنهنجو پاند پسندو ڪينڪي

شرح- روايت شهره آفاق آهي ته هڪ ڏينهن جڏهن جناب سرتاج سنڌ جي زبان فيض ترجمان منجهان بيت مذڪور نمبر 19 وارو نروار ٿيو تڏهن سندس معتقد ۽ مريد نالي عنايت الله صوفي به موجود هو هي اهو عنايت آهي جنهن جي نالي تي ديوان عنايت بيتن ۾ ڇاپيل آهي جنهن ديوان ۾ پڻ لطيف جي نالي ۾ لڪائي وحدت وجودي ڳائي اٿس- انهي صاحب بطور اعتراض جي هي بيت پنهنجو لطيف جي بيت مذڪور جي جواب ۾ پيش ڪيو جو هي آهي- پئي جا پاتار سا پسڻ کان ڪئن پالهي رهي) سندس اعتراضي بيت جو مطلب آهي ته جو به انسان دنيا جي درياء تار ۾ رهي ٿو تنهن جو پاند پاپن جي پاڻي ۾ پسڻ کان پالهو هرگز نه رهي سگهندو تنهن جي جواب باصواب ۾ جناب پٽائي صاحب خاص طرح عنايت الله صوفي کي ۽ عام طرح سيني انسانن کي بيت مذڪور نمبر 20 سان خطاب ڪري چوڻ فرمائي ٿو ته توهان پنج وقت نماز ۽ ٽيهن روزن کي پورن پورن وقتن تي پرت واري پابندي ۽ پايداري سان پڙهندا رهندؤ ته پوءِ توهان جو پاند پاپن جي پاڻي ۾ هرگز نه پسندو- شاه صاحب شاندار جو اهو چوڻ بلڪل پورو ۽ برابر آهي چو ته نماز جي تڪرار ۽ دوام جي هي پهرين ڪرامت ۽ معجزو آهي جو نمازي جي پاندن کي پسڻ کان پالهو ۽ پاڪ رکي جنهن جي پٽ پرائي ۾ بطور شرح جي هي آيت ڪريمه ڪافي آهي ان الصلواه تنهى عن الفشاء والمنكر) يعني تحقيق نماز بي حيائي جي بدڪمن ۽ غير شرعي ڪمن کان روڪي رکندي آهي) پر انهي بابت هڪ روايت رسول الله صہ جي مروي آهي ته ابتدا اسلام ۾ حضور جن جي حضور فيض گنجور ۾ هڪ اصحاب ڪنهن نوجوان جي شڪايت هن طرح پيش ڪئي ته فلاڻو نوجوان نماز به پڙهندو آهي پر تنهن هوندي به بدڪم چوري وغيره ڪندو آهي پاڻ ڪريمن فرمايو ته نماز جلد انهي کي بدڪمن کان روڪي ڇڏيندي حضرت جي انهن چوڻ کان پوءِ هن نوجوان برابر ٽورن ئي ڏينهن ۾ بدڪمن کان بيزاري ڪري ڇڏي-

## دنيا جو جهان درياءُ آهي

21- (بيت) دنيا سپ درياءَ ڪو ڪو تارو تنهن ۾

ڪي لڙهي لهوارا ٿياءِ ڪي طالبن توڙاه

جن جو عشق ساڻ الله لهر نہ لوڏي تن ڪي)

شرح- سرتاج سنڌ جي نظريہ موجب دنيا جو جهان سارو درياءُ ۽ سمنڊ جي مثال آهي جنهن درياءَ دهشتناڪ مان تري سهڻي وانگي ميهار جي ملاقات لاءِ پار پهچڻو آهي پر تري پار پهچڻ واسطي ترهي ۽ ٻوڙي ۽ ٻيڙي وغيره جي ضرورت پوندي آهي پر تڏهن بہ ڪي ڪي فرد ڪامل ڪريم جي ڪرم ۽ رحم سان پاڻ مرادو تري پار پهچندا آهن پر اهي اُهي عارف اڪمل آهن جن تي خاص عنايت ايزدي على سبيل العطاءِ و الوهب ارزان ٿيندي آهي وگرنہ ڪيترن ڪي دنيائي درياءَ جي لهرن لوڙهي ٻوڙي ڇڏڻ فرمايو آهي جيئن جو ڪن ڪي لوبي لالچ جي لهر لوڙهي ٻوڙيو تہ ڪن ڪي لاڏ وڏائي تڪبر جي لهر لوڙهي ٻوڙيو تہ ڪن ڪي ڪڪڙن ڪتن جي ويڙهائڻ واري وير ۽ لهر لوڙهي ٻوڙي ڇڏيو تہ ڪن ڪي وري ڏاندن پجائڻ ۽ جوا جي لهر لوڙهي ڪنڌ پر ڪيريو وغيره وغيره پر ڪي طالب صادق تہ تار تري توڙ پهتا ۽ پهچندا رهندا، اهي اُهي عاشق صادق الله تعالىٰ جا آهن جن ڪي درياءَ جو ٻوڙڻ تہ پري رهيو پر ڪين ڪا بہ لهر لوڏي بہ نہ سگهندي- پوءِ تون بہ اي انسان جلد ۾ جلد خواب غفلت ڪان بيدار ٿي دنيا جي درياءَ عميق مان تري پار پهچڻ واسطي ڪو ٻوڙو هٿ ڪري طاعت ۽ توڪل جو ترهو ٻڌي پار پهچ وگر نہ ٻڌڻ ڪان ٻيڙي هٿ ڪري انهي ۾ سڪ سان سوار ٿي پار ارار پهچي نجات جي نعت عظمىٰ ماڻي ٿ وگرنہ گناهن جي گرداب ۾ غوط خور ٿي سوا ڪنهن سفينہ ۽ ترهي جي ٻڏي غرق ٿي ويندي جيئن جو هن حديث حبيب الله صلي الله عليه وسلم جي مان دنيا جي جهان جو درياءُ هجڻ ثابت آهي. الدنيا بحر عميق والمساجد فيها سفينه کسفينة نوح فمن رکب عنها نجن و من تخلق عنها غرق) يعني دنيا اونهون درياءُ آهي جنهن ۾ مسجدون نوح جي ٻيڙين جهڙيون ٻيڙيون آهن پوءِ جو شخص انهن ٻيڙين ۾ سوار ٿيو اهو ڇٽل آهي پر جو نہ سوار ٿيو بلڪ پوئتي رهجي ويو تہ اهو ٻڏي ويو) ٻڏي وجڻ مان مراد هي آهي تہ اهو شخص گناهن ۾ غفلت جي گرداب ۾ غوطا ڪائي ڪائي سوا توبہ ڪرڻ جي گناهن ۾ غرق ٿي ٻڏي مري ويو تنهن ڪري هي حديث شريف بيت مذڪور لطيفي جو پورو پورو شرح آهي- پر دنيا جو درياءُ هجڻ زيرين ڪافي خاڪ جي مان پڻ ظاهر آهي

(ڪافي)

نيا دردن جو دريا آ تري ڪو درد، دل وارو + جهلي لهرن سندا لوڏا مجاهد، مرد دل وارو

١. لکن مان ڪو لنگهي درياءَ جون لهريون لتاڙي تو، + پياسي پار تو پهچي رمي روز رد دل وارو.

٢. ولي الله جو نالو گهڙيا جيڪي اُهي چڙهيا + فتح فرعون تي ماڻي تري تو فرد دل وارو

٣. عصا لاحول جي هٿ سان هٽي جو موج دريا ۾ + تري درياءَ مون شه طور جو شاگرد دل وارو

۴. گهڙي سڪ سير ۾ سهڻي سنيالي پنهنجي ساهڙ کي + ملي سيرن اندرن ساهڙ ويس همدرد دل وارو

۵. خوشي سان خاڪ سهڻي جان ڏنو سر پنهنجو ساهڙ کي + تڏهن سرچي ٿيو تنهن سان ساهڙ سرد دل وارو

## شاه جي نظريہ موجب ٻوڙي مان مراد مرشد آهي

22- (بيت)

ٻڌندي ٻوڙن کي کي هاتڪ هٿ وجهن

پسو لڄ لطيف چئي ڪيڏي منجهه ڪکن

توڙي ڪنڌي ڪن يا ساڻ هوندا سير ۾)

شرح – جاڻن گهرجي تہ لطيف لاثاني جي ترجمان الهام آسماني جي نظريہ موجب دنيا جي درياءَ مان امن ۽ سلامتي سان پار پهچڻ واسطي ٻوڙي کي وسيلو وٺڻ واجب آهي جنهن جي ذريعي ٻڏڻ کان بچي ڪنهن ڪنڌي ڪناري تي پهچي پار تجي اهو ٻوڙو مرشد ڪامل آهي- جنهن جي نظر فيض اثر سان ۽ صحبت سوني پرت پرور سان لهرين دنيا کان لنگهي پار پهچڻ سلامتي سان سولو لڳي تو جيئن جو بيت مذڪور ۾ لفظ ٻوڙن جو آندل آهي ۽ٿائي جي نظريہ موجب ٻوڙن جو اطلاق مرشدن تي آهي تنهن ڪري مرشد مربي رهبر ربي کي وسيلو وٺي درياءَ ۾ گهرڻ ڪاميابي جو ڪارڻ آهي هادي جو هٿ وٺڻ هشيار ۽ هاتڪ جو ڪم آهي نہ غافل ۽ ڪاهل جو هن بيت مذڪور جي تائيد ۾ بطور شرح جي هي آيت ڪم ڏئي تي يا ايهاالذين اتقوا الله وا ابتغوا اليه الوسيلتہ) يعني اي مؤمنو الله کان ڊڄو ۽ انهي جي طرف وسيلو وٺي اچو) مطلب تہ مرشد ڪامل جي وسيلي کان سوا محبوب جو مشاهدو ماڻڻ مشڪل آهي- رهبر روحاني جي رغبت روح پرور کان سوا ڏيه ڏورڻ عبث ۽ اجايو آهي، چو تہ، پير روشن ضمير کان سوا ڪا بہ پنڌ ڪري منزل مقصود تي نہ پهتي آهي جيئن جو هن زيرين بيت ۾ سرتاج سنڌ چٽا ئي ڪرڻ فرمائي آهي

(بيت)

اپر اسونهن ڏيهہ گهٽو ئي ڏوريو،

سگر ري سونهن پهتي ڪا نہ پنڌ ڪري)

هن بيت جي پٺ پرائي هي حديث شريف آهي – الرفيق ثم الطريق) يعني اڳ ۾ رهبر رفيق هٿ ڪري پوءِ طريق ۽ وات ۾ پير پائڻ گهرجي)

# سچن سونهن جي ساراه

23 – بيت

جوڳي ڨوڳي ڪاپڙي ڪنو تيون ڪن چير

هنيون وجن حال سان سيني منجهه سيرير

أهي جوڳي نڱ فقير جي ڪلندي دل ڪسي ويا)

شرح – سرتاج سنڌ جي فرمان موجب سچا مرشد ڪامل ڪاپڙي أهي آهن جن جي صحبت صادق ۽ لقاءِ لائق سان سينن ۾ سرير ۽ جذبو جوش جاڳي أهي اهڙا عارف الاهي ڪلندي خلق محمدي ۽ خلوص خالص سان دم ۾ دل ڪسي رفو چڪر تي ويندا آهن اهڙن سچن سونهن صادقن جي صحبت سعيده ۾ همرڪاب رهڻ لاءِ قرآن ڪريم بطور شرح جي هئن چوڻ فرمايو آهي تہ- يا ايها الذين آمنوا اتقوا الله وكونوا مع الصادقين) يعني اي مومنو الله ڪان ڊڄي صادقن جي صحبت ۾ رهو) پر انهن سچن سونهن ۽ مرشدن ڪاملن جي علامت سچل سرمست جي نظريہ موجب هي آهي. جو أهي رهبر روحاني گهٽو ڪري ماڻهن ڪان مهن موڙي گوشہ نشين تي گذارڻ راضي رهندا آهن ۽ عام سان رلڻ ملڻ ۾ ڪجهه عار ڪندا آهن جيئن جو سندس هيئين بيت مان ظاهر باهر آهي

(بيت)

جوڳي جال ڏنام پر ڪو ڪو ليي ڪاپڙي

هي ويهين وستن ۾ ويا هو لوڪ نہ لڙيام

تني ڪاڻ تيام هي هي ههڙا حالڙا)

پر ڪي رسمي پير جن ڪي عوام ڏاڍا پير ڪري ڪوٺيندا آهن جي حقيقت ۾ پير نہ آهن پر ماڻهو، عوام هنن ڪي عادت موجب ۽ رسم رواج سبب پير ڪري ڄاڻندا آهن ۽ اهي رسمي پير سال بہ سال سوا دعوت ديني جي پاڻ مرادو مريد جاهل جو در ڪڙڪائي ڏن پٽ وٺي پنهنجي پيٽ پالڻ لاءِ ڪم تپائي ويندا آهن- باقي تيو حق هدايت جو رستو پاڪ ڏيکارڻ سو هو صاحب پاڻ ئي گمراه جاهل اڻ ڄاڻ آهن تہ بين ڪي ڪهڙي واٽ ڏيکاريندا موجب زيرين مصرعہ – هرڪ گمره ست ڪرا رهبري ڪند) يعني جيڪو پاڻ گمراه آهي سو ٻي ڪي ڪهڙي واٽ هدايت جي ڏيکاريندو 2- پير جي لفظ جي معنىٰ لغوي آهي پيروي ڪندڙ – پوءِ جي پير جي پير رهبر پيغمبر ڪريم جي شريعت پاڪ جي پيروي ڪندو تہ اهو پير رحماني آهي پر جي پيروي شيطان جي ڪندو تہ پير شيطاني چئبو نہ رحماني جيئن جو مولانا رومي صاحب اهڙن پيرن جي بابت فيصلہ ڏنو آهي تہ –

ڪار شيطان ميڪند نامش ولي + گر ولي اين ست لعنت بر ولي

ايضا اي بسا ابليس آدم روئي هست + پس بہ هر دستي نبايد داد دست)

يعني جو پير ڪم شيطاني ڪري اهو نالي پير آهي اهڙي پير تي لعنت لائق آهي – گهڻا شيطان آدمي جي شڪل ۾ آهن پوءِ اهڙن جي هٿ تي هٿ ڏيڻ نہ گهرجي)

اهي فقط پيٽ پالو آهن نہ حقيقي پير جي رڳو ڪائي پي ڏندا ڏوتا پوءِ پنهنجي وطن ڏي ورندا آهن پوءِ مريد ويچارو وڃي ڪٽ جي ڪٽان ٿئي اهڙن رسمي پيرن پيٽ پالڻ کي جناب پٽائي صاحب هينين ريت پنهنجي بيت ذريعي ظاهر ڪيو آهي

(بيت)

جوڳي هن جهان جا ڏئوتا ۽ ڏئوتا

پني ڪائن پيٽ ۾ ٽڪر ۽ ٽوتا

ڪرا ۽ ڪوتا پورب ٿيندا پترا.

تنهن ڪري هر ماڻهو کي مرشد وٺڻ گهرجي پر انهي کي اڳ ۾ شريعت ۽ طريقت جي ڪسوٽي تي پرکڻ گهرجي پوءِ جي شريعت پاڪ جو تابع نہ آهي توڙي جو علم وارو بہ هجي تہ اهو بالاتفاق شريعت موجب مرشد سڏائڻ جو مستحق نہ آهي اهڙي جو هٿ وٺڻ ابليس جي هٿ وٺڻ کان بہ بدتر ۽ بڇڙو آهي جيئن پاڻ پٽ ڌڻي فرمايو آهي

(بيت)

مهن ۾ موسیٰ جهڙو اندر ۾ ابليس-

اهڙو خام خبيث ڪڏي ڪوه نہ ڇڏيين.

هي بيت لطيفي هوبهو متين بيت فارسي مثنوي واري جو ترجمو آهي- حاصل ڪلام تہ جڏهن شريعت ۽ طريقت ٻنهي جي اتفاق سان غير شرعي ڪمن ڪرڻ وارو پير نہ آهي تڏهن هر هڪ انسان عاقل تي لازم آهي تہ پنهنجي مرضي موجب آزادي سان پاڻ جاچي جوچي نڪي نوڪي پير هٿ ڪري رڳو ٻُنڊِ تي چپ تي نہ ويهي جئن جو انهي بابت پهاڪو مشهور آهي تہ ٽڪي جي دانگي نڪي نوڪي ونبي آهي- جا دانگي پوري طرح ماني پچائڻ جو ڪم ڏئي سگهي پر روح رڱن ۽ دل جي اُجارڻ لاءِ جنهن مرشد جي ضرورت آهي انهي پير جي پرک واسطي پائي جيترو خيال بہ ڪونہ آهي چو تہ اجوڪي ماحول وارن اڻ ڄاڻن کي جڏهن دين جي ڏٽي سان دوستي ڳنڍڻ جو گهٽي ياڳي خيال ڪونہ آهي تہ پوءِ چاڪاڻ اهڙا روحاني رهبر ۽ هدايت جا هادي ڳولن- رڳو انڌي گهوڙي ڪل ۾ ڪاهيون پيو ڪاهہ توڙي ٿئي اونداہ تہ بہ پلي نہ اچبو پاڻ تي – وارو مثال اجوڪن اڻ ڄاڻن ابوجهن تي شايد صادق اچي تو – پر ڪجي اميد تہ اجوڪا پينر ۽ پائر سرتاج سنڌ جي صلاح سهڻي وني ڪجهہ نہ ڪجهہ بيداري ڪري سٽڪ سڌي هلائڻ لاءِ ڪو سونهون ڳولي هٿ ڪن تہ ممڪن آهي- جناب سرتاج سنڌ کي سچن سونهن ۽ مرشدن ڪاملن جي صحبت سوني جي سخت ضرورت هئي پر اجوڪي وقت جا اڪثر عوام اڻ ڄاڻ فقط پنهنجي گفتار ۽ غفلت ۾ گر آهن باقي ڪار ۽ ڪردار نيڪ تي سندن ڪو بہ توجه ڪونہ آهي. شايد شاہ صاحب ڪ هنن ڪان وڌيڪ صحبت صالحن جو احتياج هو جيئن جو جناب خواجہ محمد زمان لواري واري جي صحبت ۽ زيارت ڪندي هي بيت زيرين سندس زبان مان بي اختيار نڪري نروار ٿيو آهي

(بيت)

مون سي ڏٺا ماءُ، جني ڏٺو پرين کي،

ڪري نہ سگهان ڪاءُ، تنهي سندي ڳالهڙي)

پر اجوڪن خود پندارن ۽ خود بينن کي گفتار کان سواءِ ڪنهن بہ ڪار ڪردار ۽ صحبت ابرار جي گهٽو ڪري گهرج ڪانہ آهي پر انهن اڻ ڄاڻن خود پندارن کان وڌيڪ افسوس ڪن عاقلن اديبن شاعرن تي آهي جي صاحب پنهنجي اشعارن جو رخ حال ڏي نہ تا ڦيرائن گذريل زماني جا شاعر شيرين زبان قال سان گڏ صاحب حال جا بہ هوا باقي اجوڪي وقت جا گهٽي ياڳي فقط قال جا ڪمدار ۽ حرفت انواع شعري جا هشيار آهن باقي حال جا حوالدار ڪي ڪي آهن – اميد تہ نوجوان اجوڪا موجب مصرعہ مثنوي – قال را بگذار مردي حال شو) تي عمل

پيرا رهي ڪنهن ڪهنه مشق شاعر صاحب حال سان صحبت ياب ٿي قال کان مٿي ترقي ڪرڻ لاءِ حال استقبال ۾ حال وارن سان همنشين اختيار ڪري قال جي عوض حال پرائي اڳتي هلي قال وارن نوجوانن سان حال اورڻ جو ڪم ڏين آمين-

## ڪين ڪمائڻ جي بيان ۾

24 (بيت)

جني پايون پاڻ، هڏهن ڪري ڪين،

اهڙا ئي مسڪين، در لڳهندا دوست جو.

شرح- پٽ ڌڻي فرمائي رهيو آهي تہ جو بہ انسان عاقل خودي کي ڪائي پاڻ کي ڪين ڪري تو پائين ڌڻي پاڪ جي دربار اقدس ۾ اول اُهو ئي پير پائي محبوب مقدس جو مشاهدو ماڻيندو- پوءِ جڏهن بہ ڪوئي آدمي پاڻ وڃائي انهي منزل مقصود تي پهچي تو تہ اهو مصداق (من له المولیٰ فله الکل) جو ٿئي ٿو- تڏهن هوت حسيني باليقين فرش ڪان وني عرش تائين هي هوڪو هلائي تو تہ مون فلاڻي سان محبت مزيد رکان تو اوهان بہ انهي سان محبت رکو اهڙي پڙهي ڪان پوءِ هر چيز ماڻهو ملڪ وغيره انهي عاشق ايزدي سان ازخود الفت ۽ محبت رکن ٿا جيئن جو انهي ڳالهہ تي هن آيت ڪريمہ جو اشارو ڪافي ۽ وافي آهي يحبهم و يحبونه) يعني مولا پاڪ پاڻ هنن سان محبت رکي تو ۽ اهي بہ پنهنجي مولا سان محبت رکن ٿا) حاصل ڪلام تہ جو بہ عاشق صادق پاڻ کي نوري نگار آڏو نيست ۽ نابود ڪندو تہ اُهو آگووري انهي کي نيست منجهان هست ۽ نابودي مان بود بڻائي پنهنجو منظور نظر فرمائيندو ۽ اُن کي اهڙي اعلیٰ درجہ تي رسائيندو جتي ملائڪ بہ نہ پهچي سگهن. موجب ارشاد هن زيرين بيت جي

(بيت)

ملائڪ راچہ سود از حسن طاعت،

ڪہ جام عشق در دل آدمي ريخت.

وري بہ سرتاج سنڌ فرمائي رهيو آهي تہ

(بيت)

جني پايون پاڻ کي هڏ ڪري هيٺو

بين ڪان بيٺو ڪني ويندا خير سان.

سچ آهي تہ جڏهن انسان اُنس-الفت محبت مزيد جي ماڻڻ ڪري ۽ وجودي هستي وڃائڻ ڪري ملائڪن ڪان بہ مرتبہ ۾ مٿي چڙهي وڃي تو تہ پوءِ بين عام ماڻهن ڪان ڪيئن نہ منزل مٿي ماڻيندو- جناب سرتاج سنڌ کي پهرين ملاقات ۾ ڪين ڪمائڻ جو اشارو مخدوم محمد زمان لواري واري ڪان پڻ هن طرح ارشاد ٿيو

(بيت)

ڪين آئين ڪين ٿئين وڃي ڪين ڪماءِ،

لا سين لاڳاپا لوڪ جا وهندي وڃي لاهہ،

تهان پوءِ سرنڌياءِ صحبت سپيرين جي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ هي بيت ملاقات ڪرڻ ڪان اڳ چورائي موڪليل هو- لطيف لعل انهي پرولي جي مام مخفي کي پروڙي اهڙي طرح دوباري وڃي ڪين ڪمايائين جو ڪين سان ڪين تي ويو ۽ نابودي سان بود تي هي نعرو نيهن جو نروار ڪرڻ لڳو تہ

(بيت)

نابودي نيئي عبد کي اعلیٰ ڪيو

مورت ۾ مخفي ٿيا صورت ۾ سيئي،

ڪبي اِت ڪيهي ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي)

پر جنهن ڪين جو قدر ڪين ڄاتو بلڪ خودي ۽ مون ڪرڻ تي مغرور رهيو تہ انهي کي منصب اعلیٰ تہ نہ مليو پر رهندو پوندي جهلڻ جو حقدار ٿيو جيئن جو پوندي جي بابت هيٺ علاحده بحث اچي ٿو- اسان ڏٽي پاڪ جي دربار اقدس ۾ دائمي دست بدعا آهيون تہ شل مولا سائين سيني پائرن ۽ پيئرن کي پوندي جهلڻ کان بچائي- آمين

## پٿائي جي نظريہ موجب پوندي مان مراد لعنت آهي

25- (بيت)

مان ۽ مون جهين کي هوندو

تيهين کي پوندو لکيو شاہ لطيف چئي

شرح- هن بيت ۾ پٽ ڏٽي قلزم کي ڪوزي ۾ ماپايو آهي چو تہ هن ۾ انهي عزازيل جي قصہ ڏي اشارو آهي جنهن کي مڙني ملائڪن جي مٿان لقب معلم الملائکة ۽ وڏيرپ جو منصب مليل هو موجب بيت زيرين جي (بيت) وڏيري هياس چنيسر جي راڄ ۾، دهلين دمامين نقرين تي پلپل پچياس، ڊولي ڊيلياس ٽيس ڏهاڳڻ ڏيہ ۾) اُن سان گڏ هن کي نون هزارن ورهن جي عبادت ۽ طاعت تي ڏاڍو تڪبر ۽ هٺ رهندو هو جو ڪنهن کي بہ پاڻ جهڙو نہ ڄاڻندو هو انهي هٺ هئڻ ڪري رب رازدان بفحوي الڪريم (عليم بذات الصدور) اندروني رازن جو عليم هن کان ڪتريل رهندو هو جيئن جو سرتاج سنڌ هينين بيت ۾ انهي آيت جي مضمون ڏي اشارو ڪري رهيو آهي تہ (بيت) هئين تہ گهڻو هشيار، ڪل بہ هيئي ڪانڌ جي، تون پايون موچاري ٽيان ڳچي پائي هار، ڪناڌ ڪوڙي جو نہ وٽي، سئين پتين سينگار، وهم لهي وينجهار دليون پرکي داسڙو) پر سبب الا سباب مدامي ڪنهن سبب جو وجهہ وٺي انتقام وٺڻ جي ڪوشش ڪندو آهي هوڏهون ملائڪن کي بہ لوح محفوظ تي لکيل معلوم تہ ملائڪن مان ڪنهن نہ ڪنهن کي لوڏائي لعنت جو طوڪ ڏنو ويندو تنهن ڪري ملائڪن کي پڪ هئي تہ لوح محفوظ جو لکيل ضرور پڙندو ڪڏهن بہ نہ ٽرندو- پٿائي جي نظريہ موجب- لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪياڙي ڏهون نہ وهي) جنهن جي تائيد هي هينين حديث حبيب الله صہ ڪري رهي آهي جف القلم بما هو ڪائن) يعني لوح محفوظ وارو لکي سکي ويو) چو تہ لوح قلم جو لکيل ڪڏهن بہ ميٽجي نہ ٿو سگهي ان ڪري مڙني ملائڪن ڏپ هوندو هو پر سيني ملائڪن کان ۽ گهڻو ڏپ حضرت جبرئيل کي هوندو هو- هن کي هميشہ پنهنجي طاعت ۽ عبادت تي نخوت ۽ ناز نہ هوندو هو بلڪ ڏپ وچان رت جا ڳوڙها روئندو رهندو هو- آخرڪار سبب امتحان وٺڻ جو وچ ۾ اچي ويو جو باري تعالىٰ هر بشر جي بابي ابوالانبياءَ حضرت آدم عليہ السلام کي پيدا ڪري ڪيس بفحوي الڪريمہ و نفخت فيه من روحي) نعمت عظمىٰ سان نوازي ملائڪن کي زيرين ارشاد سان اعلان ڏيڻ فرمايو جو اعلان موجب امر اعزازي جو آهي پوءِ جن امر کي اکين ۾ جاءِ ڏئي سجدو ڪيو تن کي بقدر استعداد خشيتہ ۽ طاقت جي عزت احترام عطا ٿيو ۽ جن امر جي تعميل کان انحرافي ڪري هٺ وڏائي عيان ڪرڻ سان حضرت آدم جي سجدي تعظيمي کان نابري واري اهو منصب مليل کان معزول ٿي پوندي جهلڻ جو لائق ٿيو- اهو اعلان ايزدي هي هو) واذ قلنا للملائڪتہ اسجدو والادم فسجدوا الا ابليس ابي واستڪبر و ڪان من الڪافرين) يعني ياد ڪر جڏهن اسان سيني ملائڪن کي فرمايو تہ آدم کي سجدو ڪريو پوءِ سيني سجدو ڪيو مگر هڪ ابليس نخوت جي ڪري نابري واري ڪافرن مان ٿي ويو) هن ارشاد الاهي ۾ بہ ڳالهيون قابل توجه آهن هڪ تہ نخوت تي ناز ٻيو چائت سان طائت ۽ نماز – پهريان پهريان جنهن فرد فرعوني مزاج سجدي تحيتہ ڪان نابري واري پنهنجي نخوتي ناز تي بفحوي الڪريمہ (انا خير منه) جو نعرو نروار ڪيو سو فرد عزازيل- ابليس هو جنهن مانُ ۽ مون جي نروار ڪرڻ تي هينين آيت الاهي جي وعيد شديد جو پوندو ۽ لعنت جو لقب لڌو وهوهٰذا ان عليڪ اللعنتہ الىٰ يوم الدين) يعني توتي تحقيق اڄ کان وٺي قيامت تائين لعنت آهي) هن آيت منجهان صريح لعنت جو لقب ابليس جي واسطي ثابت آهي جنهن لقب کي جناب لعل لطيف پوندي جي لفظ سان بيان ڪرڻ فرمايو آهي 2- ٻيو طاعت تي تڪيو ڪري پاڻ کي پلو پائڻ ۽ چائت چت ۾ رکي پاڻ کي پڏائڻ اهڙي طرح واري عبادت ۽ طاعت کي تبارڪ و تعالىٰ وٽ تر جيترو وزن ۽ وقعت نہ آهي جيئن جو عزازيل چت ۾ چائت رکي نو هزار ورهہ سارا عبادت ڪئي پر ڏٽي تعالىٰ سندس دکو بہ داخل نہ ڪيو رهندو ڪيس منصب متاهين کان معزول فرمائي پاڻ وٽان لوڏائي تڙائي ڪڍڻ فرمايو جيئن جو هينين آيت الاهي انهي حقيقت حال تي صادق آهي. فاخرج منها انڪ رجيم)

يعني تون مون وٽان نڪري وڃ جو تون تڙيل آهين) حاصل ڪلام ته ڇائٽ سان طائٽ ڪرڻ پڻ تڙجڻ جو ثاني سبب آهي جيئن جو آيت الاهي مان ۽ هينين بيت پٽ ڏٽي جي مان عيان آهي

(بيت)

ڇائٽ پائي چت ۾ سنهو ڪتيو جن،

تن هو صرافن ڏڪوئي داخل نه ڪيو.

تنهن ڪري بيت مذڪور جي لفظ پوندي ۾ لطيفي نظريہ موجب لعنت مراد آهي نہ فقط پوندو هٽ آدمي جو- پر قصہ ليلان چنيسر جي ۾ لفظ چنيسر جو اطلاق ذات ايزدي تي آندو اٿس ۽ لفظ ليلان جو اطلاق ابليس عليہ اللعنۃ تي آندو اٿس لعنتي جي لوڏائڻ واري ساري قصہ قرآن ڪي ليلان چنيسر جو لباس پهرائي ساري حقيقت قصہ جي بيان ڪرڻ فرمائي اٿس- پر جي ملائڪن انهن بنهي وجهن نخوت ۽ ڇائٽ ڪان پري رهي حڪم جي تعميل موجب سجدو ڪيو تن جي طاعت ۽ پورهيو تہ اڻ توريو بہ اڳهي ويو پر رهندو ڪين درجہ بدرجي منصب بہ مليو خاص طرح گهٽي ڊپ واري حضرت جبرئيل ڪي تہ مولا ڪريم رب رحيم رئيس الملائڪتہ ۽ سيد الملائڪتہ جو عهدو اعلیٰ عطا فرمائي اهڙو تہ نوازيو جو سيني ملائڪن وچان فقط حضرت جبرئيل ڪي موجب- اهڙو ئي آهي جو پورهتيون پيش ڪري) پنهنجي خاص رازن جو رازدار بنائي آدم ڪان وٺي جناب محمد مصطفیٰ مدني تائين سوا لک نبين جو پيغامبر ڪرڻ فرمايو جنهن جو احترام الله تعالیٰ وٽ قيامت تائين قائم دائم هوندو جيئن جو ابليس ليلان واري صورت اختيار ڪري مون ۽ مان جي مٽين تي مستان تي ليلان وانگي سهاڳ بدران ڏهاڳ وٺي لوڏجي ۽ تڙجي ويو تيئن حضرت جبرئيل وري ڪونئرو واري قرب ۽ وينتي واري صورت اختيار ڪري عزازيل جي عهدي اعلیٰ منصب معلیٰ ڪي ماٽي ليلان وارو لقب راڄ راٽي لهي چنيسر جي راڄ ۾ ڪونئرو وارو قرب هٽ ڪري قيامت تائين انهي قرب ڪريمي سان مالا مال رهندو رهي ٿو- مطلب تہ ساري مخلوقات مان- مون ۽ مان جي منحوس دعویٰ ڪرڻ وارو پهريون مخلوق شيطان شرير هو — جنهن انهي دعویٰ جي ڪري ڏٽي پاڪ جي درگاه مان لوڏجي لعنت جو لقب لڌو- جنهن کي جناب پيٿائي صاحب پوندي جي لفظ سان بيان فرمايو آهي- تنهن ڪري جو بہ انسان شيطان جي شاگردي اختيار ڪري خود پنداري ۽ مان- مون تي مواظبت ۽ هميشگي ڪندو اهو بہ پنهنجي استاد ابليس وانگي پوندي جهلڻ جو حقدار رهندو (قابل توجہ انتباه) فدوي هڪ رسالو مستقل تيار ڪري رهيو آهي جنهن ۾ ليلان چنيسر جي قصہ تي تفصيلي بيان ۽ ڪليل بيان سان شرح لکيو ويو آهي جو ڏسڻ جوڳو آهي انهي قصہ جي حقيقت تي جو شرح ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب ڪيو آهي سو بلڪل اڻ پورو قابل اعتراض آهي انهي جي شرح غير متعبر تي ڪن دوستن اديبن تنقيد ڪرڻ فرمائي آهي جن صاحبن مان حضرت خاڪي صاحب نالي عبدالله چنہ پڻ قابل ذڪر آهي جنهن صاحب هڪ رسالو نالي گربخشاڻي جون غلطيون نروار ڪرڻ فرمايو آهي جنهن ۾ بن پهلن تي تبصره جي ضرورت آهي هڪ ليلان جو پهلو آهي جنهن ڪي جناب چنہ صاحب قرآني آيتن آڻڻ ڪان سواءِ سهٽي صورت ۾ مثالن تمثيلن سان عزازيل ڪي ليلان جو لباس پهرايو آهي جو گربخشاڻي جي غلطي فاحشہ جو پورو پورو رد آهي، تنهن رد لاجواب جي مزيد تائيد قرآني آيتن ۽ برهانن باهرن سان فقير جي رسالہ مذڪور ۾ موجود آهي باقي 2- بيو پهلو ڪونئرو وارو آهي جنهن جي تحقيق اصلاح طلب هئي- جنهن جي تحقيق پوري طرح اصلاح اعلیٰ جي طريقہ موجب ڪئي وئي آهي، جنهن تحقيق انيق نقادن جي فيض اثر ڪان نق تحسين جو نذر لهٽو — اميد تہ هن رسالہ خزانة العارفين حصۂ اول جي ڇپائڻ ڪان پوءِ هي اصلاحي رسالو پڻ اڇاپائي ظاهر ڪيو. حضرت ناظرين دعا ڪرڻ فرمائن تہ ايزدي امداد ۽ عنايت ارزاني سان اهو مرحلو بہ طي ٿي ويندو آمين. بيو تہ فدوي تي ڪن احبابن اديبن جو پڻ زور بار آهي تہ مان مولا جي مدد مستقل ۽ دوستن جي دعا مشتمل سان خزانة العارفين ڪي جدا جدا رسالو تيار ڪري حصن جي حيثيت ۾ ٿورن ٿورن صفحن تي هوريان هوريان تيار ڪندو رهان جيئن جو الله تعالیٰ فضل ڪرم سان ساري رسالہ شاه جي جو شرح وچڙو قرآني آيتن ۽ حديثن سان مزين ۽ پرپور هجي اهو ڪم اگرچہ وڏو ڪٺن آهي- خاص

طرح مون جهڙي پوڙهي مريض لاءِ پر تنهن هوندي بہ جي ڪريم ڪار ساز جو فضل ۽ ڪرم حقير جي حال سان شامل ٿيو تہ شايد ٻيڙا محنتي پار پهچي وڃن – آمين

## نيهن جي نامدار جي نظريہ موجب انساني تقرير جو نقشو

26- (بيت)

جر ۾ ڦوٽو جيئن لهرين لڳي اڏ ٿئي

تون پڻ آهين تئن دنيا ۾ ڪو ڏيهڙو)

شرح- اي انسان غافل تون هن عالم اڪبر ۾ مغرور ٿي پنهنجي محبوب معنوي کان مهن موڙي پنيرو ٿي رهيو آهين حالانڪ توکي هوت حقيقي هڪ حقير قطره مني جي مان پيدا ڪرڻ فرمايو آهي ۽ اُن سان گڏ توکي سهڻي صورت ۽ حسين مورت ڏئي نوازيو اٿس تنهن هوندي بہ اهڙي رب ڪريم رئوف رحيم کان دوستي جي عوض دشمني قائم ڪري پنيرو ٿيڻ توکي لائق نہ آهي. چو تہ صورت فاني تي تون مغرور آهين اها ڪڏهن نہ ڪڏهن اوچتي موت جي لهر لڳڻ سان فاني ٿيڻ واري آهي تون بہ ڦوٽي جر واري جي مثال آهين هو بہ ٿوري وقت لاءِ وجود ونئي رهي ٿو پر جڏهن ناگاه لهر لڳي تہ ڪيس اڏو اڏ ڪري ڇڏي تيئن توکي بہ دنيا جي جر تي ڦوٽي جهڙو فاني وجود ٿوري وقت لاءِ مليو آهي، انهي ٿوري وقت تي ايڏي مغروري ڪرڻ عبث ۽ اجائي آهي چو تہ انسان جي خلقت ئي ضعف ۽ هيٺائي تي آهي، جيئن جو زيرين آيت الاهي مان ظاهر آهي خلق الانسان ضعيفا) يعني انسان هيٺو ۽ ضعيف ڪري پيدا ڪيو ويو آهي) ۽ هن هينين آيت ۾ مٿين مضمون جي مزيد تائيد ثابت آهي الم يرالانسان انا خلقناه من نطفتہ فاذا هو خصيم مبين) ڇا انسان نہ ٿو ڏسي تہ اسان هن کي مني جي ڪني قطره مان پيدا ڪيو آهي پوءِ بہ هو اسان جو اوچتو ئي ڇتو دشمن ٿي پيو آهي) تنهن ڪري انسان کي گهرجي تہ پنهنجي اصلي خلقت ضعيفہ کي زير نظر رکي مغروري ۽ وڏائي ڇڏي ڏئي چو تہ قرآن ڪريم جي محاوري موجب دنيا جي جهان جو لقب ئي متاع الغرور آهي جيئن جو هن آيت هينين مان اظهر آهي وما الحيٰواه الدنيا الامتاع الغرور) يعني نہ آهي حيات دنيا جي مگر سامان مغروري جو) پر حضرت حبيب الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي الدنيا ساعه ليس فيها راحه) دنيا هڪ ساعت جي برابر آهي جنهن ۾ ڪا بہ راحت نہ آهي) پر بي ڪنهن صاحب شاعر دنيا کي ڪاغذ جي ٻيڙي سان تشبيه ڏيڻ فرمائي آهي جيئن جو زيرين مصرع مان ظاهر آهي- دنيا آهي ڪاغذ جي ٻيڙي مثل، نہ ڪٽندي سا بار نہ سهندي اُجل) تڏهن اهڙي فاني دنيا تي پايداري جو پورو پورو پروسو ڪرڻ عقل انسان جو ڪم نہ آهي جيئن جو حضرت علي ڪرم الله وجهه پنهنجي ديوان علي ۾ فرمايو آهي تہ (ابيات علي عربي ۾) يامن بدنيا اشتغل قد غره طول الامل الم يزل في غفلت حتي دنا منه الاجل الموت ياتي بغتة والقبر صندوق العمل) اي اهو شخص جو دنيا سان مشغول رهي ٿو انهي کي ڊگهي رهڻ جي اميد مغرور ڪري ڇڏيو آهي، ڇا اهو اجان غفلت ۾ هوندو تہ اوچتو مٿس موت اچي ڪڙڪندو – موت اوچتي در وننڊو آهي. قبر عملن جي پيٽي آهي، تنهن ڪري اي غافل انسان غفلت جي گهري ننڊ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ جاڳي بيدار ٿي رہ تہ صورت سهڻي سهاڳ نصيب ٿئي جيئن جو زيرين بيت لطيف مان ظاهر آهي (بيت) سُتا اٿي جاڳ ننڊ نہ گهرجي ايتري تو پايون ساٽيه هي مانجهاندي جو ماڳ سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نصيب نہ ٿئي) تهن ڪري تڪبر وڏائي هٽ سان هن زمين ۽ پونئي تي ٿيلي سان ترڙن وانگي ٿلي نہ ڏيکار چو تہ ڪنهن ڏينهن اها پونئي تنهنجي مٿان هوندي تہ پوءِ تنهنجو ڪهڙو حال هوندو جئن جو پٽائي جي زيرين بيت مان ثابت آهي.

27 **(بيت)**

جا پونءِ پيرين مون، سا پونءِ متي سڄڻين،
ڏگ لٽيائون ڏوڙ ۾، ايي ڏناسون
ڏينهن دنيا ۾ ڏونن اتي لوچ لطيف چئي.

شرح- جو ته لوچڻ سان لعل ليندا آهن تنهن کري لطيف سائين لوچڻ ۽ عمل ڪرڻ بابت گهڻو تاڪيد فرمائي رهيو آهي هن بيت جي پٺ پرائي بطور شرح جي زيرين آيت الاهي مان ظاهر آهي ولکلّ درجت مما عملوا) يعني سڀ ڪنهن کي لوچڻ سان درجن ۽ لقبن جا لعل ملندا آهن) سندس نظريه جي مزيد تائيد هن بي آيته مان پڻ ثابت آهي. من عمل صالحا من ذکر اوانثیٰ وهو مؤمن فلنحيينّه حيوة طّيبه) يعني جو شخص به مرد هجي توڙي عورت لوچي صالح ڪم ڪندو ته انهي کي لقب مؤمن جو عطا تيندو ۽ انهي کي حياتي پاڪ ڏينداسون) هنن پنهي آيتن مقصد ۽ مائل هڪڙو آهي ته جيڪو به انسان عاقل پنهنجي اصل تي نظر ڌري خودي ڪائي بود کي نابود جاڻي پنهنجي رب ڪريم رؤف رحيم ڏي رجوع تي لوچيندو رهندو ته ڪڏهن نه منزل مقصود محبوب جي شاهدي ۽ معرفت جي ماڻيندو آمين-

## نابود مان بود جي بيان ۾

28 – بيت

نابودي نيئي عبد کي اعلىٰ ڪيو
مورت ۾ مخفي ٿيا صورت ۾ سپئي،
ڪبي اِت ڪيهي ڳالھ پريان جي ڳجھ جي-

شرح- انسان اصل ۾ عدم ۽ نابود هونگار حقيقي جي نوازش سان عدم کي وجود ۽ نابود کي بشري بود پلئي پيو تنهن ڪري وري بہ انسان جڏهن پاڻ کي نگار جي نيهن ۾ نيست ۽ نابود ڪري ٿو جنهن کي صوفين جي اصطلاح ۾ فنا في المحبوب چوندا آهن تہ پوءِ بقا في المحبوب واري منزل منيف ۽ لقاءَ لطيف لامڪاني جي اعلىٰ منصب کي ماڻي موجب اشاري راجا راڳائي هردوئي هيڪ ٿيا) جي حد بي انتها تي پهچي ٿو – پوءِ اهو عبد جڏهن بہ نابودي جي نعمت عظمىٰ سان بشري عوارض کان پاڪ رهي ٿو ۽ پنهنجي چاتي ۾ جهاتي پائي نگار حقيقي جي تجلي جا انوار ڏسندو رهي ٿو جيئن جو پٽ ڏٺي انهي حقيقت حال تي فرمائي رهيو آهي تہ (بيت) اندر آئينو ڪري پرين سو پسيج انهي راه رسيج تہ مشاهدو ماڻيي) وري فقير نجفي تارڪ ٻولي رهيو آهي تہ- مصرع چاتي دي وچ جهاتي پائي ويک ظهورا ذات دا تجلات دا) مطلب تہ انسان اول عدم مٺ مٽي منتشر جي هو موجب فرمان فرقاني ثم اذا انتم بشر تنتشرون) يعني توهان مٽي منتشر جمادن وانگي ڦتل هوا ۽ انهي وقت توهان نگار نامدار حقيقي کان ابعد الموجودات ۽ پراهن کان پراهان هوا پر پرين پنهنجي پيوند روحاني بفحوي الڪريم و نفخت فيه من روحي جي نفخ روح جي نعمت عظمىٰ سان نوازي بشر ٻڻائي اقرب موجودات الي الله ڪرڻ فرمايو پوءِ توکي اي انسان انهي هوت حقيقي پنهنجي حڪمت بالغ ۽ قدرت ڪامل سان اهڙي آيت اظهر ۽ ابين ڪيو جو تون ڦري جامع ابعد الابعدين ۽ اقرب الا اقربين جي وچ ۾ ٿئين تنهن ڪري تو سجود ملاڪن جو منصب مليو ۽ فقط توئي صفتن جمالي ۽ جلالي جو آئينو مظهر اتم ٻڻيين- انهي سرسري جي ڪري توکي خليفة الارض بنايائين پر نابود کي بود جي بشارت بهترين خاڪ جي زيرين شعر مان پڻ عطا آهي

(شعر)

نظر ساڻ نابود کي بود ڪيڙئي + هتن سان مٽي مُٺ کي محمود ڪيڙئي

١. هتن سان نهائي بنائي هي بوتو + پنهنجي روح ڦوڪڻ جو فرمود ڪيڙئي.
٢. نيازن سان نورن بہ سرڙو نوايو، + مٽي عبد آدم کي معبود ڪيڙئي،
٣. سجڻ ساجدن کان تو سجدا ڪرائي + مُکي پاڻ ملڪن جو مسجود ڪيڙئي.
٤. هُوَڻ کي هُوَڻ کان اڳي هو نہ حاصل + عدم کي اشاري سان موجود ڪيڙئي
٥. سجڻ سڪ جو سودو ازل کان اڳي هو، + هتي پوسڪائي ڪهڙو سود ڪيڙئي
٦. پرين پاڻ پنهان روپوش آهين مگر + مون کي ملڪن ۾ مشهود ڪيڙئي
٧. ڪلي خاڪ کي پاڻ عرشن تي آندئي + ڏسي جوش جذبو ڪرم جود ڪيڙئي

مٽي جي مٺ جو عدم کان ڦري وجود جي سهڻي صورت اختيار ڪيئي أها خود الله تعالىٰ جي امر ۽ ايرادي جازم سان هئي نہ ازخود جيئن جو ارشاد الاهي مان عيان آهي يا ايهاالناس ان ڪنتم في ريب من البعث فانا خلقناڪم من

تراب) يعني اي انسانو اسان اوهان کي مٽي جي مڌ مان پيدا ڪيو آهي پوءِ توهان اجان بہ قيامت جي ڏينهن ۾ شڪ ڪريو ٿا) هن ارشاد مان چٽو ظاهر آهي تہ جنهن مولا پاڪ کي مٽي جي مڌ مان وجودي صورت انساني تي قدرت ڪامله حاصل آهي تنهن ذات پاڪ کي ڏينهن حساب لاءِ أٿارڻ ۽ جيارڻ جي پڻ توفيق آهي جيئن جو مولانا صاحب فرمايو آهي- بامرش وجود ازعدم نقش بست کہ داند جزا وکردن از نيست هست دگر ره بکتم عدم دربرد وز آنجا بصحرائي محشر ببرد)

## عاشقن صادقن ۽ عارفن ڪاملن ڪي عشق جي اُڃ ۽ پرت جي پيالن پيڻ مان ڍؤ نہ ٿيندو آهي

### 29-(بيت)

سدا سائر سير ۾ پر اندر لهي نہ اُڃ
پسڻ جو پرين جو سا سموري سنڃ
تيلاهون مرن اڃ سدا سائر سير ۾

شرح- سلوڪي سير ۾ صوفين صديقن جي اصطلاح موجب ساري ڪائنات ۾ ماڻهو ٽي قسم آهن هڪ اهي جن جي ساري عمر اجاين ڪمن ۾ ضايع ٿي گذري وئي پرڪين سڄڻ جي سڪ واري سمنڊ مان سرڪي بہ نصيب نہ ٿي اُهلي پلي پنهنجي نفس نافرمان تي نادم ٿي رت جاڳوڙها ڳاڙن ۽ پشيمان ٿي پاڻ ۾ بيداري پيدا ڪن جيئن شاعر ابن الفارض پنهنجي قصيده جي آخر ۾ فرمايو آهي تہ (بيت) علیٰ نفسه فليبک من ضاع عمره وليس له منها نصيب ولا سهم) يعني اهو شخص پلي پنهنجي نفس تي روئي جنهن جي عمر ضايع ٿي وئي انهي ڪي سڪ جي سرڪي ۽ نيهن جي نهر مان هڪ ڍڪ بہ نصيب نہ ٿيو) اهڙي غافل آدمي جو مثال انهي شخص وانگي آهي جنهن جو گهر گلشن اندر هجي پر پاڻ عمر ساري نرگس وانگي ننڊ غفلت جي خمار ۾ گزاري تہ اُن ڪي گلشن جي رهڻ مان ڪهڙو نفعو ۽ سود سرندو جيئن جو صائب صاحب جو زيرين انهي تي صادق آهي (بيت) ازين چہ سودڪہ گلستان وطن دارم مراڪہ عمر چون نرگس بخواب ميگزرد) تنهن ڪري جو شخص هن دنيا جي باغ ۾ غفلت جي گهري ننڊ ۾ رهي راتيان ڏينهان ڏگها پير ڪيون ستو پيو هوندو تہ اهڙي غافل ٻانهي ڪي دنيا جي باغ ۾ رهڻ جو ڪهڙو حق آهي هن باغ جي بهاري ڏسي لڪين بلبل تہ گلن جو واس وٺي بهار بهار رهن ٿا مگر ارمان صد ارمان انهن انسانن غافلن جي حال پر ملال تي آهي جي پاڻ ڪي ٻانهو سڏائي بہ ٻانهپ ڏيڻ ڪان نابري واري وينا آهن ۽ هئن چئي نٽائي رهيا آهن تہ اجان اسان ڪي الله سائين نہ ٿو گهري انهي حقيقت تي جناب لطيف سائين هئن روشني وجهڻ فرمائي آهي (بيت) سڏائي ٻانهي سمهين پير ڏگها ڪري، اوجاڳا اکين ڪي ڄاتئي، ناڏيئي هٿان تو پيئي ڪچو چوين ڪيچن ڪي) حاصل ڪلام تہ اهو قسم نفس سرڪش جي ڦندي ۾ اهڙو تہ ڦاٿل آهي جو پاڻ ڪي ڪڏهن بہ آزاد ڪرائڻ جو اونو ۽ انديشو ڪونہ اٿس جيئن جو هي هينيون بيت اردو نفس اماره جي سرڪشي تي صادق آهي (بيت) يہ نفس وہ سرڪش هي ڪہ مارا نهين جاتا يہ جن ڪي عامل سي اتارا نهين جاتا) 2-ٻيو قسم اهي آهن جن ڪي نيهن نصيبن ۾ ۽ حب حبيب جي حاصل آهي پر ڪمال درجي واري نہ اٿن جيئن جو زيرين نقل مان نروار آهي تہ هڪ ڏينهن يحي پٽ معاذ رازي رضہ جناب بايزيد بسطامي قدس سره ڏي هي هينين عبارت عربي ۾ لکي موڪلي – سڪرت من ڪثرت ما شربت من ڪاس حبه) يعني پنهل جي پرت واري پيالي مان ڪجهہ پي نشي پرپور ٿيو آهيان) مطلب تہ ٿوري شراب پيڻ سان ڏهاول ٿيڻ علامت ضعيفن ۽ ڪمزورن جي آهي نہ اهل قوت وارن جي 3- قسم اهي شخص آهن جن جي شوق شراب پيڻ ڪان ڪڏهن بہ اڃ نہ لهي ۽ نہ پيڻ مان ڌؤ ٿئي- انهي حال وارن سالڪن جو لقب عارف ڪامل آهي، اهي صاحب قوت ڪامله جا توڙي 7-ست درياءَ پي ويندا تبہ هل من مزيد جو نعرو نروار ڪندا رهندا مگر ڍاپڻ ڪڏهن بہ قبول ڪونہ ڪندا جيئن جو پٺائي جي بيت اولیٰ ۾ انهي ڳالهہ ڏي اشارو عيان آهي تہ – سدا سائر سير ۾ پر اندر لهي نہ اڃ) پر جناب سلطان العارفين بايزيد بسطامي قدس سره يحي رازي ڪي مٿين مذڪوره عبارت عربي جو هن طرح جواب لکي موڪليو- شربت الحب ڪاسا بعد ڪاس فما نفد الشراب ولا رويت يعني مون پيالن جي مٿان پيالا پرت جا پيتا پوءِ نہ شراب کٽو ۽ نہ ڍؤ ئي ٿيو- هن ساري تحقيق انيق مان ثابت آهي تہ جناب سرتاج سنڌ بہ ٽئي درجہ وارن ڪاملن جي قطار ۾ سهيلي ستاري وانگي سونهين ٿو – پر جڏهن تہ سير الي الله ڪي نهايت نہ آهي، تڏهن سلوڪ جا سالڪ سدائين سير الي الله جي سير ۾ رهي بہ اڃا اوساٽ تاس تي تاس جا واڪا ڪندا وتندا آهن، پر جن جي اندر ۾ اڃ تاس تام هوندي

آهي ته پنهل جي پرت جو پاڃي پڻ اجايل عاشق تي اجايل رهندو آهي جيئن جو پٽ ڏٽي جي زيرين بيت مان صريح ثابت آهي (بيت) ساجن ڪارڻ سسئي مرقبولي سنج، اندر جني جو اجا پاڃي به اجو انهن ڪان) مطلب ته محبوب معنوي جي مشتاقن ۽ عارفن عاشقن جي تاس ۽ اڄ آس تي زيرين جذبات خاڪ مان پورو پورو پتو پوي ٿو (جذبات خاڪ) تاس منهنجي ڪي ڏسي توکي به ٿيندي پياس شل 1- آر منهنجي ڪي ڏسي تنهنجو به ويندو آر تي، آس آزي ڪي ڏسي توکي به ٿيندي آس شل 2- رُس نه رَس تي روح پرور ڪنهن سيڪاريو تي رسڻ پاس پروانو شمع جو مان به ٿيندس پاس شل 3- پيچ پائي تو سان پرتس تون به پرچي وڃ پرين راس رس توسان رکان پر تون به ٿيندي راس شل 4-واهه ۽ پرواهه تنهنجي تون به ڪڍ پرواه ڪجهه قياس جوڳي حال تي ٿيندو اوهان ڪي قياس شل 5-خاڪ جي دل ۾ خفي ٿا درد جا ڪورا ٻرن توکي بي دونهاٽ جا پهچي وڃن ڪي واس شل.

شاعرن جي شاه جي نظريه نروار موجب ساري تحقيق مذڪور جي تائيد ۾ بطور شرح شافي ۽ حجت ڪافي زيرين آيت زرين پيش ڪئي وڃي ٿي. ولڪم فيها ماتشتهي انفسڪم ولڪم فيها ماتدعون نزلاً من غفور رحيم) يعني هن اوهان لاءِ سا چيز آهي جنهن جي خواهش توهان جي نفسن ڪي آهي ۽ هن ۾ اوهان جي واسطي سا چيز آهي جنهن ڪي غفور رحيم وٽان عطا ۽ جاڙي گهرو ٿا) هن آيت الاهي لفظ نزلاً مان عطاء الاهي مراد آهي چو ته عطاءِ الاهي هر وقت جديد طور تي نروار ۽ نمودار ٿيندي رهندي آهي خاص طرح استقامت وارن عارفن ڪاملن واسطي هر وقت نئين رنگ رندي سان نمودار ٿيندي آهي- جنهن ڪري عارف ڪامل عطاء الاهي ڪي جديد نمونه تي ڏسي حيران ٿي دل ۾ هئن چوندا آهن جا عطاء الاهي اڄ حاصل ٿي آهي اهڙي عطاء ڪڏهن به اڳي حاصل نه ٿي هئي تان جو جيئن جيئن عطائن ايزدي جي واردات ٿيندي رهندي ته تيئن تيئن عاشقن جي اڄ ۽ طالبن صادقن جي تاس وڌندي رهندي جيئن جو تاس جو تذڪرو پوري تحقيق سان متي گذري چڪو آهي.

# تن جي طبيب جي بيان

30-(بيت)

تون حبيب تون طبيب تون درد جي دوا
جانب منهنجي جي ۾ آزار جا انواع
صاحب ڏي شفا ميان مريضن کي-

شرح- هتي پيارو پيشوا پٽ ڌڻي پنهنجي درد جي دوا ۽ هر قسم جي مرض ۽ آزارن جو علاج شافي پنهنجي حڪيم حاذق فهيم نائق حقيقي کان گهري رهيو آهي، جنهن حڪيم مطلق جي هٿ حڪمت ۾ شفا جي واڳ آهي، جنهن کي وٽيس شفا ڪري جنهن کي وٽيس جفا ۽ ابتلاءَ سان آزمائيندو رهي- تنهن ڪري صوفين صديقن جي مشرب موجب جيئن جسماني مرضن جا اقسام گهڻا آهن تيئن روحاني ۽ اندروني آزارن جا انواع ۽ اقسام گهڻا آهن- نيهن جي نامدار شاه صاحب شاندار جي نظريہ موجب سندس بيت مذڪور ۾ روحاني مرضن ۽ آزارن جا انواع مراد آهن نہ مرضن جسماني جا اگرچہ اطلاق انهن تي بہ صادق ۽ سچو آهي- تنهن ڪري اسان فقط روحاني مرضن جا ڪي قسم بڌائڻ گهرون ٿا. 1- جيڪڏهن ڪو بہ طالب صادق ۽ سلوڪي سالڪ ڪنهن گناه جي گرفتاري ۾ مبتلا ۽ بيمار آهي تہ اهڙي بيماري لاءِ دوا پر شفا توبه جو تڪرار ۽ اظهار آهي جيئن جو حضرت امام همام حضرت جعفر صادق عليہ السلام منقول آهي چون بيمار شوم بگناه مرا شفاد هد بہ توبه) يعني جڏهن مان گناهن جي ڪري بيمار ٿيان تہ منهنجو حڪيم مون کي توبہ جي توفيق سان شفا ڏيندو آهي) اها حقيقت هن هينين شعر فارسي مان پڻ پديد ۽ ظاهر آهي(بيت) درد مندان گنہ را روز شب شربت بهتر زا ستغفار نيست پر بدين جي بيماري شديد جو علاج اڪسير توبہ تام جي طريقہ وارو قرآن ڪريم وري هن طرح بڌائي رهيو آهي ياايها الذين آمنوا توبوا الي الله توبتہ نصوحا عسي ربڪم ان يڪفربڪم سيئاتڪم ويغفر لڪم ذنوبڪم) يعني اي مومنو توبہ ڪيو الله وٽ تو بہ صادق اميد تہ ميٽي ڇڏيندو  مناڀون اوهان جون ۽ بخشي ڇڏيندو بديون اوهان جون) تنهن ڪري هر مومن صادق کي هشيار رهڻ گهرجي ۽ انسان غافل کي غفلت جي خواب گران کان بيدار ٿي سچي توبہ جو علاج وٺڻ گهرجي تہ سندس ساري عمر جا گناه معاف ٿي وڃن پوءِ هو صاحب اهڙو تہ پاڪدامن ٿي رهندو جو ڄڻ تہ ڪو بہ گناه متس ڪونہ هو جيئن جو هينين حديث شريف اها شاهدي ڏئي رهي آهي تہ التائب من الذنب ڪمن لاذنب له) يعني تائب گناهن کان اهڙو پاڪ ٿي رهندو جهڙو بي گناه بندو پاڪ هوندو آهي)  جو تہ سچي توبه جو گهوڙو هڪ ساعت اندر زمين کان ڊوڙي واوَ کان وڌيڪ تکو تيز ٿي آسمان چا بلڪ عرش عظيم  تائين پهچي وڃي ٿو پر جيڪڏهن تو بہ صادق سان گڏ آهون دانهون درد ناڪ ڪري ٿو تہ اُنهن آهُن جي ڪري پڻ عرش اعلىٰ بي جوش جنبش ۾ اچي ڏڪڻ لڳي ٿو – جيئن جو انهي حقيقت تي هينين بيتن مولانا مثنوي جي مان روشني پوي ٿي (ابيات) مرڪب توبه عجائب مرڪب ست بر فلڪ تازد بيڪ لحاظ زيست گربر آ رند از پشيماني انين عرش لرزدارز انين المذنبين) پر بدين جي بيماري جي محبوب دوا خاڪ جي زيرين مصرعہ مان هن طرح عيان آهي (مصرعہ) گناهن جي بيماري کان دوا دارون وٺڻ گهرجي- ڏنو ڏاهن ڏيان سان ڏس پُڙي توبه  پيڻ گهرجي) 2- بيو قسم مرض رويتہ اغيارن جي الفت جو ازالو  مشاهدہ انوار الاهي صاحب والليل اولنهار جي شفا سان آهي جيئن جو جناب سلمي رحمتہ الله عليہ فرمايو آهي سلم رح فرموده ڪہ مرض برويتہ اغيار ست و شفا بمشاهدہ انوار واحد قهار) پر غير کان نفرت ۽ بيزاري فقير خاڪ جي هينين مصرعہ مان پڻ ظاهر باهر آهي- درس وحدت دل ۾ ڏر غير سان ڪهڙو غرض سو رهي اندر ۽ باهر غير سان ڪهڙو غرض 3- مرض جو آهي ڪونين سان گهاٽا تعلقات پيدا ڪرڻ شفا انهي جي تعلقات جو ڪپڻ ۽ انقطاع آهي ۽ اهو انقطاع جذبہ عنايت ايزدي سان وابستہ آهي جو جذبو جڏهن پهچي تہ سالڪ سڪ سوز واري کي ڪونين کان منقطع ڪري هڪ هوت هادي سان پرت جو پيوند ڏئي ڇڏي جو تہ تجريد ۽ تنهائي تعلقات جي مرض کان ڇڏائي ڇوٽڪارو ڏيندي آهي جيئن جو هن

بيت هينين مان پوري طرح پديد ۽ پڌرو آهي (بيت) چه گويمت که چه خوش آمدي مسيح صفت بيک نفس همه درد مرا داو گردد. 4- قسم مرض محبت ۽ شوق لقاء ۽ وصال جو پوءِ محبت جي مريض جي شفا محبوب معنوي جي مشاهدي ۽ ڪشف جمال ڪمال سان هوندي آهي جيئن جو هن هينين عربي قول مان ظاهر آهي- بمقدمک المبارک زال دائي وفي لقياک عجل لي شفائي – يعني اي محبوب تنهنجي قدوم مبارڪ سان منهنجو مرض زائل ٿي ويو ۽ تنهنجي ديدار سان تڪڙي ٿي شفا منهنجي. انهن سيني قسم جي مرضن تي پٽ ڏٽي جو بيت مذڪور صادق ۽ سچو آهي جنهن بيت جي تائيد ۾ بطور شرح جي هي هينين آيت ڪريمه ڪافي حجت آهي (واذا مرضت فهو يشفين) يعني جڏهن به مريض ٿيندو آهيان ته پوءِ هو هوت مون کي شفا ڏيندو آهي) هن آيت الاهي مان چٽو اشارو آهي ته رب الارب کان سوا غير ڏي هرگز رجوع نه تجي ۽ خدا کان سواءِ ڪنهن به ٽول ۾ علاج معالجه جي اميد مستقل آرام جوئي لاءِ نه رکجي، اهو تسليم جو درجو ڪماليت وارو آهي جو درجو حضرت ابراهيم خليل الله جي ڪمال تسليم تي دال آهي، چو ته حڪيم مطلق پاڻ حاڪي تي حال ابراهيمي حڪايت بڌائي رهيو آهي ته جڏهن به مان مريض ٿيندو آهيان ته منهنجي مرض جو شافي تون ئي آهين) مطلب ته اي مولا پاڪ مالڪ عرش افلاڪ منهنجي مرض خوفناڪ جي شفا تي قادر تو پرور پاڪ کان سواءِ ڪو به ڪونه آهي پر جي ڪا به قدر ڪامله آهي ته فقط تو حڪيم حاذق جي هٿ حڪمت ۾ آهي تنهن ڪري تون ئي شفا جي اسبابن جو مسبب آهين توڪان سوا ڪو به ڪار ساز ڪونه آهي جيئن جو زيرين مصراعن ڪلام خاڪ جي مان پڌرو پتو پوي ٿو

(مصراعون)

حاذقن جي هوش کان آ هوش اعلىٰ هوت جو، پاڻ پنهنجو راز مخفي پاڻ جاڻي پاڻ ٿو.

پاڻ ڏيندو پاڻ لاهيندو گجهون بيماريون، ويچ دنيا جا نه جاڻن پاڻ جاڻي جاڻ ٿو

ڏيهه جي ڏاتار کي ڪنهن جي نه آ پرواهه ڪا، جي پوي پرچي ڏئي ڏاتيون ۽ ڏوڙا ڏاڻ ٿو

تنهن ڪري هي جو عام طرح چوٽي آهي ته زماني جي زهريلي هواءِ ۽ غذائن جي ڪري بيماري پيدا ٿيندي آهي ۽ صحت شفا طبيبن ۽ دوائن کان سر زد ٿيندي آهي، اهو چوڻ موقوف مجاز تي آهي وگرنه حقيقت ۾ شفا حڪيم مطلق جي هٿ ۾ آهي، حڪيمن نه بين جي هٿ ۾ پر جڏهن ته شفاءِ مرض بنهي جو اختيار حڪيم مطلق جي هٿ ۾ آهي ته حضرت ابراهيم عليه السلام مرض جي نسبت نروار پاڻ ڏي چو ڪرڻ فرمائي آهي. هن صاحب ڪي گهربو هو ته مرضت جي بدران امرضني آڻڻ فرمائي هان. هن اعتراض جو جواب هي آهي ته حضرت ابراهيم عليه السلام حسن ادب جي رعايت موجب مرض جي نسبت پاڻ ڏي ڪرڻ فرمائي نه رب ڪريم رئوف رحيم ڏي، جيئن جو حضرت خضر عليه السلام پڻ عيب جي نسبت پاڻ ڏي ڪرڻ فرمائي آهي نه رب رحيم ڏي چو ته أتي به رعايت حسن ادب جي زير لحاظ آندي وئي آهي. ڪما قد قال الله في الڪلام حاڪيا عن الخضر عليه السلام فاردت ان عيبها) يعني پوءِ مون ارادو ڪيو ته ٻيڙي کي عيبدار ڪريان) جيڪڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام اهو حسن ادب جو خيال دامنگير نه هجي هان ته جهڙي طرح ڪيس شفا تي يقين تام هو تهڙي طرح مرض جي اعطاءِ ڏيڻ تي يقين ڪامل هو جنهن يقين ۾ ڪيس تر جيترو به تردد ڪونه هو جناب سرتاج سنڌ جي بيت مذڪور مان حصر جي اختصاص سبب هويدا آهي ته سندس درجو تسليم حضرت خليل الله وانگي ڪمال لازوال تي پهتل هو جيئن جو سندس زيرين قول زرين مان پڻ اهو ثبوت ملي ٿو (بيت) سيپيئي سبحان جي تون ڪر حوالي ڪم تحقيق تي تسليم ۾ لاهي غم و هم ته قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري هاج تو) 2- ٻيو ته هي آيته الاهي زيرين پڻ لطيفي لات جي مزيد تائيد فرمائي رهي آهي علم ان سيڪون منڪم مرضىٰ) مرض مان مراد آهي انساني اعتدال خاص کان خروج ڪرڻ پوءِ آيت پاڪ جو اشارو قلبي مرضن ڏي پڻ مائل آهي جي قلب حب دنيا ۽ شهوات نفساني جي شغلن ۽ افاديت جي حجاب ۾ مبتلا تي مريض ٿيندا آهن، انهن وقت متن اسرار قرآني ۽ انهي جي حقيقت حقاني کان ڪو به ٽول ظاهر باهر نه ٿيندو آهي چه جائيڪ مشاهدات معرفت محبوب معنوي جيئن جو شيخ سنائي فرمايو آهي (بيت) عجب نبود گراز قرآن نصيبت نيست جز حرفي که از خورشيد جز ڪرمي نيا بدچشم نابينا) عروس حضرت قرآن نقاب انگ بر اندازد که دار لملک ايمان زامجر يا بد از غوفا) باقي معرفت محبوب جي انهي

عارف الاهي کي حاصل هوندي آهي جو عارف پنهنجي توجہ تام کي سواءِ حضرت ذات حق جي غير ڏي متوجه نہ ڪري جيئن جو تفسير روح البيان واري هينين عبارت پر بشارت مان عيان آهي لن يکون عارفا الا بالتوجہ الي الحضرت العليا) يعني هرگز نہ ٿو هجي ڪو بہ عارف مگر اهو جنهن جو توجه فقط ذات حق ڏي هجي) جيئن جو لطيفي لات – لوڪان نحو صرف مون مطالع سپرين) مان نعرہء معرفت نروار آهي پر جناب حضرت خواجہ اجميري پنهنجي ديوان ۾ محبوب معنوي جو مشاهدو پنهنجي چشمن اندروني کي هئن ڏيکاري رهيو آهي تہ

دلا بچشم حقيقت جمال دوست بہ بين + ز مظهر همہ اشيا ظهور اوست بہ بين

دلا تو حسن خدا ديدہء غلط نہ کني + کہ درجمال خدا جلوہ کر هموست بہ بين

بگوش ظاهر وباطن حديث عشق شنو + بچشم صورت و معنیٰ جمال دوست بہ بين

(نقل)

ذوالنون مصري قدس سره فرمائي رهيو آهي تہ هڪ ڏينهن سفر جي حالت سان هڪ شهر ۾ پهتس دل ۾ خيال ڪيم تہ اندر شهر ۾ وڃان اوچتو شهر جي در تي هڪ ماڙي نظر ۾ نروار ٿي ۽ هڪ نهر جاري، مان نزديڪ نهر جي وڃي وضو ڪيم فراغت ڪان پوءِ ماڙي تي نظر ڦيرائي ڏٺم تہ هڪ ڪنيز خوب صورت نظر آئي جا ڪنيزڪ ماڙي تي بيٺل هئي- جڏهن مون تي سندس نظر پئي تہ چيائين اي ذوالنون جڏهن پري ڪان توکي ڏٺم تہ جاتم تون مجنون آهين پر جڏهن تو طهارت ڪئي تہ خيال آيو تہ تون عالم آهين، طهارت ڪان پوءِ جڏهن منهنجي اڳيان آئين پانيم تہ عارف آهين، هاڻي تحقيق تيقن تي پهتس تہ نہ تون مجنون آهين ۽ نہ عالم ۽ نہ عارف چيم ڇاڪاڻ چيائين جي ديوانو هجين ها تہ طهارت نہ ڪرين ها ۽ جي عالم هجين ها تہ نظر نا محرم ڏي ۽ خانہ بيگانہ ڏي نہ ڪرين ها ۽ جيڪڏهن عارف هجين ها تہ دل تنهنجي ماسوي الله جي طرف مائل نہ هجي ها- جيئن جو خجندي عليہ الرحمتہ انهي بابت عمدو فرمايو آهي- سالک پاک رو نخوانندش آنکہ از ماسوي الله منزہ نيست آستين کوتهي چہ سود آنراکہ ردنياش دست کو تہ نيست)

حاصل ڪلام تہ آدمي عارف جي ديد دروازو معرفت محبوب جو آهي نہ غير چو تہ عارفن کي اڪ عبرتي عالم اڪبر جي اشياعن ڏي نهارڻ لاءِ عطا ڪئي وئي آهي جيئن جو زيرين آيتہ ڪريمہ جي اشاره مان عيان آهي وما خلقنا السموات والارض وما بينهما الا بالحق) پوءِ پلي تہ عارف عباد الرحمان عالم اڪبر ڏي اڪ عبرتي سان نظر نروار ڪندا رهن جيئن جناب سعدي عليہ الرحمتہ فرمايو آهي- دو چسم از پئي ضع باري نڪوست زعيب برادر فروگيردست در معرفت ديدہء آدمي ست کہ بکشودہ برآسمان وزمين است) پر اها عبرتي نعمت عظمیٰ اُنهي آدمي کي بطور تڪريم جي عطا ٿيندي آهي جنهن صاحب کي فڪر سليم جو فوز عظيم حاصل هوندو جيئن جو زيرين شعر عربي مان عيان آهي (اذا لمرء کانت له فکرة ففي کل شيءِ له عبرة) پر حديث مبارڪ ۾ پڻ پديد آهي تفکر ساعة خير من عبادة عمل الثقلين) باوجود ايڏي تحقيق جي انهي حقيقت تي مولانا سعدي جو زيرين شعر مزيد تائيد جو ڪم ڏئي ٿو – برگ درختان سبز در نظر هوشيار هر ورقي دفتري ست معرفت کردگار) پر خود انسان جو مظهر حق آئينہ ذات ۽ صفات حق تعالیٰ آهي تزڪيہ ۽ تصفيہ جي وقت متس انوار الاهي ۽ مشاهدن معرفت جي پالوٽ رهي ٿي تان جو هو شهود هويت پنهنجي سان نزديڪ تجلي ربوبيت پنهنجي تجلي بالحق رهي پاڻ بيخودي ۾ اناالحق چئي ويهي ٿو ۽ ڪي وري انانيت جي فنائي ڪان بعد بقاء سبحانية جي نزديڪ پهچڻ سان نعرہء اعظم ثاني جو نروار ڪرڻ فرمائيندا رهندا آهن پر جناب لطيف لاثاني بعد حصول فنائيت ڪامل جي هئن فرمائي رهيو آهي (بيت) پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ تہ نہ ڪو ڏونگر ڏيهہ ۾ نہ ڪا ڪيچن ڪاڻ، پنهون ٿيس پاڻ سسئي تان بسور هوا) هن بيت ۾ پٽ ڌڻي جو شرعي لحاظ موجب حسن ادب مرعي آهي وگرنہ رنداني رمز موجب ساڳي مام عارفانہ اشاري سان آلاپي وئي آهي قربان ٿجي سرتاج سنڌ جي اهڙي حسن ادب تان جنهن

مقام معلیٰ تي پهچڻ وقت پڻ لحاظ شرعي کي زير نظر آڻي شرعي ادب جي رعايت رکي آهي پر اهو مقام معلیٰ کن کن مقربن کي کثرت رياضت ۽ گهڻن مجاهدن کان ۽ گهڻن ورهين کان پوءِ حاصل ٿيندو آهي ۽ کن عاشقن کي اهو مقام عنايت ارزاني ايزدي سان هڪ لحظ اندر قيامت عشق جي تزکيہ سان حاصل رهندو آهي جو ورهين جي مجاهدن سان بہ مس مس حاصل ٿئي چو تہ عشق اسم اعلیٰ جذبتہ الحق جو آهي جيئن جو زيرين حديث حبيب الله صلي الله عليہ وسلم مان ثابت آهي جذبة من جذبات الحق توازي عمل الثقلين) يعني هڪ جذبو حق جي جذبن مان ثقلين جي عمل برابر رهي ٿو) انهي حقيقت مذکوره تي هن آيت کريمہ هيٺين مان روشني هويدا رهي ٿي وان الساعة التية) آيتہ جو اشارو آهي عارفن وٽ هن ڳالهہ ڏي مشير آهي تہ طالبن صادقن جي نفس نابود ڪرڻ لاءِ قيامتہ العشق ضرور اچڻ واري آهي جا رياضتن ۽ مجاهدن وارن کي فنائيت جي درجہ پهچائي چو تہ طلب ۽ صداقت ۽ اجتهاد قلبي عشق جي نتيجن مان آهن جنهن کري کثرت رياضت سبب نفس سرکش نابودي ۽ فنائيت جو درجو ماڻي قيامت عشق جي کري مماتي جو منصب ماڻيندو آهي، جيئن جو خاک جي زيرين مصرعہ کافي مان عيان آهي- عشق جي ايوان ۾ مشتاق لکہ مرندا ڏٺم شمع واري شعاع تي سوسو پتنگ سڙندا ڏٺم) پر جناب خواجہ اجميري فرمايو آهي تہ:

سوخت از بهر تو جان و جگر سو ختگان، اين چہ روز ست کہ آمد بسر سو ختگان

## نيھن جي نھان رکڻ ۾ احتياط آھي نہ نروار ۾

31- (بيت)

نھائين کان نيھن سک منھنجا سپرين

سڄي سارو ڏينھن تہ ٻاھر ٻاڦ نہ نکري

شرح – نيھن جي نامدار نانگي قرب قدوسي جي کانگي برہ جي بانگي جي نظريہ موجب نيھن ايزدي ۽ عشق الستي کي ائين اندر ۾ ساہ وانگي سانيجي جيئن جو نھائين ۽ آوي کنيارن واري ٿانون کي ساہ اندر سانيھي ڇڏيندي آھي جو سارو ڏينھن سڙندي بہ درد جي دونھات واري ٻاڦ ٻاھر نہ کيندي آھي- ائين ڪرڻ سان عشق جي ڪتمان ڪرڻ سبب ڪمال درجہ تي پھچي پھرين نمبر پروان وانگي پاس تي پاڻ تہ امتحان اندر پچي لعل ٿيندي آھي پر سندس سوز ۽ مخفي مچ وارا ڪچي مٽي جا ٺھيل ٿانو بہ پچي پچي ڳاڙھا لعل ٿي ويندا آھن. تنھن ڪري طالبن صادقن ۽ سلوڪي سالڪن کي بہ گھرجي تہ ڳالھن جي نھائين کان نيھن جو لڪائڻ سکي پاڻ بہ ٻاڦ ٻاھر نہ ڪيڍي امتحان الستي ۾ پھرين نمبر پاس ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا رھن – عشق جي ڪتمان بابت بطور شرح شافي جي ھي حديث حبيب الله صلي الله عليہ وسلم جي حجت ڪافي ۽ برھان وافي آھي من عشق و ڪتم وعف فقدمات مات شھيدا) يعني جنھن بہ عشق ڪيو ۽ لڪايائين ۽ پاڪدامن رھيو پوءِ تحقيق مري ويو تہ اھو شھادت جو درجو ماڻي مري ويو) پر حديث مذڪور کان سوا مزيد تائيد ۾ بطور شرح جي زيرين آيت ڪريمہ قابل حجت آھي ادعوا ربڪم تضرعا وخفية يعني سڏيو رب پنھنجي کي ڳجھي طرح زاري نيزاري سان) چو تہ رب الارباب کي ھوريان ھوريان نھاني نمونہ موجب گريہ زاري سان سڏڻ افضل ۽ اعلیٰ آھي ۽ اھو سري سڏڻ رياء ۽ ڏيکاء جي عمل باطل کان وڏو بچاءُ آھي جيئن جناب پٽ ڌڻي ٻي ھنڌ چرخي کي مخفي طرح سان چورڻ بابت تاڪيد شديد ڪرڻ فرمايو آھي – ائين چرخو چور جئين پونئر بہ پٽڪو نہ ٻڌي) حاصل ڪلام تہ ماٺھو تہ تنھنجي چرخي چورڻ جو پٽڪو ۽ آواز نہ ٻڌن پر اھڙي ھوريان اور عجيبن سان اور جو تنھنجي اندروني اور جو آواز زمين بہ نہ ٻڌي- تنھن ڪري طالب صادق کي عشق جي ڪتمان ۽ نيھن جي لڪائڻ لاءِ ڪيڏو نہ تاڪيد ۽ احتياط آھي عجيبن سان اندروني اور اورڻ تي ھينيون ڪلام رستم فقير جو عجيب روشني وجھي رھيو آھي.

(ڪلام) (حصئہ قليل)

اوران ڪنھن نال اوران تئن بن رانجھن سائين

برہ تيڏي بيمار جو ڪيتا مرندي نامئن جيندي

پر پر جام جدائي والا پر پر ڪر مئن پيندي

لايان درد ٽڪوران سڻ چا عرض اگھاوين.

پر ويچارو ورھ جو وينجھار شاہ محمد ديڏڙ دادلو دربار وري ھئن چرخي چورڻ ۽ اور اورڻ بابت فرمائي رھيو آھي- الف اٿي تون چرخو چور آڌي رات الھ سان اور ترت طلب جي تسبي سوز نفس تيو تي ظالم زور ڪوڙا ڪانہ لھين تو ڪل ھي جگ جاني تي چلپل- غرض تہ جيئن چشم ۽ دل دائمي وحدت ۾ غرق ۽ محو رھي معرفت محبوب معنوي جي معيت جو مشاھدو ۽ مزو ماڻيندين رھن جيئن جو خاڪ جي زيرين ڪلام مان ظاھر آھي.

(ڪلام خاڪ)

چوڏهين جي رات روشن چنڊ ۾ اختر سان گڏ + چرخ تي چمڪن ستارا چشم دل اڪبر سان گڏ

١. غير سان دل ڪين ٻڌ دل دار آ دلدار جي + تن هجي دنيا سان گڏ پر دل هجي دلبر سان گڏ

٢. بيهه تارن جان برابر رات هر طاعت اندر + تنهنجي قسمت جو ستارو تان رهي رهبر سان گڏ

٣. ٿڙ عبادت ۾ ڏسي ٽيرو ڪتيون ڪت قلب سان + ور ڏئي وارو ته ساري عمر ويهين ور سان گڏ

٤. غم الم ڪافور ٿي ويندو نه رهندي شب فراق + صبح ايري جاڻ آئي سونهه سج انور سان گڏ

٥. خاڪ جو خوش خوبرو جي خيال ۾ اقبال آ + ٿي فنا وڃ خيال ۾ رک پاڪ دل پرور سان گڏ

## نفس کي مجاهدن جي ڪاتي سان ڪهڻ ۾

**33- (بيت)**

پهرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڙو،
ڏک پريان جو ڏيل ۾، واجت جئن وڄاءِ،
سيخن ماهه پچاءِ، جي نالو ڳيڙئي نيهن جو.

شرح – جناب سرتاج سنڌ فرمائي رهيو آهي اي طالب صادق پهريون پنهنجي نفس اماره ۽ سرڪش کي مجاهدن جي ڪاتي سان ڪهي ۽ سندس جسماني پڃري وارا چارئي پکي جدا جدا ڪهي پوءِ هادي حبيب جي پڇا ڪر تہ جيئن هو ڪٺل نفس نئين حياتي سان زنده ٿي هوت حقيقي جي حڪم جو فرمانبردار رهي ۽ جنهن بہ وقت هن کي داعيئہ شريعت ۽ طريقت ڏي سڏين تہ مطيع ٿي ڊوڙندو اچي ڪڏهن بہ اطاعات عشق جي کان نابري نہ واري بلڪ نيهن ۾ نروار ٿي امتحاني سيخن آتشي تي پاڻ پچائي پروان وانگي پاس تي ڏيکاري جيئن جو حڪيم سنائي رحہ مثنوي مان انهي طرف اشارو عيان آهي (مثنوي) چار مرغ ست چار طبع بدن جملہ رابهر دين بزن گردن پس بايمان و عقل و عشق و دليل. زنده ڪن هر چهار راچو خليل- شريعت ۽ طريقت وارن جي اتفاق موجب نفس ٽن قسمن تي مشتمل آهي 1- هڪ نفس امارو 2- نفس لوامو 3- نفس مطمئنو پوءِ پهريون قسم نفس فاجرن ۽ فاسقن جو آهي جنهن جي ڪهڻ تي عارفن جو اتفاق آهي ٻيو قسم مومنن صالحن جو آهي ٽيون قسم انبيائن ۽ اوليائن جو آهي جن جي نفس مطمئنہ کان مولا پاڪ راضي آهي ۽ سندن نفس رب کان راضي آهي جيئن جو هي آيت الاهي انهي تي گواهه آهي يا ايتها النفس المطمئنۃ ارجعي الیٰ ربڪ راضيۃ مرضيۃ فادخلي في عبادي وادخلي جنتي) يعني اي نفس مطمئنہ تون پنهنجي رب ڏي موٽ راضي ٿي ۽ مرضي ٿي پوءِ منهنجن ٻانهن سان گڏجي بهشت ۾ داخل ٿي وڃ) پر نفس اماره کي ڪهڻ بابت هي آيت شريف پڻ شرح جو ڪم ڏئي رهي آهي ليطمئن قلبي قال فخذا ربعۃ من الطير فصر هن اليڪ واذبجهن الیٰ-ثم ادعهن يا تينڪ سعيا) يعني تانجو منهنجو قلب اطمينان وٺي فرمايائين پوءِ پکين مان چار پکي وٺ اُنهن کي ڪهي پاڻ ڏي سوڙهو ڪري گنڊ تنهن کان پوءِ هنن کي سڏ ڪري تہ توڏي ڊوڙندا ايندا) تفسير حسيني وارو مولانا ڪاشفي صاحب هن آيت جي هينان هئن فرمائي رهيو آهي تہ در انوارآمده ڪ هر ڪ خواهد ڪ نفس خودرا بہ حيات ابدي زنده گرد اندبا يد ڪ قوائي بدني باتيغ رياضت بسمل ساختہ بعض رابہ بعض بيا ميزدتا صورت ايسان شڪستہ منقاد فرمان شوندو ايشانرا بداعيئہ شرع و عقل بخو اند تابطريق مطاوعت شتاب ڪنان باز آيند- محققان گفتہ اند در ذبح طيور اربعہ اشارت چنين بوده ڪ ڪبوتر راپيو ستہ بامردم مستانس ست بڪش ور شتئہ_الفت از خلق ببرو خروس راڪ همواره مائل شهوت ست ذبح ڪن وخودرا ازپند شهوت بازر رهان وزاغ راڪ نعب حرص ست بقتل ازو صفت حرص و آزبگذارو طائوس راڪ مجمع زينت ست سر بردارو ديدهء همت را از آرايش دنيا فروبندڪ هر ڪ بہ تيغ مجاهده اين چهار صفت مذمومہ رابذبح. آرد حياتي ابدي و زندگي سرمدي يا بدوگويند چهار صفت از تبايع ارڪان اربعہ در آدمي پديد آيت و ذبح بانها بہ تيغ مخالفت لازمہ ست اول صولتہ ڪبرڪ نتيجئہ آتش ست دوم داعيئہ شهوت ڪ ثمرهء هوا ست سيوم گاپوئي حرص ڪ عادت آب ست چهارم تيرگي امساڪ ڪ صفت خاڪ ست) يعني ڪتاب انوار ۾ آندل آهي تہ جو بہ گهري تہ پنهنجي نفس کي حيات ابدي سان ممتاز فرمائي تہ انهي کي گهرجي تہ جسماني قوتن کي رياضت جي ترار تيز سان اهڙو تہ بسمل ڪري جو بعض قوت جسماني کي بعض سان ملائي ڇڏي تانجو صورت انهن جي شڪستگي حاصل ڪري تابع فرمان جي ٿي وڃي ۽ انهن کي داعيئہ عقل ۽ شرع سان سڏي تہ تابعداري طريقہ سان ڊوڙندا موٽي اچن محققن فرمايو آهي تہ چئن پکين جي ذبح مان هن طرح اشارو آهي تہ ڪبوتر کي جو دائمي انسانن سان اُنس ۽ و روح آهي انهي کي ڪهہ مراد رشتو الفت جو خلق کان ڇن ۽ ڪڪڙ کي جو سراسر شهوت جو شائق آهي انهي کي ذبح ڪر مراد پاڻ کي شهوت

کان پاڪ ڪر ۽ ڪانگ کي قتل ڪر جو حرص جو چشمو آهي مراد حرص جي سڌ ڇڏي ڏي ۽ مور پکي کي جو جامع زينت جو آهي انهي جو مٿو پنج مراد همت جي اک دنيا جي زينت ۽ آرايش کان بند ڪري ڇڏ- مطلب ته جو به مجاهدن جي تيز ترار سان انهن چئن صفتن خرابن کي ذبح جو زيب ڏياري حياتي ابدي ۽ زندگي سرمدي سان سينگاريندو اهو سدائين سلوڪي سير ڪرڻ سان سرفراز ٿيندو رهندو. چوندا آهن ته اهي چار صفتون جي چئن عناصرن جي پني آدمي ۾ عيان ٿين- اُنهن کي مخالفت جي تيز ترار سان ڪهڻ واجب آهي 1- هٺ هستي کي جا نتيجو آتش جو آهي 2- اعيئه شهوت کي جو ثمر و هوا ۽ باد جو آهي 3- هبچ حرص جي ۽ ڊڪ ڊوڙ جا عادت آب ۽ پاڻي جي آهي 4- ميراڻ بينل جا صفت خاڪ جي آهي) جيئن جو حڪيم سنائي صاحب انهي معنىٰ ڏي اشارو ڪرڻ فرمايو آهي (مثنوي) چار مرغ ست چار طبع بدن جمله را بهر دين بزن گردن پس بايمان عقل عشق دليل زنده کن هر چهارا راچو خليل) ترجمو سنڌي بيتن ۾ جي پکي چار سي عناصر چار دين جي واسطي ڳرين کي ڳار عشق ايمان ساڻ عقل دليل چار جيرا ٿين بخوئي خليل) پر روح البيان وارو آيته مذڪوره جي هينان گهٽي بحث ڪرڻ بعد امام قشيري رحه جي راءِ انهن_چئن پکين بابت هيئن نروار ڪري رهيو آهي ته قال القشيري طلب ابراهيم عليه السلام بهذه حياته قلبه فاشير اليه بذبح الطيو روفي الطيور الا ربعته اربعته معان هي في النفس في الطاؤس زينته و في الغراب امل وفي الديک شهوت والبط حرص فاشارالي انه مالم يذبح نفسه بالمجاهدة لم يحي قلبه بالمشاهدته) قشيري فرمايو ته حضرت ابراهيم عليه السلام هن آيته سان پنهنجي قلب جي حياتي طلب ڪئي پوءِ کيس ڏٽي جي دربار مان پکين جي ڪهڻ جو اشارو ٿيو جي پکي عدد چار هوا جن مان چار معنائون مراد آهي 1- نفس مان مراد مور جي زينت 2- زاغ مان مراد نفس جي اميد آهي 3- ڪڪڙ مان مراد نفس جي شهوت آهي 4- بط- آڙي مان مراد نفس جو حرص آهي پوءِ جيستائين نفس سرڪش کي مجاهدن جي ڦهري ڪاتي سان نه ڪهندو تيستائين طالب حق جو قلب مشاهدن سان جيرو نه ٿيندو- پر علامه سيد محمود آلوسي عليه الرحمته پنهنجي فسير روح المعاني ۾ آيته مذڪوره جي هينان هيئن فرمائي رهيو آهي قال فخذا ربعته من الطير- اشار ته الىٰ طيور الباطن التي في قفص الجسم وهي اربعته من اطيار الغيب العقل والقلب والنفس والروح فاذبح طير العقل بسکين المحبة علىٰ باب الملکوت واذبح طير النفس بسکين العشق في ميادين الفردنية واذبح طيرالروح بسکين العجز في_تيه عزة اسرار الربانية)_اشارو آهي انهن باطن وارن پکين ڏي جي جسم جي پڃري ۾ چار پکي غيبي آهن عقل ۽ قلب ۽ نفس ۽ روح- پوءِ عقل جي پکي کي ملڪوت جي دروازي تي محبت جي ڪاتي سان ذبح ڪر ۽ قلبي پکي کي جبروت جي در تي شوق جي ڪاتي سان ذبح ڪر ۽ نفس جي پکي کي فردانيته جي ميدانن تي عشق جي ڪاتي سان ذبح ڪر ۽ روح جي پکي کي عزت رازن رباني جي صحرا تي عجز جي ڪاتي سان ذبح ڪر.) انهي ساري تحقيق انيق مان پٺائي جي بيت جي مراد آهي ته جو به طالب حق جو سلوڪي سٽڪ جو سڌو رستو پڇڻ گهري ته پهريان پنهنجي جسم وارن پکين کي مجاهدن جي تيز ڪاتي سان کهي پوءِ محبوب معنوي جي مشاهدي ماڻڻ جي سڌ ڪري وگر نه ايڏي ڪنن ڪم ۾ ڪاميابي محال آهي موجب مصرعه معروف ماڻهن ليکي عشق سهانگو آهي محبت چيز مهگاني) ٻي مراد بيت مذڪور جي هن طرح به نيڪ نهڪي اچي ٿي ته اي طالب جڏهن به تون تيار ٿي پرت جي پنڌ پاڪ ۾ پير پائڻ گهرين ته پهريون ڪاتي پائڻ واري لاءِ ڪسڻ ڪاڻ ٻڪرو ٻٽي سهي سنبري سر سهائي اچ ته نيهن جو نامدار پرتيٺو نعرهء تڪبير ذاتي سان قرب جي ڪاتي وهائي ڪماليت جي درجه تي پهچائي ڇڏئي جيئن جو سنس بيت زيرين مان اها مراد ظاهر آهي ( بيت) ڪڏهن پئجي ڪن تي ڪڏهن ٿجي وات ڪڏهن ٿجي ٻڪرو ڪڏهن ٿجي ڪات) چو ته سچو سالڪ ڪسڻ کان ڪڏهن به نه ڪيٻائيندو آهي بلڪ ڪسي قربان ٿيڻ ۾ پنهنجي وڏي ڪاميابي محسوس ڪندو آهي- پوءِ جي سر ڏني سجڻ سرچي پوي ته اهو سودو سون کان سرهو آهي جيئن جو ڪنهن شاعر چيو آهي ته — ساه ڪيان قربان پياري پنهل تون گهوري گهوري — پر انهي بابت مولانا شيخ سعدي رحه ڏاڍو عمدو فرمايو آهي- عاشقان ڪشتگان معشوق اند برنيايدز ڪشتگان آواز) يعني عاشق معشوق جي هٿ جا ڪنل آهن ڪنلن کان آواز ٻاهر ايندو) بلڪ صبر ۽ سڪ سان سر ڏئي سرفراز ٿيندا آهن- جناب مخدوم جهانيان رح پنهنجي ملفوظات ۾ هن طرح بيت آندو آهي ته

(بيت)

گرميڪشي بڪش بيڪبار تا چند ز خويش داريم دور

۽ هي عربي بيت هينيون پڻ مخدوم آندو آهي

(بيت)

وڪلت الي الحبيب امري ڪله ان شاءء احياني دان شاء اتلفا

يعني (مون سڀ ڪم سڄڻ کي سوپيو آهي سوٽيس ته مون کي جياري وٽيس ته ماري) پر ويچاري حاجي خانڻ چنجٽي پنهنجي ڪافي ۾ هوت جي حالت هئن بيان ڪري رهيو آهي

(ٺلهو ۽ مصرعو)

ڪن سان ڪئن ڪن سان ڪئن منهنجو هوت مون سان هئن

1- ڪڏهن ڪڏهن هسندو ڏسان ري بهاني رسندو ڏسان هي ڪنڌ أتي ڪسندو ڏسان واهه وٽيس جئين-

پر فقير خاڪ جو خيال سڄڻ جي سودي بابت هئن آهي

(مصرع)

سسي سر ساهه دل جو مون ڪيو سودو سڄڻ سان، جڏ تڏ هن بي يارسان بيهر بيو واپار نا گهرجي.

# بيان ذبح حضرت اسماعيل جو

33- (بيت)

كاتي ڪھڙو ڏوھ، جو ڳن وڍيندڙ ھٿ ۾،

پسي پر عظيم جي، لرزيو وڃي لوھ،

عاشق کي اندوھ، سدا معشوقن جو.

شرح – ھن بيت ۾ اشارو حضرت اسماعيل عليہ السلام جي قصہ شريف ڏي آھي تہ جڏھن حضرت ابراھيم عليہ السلام پنھنجي خواب جي ڳالھ ٻڌائي تہ ٻڌڻ سان حضرت اسماعيل عليہ السلام فرمايو تہ الله جو امر اڪين تي آھي تون دير نہ ڪر مون کي انشاء الله تعاليٰ صبر وارن مان لھندين پر ان کان اڳ ۾ حفظ حق ربوبيتہ ۽ رعايتہ ادب عبوديتہ جي ڪري منھنجو ھي التماس اديبانہ اجابت ۾ آڻ تہ پھريون ھٿ ۽ پير منھنجا ٻڌڻ گھرجن جيئن ذبح جي عذاب کان لڇي ڏوراپي ھاب بہ نہ ٿيان تنھن کان پوءِ حضرت ابراھيم عليہ السلام جڏھن سندس ڪھڻ جو عزم ۽ ايرادو ڪرڻ فرمايو تہ وري دوباري حضرت اسماعيل عرض ڪيو تہ اي بابا سائين منھنجو قيد مون کان کول چو تہ مان پنھنجي پروردگار کان ڊڄان ٿو تہ مباده مون کي ھئن ڏوراپو ڏنو جي. اي دوست منھنجا پاڻ کي ھٿ ٻڌل قيدي بنائي – پوءِ امر جي اطاعت ڪيئي- تنھن ڪري مون کي قيد کان آجو ڪري پوءِ ڪاتي سان ڪھ تہ منھنجي صبر ۽ صداقت جي سڄڻ کي خبر پوي جڻ زبان حال سان ھي مصرعہ زيرين ڳائي رھيو ھو تہ – ڪاتي ڪند منھنجي تي وھاءِ ابا ذرو دير نہ دم ھڪ لاءِ ابا- جو تہ ھوت جي ھٿ پاڪ کان زھر جو پيالو پيڻ بہ ماکي جي شربت مثل آھي جيئن جو زيرين بيت مان ظاھر آھي- ولو بيدالحبيب سيقت سما لکان من يده يطيب) يعني جي حبيب جي ھٿ کان زھر جو پيالو پيان تہ اھو زھر حبيب جي ھٿ جو ماکي کان بہ منو آھي- پر محبوب جي مارڻ بابت ھي ھينيون پھاڪو عربي ۾ مشھور آھي تہ ضرب الحبيب ذبيب) محبوب جو مارڻ انگورن کارائڻ جي برابر آھي) ٻي ڪنھن شاعر شائق وري ھئن چوڻ فرمايو آھي تہ محبوب جي ھٿ مبارڪ کان مھن تي مڪون کائڻ ائين آھي جيئن جو ھوت پنھنجي ھٿ سان پڻ گره وات ۾ وجھي پنھنجي مشتاق کي ماني کارائي رھيو آھي، جيئن جو زيرين بيت فارسي مان ظاھر آھي (بيت) از دست تو مشت بر دھان خوردن خوشترڪ بدست خويش نانخوردن چو تہ عاشق صادق پرين پار جي تڪليف ۽ ڪوڙاڻ کي ماکي مثل منو شربت ڪري پائيندا آھن جيئن جو پٽ ڏٺي جي ھينين بيت مان عيان آھي (بيت) پرين سندي پار جي مڙئي منائي کانھي ڪڙائي چکي جا چت ڪري) پر حضرت ابراھيم ڪيترا پيرا ڪاتي وڏي زور ۽ طاقت سان سندس حلق مبارڪ تي وھائي پر ڪارگر نہ ٿي تنھن کان پوءِ کاوڙجي دوباري سندس ڪياڙي تي وھائڻ لڳو تہ ڪاتي قھر قھار جي کان ڪنبي اُبتي ۽ مڏي ٿي پئي چو تہ سندس ڳن حقيقي وڍيندڙ جي حڪم ھيٺ ھو، ھن کي ڪھڙي طاقت جو حڪم حاڪم حقيقي جي انحرافي ڪري حضرت اسماعيل عليہ السلام جي نڙي مبارڪ جا بلڪ وار بہ ڪپي سگھي، ھرگز نہ ھرگز نہ جيئن جو ھي بيت اھا خبر ڏئي رھيو آھي

(بيت)

آن توڪل تو خليلا

نہ ترا تانبرد تيغت اسماعيل را.

پوءِ ناگاہ عين انھي وقت ھي ندا غيب کان حضرت ابراھيم عليہ السلام جي گوش گذار تي ونادينا? يا ابراھيم قد صدقت الرؤيا) يعني اسان سڏ ڪري چيو تہ اي ابراھيم تنھنجو خواب سچو ٿي چڪو) حديث ۾ آھي تہ ھڪ ڏينھن حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جبرئيل عليہ السلام کي فرمايو تہ اي جبرئيل ڪڏھن توکي آسمان

ڪان نزول جي وقت ڪا تڪليف ۽ پهتي جبرئيل چيو ته هائو مون کي چئن جاين تي سخت ۾ سخت تڪليف ٿي 1- هڪ جڏهن ابراهيم کي نمرودي نار ۾ اڇلايو ويو، تڏهن مان عرش جي هيٺان حضور ۾ حاضر هوس ڏٺي تعالیٰ فرمايو ته پهچي وڃ بانهي منهنجي کي پوءِ پهتس مان ۽ کيس چيم ته ڪا حاجة اٿئي جواب ۾ چيائين ته تو ۾ منهنجو ڪو ٻه ڪم ڪونه آهي 2- ٻيو انهي وقت جو حضرت ابراهيم ڪاتي اسماعيل جي حلق تي رکي مان عرش جي هيٺان حاضر هوس فائق جو فرمان ٿيو ته پهچي وڃ بانهي منهنجي کي، پوءِ اک ڇنڀ ۾ پهچي ويس پهچڻ سان ڪاتي کي ڦيرائي ابتو ڪري ڇڏيم. 3- ٽيون احد واري ڏينهن ۾ جو ڪفارن توکي زخمي تنهنجا ڏند مبارڪ شهيد ڪيائون فائق جو فرمودو ٿيو ته جلد پهچي وڃ منهنجي محبوب کي جئن جو سندس خون جو قطرو زمين تي نه ڪري وگرنه زمين مان ڪو ٻه وڻ ۽ سلو سائو پيدا نه ڪندس، پوءِ جلد پهچي تنهنجي رت کي هٿ ۾ جهلي هوا ۾ اڇلي ڇڏيم. 4- انهي وقت جو يوسف کي کوه ۾ وڌو ويو هو، فائق جو فرمان پهتو پهچي وڃ بانهي منهنجي کي پوءِ پهچي ويس اڳي هن ڪان جو هو کوه جي تري ۾ پهچي پوءِ هڪ پٿر کوه جي تري مان ڪڍي انهي تي کيس وهاريم- حاصل ڪلام ته توحيد جا ٽي قسم آهن يعني ٽي مرتبا آهن هڪ افعالي 2- صفاتي 3- ذاتي انهن مرتبن جي حصول ڪان حجاب ٻه ڪل ٽي قسم آهن. 1- مال 2- اولاد 3- جسم پوءِ توحيد افعالي جو مرتبو فنائيت مال جي ڪان حاصل ٿيندو آهي ۽ توحيد صفاتي جو مرتبو فنائيت اولاد جي ڪان حاصل هوندو آهي ۽ توحيد ذاتي جو مرتبو فنائيت جسم ۽ روح جي سان حاصل ٿيندو آهي. پوءِ حضرت ابراهيم عليہ السلام کي اهي ٽئي مقام هيٺين طرح امتحان ايزدي ڏيڻ سان حاصل ٿيا. پهريون مرتبو افعالي سموري مال ڏيڻ سان ٻيو مرتبو پٽ جي ذبح ڪرڻ سان 3- مرتبو ذاتي نمرودي نار ۾ جسم سوڙو ڪڏي پوڻ سان بفحوي الڪريم قلنا يا نار ڪوني بردا وسلامًا علیٰ ابراهيم) يعني فرمايو اسان اي باه تون ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿي وڃ ابراهيم تي) پوءِ ظاهر ٿيو انهن سيني مقامن مان فناء انجو فناء في الله ۽ بقاء ان جو بقاء في الله – ايڏو امتحان شديد خليل الله ڪان هن ڪري ورتو ويو ته ملائڪن کي پتو پوي ته خليل الله جو شان ۽ علامت امتيازي اها آهي جو حق جي محبت ڪان سواءِ سندس قلب ۾ ڪجهه ٻه نه ماپي تنهن ڪري احب الاشياء حب اولاد جي آهي، ان سبب کيس حڪم ذبح ولد جو ٿيو جنهن ۾ پهرين نمبر پاس ٿيو، مطلب ته مٿس اهڙو ته حق جي محبت جو غلبو ٿيو جو حق جي رضا ڪري پنهنجي والد ۽ قوم ڪان بيزار ٿيو ۽ پٽ جي ذبح ڪرڻ لاءِ تهدل تيار ٿي چڪو ۽ ملائڪن جي امتحان وقت پنهنجي ساري مال ڌڻ مان نڪري ٻاهر ٿيو محض الله ڪارڻ اگرچه مالداري ۾ ٻه وڏو مشهور مالدار هو تنهن ڪري جو ٻه سلوڪي سالڪ ٽن حجابن مذڪورن ڪان ٽپي ويندو اهو انهن مقامن مذڪورن خليلي جي ماڻڻ جو مصداق رهندو- انهي ساري تحقيق جو لطيفي نظريہ موجب هي هيٺين آيتہ الاهي بطور شرح شافي ۽ حجت ڪافي جي ڪم ڏئي سگهي ٿي قال يا بُني اني اریٰ في المنام اني اذبحڪ فانظر ماذا تریٰ قال يا ابت افعل ماتؤمر ستجد ني انشاء الله من الصابرين فلما اسلما وتله للجبين وناديناه ان يا ابراهيم قدم صدقت الرؤيا اناڪذالڪ نجزي المحسنين ان هٰذالهوا لبلؤ المبين وفديناه بذبح عظيم) يعني چيائين اي منهنجا پٽڙا مان خواب ۾ ڏسان ٿو ته توکي ذبح ڪيان ٿو پوءِ اُن ۾ نهاري ڏس ته توکي ڇا نظر ٿو اچي چيائين اي پيءُ منهنجا هڪدم ڪري گذار جنهن جو تون مامور آهين مون کي جلد صابرن جي سلڪ مان لهندين. پوءِ جڏهن ٻئي مطيع ٿي ويا ته ليٽايائين هن کي پيشاني ڀر ۽ سڏي چيو اسان ابراهيم کي ته تو سچو ڪري ڇڏيو، پنهنجي خواب کي تحقيق اسان اهڙي طرح جزا ڏينداسون نيڪو ڪارن کي تحقيق هي امتحان البته ظاهر آهي ۽ اسان انهي جو عوض ڏنو آهي هڪ گهٽو جسم جو فربه ۽ ٿلهو جو ذبح واسطي تيار ڪيل هو) بلاء مبين مان مراد تفسير روح البيان جي تحقيق انيق موجب هيٺين ريت آهي- بلاء مبين اهو آهي جنهن جي آزمايش ۾ مخلص ۽ غير مخلص ڪان ممتاز رهي – بقلي رحمتہ الله چوي ٿو ته جنهن بلاء جي خبر سبحانه وارن لاءِ وڏي راحت ۽ بشارت آهي- حقيقت انهي جي مڪاشفن جي حقيقتن وارن رازن ۽ مشاهدن جي منزلن تي پهچڻ جي آهي ۽ اهو مرتبو عظائم القربات ۾ شمار آهي ۽ اصل امتحان جو هي آه جو توکي هڪ ساعت محبوب جي مشاهدي ڪان محبوب ۽ محروم ڪري پوءِ جڻ اهو بلاء آهي جو بلاء امتحاني الله ۽ الله جي عاشقن جي وچ ۾ هرگز واقعو نه ٿو ٿئي چو ته بلاءِ عاشق لاءِ عين ولاء الفت آهي – حريري فرمايو آهي ته بلاء امتحاني ٽن قسمن تي مشتمل آهي پهريون مخالفن تي عذاب ۽ انتقام آهي 2- ٻيو صالحن تي گناهن جي ڪفارت 3- اوليائن ۽ صديقن تي آزمايشي انواعن مان هڪ نوع جئين

جو زيرين بيت مولانا جامي جي مان ظاهر آهي (بيت) جا ميادل بغم و درد نه اندر ره عشق کہ نہ شد مرده ره آن کس کہ اين درد کشيد) پر جو بہ سالڪ صادق عارف عاشق انهي درد کي دل جو ورد جاڻي دردي ڪمال درجي تي رسي ڪري درد جو بي درد تي وجي ٿو) انهي صاحب حال تي هي هينيون ڪلام حقير خاڪ فقير جو پورو پورو صادق ۽ سچو آهي.

(ڪلام)

درد وارن درد چا پر درد وارن درد تي + ورد وارن ورد چا پر ورد وارن ورد تي

١. فرديت جي فيض جا فائق فريدي فرد ڪي + فرد فردن ۾ قرن پر فرد جو بي فرد تي
٢. درد دل جا ذوق ذويا گرد خاڪي چاڻ مان + سون سوذن تا سدائين گرد جو بي گرد تي
٣. نيهن نانگا نيهن ۾ نابود تي پو بود ٿيا + نيهن جي ذاڪڻ نظر سان نرد جو بي نرد تي
٤. خود خودي ۾ تي خدائي چا مگر آ خود خدا + خود خدا جو خانہ تو ۾ خرد جو بي خرد تي
٥. خاڪ آذو سر نوائي نورين سجدو ڪيو + طاردن مطرود وانگي طرد جو بي طرد تي.

## مال اولاد جي محبت ۾ مبتلا تي ڪيچ ڏٽي وٽ ڪاٽيارو ٿيڻ

34- (بيت)

ٻڌو ڪنهن ٻڌياڻ هئڙو هوتاڻ سان

ڪا جو پئي ڪاڻ نبيريان ته نه نبري

شرح- سهڻو سرتاج سنڌ ڀاڻ ڪي ڀاڻ خوش خطاب ڪري رهيو آهي مگر حقيقت ۾ هر هڪ طالب المولىٰ ڪي انتباه جو اشارو ڏنل آهي ته اي طالب حق جا تون الست بربڪم جي ارشاد وقت قالوا بلىٰ جي ٻول سان ميثاق جي ڏينهن ۾ جو روحاني رمز سبب جڻ ٻنڌڻ جو زمانو هو پنهنجي ٻاروچل ٻاجهاري سان ٻجهي آيو آهين هاڻي هتي دنيا جي بري ٻنيور ۾ سندس بازار ۽ فريب ده رونق ۽ مال متاع تي پلي ڪيچ ڏٽي ڏهون ڪاٽيارو ٿيو آهين انهي ڪاڻ رهاڻ پوڻ ڪري ڪيچ ڏٽي توڪان مهن متائي رسي ويل آهي – تنهن ڪري جيستائين غفلت جي خواب گران ڪان بيدار تي غير جا تعلقات نه توڙيندي تيستائين نيهن جو نبيرڻ ڏکيو ۽ دشوار آهي، انهي بيداري ڪان سوا ڪيتري به ڪوشش ڪرڻ ۾ ايندي ته نيهن نبري نه سگهندو بلڪ رهندو عتاب ۽ ڏوراپي جهلڻ جو جوڳو ٿيندي تنهن ڪري جيستائين سسئي وانگي سرانگي عاجزي زاري نيزاري ڳل ڳاري سان پنهنجي پنهل پاڪ ڪي پرچائڻ ۽ سرچاڻ جي ڪوشش ڪري انهي جي در پاڪ تي عاجزي سان آڻ نه آٽيندي ته پوءِ پنهل بي پرواهه ڪي تنهنجي ڪهڙي پرواهه آهي تنهن ڪري آڻ ۽ ڪاڻ ڪيڻ ڪان سوا هو بي ڪاٽيو ڪڏهن به ڪونه پرچندو جيئڻ جو فقير خاڪ جي هينين ڪلام مان آڻ آٽڻ بابت پوري پوري هدايت ڏنل عيان آهي

(ڪلام)

آڻ وارا آڻ آٽڻ هو نه آٽي آڻ تو + ڪين ڪنهن وانگي ڪيي ڪنهنجي ڪڏهن به ڪاڻ تو

١. ڏيهه جي ڏاتار ڪي ڪنهن جي نه آ پرواهه ڪا + جي پوي پرچي ڏئي ڏاتيون ۽ ڏوڙا ڏاڻ تو

٢. تاڻ تن من ۾ تهين جي ڀاڻ بي تاٽيو رهي + فاذڪروني سان فقط تن ۾ رکي سو تاڻ تو

٣. ڀاڻ ڏيندو ڀاڻ لاهيندو ڳجهون بيماريون + ويچ دنيا جا نه جاڻن ڀاڻ جاٽي جاڻ تو

٤. حاذقن جي هوش ڪان آ هوش اعلىٰ هوت جو + ڀاڻ پنهنجو راز مخفي ڀاڻ جاٽي ڀاڻ تو

٥. سور جون سو سوکڙيون آيون پلي سوغات تي + صابرن سان سو سجڻ ساٽي رهي ۽ ساڻ تو

٦. انفسي آيات سان تو ۾ ۽ مون ۾ موج زن + خاڪ ۾ مخفي رهي سو ڪاڻ وانگي ڪاڻ تو

انهي ساري تحقيق انيق ۽ پٽ ڏٽي جي بيت مذڪور جي پٽ پرائي هن آيت شريف مان بطور شرح شافي جي ظاهر آهي لاتلهڪم اموا لڪم واولادڪم عن ذڪر الله) يعني نه روڪي اوهان ڪي مال ۽ اولاد جي محبت منهنجي ذڪر ذاتي ڪان) تنهن ڪري هن آيت ارشاد اعلىٰ موجب انسان ڪي غافل تي مال ۽ اولاد جي محبت ماڪي جي مک وانگي ڦاسڻ نه گهرجي پر جي مال ۽ اولاد جي محبت باطل ۾ ڦاسي پيا ۽ انهن جي اندر مان ذڪر جو ذوق ذاتي هليو ويو ته پوءِ اهي ڪيچ ڏٽي ڪان ڪاٽيارا تي ساري جمار نقصان ۾ نراور ڪري گذاريندا جيئن جو انهي حقيقت تي هينين آيت شاهدي ڏئي رهي آهي ومن يفعل ذلڪ فاولئڪ هم الخاسرون) يعني جن مال الاد جي عشق ۾ عمر وڃائي اهي نقصان پرائڻ وارا آهن) تنهن ڪري طالب صادق ڪي گهرجي ته هر طاعت ۽ عبادت ۽ الحاج ۾ تبارڪ تعلىٰ جي توفيق ڀاڻ سان رفيق ڪري ته انشاءَ الله تعالىٰ نيهن به نبري پوندو جو ته سعادت سرمدي باري تعالىٰ جي بخشيش ۽ عنايت ارزاني جو ثمرو آهي جئين جو زيرين بيت فارسي مان ثابت آهي

(بيت)

اين سعادت بزور بازو نيست تانہ بخشد خدائي بخشنده)

# نفس مڇ جو مصداق آهي

**35-(بيت)**

جڏهن واهڙ ڪي هو وهہ تڏهن مڇ

موٽڻ جي نہ ڪئي ڇر چنيي چوڪرين مونڻ

جو پهه هاٽي سر متي ئي سهہ مهميزون ملاحن جون)

شرح- جناب نيهن جو نامدار ورهہ جو وڻجار فرمائي رهيو آهي رهدار تہ اي نفس نامراد تون جو محبوب ڪريم جو رزق روزي کائي مڇي فربهہ مچ ٿيو آهين جڏهن تنهنجي جواني جو قوهہ ۽ وهي واري واهڙ جو وهہ هو تڏهن تون پنهنجي پروردگار ذي پشيمان تي نہ موٽ ڪاڏي بلڪ رهندو باري بي پرواهہ سان باغي ۽ بي فرمان بڻي ٽلائي جو تونا هٽندو هيئن هاٽي جڏهن تنهنجي عمر واري ڇر جو پاٽي ٽانگهو ٿيو آهي ۽ پورو ٿي چڇي ذار تيڻ وارو آهي تہ تون پوئتي موٽڻ جا پهہ ۽ پور پچائي رهيو آهين جي پهہ پچائڻ هينئر بلڪل ڪار آمد نہ آهن ڇو تہ تنهنجي عمر عزيز وارو پاٽي ڪٽي چڪو آهي هاٽي حاڪمن جي حاڪم ڪرڙي ڪان موٽڻ جي مهلت گهرڻ عبث ۽ اجائي آهي موجب پهاڪي پديد جي — ميو مارينديِ مڇڙا ڪڏهن ميو مٿان بہ آئي) هاٽي حضرت عزرائل جنهن کي سرتاج سنڌ ملاح جو ممتاز لقب ڏنو آهي اهو صاحب تهدل تيار تي تنهنجي روح بي فتوح جي قبض ڪرڻ لاءِ آيو آهي، تنهن ملاح جي پهرين مهميز سڪرات سخت واري سر تي سهہ تنهن کان بعد ٻيون مهميزون نمبروار سهندو رهندين جهڙوڪ منڪر لڪير جون مهيمزون ۽ قبر جي پيڙ پڪير جون مهيمزون تنهن ڪري تنهنجي عمر جي مدي ختم هجڻ ڪري توکي ڪڏهن بہ مهلت موٽڻ جي نہ ملندي، انهي ڪري اجايا پهہ پچائڻ ڇڏي ڏي- انهي ساري حقيقت حال تي هي آيت هينين بطور شرح شافي پوري طرح نهڪي ٺهڪي اچي ٿي-

ان ياتي احدكم الموت فيقول رب لولا اخرتني الى اجل قريب فاصدق و اكن من الصالحين ولن يؤخر الله نفسا اذا جاء اجلها والله خبير بما تعملون الايہ)

جڏهن اوهان مان ڪنهن بہ هڪڙي وٽ موت منزل ڪري تہ پوءِ هو چوي تو اي پروردگار جيڪڏهن موت اقرب ڪي هٽائي مون کي مهلت پوئتي موٽڻ جي ڏين تہ مان ڏاڍو سخي تي صدقن کي جاري رکندس ۽ ڏاڍو نيڪ تي صالحن ۾ شمار ٿيندس پر جڏهن تہ اجل پوي معين وقت تي ايندو تہ انهي مقرر وقت کي هرگز نہ هٽايو ويندو باقي جيڪي اوهان عمل ڪيا آهن تن ڪان الله آگاه آهي) هن آيت الاهي جي ارشاد پاڪ مان پديد ۽ عيان آهي تہ پٽ ڏٽي جو بيت مذڪور هن آيت الاهي جو پورو پورو ترجمو چا بلڪ عمده پيرايہ ۾ آيت الاهي جو شرح آهي مگر سمجهڻ لاءِ دل ۽ دماغ اعلى جي ضرورت ۽ گهرج آهي مطلب تہ جيستائين نفس سرڪش کي جو مڇي مچي مڇ جي مثال مغرور ٿيو آهي، ماري نہ مڃائبو تيستائين عبد عاجز کي عارفاني اعلى عهدي تي فائز ٿيڻ محال آهي تنهن ڪري طلب حق جي کي گهرجي تہ پهريون مجاهدن ۽ رياضتن جي ڪاتي تکي سان متل مڇ کهي ۽ دنيا دورنگي جا زال زينت واري جي مثال آهي تنهن کي هڪدم طلاق بائنہ ڏئي پنهنجي هستي هوڏ وڃائي پاڻ کي باوجود جيئري هجڻ جي مئل جاٽي قبر مادر جي گود ۽ جهولي ۾ وهاري تہ واحد جي وصال لايزال کي ويجهو تي وڃي وگرنہ اها منزل مبارڪ ماڻڻ ڏاڍي دشوار ۽ ڏکي آهي جيئن جو پٽ ڏٽي جو زيرين بيت انهي حقيقت حال تي صادق آهي (بيت) جي پائين جوڳي ٿيان تہ ڪهہ سڳو تون پاءُ، طلاق ڏئي زال کي سمهہ وٽ نئين ماءُ، انهي پر تي آءُ تہ ويجهو ٿئين وصال کي) هن بيت ۾ پاءُ مان مراد نفس امارو آهي جنهن کي ڪهڻ صوفين صديقن جي اصطلاح موجب ثواب آهي ۽ زال مان مراد دنيا دورنگي آهي جنهن جي دام ۾ ڦاسڻ ڏاهن واسطي ڏوهہ آهي- لفظ طلاق مان مراد سندس صحبت ۽ الفت کي ڇڏي ڏيڻ ۾ وڏو فائدو فلاح آهي ۽ ماءُ مان مراد قبر

آهي جنهن جي جي جهولي ۾ آخرڪار هلي ويهڻو پوندو تنهن قبر کي هردم ياد ڪرڻ عين ايمان آهي پوءِ جي شخص موجب حديث (موتوا قبل ان تمتوا) جي مرڻ کان اڳ ۾ پنهنجي نفس سرڪش کي ماري مجائيندا اهي جڻ ته جيئري ئي قبر مادر جي گود ۾ گذاريندا آهن جو به اهڙي عجيب روش اختيار ڪندو رهندو اهو پٺائي جي حڪم موجب نيث وصال لايزال کي ڪڏهن نه ڪڏهن ويجهو ٿي ويندو – تنهن کي هي هينيون ڪلام فقير خاڪ جو پڻ لطيفي لات جو پورو پورو شرح نظر اچي ٿو.

(ڪلام)

منجهه ۾ مڇي مڇ ٿي مروان متو آهي + گيرپ سان گڏهه گاندو گاري ۾ گتو آهي

١. واهڙ ٿو وهي وهه ۾ چو هو ته ڇُهي ڇهه ۾ + لهڪار لهي لهه ۾ لوبي ته لتو آهي
٢. جو تار ٽيو تانگهو لنگهندي نه لکي لانگهو + موڻ جو لٽو سانگو پاٽي جو ڪتو آهي
٣. جنسار سڄڻ جوڙيو تنهن کان تو ٿهي ٿوڙيو + ٻوڙي تو پتو ٻوڙيو ڏوڏي کي پتو آهي
٤. درياء دلي اندر لهرين سان لڙي تر تر + گوندر مان لهي گوهر روحي ڪورتو آهي
٥. موجن ۾ ملن موجون اوجن ۾ اچن اوجون + فرقت جون ڏسي فوجون جونجهار جتو آهي
٦. جو خاڪ ڪٽي پائي قلهار لڱن لائي + سينو نه ڪڏهن ساهي ستين ۾ ستو آهي

## هڪ گنج ڏٽي غني آهي ٻيا سڀ گداگر ۽ فقير آهن

36- (بيت)

ڏاتار تہ تون، ٻيا سيئي مڱڻان،

وسن مينهن مدائتا، سدا وسين تون،

جي اڱڻ اچين مون، تہ ميريائي ماڻ لهان.

شرح – جناب سرتاج سنڌ پنهنجي سرڪار حقيقي ڌيهہ جي ڏاتار ڪي هئن عرض اپيل ڪري چوي تہ اي ڌيهہ جا ڏاتار ساري ڌيهہ جو رزاق رزق ڏيندڙ فقط تون ئي هڪ ڏاتار آهين ٻيا جيڪي بہ جهان ۾ جائداد وارا آهن سي بہ گداگرن وانگي تنهنجي درپاڪ جا محتاج ۽ فقير آهن تنهنجي سخاوت سرمدي جو سمنڊ اهڙو تہ سدائي وهي ٿو جو ميهن جي برساتن کي بہ مجال نہ آهي جو تنهنجي سخاوت بي پايان سان برابري ڪن چو تہ ميهن جون برساتيون ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي موسم ۽ مد تي وسنديون آهن مگر تنهنجي سخاوت واري بارش سدائين ساوڻ توڙي سياري ۾ عام جام پئي وسي چاڪاڻ تہ تنهنجي وسڻ واري رحمت ۽ سخاوت ساري ملڪ جي مخلوقات کي محيط آهي ڪو بہ تنهنجي رحمت مطلقہ کان محروم نہ آهي جيئن جو مولانا سعدي رحہ فرمايو آهي- اي ڪريمہ کہ از خزانہ غيب گبرتر سا وظيفہ خورداري دوستانرا ڪجا ڪن محروم توکہ بادشمنان نظرداري) پوءِ باوجود اهڙي وسيع رحمت جي مون عاشق اپري جي اڱڻ تي اچڻ فرمائي وصال جو ورق ورائين تہ مون ميري مدي ڪيڏو نہ ماڻ ملي وڃي- جنهن ماڻ ماڻڻ ڪري تنهنجي ڳڻن جا گيت ڳلي ڳلي ۾ ڳائيندو وتان ۽ هئن چوندو رهان جيئن جو سچل فقير چيو آهي (مصرعہ) ڳلي ڳلي ۾ يار سچل کي بازار ۾ تہ بيهاريو تو) انهي بيت مذڪور جو پورو پورو شرح شافي ۽ برهان ڪافي هي آيت ڪريم آهي يا ايها الناس انتم الفقر اعوالله غني حميد) اي انسانو توهان سڀ فقير ۽ پنهار آهيو ۽ الله غني لائق حمد ڪرڻ جي آهي) هن آيت الاهي مان هي عمدو اشارو عيان آهي جو ڪجهہ توهان گداگرن کي گهرڻو هجي تہ انهي هڪ غني کان گهرو جنهن جو گنج ۽ خزانو اڻ کٽ آهي ۽ جي ڪجهہ پنڻو اٿو تہ فقط انهي پروردگار ڌيهہ جي ڏاتار کان پنو جو ڏئي پرڏرمائي بہ ڪين جيئن جو زيرين بيت مان ظاهر آهي (بيت) پنيادر نہ پن جو پنيي پورائو نہ ٿئي ناء انهي جو ڳنهہ جو ڏئي پر ڏر مائي ڪينڪي) پر ارمان صد ارمان جو انسان غافل غفلت جي گرداب عميق ۾ غريق رهي پنهنجي رب رحمان ڪريم ڪار ساز جهان جي مالڪ ممتاز جي درڪرم ڪان مهن موڙي ٻين درن تي ٺڪي ٺڪي در بدر خاڪ برسر ٿي رهيو آهي، تنهن ڪري سندس نہ اُوري نہ پوري آهي بلڪ باري جي پاڪ ڪريمي ڪان پلڻ واري کي سدائين دردن دنيوي جا دست ۽ سنجائي جي سورن جي سوري آهي پر هاڻي بہ اجان وقت هٿان نہ ويو آهي جي اڄ بہ ڪو انسان سهڻي سرتاج سنڌ جي نصيحت نافع ۽ صلاح شافع تي عمل پيرا ٿي ڀُلي يلي پاڻ اچي تہ پلي جون پلايون ۽ برڪتون ڪيس پرپور ڪري ڇڏن- پوءِ جڏهن بہ پلي جي پلاين سان پرپور ٿي وڃي تہ شڪر گذاري جا گيت هئن ڳائيندو رهي جيئن جو ويچاري فقير خاڪ پنهنجي ڪلام زيرين ۾ ڳايا آهن.

(ڪلام خاڪم)

پلي جا پال لک پايان پلي جو پال مون سان ٿيو + پنهل ڪو پيچ نو پاتو نہ طلسم تال مون سان ٿيو

سجڻ سڏيو وٺي نالو لقب لائق ڪري پنهنجو + ٻتم بوڙو نہ آهيان نيهن نازڪ نال مون سان ٿيو

بروچل پاجهہ واري پانہ ڏيئي بانهہ ٻيلي ٿيو + رجهي راحت رسائي حال پائي حال مون سان ٿيو

هينون منهنجو هينون هوتن ٻئي ٻڌياڻ ۾ ٻڌجي + ويا آهن نسورو نيهن جو ناتال مون سان ٿيو

محبت منهنجي تي منظور وئي منظور منهنجي کي + ڏسي اقبال منهنجي کي اچي اقبال مون سان ٿيو
نظر نازڪ جي نازن تي نذر تي دل نثار آهي + ڪليم الله وانگي قرب جو ڪو قال مون سان ٿيو
خليل الله وانگي خاڪ بي تي ويو خليل الله + فلا حاجة الیٰ غيرڪ خليلي خيال مون سان ٿيو

مطلب ته مولا پاڪ ڪريم جي خزانہ غيبي مان مشرڪ مجوسي ڪافر يهودي چا مگر هر چرندڙ پرندڙ شي به محروم نہ آهي تڏهن پنهنجن پيارن دوستن فرمان بردارن ڪيئن پنهنجي فراغ خزانہ غيبي کان مهروم فرمائيندو چو ته هر چرندڙ ڦرندڙ چيز جو رزق پڻ انهي هڪ رزاق تي آهي جيئن جو هن آيت الاهي مان عيان آهي، ومامن رابتہ الا علي الله رزقها) يعني ڪا به چرندڙ چيز نہ آهي مگر انهي جو رزق هڪ رزاق تي آهي) پر افسوس صد افسوس انهن بانهن جي بري حال تي آهي جي باغي بي فرمان باري تعالیٰ جو رزق روزي کان به بي شڪر ٿيندا آهن ۽ پنهنجي مولا پاڪ کان مهن موڙي مال اولاد تي مغرور ٿي موت کي فراموش ڪندا آهن ۽ غفلت گيرپ ۾ عبث عمر گزاري رهيا آهن تن کي نيٺ هڪ ڏينهن حاڪمن جي حاڪم آڏو حشر ۾ حاضر ٿي روبرو حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو پوءِ چاهي تونگر خواه گداگر خواه ظالم هجي خواه مظلوم هر ڪنهن کي حق حساب ضرور بلضرور ڏيڻو پوندو جيئن جو خاڪ جي زيرين ڪافي مان ثابت آهي

(ڪافي)

جڏ تونگر ۽ گدا هلندو خدا جي بروبرو + نيڪ بد هر ڪو جزا لهندو خدا جي روبرو

١. تون ته ظالم ظلم ڪر بي ڏوهہ مون مظلوم سان + تنهنجو منهنجو فيصلو ٿيندو خدا جي روبرو
٢. جي دنيا جي دور ۾ وينا وساري موت کي + موت تن کي زور سان نيندو خدا جي روبرو
٣. هن دنيا جي آشياني ۾ نہ رهندو ڪو پکي+ پر اُڏي هر ڪو وري ويندو خدا جي روبرو
٤. ڏس سڪندر بادشاه دارا چڏي دنيا هتي+ ويا هليا هر ڪو هلي رهندو خدا جي روبرو
٥. جٽ فقيرو پير شاهو مير ٿيندا گڏ اچي + خاڪ هر ڪو حق اُتي ڏيندو خدا جي روبرو

نوٽ:- هي ڪافي جواني ۾ خطائي تخلص سان نروار هئي جا هينئر خاڪ جي نالي سان نروار ڪئي وئي آهي.

## ڏيھ ڏٽي جو ديدار ڏورڻ سان ٿيندو نہ ويھڻ سان

**37- (بيت)**

ڏوريندين ڏسن جڏھن ڪڏھن جت ڪي

جي ھت نہ ھوت پسن سي ڪئن ڪيچ پسنديون-

شرح- ھن بيت پٽ ڏٽي جي مان باھر ۽ پڌرو آھي تہ جي بہ طالب مشتاق مولائي ۽ شمس حسن حقيقي جا شيدائي شوق ۽ ذاتي ذوق سان ڏيھ ڏٽي ڪي ھن دنيا جي ڏيھ ۾ ڏوريندا رھندا سي نيٺ ڪڏھن نہ ڪڏھن ڏکن جا ڏونگر ڏوري وٽڪار جا وڻ ٽڻ ووڙي پنھنجي پاڪ ور جو وصال ۽ محبوب معنوي جو مشاھدو ماڻي ممتاز ٿيندا ۽ دلدار جو دلڪش ديدار دل جي دري مان دلي ديد سان ڏسندا رھندا پر جي ھن دنيا ۾ دلدار جي ديدار جي دولت پاڪ ماڻڻ لاءِ ڪوشش وني ڪامياب نہ ٿيندا تہ اھي ڪيچ ۾ يعني فردوس برين ۾ بہ ڏٽي پاڪ جي ديدار عشرت آثار کان محروم رھندا باقي جي بہ جوڳي ٿي، ھن جوءِ دنيا ۾ ڏونگر ڏوري دلدار جو ديدار ماڻيندا تہ اتي بہ ديدار کان نااميد ۽ محروم نہ رھندا، جيئن جو ھينين حديث مبارڪ مان ثابت آھي سترون ربڪم ڪماترون القمر ليلتہ البدر) يعني جلد ڏسندو توھان رب پنھنجي کي جيئن جو چوڏھين جي چند کي ڏسو ٿا) پر باوجود انھي جي پٽ ڏٽي جي بيت جي شرح شافي ۾ ھي آيت ڪريم پڻ وڏي تائيد جو ڪم ڏئي ٿي من ڪان في ھذہ اعمىٰ فھوفي الا آخرت اعمىٰ) جو ھن دنيا ۾ انڌو آھي پوءِ اھو آخرت ۾ بہ انڌو ھوندو) باقي رھي ڳالھہ ھي تہ دل جي ديد سان ديدار ڏٽي پاڪ جو ھن دنيا ۾ بالاتفاق ماڻڻ جائز آھي نہ ديد متي سان چو تہ متي جي اکين سان ديدار ڏٽي پاڪ جو ھن دنيا ۾ فقط محبوب مدني کي حاصل آھي نہ بي ڪنھن کي باقي دل جي دري وارو ديدار درست آھي جنھن تي صوفين صديقن جو اتفاق آھي نہ اختلاف جيئن جو ھينين لات لطيفي مان ظاھر آھي تہ (بيت) اندر آئينو ڪري پرين سو پسيج انھي راہ رسيج تہ مشاھدو ماڻيي) پر انھي حقيقت تي سچل فقير جي ھن ھينين ڪلام واري مصرع مان پڻ پتو پوي ٿو (مصرع) دري منجھارون دوست ڏنو سون لالن ليڙو پايو تو) پر ھن حديث ۾ جا حديث صوفين وٽ مشھور آھي تنھن ۾ پڻ قلب کي عرش جي عزت ڏني وئي آھي قلب المؤمن عرش الله تعالىٰ) مؤمن جي دل ڏٽي پاڪ جو تخت آھي) ھاٽي جڏھن مومن جي دل پاڪ ڏٽي پاڪ جو تخت آھي تہ ڪڏھن نہ ڪڏھن ڪيچ ڏٽي پنھنجي تخت پاڪ تي فضل جو ڦيرو ڪرڻ فرمائيندو تہ ذاتي ظھور جي زيارت فيض بشارت پڻ عطا تي ويندي تہ ممڪن آھي تہ ممتنع جيئن جو خواجہ اجميري صاحب پنھنجي دل کي دلدار جي ديدار لاءِ ھئن ھشيار ڪري رھيو آھي- دلابچشم حقيقت جمال دوست بہ بين ز مظھر ھمہ اشيا ظھور اوست بہ بين- دلا تو حسن خدا ديدہء غلط نہ ڪني ڪہ در جمال خدا جلوہ گر ھموست بہ بين) پر بي ھنڌ ساڳي ديوان جي صف 7 ۾ فرمائي ٿو تہ (بيت) حسنش چو آيد جلوہ گر طاقت نيا رد چشم تر از ديدہء دل ڪن نظر تابنگري ديدار او) پر فقير نجفي جي ندا مان ھئن نروار آھي (مصرع) چاتي دي وچ جھاتي پائي ويڪ ظھورا ذات دا تجلات دا) پر فقير خاڪ جي ڪلام ۾ قلبي عرش کي بين عرشن تي فوقيت ڏني وئي آھي جيئن جو زيرين ڪلام مان ظاھر آھي.

(ڪلام)

عرش تي عرش منھنجو دل منھنجي عرش تنھنجو +تو ۾ حصو آ منھنجو مون ۾ حصو نہ ڪنھن جو

١. ذڪرن ۾ ذڪر تنھنجو فڪرن ۾ فڪر تنھنجو + منھنجو بہ ذڪر ذاتي تون جاڻ ورد پنھنجو

٢. فرشي فراق اندر عرشي بہ عشق ۾ + سھنجو سجڻ گذارين عاشق رھي تو اھنجو

٣. مون کي قرار ڪونھي توکي قرار کھڙو + عرشي چڏي ھتي اچ دل منھنجو ھنڌ سھنجو

۴. ويجهي كي ويجهو آهين پر كان پري رهين چو + پر بي پري نہ توكان سهنجو هجي چا لهنجو

۵. سڪ سار يار تنهنجي ويني ستي سدائين + سو يار ڪئن وسري جي ۾ آ جار جنهن جو

٦. ٿي خاڪ پيچ پاتم توكي صحي سڃاتم + وحدت جي وادي اندر وهنجان اوهان بہ وهنجو

# وحدت جي واٽ وٺي ويھڻ

**38- (بيت)**

الله عاشقن جي، ڪھڙي خلقي ذات،

هڪ ويھن واٽن تي، ٻيو جاڳن سار ي رات،

پرھ ڦٽي پرڀات، ويجھو ٿين وصال کي.

شرح- هن بيت جو مقصد آهي تہ اي الله سائين تو پنهنجي ساري ڪائنات ۾ عاشقن صادقن جي اهڙي اعلیٰ احترام واري ذات پيدا ڪئي آهي جن جي صادق هجڻ جون هي هينيون علامتون امتيازي درجو رکن ٿيون هڪ تہ هو هميشه وصال ووڙڻ واسطي وحدتي واٽن تي ويھڻ واجب ڄاڻي ويھي ويندا آهن 2- ٻيو تہ پنهنجن پلنگن ۽ سيجن کي ڇڏي ساري رات جاڳي جاڳي سبحان کي سرچائيندا ۽ بفحوي الڪريم المستغفرين بالاسحار) جي استغفار ڪرڻ سان پنهنجي پاڪ پنهل کي پرچائيندا آهن 3- ٿيون پرھ ڦٽي پرڀات تائين جاڳي جاڳي نيٺ وصال وحدتي کي ويجھو ٿي ويندا آهن حاصل ڪلام تہ جناب سرتاج سنڌ جي نظريہ نروار موجب وحدت واري واٽ بابت هي هينين آيت الاهي بطور شرح جي آڻڻ مناسب ۽ موزون آهي. ان هذه صراطي مستيقما فاتبعوه تحقيق هي واٽ منهنجي سڌي آهي پوءِ انهي وحدتي واٽ تي ويھي وڃو) باقي رهي جاڳڻ ۽ اٿڻ جي عادت خاص طرح اونداهن راتن ۾ تن بابت هي آيت ڪريمہ هينين بطور شرح شافي جي نص نروار ڪافي آهي ياايها المزمل قم الليل) اي ڪنبل ويڙهيندڙ اٿي جاڳ رات ۾ ) هن آيت الاهي ۾ حڪم حضور جن لاءِ خاص پرعاشقن الاهي واسطي عام جام آهي تنهن ڪري عاشق صادق ساريون راتيون جاڳي جاڳي روئي رڙي روحاني رمز رندي سان راتين جون راتيون ملهائي پنهنجي رانجهن کي ريجهائيندا آهن ۽ سهڻن سيجن ۽ پيارن پلنگن ڪان پنهنجا پاسا پاڪ ۽ آزاد رکندا آهن جن جي شان ۽ شوڪت جو بيان هن هينين آيت الاهي مان پديد ۽ پڌرو آهي تتجافي جنوبهم عن المضاجع) يعني خالي ڪندا آهن پاسن پنهنجن کي سمهڻ جي سيجن کان) پر جي جوان جونجهار عادتي استغفار سدائين سحر جو مرغن جون مناديون ٻڌي پاڻ بہ خواب غفلت کان بيدار ٿي محبوب معنوي جي درپاڪ تي استغفار پڙهڻ سان گڏ مخفي مناجات ۾ مشغول ٿي ويندا آهن بفحوي الحديث المصلي يناجي ربه يعني نمازي پنهنجي رب سان راز روحاني بيان ڪري ٿو) باقي استغفار جي بابت آيت الاهي مٿي بيان ٿي چڪي آهي- غرض تہ جن عاشقن صادقن جي جاڳڻ اٿڻ ويھڻ توبھ ڪرڻ جي تعريف پاڻ بذات خود تبارڪ تعالیٰ فرمائي تن ڪان پنهنجو وصال پاڪ ڪئن وارينڊو پر جي شخص انهي راه رندي ۽ واٽ وحدتي ونڻ ڪان غافل ٿي ويا.اهي بلاشڪ پليل ۽ راه روحاني ڪان رليل آهن جن جي الله تعالیٰ وٽ ڪا بہ عزت ڪانہ آهي ۽ نہ هجڻ گهرجي – تنهن ڪري جو بہ ڪن قبوليت ساڻ ڪو قول حڪمتي ٻڌڻ گهري تہ هينيون ڪلام سڪ جو سنيهو سلام فقير خاڪ جو تنبيه تمام لاءِ پلي ٻڌي عمل پيرا رهي.

(ڪلام)

وڪڙ ڪري وٽ، واٽ اچي متان راه ڇڏي رلجي وڃين.

١. پل نہ پلڻ جو پولو ڇڏ تون، راه ڏنگي جو رولو ڇڏ تون، سولو ڏگ وٺ اولو ڇڏ تون، متان پاڻ ڇڏي پلجي وڃين

٢. جوه ڇڏي ڏي هوڏ هڏا سپ، ڦوند ڦٽي ڪر گوڙ ڦڏا سپ، ڪڏ وجهي ڇڏ ڪم پڏا سپ، متان سيلھ جهلي سلجهي وڃين.

٣. واٽ وٺين جي سٽڪ سڌي وٺ، ڪنبڻ ڪهٽي ڪٽڪ سڌي وٺ، هٽ نہ ڏگ ڪان ڏٽڪ سڌي وٺ، متان ڏونگر ۾ ڏلجي وڃين

۴. عشق الستي جو چل چارو، سوز سيني رکہ ساوڻ سيارو، گرمي سردي توڙي پارو، جوش ۾ جلجي وڃين.

۵. خاڪ خوشي جا خيال ڇڏي، ڪجل سڪ محبت مال ڇڏي، ڪل عشق عزيز عيال ڇڏي، ڪل پاڻ پلي پلجي وڃين

# هجري جي حالت ۾ درد وارن جي دانهه ۽ پٽڪو

39- (بيت)

پٽڻ واريون پڌريون ڳل جني ڳاڙها

ڳاڙن سي ڳوڙها ويو هوت جن جي هنج مون)

شرح-هن بيت ۾ لطيف لعل پنهنجي تمثيل جو طريقو نموني جديد لذيذ سان نروار ڪرڻ فرمائي رهيو آهي ته اي سلوڪي سالڪ ۽ صوفي صادق تون پنهنجي تجربه قديم موجب ڏسي وائسي رهيو آهين ته جتي ڪتي جو پٽڻ ۽ پار ڪيڻ واريون ڳڏجي سڏجي پتر پائي تي پنهنجون توڙي پرايون پار ڪيديون آهن پوءِ پار ڪيڻ وارن جا ٻه قسم آهن هڪ اهي جيڪي فقط پتر پائي ٿيڻ خاطر پنهنجن متن تي هٿ ميار ڪٽي هٽنديون آهن. 2- ٻيو اهي ويچاريون واعن ڪرڻ واريون جن جي هنجن مان هوت جدا ٿي هليو ويو يا ڪو ٻه سندن عزيز قريب چڏي ويل هوندو ته اهي ويچاريون سچي پچي پٽڪو ڪري هٿن هٽڻ سان پنهنجا ڳل ۽ رخسار ڳاڙها ڪري ڇڏينديون آهن ۽ وڏ ڦڙي ميهن وانگي سندن ڳلن تان ڳوڙها ڳڙندا رهندا آهن جو ته هي مقولو مشهور آهي ته – هنڌ اهو سڙي جتي ٻاهه ٻري) باقي ٻيون ويچاريون پرايون جي فقط ميار لاهڻ خاطر پتر پائي تي پنهجن متن تي هٽ ميار جا هٽنديون آهن جيئن جو انهن بابت ٻه هينيون پهاڪو پڌرو آهي ته – ٻيون مڙوئي هٽڻ هٽ ميار جا تنهن وانگي سچو سالڪ اهو آهي جنهن کان جانب جدا ٿي ويل آهي پوءِ هو هن هوت جي هِجر ۽ فراق ۾ پايداري سان پٽڻ جو پتر پڌرو ڪري ائين روئندو آهي جيئن جو ميهن برسات جون بوندو وسڻ کان بس نه ڪنديون آهن اها حالت تيستائين طاري رهندي آهي جيستائين دوباري جمال يا ڪمال جاني جي جيار جو نصيب نه ٿئي- انهن کان فرقتي پڌري پتر ۽ سڄڻ جي سوداء ۾ ايتري قدر نه روج راڙو پيدا ٿيندو آهي جو جڻ ته اکين جي ابر مان ميهن جي بوندن جي برسات برسي رهي آهي چو ته هن عاشق اداسي پنهل جي پياسي کان لوڪ جي ڏسڻ ۽ پسڻ مان سڪ سڄڻ جي نه لهندي آهي جيئن جو انهي حقيقت تي هينيون بيت صادق ۽ سچو آهي (بيت) اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نه ڪن، سندي سڪ پرين لوڪ ڏٺي نه لهي) مطلب ته سيئي سالڪ ۽ عاشق صادق سوز فراق ۾ عام جام محبوب معنوي جي محبت مزيد ۾ مست تي پٽڻ ۾ پڌرا هوندا آهن جن جي محبت مزيد بابت قرآن ڪريم جي زيرين آيت جي شهادت ڪافي آهي والذين آمنوا اشد حبالله) يعني مومن صادق الله جي محبت مزيد ۾ شديد شيدا آهن) هن آيت الاهي مان مشتاقن جي محبت مزيد جو ثبوت ثابت آهي باقي رهيو عاشقن صادقن جو سڄڻ سرمدي جي سڪ سوز جان گداز ۾ روج رارو ڪرڻ تنهن روج راڙي بابت هن هينين آيت الاهي ۾ گهڻي گريه ڪرڻ بابت عاشقن کي تاڪيدي اشارو آيل آهي فليفحڪوا فيلاوليبڪواڪثيرا) پلي ته رئن گهڻو ۽ کلن ٿورو) هن آيت جي ارشاد عيان رئڻ واري ۾ هي رمز رندي رکيل آهي ته جيئن ڪڪر جي رئڻ واري بارش سان چمن ۽ باغ دنيا جا بهاري ونندا آهن ۽ بار جي اُڇڪار واري ڪوڪار سان مادر مشفقه جو ببو جوش پذير هوندو آهي تنهن وانگي سالڪ جي جوش فراق واري روج ۽ راڙي سان سينو بي ڪينو سڄڻ جي سوز سڪ سان سرسبز تي سارو بدن باغ بهار تي ويندو آهي – جيئن جو مولانا رومي صاحب فرمايو آهي ته

(بيت)

تانهٔ گريد ابر کي خندذ چمن تان گريد طفل کي جوشد لبن

پر اجان ٻه وڏيک رئڻ جي رمز رنداني فقير خاڪ جي زيرين ڪافي مان پروڙڻ گهرجي

(ڪافي)

ڪيڏو اثر نہ آهہ فنان ٻار ۾ + سگجي ببو تو مادر پٽ جي پيار ۾

١.  سهٽي سبق جي سيکت از خود ٿي ٻار ڪي + تنهنجو عقل آ ڪٽ ڪٽ ڪهڙي قطار ۾
٢.  سک فهم کو فهيم ٻچي ٻار ٻاڪ ڪان + دردن جي دانهن دلکش دلبر يار ۾
٣.  اٺ جو اچو مٿو تب سکيو نہ ڪو منٹڻ + گمراهہ تون رهين ڪٽ ڪهڙي تو غار ۾
٤.  غفلت جي گوش هوش ڪان ڪڍ ڪا ڪپه ڪني + بيدار ٿي سجاڳ فقط ياد يار ۾
٥.  سک سوز جي سمندر سيرين جو سير ڪر + ڦاسين ڪڌهن نہ فائق دنيا جي جار ۾
٦.  جهڙي آ اڄ عجيبن تهڙي نہ ڪنهن جي اڄ + اُڄ جي مري نہ آتش درياءَ تار ۾
٧.  جهڙو مزو محبت منڻار منجهہ آ + اهڙو مزو نہ جنت فردوس زار ۾
٨.  رو خاڪ رات ڏينهن سکي ٻاڪ ٻار ڪان + پستان پاڪ رحمت سگجي پوڪار ۾

نوٽ:- اوليائن اڪملن جي هي امتيازي علامت آهي جو سمنڊ سک واري جي وچ تار ۾ رهي بہ سندن اندروني اڄ اوسات نہ لهي بلڪ تيئن تاس ۽ اداس وڌندي رهي، جيئن جو انهي بابت تفصيل سان بحث مٿي گذري آيو آهي، تنهن ڪري هتي ساڳو بحث ورائي ڪرڻ مناسب نہ آهي.

## وات سان ورندي ڏيڻ وبال آهي

40- (بيت)

هو چون تون نہ چؤ، واتان ورائي،

اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،

پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

شرح – سھڻو سرتاج سنڌ سھڻي سمجھاڻي ڏيئي فرمائي رهيو آهي تہ اي انسان عاقل فهيم فاضل پنھنجي عقل ۽ فهم ڪامل ڪان ڪم وٺي پنھنجي زبان پر زيان تي پورو پورو ڪنٽرول رکي ڪيس ورندي ڏيڻ جي وبال ڪان روڪي رهاءِ چو تہ روحاني رمز رندي موجب الله تعاليٰ جو حڪيم مطلق روحاني ۽ جسماني آهي تنھن تبارڪ و تعاليٰ پنھنجي هر فعل ۽ ضعت سھڻي ۾ حڪمت بالغہ رڪائي آهي تنھن ڪري سندس ڪو بہ فعل حڪمت ڪان خالي نہ آهي انهي قانون قدر تي جي مد نظر تي انسان جي هر هڪ اندام ۽ عضوي جي بنا ۽ بيهڪ پڻ سندس حڪمت تي مبني آهي- انسان ذات کي بہ اکيون ۽ بہ ڪن هن ڪري ڏنا ويا آهن جو انسان کي گهڻو ڪري ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو وڏو احتياج آهي نہ ڳالهائڻ جو چو تہ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ خير ۽ شر کي شامل آهي ۽ ڳالهائڻ نيڪي کان سواءِ هرگز چڱو نہ آهي تنھن ڪري انسان ذات کي هڪ زبان ڏئي متس بہ پهريدار حفاظت ڪرڻ لاءِ رکيا ويا جي اهي بہ چپ آهن جن جي حفاظت هيٺ زبان ڏهان اندر قيد ۾ آهي ۽ ناجائز ڳالهائڻ کان ڪيس لوهو لگام ڏنل آهي پر اجان انهي کان بہ وڌيڪ ٻيا بہ پهريدار ۽ سپاهي سرڪار حقيقي جا پڻ حڪيم مطلق مقرر ڪري ڇڏيا آهن تہ جيئن انسان جي زبان مان لفظ نڪري نروار ٿين تيئن هو صاحب سپاهي لکڻ لاءِ ترت تيار تي وينا آهن تنھن ڪري جناب سرتاج سنڌ پنھنجي نظريہ موجب انسان کي خواب غفلت کان بيدار ڪرڻ خاطر فرمائي رهيو آهي تہ اي انسان توکي جو بہ آدمي آڳرائي ڪري ڳالهائي تہ تون تنھن کي تڪڙ ڪري ورندي نہ ڏي بلڪ تحمل ۽ بردباري کان ڪم وٺي سڀ ڪجھ سھ ۽ ماٺ جا منگ پائي ويهي رهہ پوءِ عبرت جي اک سان ڏس تہ سرڪار سرمدي جا سپاهي تنھنجي فائدي ۾ پوري طرح ڪيس پري ڪئن تا هائي ڪورٽ ۾ چالان ڪرڻ فرمائن ۽ تنھنجو تحمل توکي عتاب خطاب کان بلڪل آزاد رکندو جيئن جو سرڪاري سپاهن جي ثبوت تي هي هينيون بہ آيتون الاهي پوري پوري گواهي ڏئي رهيون آهن 1- وما يلفظ من قول الالديہ رقيب عتيد) يعني ڪجھ بہ نہ تو ڳالهائي آدمي مگر جو انهي وٽ نگهبان تيار آهن) 2- بي آيت هي آهي تہ ان عليکم لحافظين کراما کاتبين يعلمون ما تفعلون) يعني اوهان جي مٿان بہ نگهبان مقرر آهن هڪ ڪرامن ٻيو ڪاتبين جيڪي ڪيو تا سو سڀ ڄاڻن ٿا) مطلب تہ هنن آيتن مان عيان آهي تہ برابر بشر ذات جي ڪمن ۽ لفظن لکڻ تي سرڪاري سپاهي مقرر ڪري رکيا ويا آهن جن جي سپاهپ سخت کان ڊڄي پنھنجي زبان پر زيان مان چڱا چڱا لفظ چوندي ڪيڻ گهرجن نہ خراب پوءِ جي آدمي لطيفي صلاح تي هلي چڱن لفظن ڳالهائڻ تي چاه رکندا تہ انهن کي هر هڪ چڱي لفظ پنيان ڏهوڻو اجر لکيل پليئي پوندو بفحوي الڪريم من جاء بالحسنتہ فلہ عشرا مثالها) يعني جنهن هڪ چڱائي آندي تنھن کي ڏهن چڱاين جو اجر عطا ٿيندو) ۽ بڇڙي لفظ جو هيڪڙو ڏوهہ لکندا تنھن ڪري ڏٺي پاڪ پنھنجي حڪمت بالغہ موجب زبان کي جنهن جي لفظي صورت زبان جهڙي آهي فقط هڪ نقطي زائد جو فرق آهي تنھن زبان پر زيان کي انساني ڏهان اندر قيد قابو ڪري متس بہ پهريدار چپ ۽ ملڪ مقرر ڪيا تہ پلي انسان بيدار تي انهن سپاهن سرڪاري کان خوف زده تي اجاين لفظن گارن ۽ غيبت ۽ گلا وارن ڳالهائڻ سان پنھنجي زبان تان بندش وارو لگام نہ لاهي بلڪ هميشہ سوچ ۽ غور ڪرڻ سان سخن کي سينگاري – انسان لاءِ ٻن اکين جو ۽ هڪ زبان جو ثبوت هن هينين آيت الاهي مان ثابت آهي الم نجعل لہ عينين ولسانا وشفتين) ڇا اسان نہ ڪيون انسان لاءِ بہ اکيون ۽ بہ چپ ۽ هڪ زبان) هن آيت الاهي جي هينان گهڻي بحث ڪرڻ کان پوءِ تفسير روح البيان وارو هئن فرمائي رهيو آهي تہ قادر قدوس جو زبان کي انسان جي

دهان اندر ٻن چپن جي حفاظت سان قيد رکڻ فرمايو آهي تنهن ۾ هي رمز مخفي رچايل آهي جنهن رمز رندي مان فقط عاقل کي اشارو آهي تہ جڏهن بہ هو چڱي لفظ چوڻ تي چاه رکي تہ پلي پنهنجا ٻئي چپ کولي زبان کي ڳالهائڻ لاءِ اجازت ڏئي آزاد رکي پر جي زبان بچڙي لفظ چوڻ تي تيار ٿئي تہ پنهنجا ٻئي چپ نہ کولي ۽ زبان تان بندش وارو لگام هرگز نہ لاهي- پر انهي زبان جي بندش تي هي هيٺين رباعي ۽ ٻيا ابيات فارسي پڻ دلالت ڪري رهيا آهن – رباعي – ايزد چون بنا کرد بحکمت تن وجان درهر عضوي مصلحت کرد نهان کرزمفسدي لديده بودي ز زبان مجوس نمي کرد بزندان دهان) گرخبرداري زحي لايموت بردهان خود بنهہ مهر سکوت – روزبان را در دهان مجوس داز وز خلائق خويش زامايوس دار) پر باوجود تحقيق قرآني جي زبان بابت حديثن ۾ بہ وعيد شديد آيل آهن ترمذي شريف ۾ حضرت عقبہ پٽ عامر رضہ کان روايت آهي تہ مون حضور پر نور کان پڇيو تہ ڇوٽڪارو ڪهڙي چيز ۾ آهي پاڻ ڪريمن فرمايو زبان بند ڪر ۽ پنهنجن بد ڪمن تي پشيمان ٿي رو ۽ گهر ۾ گوشہ نشيني اختيار ڪر) پر جو بہ آدمي بي پرواهي سان زبان تي بندش تہ نہ ٿو وجهي پر رهندو زبان جي ڏاتي تکي سان خراب لفظن ڳارن گندن گلائن غيبت سان لفظي لاٻارو ڪري گناهن جي بار گڏ ڪري رکي ٿو اهو هيٺين حديث شريف جي وعيد ۽ پلڪار جو مصداق آهي. هل يکب الناس علیٰ مناخر هم في النار الا حصائد السنتهم) يعني نہ مهن پر اونڌو ڪري دوزخ ۾ وجهندا ماڻهن کي مگر سندن زبانن جا لاٻارا) حاصل ڪلام تہ زبان مثل نانگ ازدها جي آهي جي نانگ پنهنجي سوراخ کان نڪري نروار ٿيو تہ ضرور ڪاٽي ڪائي وجهندو تنهن ڪري زبان بہ جي وات جي قيد کان ٻاهر نڪتي ڪنهن واجبي سبب کان سوا تہ ضرور نانگ وانگي باعث زيان جي ٿيندي جيئن جو هيٺين رباعي خاڪ جي مٿس صادق آهي (رباعي) سدا نانگ سوراخ اندر رهي، لڪايو زبان کي نہ ظاهر رهي، ڪيڻ سان متان توکي ڪاٽي رکي، رهي خاڪ اندر نہ ٻاهر رهي.) پر هن رباعي خاڪ واري جو هوبهو شرح هي حديث شريف هيٺين آهي احفظ لسانک ايتها الانسان لايلد غنک انه ثعبان) يعني اي آدمي پنهنجي زبان کي هميشه حفاظت هيٺ رک خبردار اها هڪ ازدها نانگ آهي جو توکي ڏنگي ڪائي نہ وجهي) تنهن ڪري جنهن زبان زيان ڪار کي حضرت جن نانگ خطرناڪ جو لقب ڏنو آهي تنهن جي ڏنگ کان هر وقت هشيار رهڻ گهرجي حضرت امام شافعي کان منقول آهي تہ جڏهن بہ آدمي ڳالهائڻ جو ايرادو ڪري تہ پهريون سوچڻ گهرجيس پوءِ جڏهن ڄاڻي تہ هن منهنجي ڪلام ۾ سراسر دين دنيا جي مصلحت آهي تہ پوءِ پلي ڪلام ڪري - ۽ پڻ حديث حبيب الله ۾ ثابت آهي تہ جڏهن بہ آدمي صبح جو اٿندو آهي تہ انهي جا سيئي عضوا زبان جي آڏو عاجزي ڪري عرض ڪندا آهن تہ اي زبان جيڪڏهن تون سڌي رهندي تہ اسان بہ سڌا رهنداسون پر جيڪڏهن تو ڪجروي ڪئي تہ اسان تنهنجا مقلد مقيد آهيون) هن حديث پاڪ مان هي ڳالهہ پڌري پديد آهي تہ فقط زبان ئي دل جي رازن جي ترجمان آهي ظاهر توڙي باطن جي سارن معاملن جو دارو مدار زبان تي آهي شرعي حق جي شاهدي پڻ زبان تي موقوف آهي هر چيز جي ڪوڙي مني هجڻ جو مدار پڻ زبان تي هوندو آهي تنهن ڪري قادر قدوس جي پنهنجي قدرت ڪاملہ سان انسان ذات کي زبان ڳالهائڻ لاءِ عطا ڪرڻ نہ فرمائي ها تہ ويچارو انسان اشارن ۽ لکڻ کان ڪم وني وڏي مشڪل ۾ ڦاسي پوي ها تنهن ڪري انسان ذات کي پنهنجي پاڪ پروردگار جو هر دم شڪر گزار ٿي رهڻ گهرجي ۽ انهي زبان رازن جي ترجمان سان جيڪڏهن ڪي راز روحاني ظاهر ڪرڻا هجن تہ فقط پنهنجي رب رازدار سان راز ظاهر ڪجن نہ اغيارن ۽ بيگانن سان پر جي غيرن سان گفتار سر زد ٿي تہ هي زيرين عبارت فارسي وارو عتاب ايزدي آڏو عيان ٿيندو (عتاب) زبان داديم تراتابا مار از گوئي در خلوت وقرآن خواني در عبادت وصدق دروي فروآري وبا دوستان ماسخن گوئي تو خود زبان کي بساط غيبت ساختي ور وزنامئہ جدل وديوان خصومت کردي- تو امر وز بکدام زبان حديث ماخواه کرد 12 – پر جناب مولانا سعدي عليہ الرحمتہ وري زبان بابت هيئن فرمائي رهيو آهي (ابيات) زبان آمد از بهر شکرو سپاس بغيبت نگر داندش حق شناس گذرگاه قرآن و پند ست گوش بہ بهتان وباطل شيندن مکوش دو چشم از پئي ضع باري نکوست زعيب برادر فروگير دوست) هن بيتن سعدي جي مان پڻ ظاهر آهي تہ زبان سان فقط شڪر گوئي ڪرڻ جي اجازت آهي پوءِ زبان سان سدائين سهڻا سخن بيان ڪرڻ پڻ شڪريہ ڪرڻ ۾ داخل آهن مگر غيبت گلا ڪرڻ اهڙو عظيم ڏوهہ آهي جو جيئن ڪو پاءُ بي حياءُ پنهنجي ڀاءُ مئل جو گوشت ڪائي بفحوي الڪريم ان ياکل لحم اخيه ميتا) تنهن ڪري ڄاڻڻ گهرجي تہ غيبت ڪرڻ ۽ ڪنهن جا ڪارناما ۽ عيب اوٽايون بيان ڪرڻ هرگز جائز نہ آهن مگر انهي ظالم جا جنهن جو ظلم تمام وڏو عوام تي عيان هجي تہ انهي جا عيب علیٰ سبيل الا علان والاخبار

بيان ڪجن ته هو ٻڌي سڌي من پشيمان ٿي ظلم ضرور ڇڏي ڏئي – جيئن جو هن هينين حديث ۾ اهڙي ظالم فاسق جي پچر ڪرڻ ثابت آهي اذڪرو الفاسق بما فيه ڪي يحذره الناس) يعني ياد ڪريو فاسق کي انهي ٽول سان جو انهي ۾ موجود آهي تان جو ماڻهو انهي کان پاسو ڪن) ۽ پڻ هڪ اثر ۾ وارد آهي ثلاثته ليست لهم الغيبته الامام الجائر والفاسق المعلن بفسقه والمسبدع الذي يدعو الناس الیٰ بدعة) يعني ٽي شخص آهن جن جي غيبة ڪرڻ مباح آهي 1- هڪ امير ظالم 2- ٻيو اهو فاسق گنهگار جو پنهنجو گناه پاڻ فخر سان پڌرو ڪري 3- اهو بدعتي جو ماڻهن کي پنهنجي بدعت ڏي سڏي) مطلب ته جا زبان جسم ۽ جرم ڪري ڏسڻ ۾ ننڍي نظر اچي ٿي سا زبان حقيقت ۾ جو به بدسخن بيان ڪري بنا ڪنهن اجازت شرعي ۽ مصلحت دنوي جي- تنهن جو جرم ۽ گناه ته بلڪل وڏو آهي پر پاڻ خود اهڙي زبان جرم ڪبير آهي جيئن جو هينين عبارت تفسير روح البيان مان ثابت آهي ان اڪثر السوء قولي فان اللسان صغير الجرم ڪبير الجرم) يعني گفتي ۾ گهڻو بد گفتگو منهنجي زبان جو آهي ڇو ته زبان جو جسم ننڍو آهي پر سندس گناه ڪبير ۽ وڏو آهي) پر حديث شريف ۾ آهي ته البلاء مؤڪل بالمنطق) يعني بلاسو پيل آهي سخن ڪرڻ سان) تنهن ڪري انسان عاقل سوچي سمجهي پوءِ سخن پنهنجي زبان تي ظاهر ڪرڻ گهرجي وگر نه سندس زبان بي ڌيان بلاء مصيبت ساڻ ڪنيون ٿي وتي جيئن جو مولانا رومي صاحب جي بيتن هينين مان پڌرو آهي.

(ابيات مثنوي)

اين زبان چون سنگ وهم آهن وشست + آنچ بجهد از زبان چون آتشد ست

سنگ و آهن رامزن برهم گزاف + ڪ زروئي نقل و ڪ از روئي لاف

زانڪ تاريڪ ست هرسو پنبه زار + درميان پنبه چون باشد شراز

عالمي را يڪ سخن ويران ڪند + روبهان مرده راشيران ڪند

انهي ساري تحقيق انيق مان ظاهر ٿيو ته زبان جي بدگفتن کان ڪناره ڪشي ڪرڻ عاقلن تي اخلاقي فرض آهي پر جي اجان به ڪو انسان عاقل بيدار ٿي زبان پنهنجي تي ضابطو نه رکندو ۽ شاه مقبول درگاه جي مشوره مفيد تي نه هوندو ته هن هينين آيت الاهي جي عتاب هيٺ اچي ويندو. ان الله لايحب الجهر بالسوء من القول) يعني تحقيق الله سائين بڇڙي بات ظاهر ڪرڻ کي پسند نه ٿو ڪري هتان صفا ثابت آهي ته جڏهن حڪيم مطلق بڇڙي بات نٿو پسند ڪرڻ فرمائي ته پوءِ بدگفتار بدڪردار کي ڪهڙي طرح پسند ڪرڻ فرمائيندو- هن آيت الاهي مان ٽي اشارا نظر اچن ٿا

1- پهريون ته ڏٺي پاڪ عوام کان سخن پاڪ ٻڌڻ پسند فرمائي ٿو نه ناپاڪ سخن

2- خاصن کان خيالي تحدث فقط پاڻ لاءِ پسند ڪري ٿو نه تحدث نفس سان.

3- اخص الخواص جو توجه تام فقط پاڻ ۾ پسند فرمائي ٿو نه خطرن خام دل وارن ۾ پر زبان تي جمل آفتن جو ظهورو مولانا محمد يوسف تحفه نصايح وارو هئن ٻڌائي رهيو آهي

داني موڪل بر زبان جمله بلا آفات را

جرم زبان گرا ندي ست دان جرم اورا بيشتر

# توبه جي قبوليت ۾

**41-(بيت)**

جي ڪارون آٽي ڪانڌ ڪي تہ روئي ريجهائج
ليلان ليلهائيج اتي ماڳ منٿ جو

شرح – هن بيت مان چٽو ظاهر باهر آهي تہ انسان عاقل ۽ فهيم فاصل ۽ طالب صادق صداقتي صورت سان رب ڪريم رؤف رحيم جي رحم ڪرم واري دروازي تي روئي رڙي فغان فرياد ۽ دردناڪ دانهہ قابل داد زاري نيزاري سان ڪندو رهندو ۽ ليلان وانگي رات ڏيهان ليلهائيندو وتندو تہ انهي تي ڪڏهن نہ ڪڏهن رافت ۽ رحم سان رب راضي بازي ٿي سندس توبہ تام قبول ڪرڻ فرمائيندو چو تہ دعا قبول پوڻ جو ماڳ هي دنيا دار المحن آهي نہ دار آخرت تنهن ڪري توبهہ تام ڪرڻ جو حيلو وسيلو هت هجڻ گهرجي جو فقط هي جهان ئي منٿ ۽ آزي ڪرڻ جو ماڳ آهي گناهن جي هر قسم بيماري جو مجرب ۽ اڪسير علاج تو بہ تام جهڙو بيو ڪو بہ ڪو نہ آهي توبهہ ڪرڻ جي علاج سان بندو گندو بدين جي بيمارين ڪان اهڙو تہ پاڪ ۽ آزاد ٿئي ٿو جو جڻ تہ هن ڪو بہ گناه اڳ نہ ڪيو هو جيئن جو هن حديث شريف هينين مان ثابت آهي التائب من الذنب کمن لاذنب له) يعني گناهن ڪان پشيمان ٿيندڙ اهڙو تہ پاڪدامن رهي ٿو جڻ تہ متس ڪو نگاه ئي ڪونہ هو ) پر هينين بيت فارسي مان پڻ بدين جي بيماري جو علاج توبهہ ۽ استغفار عيان آهي (بيت) درد مندان گنهہ زا روز شب شربت بهتر زاستغفار نيست) يعني مناين جي مريض واسطي توبهہ ۽ استغفار ڪان وڌيڪ ۽ بهتر ڪو بہ شربت نہ آهي) پر اجان انهن مثالن تمثيلن ڪان سواءِ خود قرآن ڪريم جي هي هينين آيت ڪريمہ بيت مذڪور جي شرح بطور شافي ۽ حجت ڪافي جو ڪم ڏئي رهي آهي وهوالذي يقبل التوبتہ عن عباده) يعني هو اهو الله آهي جو پنهنجن ٻانهن جي توبهہ قبول ڪرڻ فرمائي ٿو – هن آيت الاهي ۾ لفظ توبہ جو عام آهي جو مومن- مشرڪ دوست دشمن تي صادق آهي جيئن جو حضرت سيد المفسرين ابن عباس رضہ ڪان مروي آهي جو هي عامتہ للمؤمن والڪافر والولي والعدو ومن تاب منهم قبل الله توبته) يعني توبهہ عام آهي مومن ۽ ڪافر ۽ دوست دشمن لاءِ انهن مان جو بہ توبہ تائب ٿيندو انهي جي توبہ الله قبول ڪرڻ فرمائيندو) توبهہ جي لفظ جي لغوي معنیٰ پشيمان ٿي موٽڻ ڪي چئبو آهي ۽ عزم جي لفظي معنیٰ پڪي ايرادي سان پنهنجي رب رحيم ڏي رجوع ٿيڻ ڪي چئبو آهي- حاصل ڪلام تہ جيئن جو ڏڌل کير ٿڻن ۾ واپس نہ ويندو آهي تيئن توبہ تام جو عازم پڪي ايرادي سان وري گناهن ڏي ورڻ نہ وارئيندو آهي- جناب سري بوشنجي رحمتہ الله عليہ چوي ٿو تہ توبہ جي هي نشاني آهي جو گناهن جي گفتار ۽ ذڪر اذڪار ٻڌڻ سان مَن ۾ مناڻ ۽ روح ڪي رهاڻ ۽ لذت ڏوهہ جي محسوس نہ ٿئي تہ پوءِ برابر اها توبہ صادق ۽ سچي آهي جيئن جو روح البيان واري اها عبارت بعينه هينين ريت آٽڻ فرمائي آهي هوالذي لاتجد حلاوة الذنب في القلب عند ذڪره) يعني هو گناهن جي گفتار وقت پنهنجي قلب ۾ مناين جو مناڻ محسوس نہ ڪري) پر باقي ڪوڙي توبهہ جي تڪذيب تي هي روايت هينين زجر ۽ تنبيہ جو ڪم ڏئي رهي آهي- حضرت جابر ڪان روايت آهي تہ هڪ اعرابي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي مسجد مبارڪ ۾ آيو۽ اچڻ سان چيائين اللهم اني استغفرڪ واتوب اليڪ وڪبر فلما فرغ) اي رب توبہ ڪريان تو ۽ توڪان بخشش گهران تو اجان تڪبير چئي نماز ڪان فارغ ٿيو تہ حضرت علي ڪرم الله وجه فرمايس اي اعرابي زبان سان تڪڙو تڪڙو توبهہ جو تذڪرو ڪرڻ توبہ ڪوڙن جي آهي نہ سچن صادقن جي – اها توبہ تنهنجي اجان توبہ جديد صادق جي محتاج آهي اعرابي عرض ڪيو تہ اي امير المؤمنين اها توبہ صادق ڪهڙي آهي حضرت علي ڪرم الله وجهه فرمايو تہ توبہ جو اسم 6- ڇهن معنائن تي مشتمل آهي. 1- ماضي جي گناهن تي پشيماني جو ظهور 2- ڇڏي ڏنل فرض موٽائي پڙهڻ 3- مظلوم جو حق موٽائي ڏيڻ 4- جيئن نفس ڪي نافرماني ۽ معصية جي پليدي سان پاليو اتئي تئين طاعت الاهي سان انهي ڪي ڳٽڻ ۾ ڳار 5- جئين جو مناين جو مناڻ نفس

سرڪش ڪي چڪايو تي تيئن طاعت ايزدي جي تلخي ۾ ڪوڙائي ٻه چڪائيس 6- جيترو نفس کي ڪلايو تي اوترو ڪيس روئڻ سان راحت وناء- انهن علامتن واري توبه صادق جنهن ٻه طالب حق جي ڪي نصيب تي ته سندس ٻيڙائي پار آهن پر انهي توبه صادق جي توفيق روارڻ ۽ ڪلائڻ جي واڳ ٻه انهي هادي حڪيم جي هٿ ۾ آهي جو اهو رب رحيم پنهنجي رحم ڪرم سان روئندن کي ڪلائيندو آهي ۽ ڪلندڙن تي خشم آلوده تي ڪين رواريندو آهي. جنهن جبار جابر ۽ قدوس قادر کي جيرن جي مارڻ ۽ مئن جي جيارڻ تي پوري پوري قدرت ڪامله آهي فقط مارڻ جيارڻ تي چا پر هر چيز تي هر قسم جو احاطو سندس قدرت محيط جو آهي جيئن جو هن آيت الاهي مان عيان آهي ان الله علیٰ کل شيءِ قدير) يعني تحقيق هر چيز تي الله کي قدرت آهي) مطلب ته روئن روارڻ ڪلائڻ مارڻ جيارڻ ۽ ٻڪاين جون ٻکون ۾ اجاين جون اجون وسائڻ ۽ ڏوهارن کي ڏوهه معاف فرمائي رهندو ڏاڻ ڏاتيون ڏيڻ انهي هڪ هوت حقيقي جي هٿ جو ادنیٰ ڪرشمو آهي جيئن جو انهي بيان عيان تي هينئن ڪافي خاڪ جي مان پڌري روشني پوي ٿي.

(ڪافي)

رؤئندن کي ڪلائي تو ڪلندن کي رواري تو + جيرن کي پيو ماري مردن کي جياري تو

١. ڏاتار جي دروازي تي ڏاڻ گهرن جيڪي + ڏاتار ڏئي ڏاتيون لک ڏاڻ ڏياري تو

٢. ساري تو سدا ساري ساوڻ ۾ سياري ۾ + ڪنهن کي ٻه ولهين وارث ورنهه نه وساري تو

٣. اوگهڙ تو ڍڪي ڍوليو ڏئي پاند پلو پنهنجو + بکين جون بکون لاهي پياسن کي پياري تو

۴. غمخوار گهٽو گهاتو آنو نه ڪري آنو + چشمن جو چگو چاتو ڏيهَن کي ڏيکاري تو

۵. تي خاڪ ڪلي وج تون پائي ڪا گچي گاري + آزي تي عنايت سان نازڪ ٻه نهاري تو

حاصل ڪلام ته جو ٻه جهدي ٻانهو هوت حقيقي ڏي هنجهون هاري هئني سان هڪ گراٽ هٽ جي جيترو ويجهو ٿيندو ته هوت هادي انهي عبد عارف ڏي ٻاڻ ڪرم ڪريمي موجب هٿ جيترو وڏي ويجهو تي ويندو جيئن جو زيرين حديث قدسي ڪلام واجب الاحترام مان صريح ثابت آهي من تقرب الي شبرا تقربت اليه ذراعا) تفسير روح البيان وارو هن حديث قدسي جي شرح ۾ هن طرح عبارت آٽڻ فرمائي تو اي من تقرب الي شبرا بالتوبته تقربت اليه ذرا عا بالقبول ولولم يکن القبول سابقا علي التوبته لماتاب) يعني جيڪو مون کي هڪ گراٽ جيترو توبه تام ڪرڻ سان ويجهو ٿئي تو ته مان سندس توبه قبول ڪرڻ واسطي هٿ جيترو وڏي ساٽس ويجهو ٿيان تو) پر جي آيت مذڪوره ۾ لفظ قبول جو توبه تي سابق نه هجي ها ته ٻانهي جي توبه قبول نه پوي ها 12- پر الله تعالیٰ اهڙو ته ڪريم رحيم ۽ ٻانهن تي ٻاجهارو آهي جو متي آيت الاهي ۾ يقبل التوبته جي ارشاد عظيم ۽ عنايت ارزاني ۽ پنهنجي فضل ۽ ڪرم ڪريمانه سان عام ٻانهن کي اهڙو ته نوازش نروار سان نوازيو آهي جو ڪو ٻه ٻانهو توڙي جو گناه ڪبيره جو مرتڪب آهي تنهن هوندي ٻه جڏهن پنهنجن جرمن تي پشيمان ٿي ڏٽي پاڪ جو دروازو سچي توبه ڪرڻ سان ڪڙڪائي تو ته هڪدم توبه جي قبوليت جي پاڪر پائي تو جيئن جو هينيون مصرعه اردو اها خوشخبري ٻڌائي رهيو آهي (مصرعه) رحمت ربي ڪو جوش مين لاني ڪي دير هي پيني ڪي دير هي نه پلاني ڪي دير هي- ۽ ڪو ٻه آدمي ڪڏهن ٻه ڪريم جي دربار اقدس ڪريمانه ۽ درگاه رحيمانه مان نااميد تي نه موٽندو آهي جيئن جو زيرين آيت الاهي جي ارشاد عظيم مان اظهر آهي لاتقنطوا من رحمته الله ان الله يغفر الذنوب جميعا) يعني الله جي رحمت کان نااميد نه ٿيو تحقيق الله تعالیٰ سارا گناهه بخشي ڇڏي تو) انهي آيت الاهي جو جناب لطيف لعل جي لسان جالسان الهام آسماني جي ترجمان آهي هئن ڪرڻ فرمايو آهي(بيت) ليلان ليلهائيج اڳيون اُنڙ جام جي- ليلهائي نه لهين ته وري ٻه ليلهائج- پاند گچي پائيج سجڻ ٻاجهارو گهڻو پر هن حقيقت مذڪوره تي هن حديث حبيب الله صلي الله عليه وسلم جي مان پڻ قابل توجه روشني پوي تي ته هر هر هوت حقيقي جي اڳيان اڪين مان آب ۽ هنجهون هاري پنهنجي توبه تام قبول ڪرائجي جيئن جو زيرين حديث نبوي مان ظاهر آهي وفي الخبر ان

بعض المذنبين يرفع يده الي جناب الحق فلاينظر اليه اي بعين الرحمۃ ثم يد عوثانيا فيعرض عنه ثم يدغوو يتضرع ثالث فيقول ياملائكتي قداستحييت من عبدي وليس له رب غيري فقط غفرت له واستحييت اي حصلت مرامه فاني استحي من تضرع العباد اھ) يعني حديث ۾ تہ گنهگارن مان بعض پنهنجا هٿ ڏٽي جي دربار ۾ کڻندا آهن مگر ڏٽي هنن تي نوازش نہ فرمائيندو آهي تنهن کان پوءِ دوباري دست بدعا ٿي دانهون الاهون ڪندو تہ ڏٽي هن کان مهن موڙيندو رهندو تنهن کان بعد ٽي دفعہ دردناڪ دانهن آهن سان دعا گهرندو پوءِ ڏٽي پاڪ مهربان ٿي ملائڪن کي فرمائيندو تہ اي ملائڪ منهنجا مان پنهنجي ٻانهي تي حياء ۽ ٻاجهہ ڪريان ٿو جو هن کي مون کان سواءِ ٻيو ڪو بہ رب ڪونہ آهي مون کي پنهنجي ٻانهي جي ٻاڪار ۽ زاري نيزاري تي حياء ۽ ٻاجهہ اچي وئي آهي توهان شاهد هجو مون سمورا گناہ ٻانهي جا بخشي ڇڏيا) هن حديث پاڪ مان هويدا ۽ ظاهر آهي تہ توبہ تظرع ۽ زاري نيزاري واري قدوسي ڪورٽ اقدس ۾ ڪڏهن نہ ڪڏهن اهڙو ڪامياب بنائيندي جو رٺل راڻو نيٺ راضي بازي ٿي ويندو- پوءِ جڏهن رٺل راڻو راضي ٿي ويو. پوءِ ٻي ڪنهن جي ڪهڙي ڪاڻ ڪڍبي موجب مقولہ معروف- رب هجي راضي تہ ڇا ڪندو ملاقاضي) پر جي رب راضي نہ ٿيو تہ بنده گنده جي بري ۽ بدقسمت ڇاڱبي جنهن بدقسمت تي حسرتي هي هي ڪرڻ سان هزارين هنجهون هاري ساري ڄمار اکيون اشڪبار ڪري رت جا ڳوڙها ڳاڙهي هئن چوڻو پوندس جيئن جو فقير خاڪ پنهنجي حسرت تي حسرت ڪائي چيو آهي (ڪافي) بري قسمت آپ اگها نہ سگهيم، رني رب ڪون رو رو رجها نہ سگهيم، 1- جڏان ٻڌٽاندي وچ ٻال هيم، تڏان قالو ابلیٰ دي قال ڪيم، سپي سڪدي پيتي سال ٿيم، نذر نيهن ازل دا نبها نہ سگهيم 2- ڏتي لولي مادر مهد اندر عجب ياد الستي عهد اندر لِقا نال بقا لڪ لحن اندر لچي ليلان وانگي ليلها نہ سگهيم 3- دنيا دار محن سبق سور داگهن دل درد دڪاسي ٿيسي چمن ڪران گهور پنهل تون تن من ڏن دلي درد دا دود دکا نہ سگهيم 4- هٿين هٿ سي هو سئي حساب اڳون عمل والا ڏيسن ڪتاب اڳون عمل نيڪ نهين تہ ڪتاب اڳون ملي ميل محبت ملها نہ سگهيم 5- ندي نيٽان سي جل جاري آ لڙڪ لعل ڪرن گوهر باري آ، بدن خاڪ جو نوري نہ ناري آ، اها آڳ عشق دي اُجها نہ سگهيم) پر عاشق صادقن ۽ سچن سالڪن کي فرقت محبوب معنوي جي باہ جهنم جي باهہ کان هزار بار وڌيڪ تيز ۽ تکي نظر ايندي آهي تہ جدائي جي جوش جذبہ ۽ سچڻ سرمدي جي سوز گداز کي ساهہ ۾ ساهہ وانگي سانديندي پنهنجي سيني بي ڪيني جو سوز فقط سچڻ سرمدي سان سري طريقہ موجب سليندا رهندا آهن نہ غير سان – ساري وٽڪار ۾ ورهين جا ورهہ سئي وانگي رڳو ور کي وندر جي واٽ وڍي ووڙيندا واڪا ڪندا وتندا آهن تہ من نہ من ڪاڪا وجي ڪوڪ پوي ڪن ڪريم ڪي- سلوڪي سالڪن سوز وارن جي سچي سوز گداز تي هي هينين ڪافي فقير خاڪ جي صادق ۽ سچي آهي.

(ڪافي)

سچو سور سڄڻ دي نال سلان + وني واٽ وندر دي ڪيوين ولان

1- ڏتي ماءُ مني لولي سوراندي + پينگهي وقت پنهل دي پوراندي

عجب اور عجيبان اوراندي + رمي نال رانجهن دي روح رليان

2- چوري چيراندي وچ چوڙ ڳئي + پنهل خان ڪٽي جت جوڙ ڳئي،

نذر نند نهوڙي نهور ڳئي + جلي ڪانڌ جلي جرم نال جلان

3- ڏسي ڏونگر ڏکدي ڏوران پئي، + دلي چرخي دمدم چوران پئي،

اتي آڏي اوران اوران پئي، + جلي جوش خروش دي نال جلان.

4- وک ورهہ وڏاءِ وڏاوڻدي + لکي لوک کنون ليوي پاوڻ دي،
سک رمز رنل دي رجهاوڻدي + کلي خوب پنهل دي نال کلان

5- سيئي سور سيني دي سل سان + مئين آلي عشق ازل دا نہ السان
مئين ڪٽي کوه ڪٽي وچ مل سان + مئين تکي خاک هوا دي چال چلسان.

تنهن ڪري حق جي طالبن طلب تاس وارن ۽ عاشقن اڄ اداس وارن کي بہ سدا سچن سالڪن وانگي سوزگداز ۾ رهي روئي رڙي بہ ٻار مغز بيدار وانگي رحمت ربي جي پستان پاک کي جوش ۾ آڻڻ لاءِ آزي آهن دردناک دانهن کان ڪم وٺي ڪاميابي ماڻڻ واسطي ڪوشش قوي جاري رکن تہ من نہ من روج راڙي تي رنل رب رجهي پوي ڇو تہ ظاهري ماءُ مشفقہ بہ ٻار جي ٻاڪار ۽ اُڇگار تي هڪدم رجهي پوندي آهي پر جو هوت هادي رب راحم آگوار شادي هزار بار ڇا بلک ڪروڙ دفعا ظاهري مادر مهربان کان رحمت وسيع موجب مٿاهون ۽ مڙين ماٽهن ۽ ملکن کان وڌيک مهربان آهي جهڙس جهان ۾ مٿ مثال کونہ آهي سو ڪيئن نہ درد جي دانهن ۽ واڪن تي واڪن ڪرڻ کي ورنائيندو جيئن جو واڪن ڪرڻ بابت جناب سرتاج سنڌ سهٽي صلاح ڏئي رهيو آهي(بيت) ڪرڪو واکو وس ويهہ نہ منڌ بنپور ۾ تہ اي انسان عاقل پنهنجي عقل ۽ هوش کان ڪم وٺي مون کي ٻڌاءِ تہ تون قرآن ڪريم جي پهرين پهلو جو عامل ۽ پياسي آهين يا ٻي پهلو جو – پر جيڪڏهن تون پهرين پهلو جو پياسي ۽ اداسي آهين تہ توکي صد مبارک ڇا بلک لک لک مبارڪون هجن تنهنجو ئي لقب سڄڻ سڀاجهي وٺ سياڳو آهي. پر خدا نہ خواسته جي تنهنجو پيار پهرين سان نہ بلک ٻي پهلو سان آهي تہ پوءِ توکي پنهنجي هيٺي حال پرملال تي پشيمان ٿي ريهون ڪري رئڻ گهرجي ڇو تہ سياڳن جي سنگت صحبت ڇڏي ڪري تون نياڳن جي قطار ۾ نسري نروار ٿيو آهين باوجود هن ڳالهہ ٻڌڻ جي جو توکي بار بار باري تعاليٰ بيدار ڪرڻ فرمائي فرقان ۾ فرمايو تہ ڪونوا مع الصادقين) توهان سچن جي صحبت ۾ رهو) پر توهان انهي حڪم ايزدي ٻڌڻ کان پوءِ بہ ٻڌو اڻ ٻڌ ڪري سياڳن صادقن جي صحبت سوني بدران ڄاٽي واٽي نياڳن جي سنگت صحبت جو ٻهرو وٺي پاڻ کي خواه مخواه بدنام ڪيو آهي. تنهن ڪري پٽائي صاحب پڻ بار بار توکي بيدار ڪرڻ لاءِ هر هر اٿڻ ويهڻ جي صلاح هينئين ريت ڏئي رهيو آهي (بيت) ويهہ تني سان ويهہ جي ويهي ٽا ڄاڻين، ويهہ نہ ساڻ ٻين متان ويهي وقت وڃائيين) وري فرمائي رهيو آهي تہ (بيت) هل تني سان هل جي هلي ٽا ڄاڻين، هل نہ ساڻ ٻين متان هلي حال وڃائيين) مطلب تہ پٽ ڌڻي جي بيت مذڪور جو پورو پورو شرح شافي ۽ حجت ڪافي هي آيت ڪريمہ هينئين آهي وننزل من القرآن ماهو شفاء ورحمتہ للمؤمنين ولا يزيد الظالمين الاخسارا) اسان قرآن مان تنهن ٿول کي نازل ڪريون ٿا جو مومنن جي واسطي شفا ۽ رحمت آهي ۽ اهو قرآن نہ ٿو وڌائي ظالمن کي مگر نقصان ۽ خساري ۾) هن آيت الاهي مان بہ ٻہ پهلو قرآن ڪريم جا ظاهر باهر آهن هڪ پهريون پهلو مومنن جو آهي جن کي جناب سرتاج سنڌ سياڳي جو لقب لائق عطا ڪرڻ فرمايو آهي، ٻيو پهلو منڪرن ظالمن جو آهي جن کي پٽ ڌڻي نياڳي جي لقب سان نروار ڪري رهيو آهي پر هن آيت الاهي ۾ جي بہ پهلو پڌرا آهن تن ٻن پهلن کي حضرت شارع عليہ السلام پنهنجي حديث پاک ۾ جا حديث حضرت عمر فاروق کان مروي آهي، هن طرح بيان ڪرڻ فرمايو آهي قال النبي ان الله يرفع بالقرآن اقواما يضع به آخرين) يعني فرمايو نبي ڪريم تہ تحقيق الله ڪن قومن کي قرآن جي قدر ڪري قدر وارو ڪرڻ فرمائي ٿو ۽ ڪن کي قرآن جي بي قدري سبب ذليل ڪرڻ فرمائي ٿو) حاصل ڪلام تہ پهرين آيت الاهي ۽ ٻي حديث حضوري ٻنهي مان صريحن ثابت ٿيو تہ برابر پٽ ڌڻي جي نظريہ موجب انسان ٻن پهلن ۾ پڌرو ٿي رهيو آهي، هڪ سياڳو ٻيو نياڳو- ٻي پهلو موجب نياڳن تي قرآن ڪريم پاڻ گواهي تہ ڏيندو پر رهندو اڃان وڌيک رنجيده ٿي فريادي بہ ٿيندو، خصوصاً محشر جي ميدان ۾ جنهن حشر جي هيبتي

ڏينهن ڪان هزارين انبياءَ ڪرام ۽ ڏکي ڏکي نفسي نفسي جو نعرو نروار ڪندا مگر هڪ محمد مصطفيٰ صاحب شفائي هوندو جو سوا نفسي پوڪارڻ جي سڌو سنئون سائين جي آڏو لواءِ الحمد جي هيٺان سجدي ۾ اچي للهم اغفر لامتي جو آواز آلاپيندو رهندو تان جو رب رحيم پنهنجي محبوب کي هئڻ چوندو ته ارفع راسک يا محمد سل ماشئت) جيڪي وٺئي سو گهر سر پنهنجو متي ڪڻ) آخرڪار شفا مطلق جو اختيار وٺي ساٿ سلامت بهشت برين ڏي اماڻيندو پر انهي ڳالهين ڪان اڳ ۾ قرآن ڪريم فرقان حميد جي زبردست حاڪم جي حضور ۾ هئڻ فرياد ٿيندي ته اي حاڪمن جا حاڪم پنهنجا فيصلا پوءِ ڪر اول منهنجي فرياد رسي فرماءِ پرور پاڪ قرآن ڪان پڇندو ته تنهنجي فرياد دردناڪ جو ڪهڙو شاهد آهي قرآن ڪريم عرضدار ٿي عرض ڪندو ته منهنجي فرياد جو شاهد امين محمد مصطفيٰ ۽ احمد مجتبىٰ آهي، تان جو رسول ڪريم حقيقي حاڪم جي آڏو قران ڪريم جي پاران منڪرن تي هئڻ شاهدي ڏيندو جنهن شاهدي جو ذڪر خود قرآن جي هن هينين آيت الاهي مان عيان آهي جا آيت شريف بي نمبر واري پهلو تي بطور شرح شافي جي ڪم ڏئي ٿي- وقال الرسول يارب اتخذوا قومي هذا القرآن مهجورا) يعني چوندو رسول ته اي رب هن قوم منهنجي برابر هن قرآن کي مهجور ۽ ڇڏيل ڪري ورتو) هاڻي جڏهن هن آيت مان حضور جن جي شاهدي جو ثبوت ثابت آهي ته پوءِ انهن منڪرن جو ڪهڙو حال ٿيندو جن تي خود خدا جو خليل چا بلڪ حبيب الله صلي الله عليه وسلم پاڻ شاهد هوندو، نعوذ بالله من ذالک- هاڻي جڏهن هن ساري تحقيق انيق مان صريحا ثابت ٿيو ته برابر قرآن ڪريم ۽ حديثن جي گواهي موجب پٽ ڏٽي جو نظريو مذڪور بيت وارو درست آهي، تڏهن ڪيس هئڻ پڇڻ جو پورو پورو حق حاصل آهي ته سياڳا سڄاڻ ته تون هنن مان يا هنن مان ته من نه من ڪو پاءُ مومن يا پيڻ مومنياڻي جناب شاه صاحب جي شريفانه ۽ ناصحانه پڇڻ ڪان اثر وارو ٿي پنهنجي حال حاضر تي شرمسار رهي بي پهلو وارو پاسو از خود ڇڏي ڏيڻ تي تيار رهي ته پوءِ متس مولا پاڪ پاڻ ۽ سندس محبوب مدني ۽ سرتاج سنڌ روحاني رهبر جو روح پرفتوح پڻ راضي بازي رهي آمين- توڙي جو جن ۽ انسان هم هڪ ٿي پنهنجي پوري پوري طاقت آزمائي ڪن تبہ قادر ڪريم جي قرآن پاڪ کي چا بلڪ سندس زير زبر ۾ بدلائي نه سگهندا جيئن جو ڪنهن شاعر شائق قرآني چوڻ فرمايو آهي- قولي محمد قولي خدا فرمان نه بدلا جيئگا، بدليگا زمانا لاکھ مگر قرآن نه بدلا جائيگا) پر قران ڪريم جي پلائي بابت هي هينيون ڪلام فقير خاڪ جو اٽڻ موقعو جي مناسبت آهي (ڪلام) شهر رمضان الذي ۾ قدرتي قران شريف نور تي، ٿيو نور نازل نعمتي قرآن شريف 2- لوح محفوظي رهاڪو لوح ڪان آيو لهي صالحن جي واسطي تي صحبتي قرآن شريف 3- جنهن ڏيي ايمان أجرو جنهن ڏني رحمت وسي ڪن ڏئي دل سان پڙهو هي عزتي قرآن شريف 4- حال پچ احوال پچ هادي هدايت ڪان اچي عرش ڪان آيو اتئي هي. عظمتي قرآن شريف 5- ٿي هزارن جي مهينن ڪان پلي شب قدر جي چو ته أن ۾ آئيو هي الفتي قران شريف 6- خاڪ خالق جي عبادت ڪر پلاري رات ۾ روز ۾ روزا رکائي همتي قرآن شريف.

پر انهي شاهي قدوسي ڪلام جي عدم تبديلي لاءِ اعلان واجب الاذعان باري تعالىٰ جوئي ڪافي ۽ بس آهي جيئن جو هينين آيت الاهي مان عيان ۽ آشڪار آهي (ولا تبديل لكلمات الله) يعني ۽ نه آهي ڪو تفسير ۽ تبدل الله جي ڪلمن ۾) مطلب ته ڪنهن کي ۽ طاقت الله تعالىٰ جي ڪلمن جي تبديل جي نه آهي مگر انهي قرآن ڪريم جي حقيقت ڪان آگاه اهي عارف آهن جن کي ڏٽي جي درگاه پاڪ مان بصيرت جي بشارت عطا آهي ۽ جن تي نور فراسة جي نوازش نمايان آهي چو ته قرآن قدوسي ڪلام سڪ جو سلام عارفن عاقلن واسطي بصيرت سان پرپور مجموعو آهي جنهن جي حقيقتن جو حقدار سالڪ صاحب بصيرة جو آهي نه غير جيئن جو قرآن ڪريم جي هي بي آيت الاهي پڻ بڌائي رهي آهي (هٰذا بصائر للناس) يعني هي سارو قرآن بشر ذاق جي واسطي بصيرتون آهن) بشرن مان مراد هتي بصيرت وارا صاحب آهن نه غير جيئن جو تفسير روح البيان وارو انهي آيت الاهي جي تفسير فرمائي تو ته فان مافيه معالم الدين والشرائع بمنزلت البصائر مي القلوب كانه بمنزلة الروح والحياة فمن عري من القرآن فقد عدم بصرن و بصيرته وصار كالميت والجمادالذي لاحسد له ولاحياة فحمل البصائر علىٰ القرآن باعتبار اجزائه ونظيره قولہ تعالىٰ فقط جاءَ کم بصائر من ربكم اي قرآن وا آياته پوءِ تحقيق جيڪي دين ۽ شريعتن جون علامتون قرآن ۾ موجود آهن، سي دلين اندر بصيرتن جي بجاءِ آهن، ڇڻ ته اهو قران

روح ۽ حياتي جي مثل آهي پوءِ جيڪو قرآن ڪريم کان خالي آهي پوءِ انهي کان بصيرت ۽ بصر ٻئي معدوم ۽ گم ٿي ويون ۽ هو قري مئل جي مثل ۽ جماد جي ٿيو، جنهن جماد کي ڪو به حسد ۽ حياتي نه آهي پوءِ جزن جي اعتبار ڪري بصيرتن جو حمل قرآن ڪريم تي ڪيو ويو آهي، جيئن جو مثال انهي جو زيرين قول تعلىٰ ۾ موجود آهي (فقد جاءَ كم بصائرن من ربكم) يعني هي قرآن ڪريم ۽ انهي جون آيتون اوهان جي رب رحيم جون بصيرتون آهن جي تحقيق توهان وٽ آيون آهن) آيت مذڪوره ۾ لفظ بصائر جو جمع بصيرت جو آهي، پر بصيرت اهو نور آهي جنهن جي ذريعي سان اک محسوسات جو مشاهدو ماڻيندي آهي تنهن ڪري اتباع شريعت ڏي انهي جو اشارو ڪرڻ جائز ۽ مباح آهي (وهدي) مان مراد گمراهي جي گرداب کان هدايت آهي (ورحمة) مان مراد اهو قرآن ڪريم تبارڪ تعلىٰ جي طرف کان رحمت عظيم ۽ نعمت ڪامله آهي چو ته دنيا ۽ آخرت جون سموريون سعادتون فقط قرآن ڪريم جي ذريعه سان ئي حاصل ٿين ٿيون. (لقوم يوقنون) ايزدي امرن تي ايقان ڪرڻ قوم جي شان وٽان آهي. پوءِ جي به اهل بصيرت بصيرت جي نورن سان يقين جي مقام ڏي پهچڻ لاءِ آماده ۽ مستعد هوندا آهن تن جي اڳيان بصيرتي نورن جي ذريعي ۽ نموني سان حق ۽ باطل کلي پوندو آهي، تنهن ڪري نظر ناظرين جي گهڻن مرتبن تي مشتمل آهي. ڪو شخص عقل جي نور سان ناظر آهي ۽ ڪو فراسة جي نور سان ناظر آهي ۽ ڪو ايمان جي نور سان ناظر آهي ۽ ڪو ايقان جي نور سان ناظر آهي ۽ ڪو احسان جي نور سان ظاهر آهي ۽ ڪو عرفان جي نور سان ناظر آهي ۽ ڪو عيان جي نور سان ناظر آهي ۽ ڪو عين جي نور سان ناظر آهي پوءِ اهو آدمي پوري طرح بصيرت تي برپا آهي اهڙي بشر برگزيده جي بصيرت جو شمس سدائين طالع ۽ تابان آهي ۽ اهڙن جي بصيرت جو افلاڪ سحاب غفلت کان گهٽو ڪري صاف ۽ پاڪ آهي پر ياد رکڻ گهرجي ته بصيرت وارن جي ديد دائمي دلدار جي ديدار کان محروم نه رهندي آهي جيئن جو پٽ ڏٽي فرمائي رهيو آهي ته- اکيون اهي ذار جن سان پسين پرڪي، ٻي ڏي ڪين نهار راڻل ريسارو گهٽو) پر ڪڏهن نه ڪڏهن ڪا گهڙي پلڪ قبض جي حالت متن طاري ٿيندي آهي ته انهي گهڙي فرقت ۽ جدائي واري ڪي سلوڪي سالڪ سو سال جي برابر جاڻي هو تن جي حسن روح افزا تي حيران پريشان ٿي هوت جي ڳلي وصال واري تي هٿئ چوندا ڦرندا وتندا آهن جيئن جو خواجه حافظ شيرازي رح چوڻ فرمايو آهي (بيت) گر آمدم بکوئي تو چندان عجيب نيست چون من درين ديار فراوان غريب هست) هن بيت حافظ جي مان به ثابت آهي ته هوت جي حسن تي فقط حافظ چا پر هزارين بيا حبدار حيران ٿي ڦرندا رهندا آهن جيئن جو هن حقيقت جي مزيد تائيد فقير خاڪ جي هينين ڪافي منجهان اظهر آهي

(ڪافي)

حسن عالمتاب تي حيران ڪجهه مستان ڪجهه + مان فقط ناهيان سوين سلطان ڪجهه دربان ڪجهه

١. شمس شيدا ٿي رهيو شب روز تنهنجي شوق ۾ + چنڊ تارا ۽ ڪتيون قربان ڪجهه نگران ڪجهه

٢. شمع رخ روشن متي دل سوخته سو ۽ لکين + اولياءَ چا انبيا پيران ڪجهه پروان ڪجهه

٣. مون مريض عشق کي گهرجي نه ويجن جي دوا + تو فقط تنهنجو ڪپي ديدار ڪجهه درمان ڪجهه

۴. سوز سڪ تنهنجي ۾ ساجن سال سو گذري ويا + وصل جو وارو ڏئي ڏي دين ڪجهه ايمان ڪجهه

۵. جي سجي دنيا متي مهن تون فقط منهڙو نه مٽ + يار مارينديءَ نه مون کي گردش دوران ڪجهه

٦. عمر ساري خواب تي وئي شاه خوبان خواب ۾ + روئي روشن کي ڪيو تابان ڪجهه رخشان ڪجهه

٧. صورت گل گون متي مرغ چمن نعتون لک + بلبل و گل ٻئي ڏئم خندان ڪجهه گريان ڪجهه

٨. اي سخي ساقي پري ڏي خاڪ کي ساغر صفا + پنهنجي هٿ سان تان رهي شادان ڪجهه فرحان ڪجهه

هن ڪافي جي آخرين مصرع ۾ مصرع جي مطلع ڪان بعد لفظ ساقي جو ڪم آندل آهي صوفين صديقن جي اصطلاح ۾ لفظ ساقي جو چئن معنائن تي مشتمل آهي. پهريون ذات حق تي بفحوي الڪريم وسقاهم ربهم شرابا طهورا) هن آيت الاهي ۾ ساقي پاڻ پنهل پاڪ آهي نہ غير پر جناب مولانا محقق بن راشروح وارو شرح گلشن راز ڪان ناقل تي فرمائي رهيو آهي تہ افعالي تجليات جي مرتبن ۾ حق تعالىٰ پاڻ ساقي تي پنهنجن عاشقن ۽ پياسن ڪي شراب پاڪ پياري تو ۽ اهي جڏهن پنهنجي پنهل جي پاڪ هٿ سان شراب پين تا تہ ڪشايش ۽ عشق جي سختين ڪان چوٽڪارو لهي محو ۽ فاني تي وڃن تا 2- مرشد ڪامل جو ڪنايہ ۽ مراد جناب محمد مصطفىٰ ڪان آهي جيئن جو مارآة المعاني ۾ موجود آهي- مرشد ڪامل درين جا مصطفاست هر نبي وهر ولي لا (هنماست) 3- شيخ باعتبار ليابت نرمل نور عليہ السلام جي موجب تقاضا الشيخ في قومه ڪالنبي في امته) 4- معشوق جو شراب حسن معنوي جو سندس سهٽي مهن واري پيالي مان پياسي پين تا – ڪافي مذڪور ۾ پهريون ساقي مراد آهي نہ غير- پر قران ڪريم بہ اهڙو تہ روحاني حڪيم حاذق آهي جو درد بہ ڏسي ۽ درد جي دوا بہ ڏسي جيئن جو هينين حديث حبيب الله صلي الله عليہ وسلم جي مان پورو پورو پتو پرو پوي تو وعن النبي صلي الله عليہ وسلم القرآن يدلڪم علىٰ دائڪم ودوائڪم اماداؤڪم فالذنوب وامادواؤڪم فالاستغفار) يعني نبي نرمل ڪان نروار آهي تہ قران ڪريم اوهان ڪي درد ۽ دوا ٻئي ڏسي تو پر درد ۽ مرض اوهان جو عصيان آهن ۽ علاج اوهان جو استغفار ۽ بخشيش گهرڻ آهي) تنهن ڪري گناهن مان وڏو گناه شرڪ آهي علاج انهي وڏي مرض جو فقط توحيد آهي ۽ اهو توحيد صوفين جي اصطلاح موجب ٽن مرتبن تي منقسم ۽ ورهايل آهي 1- مرتبو افعالي 2- مرتبو صفاتي 3- مرتبو ذاتي. 1- پهرين مرتبي تي هي هينين آيت الاهي دلالت ڪري رهي آهي وعلي الله فليتوڪل المؤمنون) يعني پلي تہ مڙئي مومن الله تي توڪل ڪن) هن آيت الاهي مان توڪل جو ارشاد عيان آهي جو تہ توڪل ئي نتيجو توحيد افعالي جو آهي ۽ توڪل جي لفظ جي معنىٰ سڀ ڪم سائين ڪي سونپي ڇڏڻ ۽ سندس وڪالت تي پورو پورو پروسو ۽ اعتماد رکڻ جيئن جو پٽ ڌڻي فرمايو آهي (بيت) سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم تحقيق تي تسليم ۾ لاهي غم وهم تہ قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري هاج تو) هن بيت ۾ پاڻ سرتاج سنڌ تسليم جي مقام جو ارشاد عظيم فرمائي رهيو آهي، صوفين جي اصطلاح موجب صبر جي مقامن مان تسليم جو مقام سيني مقامن ڪان بلند ۽ بالا آهي جو ڪيس محبوب معنوي جي دربار اقدس مان بطور عنايت ارزاني جي عطا آهي – باقي مرتبہ ثاني 2- جي طرف هي آيت ثاني اشارو ڪري رهي آهي يا ايتها النفس المطمئنہ ارجعي الي ربڪ راضيہ مرضيہ) يعني اي نفس مطمئنه تون راضي مرضي تي پنهنجي رب ڏي رجوع تي) هن آيت الاهي مان آلامن ۽ ڏکن تي راضي رهڻ جو نفس مطمئني کي خطاب آهي جو تہ قضا جي ڪوڙاڻ تي سوا ڪنهن بہ اعتراض جي ايرادي ازلي تي راضي رهي سرور قلبي ظاهر ڪرڻ ثمرو توحيد صفاتي جو آهي ۽ اهو مقام معلىٰ پڻ عاشقن لاءِ امتيازي امتحان آهي پر انهي مقام معلىٰ جي خبر ابو علي دقاق رحمتہ الله هئن ڏئي رهيو آهي التوحيد هو ان يقرضڪ بمقاريض القدر تہ في امضاءِ الاحڪام قطعتہ قطعتہ وانت ساڪت حامد) يعني اهو توحيد اهو آهي جو شرعي احڪامن جي اجراءِ ۾ توکي قدرتي ڪيچن سان ڪپي ٽڪرا ٽڪرا ڪري تون انهي وقت صبر ڪرڻ سان گڏ شڪر گذار رهين- پر انهي اعلىٰ مقام جي خبر جناب پٽ ڌڻي هن هينين بيت ۾ ڏيڻ فرمائي آهي (بيت) 3- ڪاتي جا قريب جي سا هڏ چيري چم عاشقن پنهنجو انگ ناه ڪارڻ وڍيو) باقي مرتبي ثالث جي مقام ڏي زيرينہ آيت ڪريمہ جو اشارو ڪافي ۽ وافي آهي ڪل شييءِ هالڪ الا وجهه) يعني سڀ شئي هلاڪ ٿيندي مگر ذات حق جي) هن آيت الاهي مان مرتبہ ذاتي جو ظهورو عيان آهي جنهن مقام تي مقربن کي محويت ۽ فنائيت جو منصب ملندو آهي، جيئن جو هينين نقل مان اها حقيقت نروار تي رهي آهي (نقل) ابي تراب نخشبي جي احبابن ايراده وارن مان هڪ مريد حاجي حج تي تيار ٿيو تيار ٿيڻ وقت ڪيس بايزيد بسطامي جي زيارت فيض بشارت نصيب تي، هن ڪان بايزيد بسطامي سندس شيخ بابت پڇو، هن چيو تہ هو صاحب چوي تو تہ جي سيئي آسمان ۽ زمينون ڦري لوهہ تي پون تہ مان رزق جي شڪايت نہ ڪندس بايزيد ٻڌڻ سان انهي ڳالهہ کي بڇرو ۽ قبيح ڪري ڄاتو چو تہ انهي ۾ فناءِ افعال جو آهي نہ صفات ۽ ذات جو ۽ چيائين تہ پوءِ اها زمين کهڙي طرح بيهندي جنهن تي هو آهي پوءِ انهي مريد موٽي وڃي پنهنجي مرشد ابي تراب کي خبر ڪيائين تنهن تي ابي تراب چيو تہ وڃي بايزيد کان پڇي اچ تہ تون کهڙي طرح آهين پوءِ هن موٽي اچي پڇيو بايزيد هي لکي موڪليو تہ

بسم الله الرحمان الرحيم بايزيد نيست) يعني بايزيد ڪجهه بہ نہ آهي) پوءِ جڏهن ابي تراب اهو لڪيل جواب پڙهي ڏٺو تہ انهي وقت سڪرات ۾ هو چيائين آمنت با الله يعني مون الله تي ايمان آندو) ائين چئي تنهن ڪان پوءِ وفات ڪيائين – مولانا قدوس سره وري هئن فرمايو آهي تہ هيچ بغض نيست درجانم زتو زانڪ اين رامن نمبي دانم زتو آلت حقي تو فاعل دست حق چون زنم برآلت حق طعن ودق – وقال اليضاره آدمي راڪي رسد اثبات تو اي بخود معروف و عارف ذات تو- انهي ساري تحقيق انيق مان ثابت ٿيو تہ جيڪو شخص پاڻ کي علمائن ربانين ۾ شمار ڪرڻ گهري تہ نوراني بصيرتن سان نفعو پرائڻ خاطر قرآني آيتن جو تدبر پاڻ تي لازم ڪرڻ فرمائي - بعض ڪبارن جو قول آهي تہ علماءَ چار قسم آهن 1- پهريون عالم جو الله وٽان حظ ۽ نصيب اُنجو فقط الله ئي آهي نہ غير اهو مقام سر ۽ حقيقة جو آهي جيئن جو زيرين آيت الاهي مان عيان آهي شهد الله اله لا اله الاهو) 2- ٻيو عالم جو الله وٽان حظ انهي جو علم ۽ معرفت بالله آهي اهو مقام روح ۽ معرفت جو آهي 3- عالم جو حظ انهي جو علم سيرالي الله آهي اهو مقام نفس ۽ طريقت جو آهي 4- عالم جو حظ انهي جو علم سير آخرت جو آهي، اهو مقام طبيعت ۽ شريعت جو آهي چو تہ سير اُخروي عملن صالحن سان حاصل ٿيندو آهي، تنهن ڪري مقام اولىٰ سيني مقامن ڪان بلند ۽ بالا آهي ڪيترا مشتاق مقام اولىٰ جا مستحق موجود آهن ۽ هوندا.

# ڪمال معرفت جي حصول سان فناءِ شهود جو درجو حاصل ٿيندو آهي

**43-(بيت)**

پتنگ چائين پاڻ کي ته اچي آگ اُجهاءِ
پچڻ گهڻان پچائيا تون پچڻ کي به پچاءِ
واقف ٿي وساءِ آگ نه ڏجي عام کي

شرح – هن بيت ۾ جناب پٽ ڌڻي سلوڪي سالڪ کي سهڻي سمجهاڻي ڏئي فرمائي رهيو آهي جي تون به پاڻ کي پتنگ جهڙو سچو عاشق سڏائڻ گهرين ته پهريون تون اندروني آگ اهڙي طرح اجهائي ڇڏ جو عوام کي تنهنجي اندروني آتش جو پتو پرو نه پوي- بي نمبر ۾ پچڻ کي اهڙو ته مرد ميدان ٿي پچاءِ جيئن جو پچڻ به چڻ تو کان پچي پاس ٿئي – انهي آڳ الستي کان بخوبي واقف ۽ آگاه ٿي ڪري به آڳ جو اظهار نه ڪر بلڪ بره جي باه کي بره جي بهادرن وانگي بهادر ٿي وسائيندو رهه پوءِ جڏهن انهي درجه تي پهچي ويندي ته توکي مقام اوليٰ جو حظ اعليٰ حاصل ٿي ويندو- حاصل ڪلام ته جناب سرتاج سنڌ پاڻ ته بي ريب ولايت قطبية ڪبريٰ جو مستحق آهي پر نهايت شفقت ۽ نوازش ڪري بين سلڪن کي به انهي مقام معليٰ جي ماڻڻ جو مشورو سهڻو ڏئي رهيو آهي ته اي نيهن جي نالي وٺڻ وارا تون به نازڪ جي نيهن واري ناز کي پتنگ وانگي ساهه اندر سانديون پيو سانڍ موجب هن بيت هينين جي (بيت) نهائين ڪان نيهن سک منهنجا سپرين سڙي سارو ڏينهن تبه باهر باڦ نه نڪري) هي بيت ڄڻ ته پهرين بيت مذڪور جو پورو پورو شرح آهي پر زيرين آيت الاهي مان پڻ انهي نيهن واري نار ڏي اشارو عيان آهي جا آيت الاهي سندس شرح جو ڪم ڏئي ٿي نار الله الموقدتہ التي تطلع علي الافئده) يعني باري تعاليٰ جي باريل باهه دلين تي ايري رهي آهي) ۽ هن حديث مبارڪ مان پڻ نيهن جي ناز کي نهان ڪرڻ جو حڪم موجود آهي من عشق وڪتم وعف فقدمات مات شهيدا) جنهن عشق ڪمايو پوءِ لڪايائين ۽ پاڪدامن ٿيو ته اهو شهيد ٿي مري ويو) تنهن ڪري طالب حق جي کي گهرجي ته جناب پٽ ڌڻي جي ارشادي مشوري تي عمل پيرا رهي برهه جي باهه ۾ پاڻ کي پچائي پتنگ وانگي پهرين نمبر پاس ٿي اهڙي طرح آڳ اندروني اجهائي ڇڏي جو ڪيچ ڌڻي کان سوا ڪنهن کي به پتو پرو نه پوي سوز ۾ اهڙو ته سڙندو سڙي وڃي پرڪاڻ جي خبر خفي نه ڪولي – انهي حقيقت تي مولانا سعدي عليہ الرحمتہ جي هينين بيتن مان پڻ عمدو پتو پوي ٿو (ابيات) اي مرغ سحر عشق زيرو ان بيا مور ڪان سوختہ راجان شدو آواز نيامد ابن مدعيان در طلبش بي خبر انند ڪانراڪ خبر شد خبري بازنيامد وقال-گرڪس وصف اوزمن پرسد بي دل ازبي نشان چہ گويدبار عاشقان ڪشتگان معشوق اندبر نيا يدز ڪشتگان آواز) حضرت سعدي صاحب جي نظريہ موجب نيهن کي نهان رکڻ ۾ اهڙو تاڪيد اڪيد آهي جو سالڪ سڙي خاڪ ٿي وڃي ته به سر الاهي ۽ راز رندي کي عوام تي عيان ۽ اظهار نه ڪري چو ته صوفين جي مذهب ۾ اِفشاءِ سر ايزدي جو ڪفر آهي جيئن جو مشهور آهي ته القدر سر الله فلا تفشوه) يعني قدر الله جو سر ۽ راز آهي پوءِ انهي کي نه ظاهر ڪيو) جيئن جو حضرت حافظ صاحب شيرازي پڻ فرمايو آهي (بيت) مصلحت نيست ڪہ از پرده برون افتدراز ورنہ در مجلس رندان خبري نيست ڪہ نيست) پر باوجود انهي تحقيق انيق جي ويچاري فقير خاڪ پڻ سر سبحاني جي لڪائڻ بابت هئن چيو آهي.

**(ڪافي)**

حال پچ ۽ قال پچ پر سر سبحاني نہ پچ + روج پچ ريهاڙ پچ پر راز روحاني نہ پچ

١. عين عبرت جي پٽي جاڏي ڏسان جاني پسان + ناز پرور نازنين جو ناز نگراني نہ پچ

٢. شمع رخ جي تاب تي پروان لک سوزان تيا + يار جي شوخي نہ پڇ عاشقن جي قرباني نہ پڇ
٣. تيغ ابرن جي تکي آ چسم جي خنجر کنان + نيڻ نيزن نازکن جي نوڪ نيشاني نہ پڇ
٤. هجر جو احوال سارو ڏي سجڻ کي خابرو + سوز پڇ ۽ سور پڇ پر درد پنهاني نہ پڇ
٥. حسن هوتن جي اڳيان شمس و قمر تارا شکي + حسن پرور جي حسن تي دل جي حيراني تہ نہ پڇ
٦. خاڪ پنهنجي دلربا کان گهر دوا ديدار جي + ديد بازي ۾ شفا بي خاص احساني نہ پڇ

پر پتنگن جي سڙڻ پچڻ جي پچر فقير خاڪ جي هينين ڪافي ۾ وري هئن پچاريل آهي

(ڪافي)

عشق جي ايوان ۾ مشتاق لک مرندا ڏٺم + شمع رخ جي شعاع تي سو سو پتنگ سڙندا ڏٺم

١. قيس قابل ڪئن ليلیٰ متي مجنون ٿيو + بره وارن جا بلاشڪ لک پنا پڙهندا ڏٺم
٢. رمز رانجهن کي لڳي وئي هير واري حسن جي + جهنگ سيالن جي اندر مرليون وڄائيندا ڏٺم
٣. سڻ قصو سسئي سلو ڪئن ڏيۓ ڏوبي جي ٻٽي + پاند اٽڪائي پنهل سان خوش ٿيئي کلندا ڏٺم
٤. ڏس زليخا ذوق مون يوسف متي حيران ٿي + قَد شَغَفَهَا حُبَّ ۾ مشتاق ٿيئي ملندا ڏٺم
٥. در محمد درد وارن کي دوا درڪار آ + حسن وارن حاذقن وٽ خاڪ سپ ڦرندا ڏٺم

# بيان حياتي ابدي طيبه جو

**44-(بيت)**

مرڻا اڳي جي مئا جڳ جڳ سي جين

سي موتي ڪين من جيڻ ڪان اڳي جي جيا

شرح - فهيم فڪري فهم جو فائق فرمائي رهيو آهي تہ جي جوڳي ڦوڳي طالب حق جا طلب تمام جي تاس ۽ اج اداس سان پنهنجي نفس سرڪش جي خراب خواهشن ۽ سيئہ سڌن ڪي ماري موت اضطراري ڪان اڳي پاڻ ڪي اختياري موت سان ماري محبت مزيد محبوب معنوي سان پاڻ ڪي حيات ابدي جو حقدار ڪيائون انهن ڪي ڪڏهن بہ موت اضطراري ٻيهر ماري نہ سگهندو مگر فقط ظاهري طرح هنن جي تن تي موت طاري ٿيندو جڻ تہ هڪڙي شهر مان لڏي ٻي شهر ۾ حياتي فاني ڪان ڇٽي حياتي ابدي باقي ماڻي رهيا آهن چو تہ هو صاحب صادق حب حقاني سبب حياتي ابدي حاصل ڪري چڪا حقيقت جي حال محرمن صوفين وٽ هوائي نفس جي نيستي ڪي موت چئبو آهي ۽ حق جي حب ۽ محبت ڪي عاشقن جي اصطلاح ۾ حيات ابدي سڏبو آهي پر حياة المعرفتہ ۽ حياة البشريتہ جي وچ ۾ فرق ۽ سنڌو آهي- بشريتہ جي حياتي وارو ائين آهي پنهنجي قالب ۾ جيئن جو ميت پنهنجي قبر ۾ پوءِ انهي ڪي پنهنجي وجود مجازي جي ظلمات ۽ اونداهي ڪان نڪرڻ غير ممڪن آهي ۽ اهل الله حيات الموفتہ سان جي ۽ جيرو آهي پوءِ حياة البشريہ بفحوي الڪريمہ زيرين زائل ٿي وڃي ٿي ڪل نفس ذائقتہ الموت) پر حيات الموفتہ ڪڏهن بہ زائل نہ ٿيندي آهي موجب حڪم هينين آيت الاهي جي نحيينہ حيلوتہ طيبتہ يعني اسان ضرور هن ڪي حياتي پاڪ ڏينداسون) تنهن ڪري مومن مشتاق اهل معرفت جو ٻنهي جهانن ۾ حي ۽ جيرو آهي جيئن جو مومن صادق جو جي هجڻ هن هينين حديث پاڪ سان پڻ ثابت آهي المؤمن حي في الدارين) يعني مومن ٻنهي جهانن ۾ جيرو آهي) انهي حقيقت حال تي هي هينيون بيت فارسي پڻ صادق آهي (بيت) نميرد هرڪرا جانش تو باشي خوشاجاني ڪہ جانا نش توباشي) يعني نہ مري اهو جنهن جي جان تون هجين اهو ساهہ گهڻو سرهو جنهن جو سڄڻ تون هجين) پر جناب خواجہ حافظ شيرازي پڻ فرمايو آهي تہ جيڪو بہ عشق ايزدي سان جيرو ٿي چڪو آهي اهو ڪڏهن بہ نہ مرندو بلڪ هميشہ حيات طيبہ ابدي جو حقدار ٿي رهندو جيئن جو سندس هن هينين بيت مان ظاهر آهي (بيت) هرگز نميرد آنڪہ دلش زنده شد بعشق ثبت ست بر جريدهء عالم دوام ما- پر تفسير فارسي ۾ شاہ ڪرماني هي آيت ايندڙ پڙهي من ڪان ميتافا حييناه) يعني جو شخص بہ مئل آهي پوءِ انهي ڪي اسان جيرو ڪريون ٿا) علامہ ڪرماني آيتہ مذڪوره پڙهڻ ڪان پوءِ فرمايو تہ هن آيت مان زنده هجڻ واسطي ٽي نشانيون نروار آهن 1. هڪ خلق ڪان عزلت ۽ گوشہ نشيني 2. حق جي دعوت جو داعي هجڻ 3. زبان ۽ دل تي ذڪر جو دوام ڪرڻ) هڪڙي بزرگ صاحب انهي معنىٰ ڪي نظم ۾ هينين ريت نروار ڪرڻ فرمايو آهي (نظم) بر روئي خلائق در صحبت مڪشاني مي باش بڪلي متوجہ بخدائي غافل مشواز ذوق دل و ذڪر زبان تا زندهء جاويد شوي درد وسرائي) هن ساري تحقيق مان هويدا ۽ ظاهر آهي تہ حي حقيقي اهو هوت آهي جو نہ مئل آهي ۽ نہ ڪڏهن بہ مرندو بلڪ هو هميشان جي قيوم دائم قائم آهي ۽ هوندو انهي هوت جو نالو مبارڪ شريعت ۽ طريقت ۾ الله آهي ۽ ماسوي الله ميت آهي جو تہ اهو عدم ۾ ميت هو وري بہ جلد مرندو جيئن جو حافظ جي هن هينين بيت مان هويدا ۽ عيان آهي.(بيت) من هماندم ڪہ وضو ساختم از چشمئہ عشق چار تڪبير زدم يڪسره تر هرچہ ڪہ هست) مراد مون مقام عشق ۽ فناءِ جي تي پهچڻ سان معلوم ڪيو تہ مڙئي مخلوق ميت ۽ مئل آهي- پر جيڪو بہ جيري جانب جاوداني سان جڙ لڳائيندو سو بہ جهانن ۾ زنده ۽ جيرو ٿي رهندو جيئن جو زيرين ڪافي خاڪ جي مان پڻ جڙ لڳائيندڙ جو جيرو هجڻ ثابت آهي

(ڪافي)

جيري سان جڙ لڳائي جيرو بہ ٿي ويس + ديد از دلربا جو ديرو بہ ٿي ويس

١. نروار نهن اقرب ۾ نيهن نازڪن + غمزن جي گهير گهٽ جو گهيرو ٻہ ٿي ويس

٢. ذاتي تہ ذوق اندر قربن جو اڳ ڪنل + ڪاتي ڳٽڻ جي آڏو ڳيرو ٻہ ٿي ويس

٣. لڪ لن تراني ڇهبڪ دل جان تي جهلي + هيراڪ حسن هوتن هيرو ٻہ ٿي ويس

٤. سهٽن جي صحبت اندر سهٽو ٻہ آهيان + ميرن جي ماٺ ۾ ميرو ٻہ ٿي ويس

٥. ٿي خاڪ پاڪ پاڪن جو پير چڏ ڪڙي + پاڪن جي پيروي جو پيرو ٻہ ٿي ويس

## سلوڪن وارن وٽ خمر نالو نور روحاني جو آهي

45- (بيت)

جي اٿئي سڌ سرڪ ۾ ته وڃ ڪلالڪي هٽ
لاهي رک لطيف چئي مٿو ماٽي وٽ
سر ڏيئي ۾ سٽ پيج ڪي پيالين

شرح- جناب شاه شعراءُ سنڌ فرمائي رهيو آهي ته اي طالب صادق سلوڪي سالڪ جي توکي شراب طهورا جي سرڪ پيڻ جي سرير ۾ سڌ آهي ته تون هردم حضرت ساقي جي ميخانه جو در پاڪ وني ويهه پر ويهڻ کان اڳ ۾ وڃڻ سر سڄڻ تان صدقي ڪري پنهنجو مٿو ميخانه جي مالي وٽ رک ته پاڻ سڄڻ ساقي توکي پنهنجي هٿ مبارڪ ساڻ کي پرت جون پياليون پري پياري جو ته پياسن کي پاڻ ساقي سائين پنهنجي هٿ پاڪ سان پيالو پري پياريندو آهي جيئن جو زيرين آيت الاهي بيت مذڪور جو پورو پورو شرح شافي ۽ حجت ڪافي آهي وسقاهم ربهم شرابا طهورا) يعني پاڻ پياريندو پروردگار انهن کي شراب پاڪ) هن آيت الاهي جي تفسير جو بيان تفسير ڪلام الرحمٰن ۾ هينين ريت لکيل آهي ته جناب حضرت هادي زبر جد ۽ ياقوت ۽ چاندي سفيد جي ساغرن ۾ بي واسط پنهنجي بي مثل هٿ مبارڪ سان شراب پاڪ پنهنجن پيارن مقربن مشتاقن کي پاڻ پياريندو تانجو أجايلن جي دهان ۽ وات وارن چپن تائين پيالو پهچايو ويندو- پوءِ سلوڪي سالڪ ۽ طالب صادق کي گهرجي ته پيٽ ڏٽي گهوٽ جي نظريه ۽ آيت الاهي جي ارشاد موجب حضرت ساقي جي ميخانه جو مدامي مهمان ٿي رهي ته پاٺئي پياريندڙ ميزبان مٿس مهربان ٿي ڪيس پنهنجي هٿ مبارڪ سان پاڻ پرت جا پيالا پاڪ پياري اهڙي سخي سهٽي ساقي جي ميخانه مقدس تي مهمان ٿيڻ بابت فقير خاڪ جي هينين غزل ۾ هن طرح هدايت ڏنل آهي

(غزل)

محبت ميڪده جي مي مٿي مستان ٻڻجي وڃ + سقاهم ربهم ميخانه جو مهمان ٻڻجي وڃ

١. نشي ۾ نيهن نازڪ جي سدا نروار ٿي رهه تون + نگهه جي تير تڪ اڳيان نئون نيشان ٻڻجي وڃ
٢. محبت مچ مچائڻ لئي مٿو پنهنجو وجهي مچ ۾ + پچي مچ ۾ پرين وٽ پاس ٿي پروان ٻڻجي وڃ
٣. محبت ميٺ سان ماٺهو ٻٽي پو ويهه ماٺهن ۾ + محبت جي نه ٿي من ۾ ڏکو حيوان ٻڻجي وڃ
٤. سلوڪي سير سبحاني ڪيو في الارض سيرو سان + دلي ديدار دلبر تي چريو ديوان ٻڻجي وڃ
٥. حبيبي حب ۾ هردم رهي حورن کي ڪر حيران + رسو رحمت وني فردوس جو رضوان ٻڻجي وڃ
٦. عمل ايمان جهڙي ڪا به دولت ناهه دنيا ۾ + عمل ايمان جي دولت ساڻ خود ايمان ٻڻجي وڃ
٧. رتي ماسي محبت سان رنل راٺو رجهائي جو + رئڻ جي راڳ رندي سان رضا رحمان ٻڻجي وڃ
٨. سچن جي سون صحبت ٿي سچن سان ٿي سچو رهه تون + سدا سيرت کي سينگاري سچو انسان ٻڻجي وڃ
٩. ڪدورت قلب مان ڪينو ڪيڏي تون خاڪ خادم ٿي + ڪري خدمت سچو مخدوم ۽ سلطان ٻڻجي وڃ.

پر بي هي آيت الاهي پڻ شاه صاحب جي نظريہ موجب سندس بيت مذڪور جو شرح شافي آهي يا ايها الذين آمنوا انما الخمر والميسر الخ روح البيان واري جي رائي رفيعہ موجب هن آيت جي لفظ آمنوا ۾ اشارو حقيقي ايمان ڏي آهي جو اهو ايمان حقيقي عنايت ايزدي جي قلمہ سان مومنن مشتاقن جي قلبن ۾ حق جي ڪتاب ڪريمہ ڪان مستفيد ۽ نفع ياب آهي- شل اهڙو ايمان حقيقي هر حبدار هوت هادي جي ڪي عطا هجي 2- تہ آيتہ ۾ لفظ خمر جو آهي روح البيان جي رمز موجب خمر جو اشارو شڪر سبحاني ۽ نور روحاني ڏي آهي جو نور روحاني مخلوقيات جي اوليات علوي اعلیٰ آهي ۽ انهي نور روحاني علوي جون طبعي علامتون هي آهن 1. هڪ طاعت ۽ عبادت 2. نياز ۽ نوڙت رب ڪريم جي رضا لاءِ نہ ڏيکاءِ ۽ رياءَ لاءِ- پوءِ انهن وصفن وارو ماڻهو مثل ملڪ مقرب جي آهي پر ان جي مخالف خمر ممنوع ۽ حرام آهي جنهن تي ظاهر آيت جو نص نروار آهي اهو خمر هوائي نفساني وارو آهي جنهن ڪي ظلماني نفساني سفلي سڏيو ويو آهي جو مخلوقات جي اخرويات ڪان آهي انهي جون طبعي علامتون هي آهن 1.سرڪشي 2. مخالفت 3. انڪار 4. هٺ ۽ استڪبار- رب ڪريم جي عبادت ڪان انهن وصفن وارو ماڻهو شيطان شقي جي مثل آهي پوءِ جڏهن اهڙي خمر جي غلبہ سان عقل جو نور مغلوب تي وڃي تو ۽ هوائي نفساني جي اونداهين مٽس غالب رهي تي تہ هو حق جي هدايت ۽ طريق ڏي نہ تو رجوع ٿئي پوءِ انهي جو نفس اماره بالسوءِ جي نالي سان نروار رهي تو ۽ نفساني شهوتن ۽ حيواني لذتن سفلي جي سڪر ۽ نشي ۾ مدهوش رهي تو جنهن تي شيطان سواءِ لگام ڏيڻ جي سوار تي گمراهي جي گرداب ۾ اڇلائي بوڙي تو تان جو هن ڪي گناهن ۾ غوطا ڪارائي هلاڪ ڪري تو- اهڙي خمر ڪي لقب لولاڪ جي مالڪ شارع عليہ السلام ام الخبائث جو ڏنو آهي جيئن جو هن هينين حديث حبيب الله مان ثابت آهي قال عليہ السلام الخمر ام الخبائث) فرمايو رسول ڪريم تہ شراب مڙني مناين جي ماءُ آهي) هن حديث مبارڪ جي عبادت مان عاقلن ۽ عاشقن ڪي هي بہ اشارو آهي جيئن جو ظاهري شراب خراب مناين مجموعن جي ماءُ آهي تيئن خمر حقيقي حب حبيبي وارو جنهن ڪي نيهن وارن نور روحاني جو لقب ڏنو آهي سو بہ همه حسنات ۽ نيڪين جي ماءُ آهي هن ثوري لکڻ مان – عاقل ڪي اشارو ثوڙي ڪي ثارو- تنهن ڪر عارف ايزدي ۽ رند روحاني سدائين حضرت ساقي سخي ڪان خمرو حدت روحاني گهرندا رهندا ۽ سندس ذوق شوق ۾ رات ڏيهان رت رڙندا رهندا آهن – انهي خمر روحاني جي سرڪ حاصل ڪرڻ واسطي ساقي جي اڳيان زرمال ڇا پر سر بہ صدقي ڪرڻ ڪان نہ ٽرندا آهن، جيئن جو پٽ ڌڻي جي بيت مذڪور مان ثابت آهي- اهڙي پيالي پيڻ جا پياسي سوين هزارين ڇا بلڪ لکين ڪروڙين تي گذريا آهن ۽ ڪي اڄان تائين هوندا- جن مان ڪن پياسن جو حال خير مقال هيٺ ڏجي ٿو جيئن جو خواجہ حافظ شيرازي پنهنجي پياري ساقي ڪان پيالو ۽ ساغر هئن گهري رهيو آهي الايا ايها الساقي ادرڪا ساونا ولها ڪہ عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلها) خبردار اي ساقي مون ڪي پاڻ پنهنجي هٿ سان پيالو ڏي چو تہ پهريون عشق سهنجو هوندو آهي پر پوءِ دشوار ۽ مشڪل تي پوندو آهي) تنهن ڪري تنهنجي هٿ حڪمت واري پيالي پيڻ سان پوئين مشڪلات بہ حل تي ويندي چو تہ جيستائين تون عنايت ارزاني فرمائي ٻانهہ ٻيلي ۽ همراهہ نہ ٿيندي تيستائين سڪي جي سمنڊ عميق مان ڪير تاري ڪنڌي ڪرڻ فرمائيندو سڪي جي سمونڊ سندي سرتاج سنڌ هئن خبر ڏئي رهيو آهي (بيت) سڪي جي سانباهہ جڏهن ٻڌن جي ساهڙ تني ڪي ٻولي ٻنهي ڪنڌيين) هن بيت ۾ سڪي جي سفر مان مراد وحدت جي واٽ وٺڻ آهي وحدتي واقفن ڪي جڏهن پنهل پاڻ پنهنجي پاڪ هٿ سان پرت جو پيالو پياري ڇڏيندو آهي تن ڪي سڪي جي سفر ۾ اڄ ٻڪ جي ڪا بہ پرواهہ ڪانہ هوندي آهي چو تہ انهن جي اُڄ انهي ڏينهن ڪان وٺي اجهامي ويندي آهي جنهن ڏينهن ڪان پنهل پاڪ هٿان پيالو پي ونندا – تنهن ڪري ظاهر زماني واري پاٽي پيڻ جي گهٽو ڪري ڪيس ضرورت نہ پوندي آهي جيئن جو اڄ اجهائڻ بابت پٽ ڌڻي جو فيصلو پڻ هن هينين بيت مان پڌرو آهي.

(بيت)

محبت جن جي من ۾ تن تشنگي تار،

پي پيالو اڄ جو، اڄ سين اڄ اثار،

پنهل پاڻ پيار، ته اج سان اجا اجهائيان.

جناب حافظ صاحب جي بيت ۾ لفظ ساقي جو ڪم آندل آهي ۽ پٽ ڏٽي جي بيت مذڪور ۾ لفظ ساقي جي بدران لفظ ڪلال جو ڪم آندل آهي مطلب مال بنهي جو هڪڙو آهي فقط لفظن ۾ ٿورو تفسير ۽ فرق آهي ساقي جي لفظ جي معنیٰ پياريندڙ آهي پر ڪثرت استعمال موجب ساقي شراب پياريندر کي چوندا آهن – صوفين صديقن جي اصطلاح ۾ ساري جي لفظ مان چار شخص مراد آهن 1. پهريون حضرت حق تعالیٰ بفحوي الڪريم وسقاهم ربهم شرابا طهورا) پر انهي حقيقت تي گلشن راز جي شرح هئن روشني وجهڻ فرمائي آهي ته افعالي مرتبن جي تجليات ۾ حق تعالیٰ پاڻ ساقي ٿي پنهنجن عاشقن صادقن کي شراب پاڪ پياري ٿو ۽ جڏهن اهي اهو شراب پاڪ پيئن ٿا ته محو ۽ فاني ٿي عشق جي ڪشاڪش ۽ سختين کان رهائي ۽ ڇوٽڪارو لهن ٿا 2. ٻيو ساقي مان مراد مرشد ڪامل آهي جو اهو مرشد محمد مصطفیٰ احمد مجتبیٰ صلي الله عليہ وسلم آهي جيئن جو مرآة المعاني وارو فرمائي رهيو آهي- مرشد ڪامل درينجا مصطفاست هم نبي وهم ولي را رهنما ست) 3. ساقي مان مراد شيخ آهي جو پڻ نائب نبي ڪريم رئوف رحيم صلي الله عليہ وسلم جو آهي بفحوي الشيخ في قومه ڪالنبي في امته يعني مرشد پنهجي قوم ۾ ائين آهي جيئن نبي پنهنجي امت ۾) 4. ساقي مان مراد معشوق آهي جو شائق سندس رخ مبارڪ جي جام مان حسن معنوي جو شراب پين ٿا جيئن جو زيرين بيت مان ظاهر آهي- ساقي و پير مغلن و مطرب اشعار خوان مرشد ڪامل بود درياب اورابي گزند) اهو سارو تحقيق انيق ساقي جي مرادن مختلفن وارو حافظ ديوان جي شرح معتبر بدر الشروح ۾ موجود آهي- پر مرشد ڪامل جي حڪم جي تعميل بابت جناب حافظ ديوان وارو هئن فرمائي رهيو آهي- بمي سجاده رنگين ڪن اگر پير مغان گويد ڪہ سالڪ بي خبر نبودز راه ورسم و منزلها) هن بيت جي تشريح ۾ جناب بدر الشروح وارو لکي ٿو تہ- مي مان مراد عشق الاهي آهيءِ سجاده مان مراد وجود مسعود سالڪ جو آهي- ٿورو اڳتي هلي ساڳي صفحہ ۾ فرمايل آهي. اي طالب پنهنجي وجودي سجاده کي صباغ خانہء و من احسن من الله صبغته عشق جي شراب سان رنگين ڪر 12- پر ڪي جاهل صوفي وري پاڻ کي ظاهري شراب خراب سان رنگين رکندا آهن جن کي صوفين صديقن ۽ سچن سلوڪ وارن وٽ ڪا بہ وقعت ۽ وزن ڪونہ آهي پر پاڻ کي سچن جي نظريہ موجب روحاني رڱ سان رڱڻ بابت فقير خاڪ جي زيرين ڪافي مان پڻ عبرت پذير سبق حاصل ٿئي ٿو

(ڪافي)

رنگريزن ڪان ملي تي روح رڱ دل کي رڱڻ + استري عشقي ڏياري ڏي زبان ڳل کي رڱڻ

١. بره واري باغبان سان گهم وڃي گلشن جمال + گل جي صحبت مان ملي بي ريب بلبل کي رڱڻ
٢. وڃ نرولي نيهن وارو ڪونج وانگي ڳول ڪو + هنجهہ جنهن جي هنج ۾ لک ڪونج ڪرڳل کي رڱڻ
٣. صبغة الله سوز وارا حشر تائين رنگريز + ملڪ ۾ موجود ڏيندا قلب ڪٽيل کي رڱڻ
٤. آدمي نيت سبب ميرا موتائن ٿا لتا + جي نہ قلزم فيض وٽ وڃ ٽڻ ۽ جهنگل کي رڱڻ
٥. قلب ميرو دست ڌوبي درد واري ڪان ڌوار + روح ريشم بوسڪي دل من جي مليل کي رڱڻ
٦. بافتو بدين سندو ۽ جرم جي جوڙي سجي + ڌوهہ جا ڏوريا ڏئن باور جي بخمل کي رڱڻ
٧. خاڪ مخفي ملڪ ۾ ڪيئي رهن ٿا ڪاپڙي + جاچ جوڳي جوءِ ۾ جت روح رتيل کي رڱڻ

پر جناب حضرت مولانا مولوي معنوي پنهنجي مثنوي شريف ۾ صبغتہ الله جي رنگ کي هينئن ريت بيان ڪرڻ فرمايو آهي جو پڻ عالمن عاقلن ۽ عارفن ڪاملن واسطي قابل توجہ آهي (مثنوي) گاؤر ارنگ ازبرون مردرا، ازدرون

دان رنگ سرخ وزردرا، رنگهائي ليک از خم صفاست رنگ زشتان از سيه آب جفاست صبغتہ الله نام آن رنگ لطيف لعنتہ الله بوئي اين رنگ کشيف) مطلب تہ مشتاقن مدهوشن ۽ صوفين صادقن واسطي حضرت ساقي سائين جو ميخانو مدامي مکشوف ۽ کليل رهي ٿو- پر پاڻ سڄڻ ساقي پنهنجن پياسن کان ڪو وقت بطور امتحان ۽ پرکا جي نقاب جي ماتحت روپوش رهي ٿو، تنهن ڪري سالڪ صادق سدائين سوز گداز ۾ جا لگد از ۽ سوداءِ سرجوشي ۾ محو ۽ سرگردان رهي پنهنجي خيالي پروبال سان پرواز ڪندا رهندا آهن تہ من ڪڏهن نہ ڪڏهن ميخانہ جو مالڪ مهربان ٿي پنهنجن پياسن ۽ مشتاقن کي مهمان ڄاڻي مرحبائي جي صلہ ۾ پنهنجو مهن مبارڪ ڏيکارڻ فرمائي تہ ممکن آهي چو تہ عام رواج موجب ميزبان پنهنجن مهمانن سان ملي ملاقاتون ڪرڻ فرمائيندو آهي تنهن ڪري محبت معنوي جي متوالن کي ڪڏهن بہ ميخانہ مبارڪ کان مهن مٽڻ نہ گهرجي بلڪ مدامي مي جي محبت ۾ محو ٿي مستغرق رهڻ گهرجي، جيئن جو هينين ڪافي فقير خاڪ پر فراق جي مان سڪايل جي سرجوشي ۽ مشتاق جي مدهوشي پڌري آهي.

(ڪافي)

عاشق کي سڄڻ ڪارڻ سوداءُ ۽ سرجوشي + خوشرو کي وٽيل آهي شب روز ۾ روپوشي

١. در ڪوب مٿي ساقي کو جام پري پياري + تا طرب سري طبعي بيو سکر تي مدهوشي

٢. ميخانہ منجهان ساقي آواز خوشي آيو + آزرده نہ ٿي ميڪش جاري رهي مينوشي

٣. مجنون سيه زلفن ليلیٰ جو خريدار آ + ليلن ۾ ليلیٰ خاطر مجنون کي بيهوشي

٤. مشتاق ڪري دانهو تو دلدار جي در گهر وٹ + خناس سيه رو ڏئي خطرن جي تو ڪن گوشي

٥. غواص طرح در عدن بحر مان ملندو + سڪ ساڻ صدف دل ۾ گوليان بقلب ڪوشي

٦. رک خاک سدا سيني سک سرک سرمدي جي + پر جوش فغان ساڻ ڏکي درد دلق پوشي

# عاشقن جي گستاخي بہ عين ادب آهي

**46- (بيت)**

ڪيئي ڪان ڪمان مون ميان نہ مارج مون

مون ۾ آهين تون متان تنهنجو ئي توکي لڳي

شرح – هن بيت ۾ ظاهري طرح عاشق صادق جي پنهنجي پنهل پاڪ سان جو حقيقي هوت آهي گستاخي نظر اچي ٿي پر اها اهڙي نموني واري اهل ظاهر وارن وٽ گران گستاخي آهي پر اهل باطن وارن وٽ جي صاحب سلوڪي سوز گداز ۽ صدري سڪ ساز سان ممتاز آهي تن جي گستاخي گستاخي نہ آهي بلڪ عين ادب آهي جو تہ انهن عاشقن صادقن کان اهڙا اشعار گستاخانہ عشق ايزدي جي جوش جذبي کان بي اختيار جاري ٿي ويندا آهن جي حقيقت وارن وٽ بي ادبي نہ آهن بلڪ عين ادب آهن تنهن ڪري جناب لطيف جي لات مذڪوره پڻ جوش جذبي جو باعث ۽ ڪارڻ آهي نہ غير- اهڙو جوش خروش وارو ڪلام عارفن ڪاملن ۽ سالڪن صادقن وٽ گهڻو ڪري ادب ۾ شمار آهي نہ گستاخي ۾ جيئن جو زيرين آيت زرين مان جا آيتہ الاهي بيت مذڪور جو پورو پورو شرح شافي ۽ حجت ڪافي آهي تنهن مان چٽي طرح صفائي سان ثابت آهي ان هي الافتنتڪ) س اعراف) يعني نہ آهي اهو مگر تنهنجو فتنو) هن آيتہ الاهي ۾ حضرت موسیٰ عليہ السلام نهايت جذبہ ۾ اچي انهي وقت اهو گستاخانہ نغمو نروار ڪرڻ فرمايو آهي جنهن وقت ناگاه سندس نظر انهن بني اسرائيل وارن مشيرن تي پيئي جي طوري تجلي جي تاب شديد سبب مئل ڏنائين تنهن ڪري هڪدم جوش زن ٿي فتنهجي نسبت پنهنجي رب ڪريم رئوف رحيم ڏي ڪري چڪو آهي جا نسبت ظاهر ۾ وڏي بي ادبي ۽ گستاخي آهي پر حقيقت جي رنگ روحاني موجب گستاخي نہ آهي بلڪ عين ادب آهي جو تہ حضرت موسیٰ عليہ السلام مٿين مشيرن ۽ مولا پاڪ جي وچ ۾ دلال هو تنهن ڪري ڪمال قرب أنس ۽ و روح جي ڪي پهچي اهڙي جراعت ۽ گستاخي تي تيار ٿي اقدام فرمائڻ لڳو آهي- چاڪاڻ تہ دلال بہ محبوبيت جي درجي ۽ مرتبي ۾ ممتاز هوندو آهي تنهن ڪري موسیٰ عليہ السلام قدوسي ڪلام ۽ رسالت رب الانام سان نوازيو ويو آهي توڙي جو طوري تجلي سان بيهوش ٿي چڪو هو مگر مٿين مشيرن وانگي اقٿ مري ويل نہ هو – جو تہ هنن بي ادبن قدوسي ڪلام ڪي بطور امتحان ۽ ابتلاءُ جي ٻڌو هو تنهن ڪري بي ادبي جي سزا پوري پوري پوڳيائون جو انهي سزا ۾ اقٿ مري ويل نظر آيا جن جي اقٿ مرڻ موسیٰ عليہ السلام جو جذبو جاڳايو جنهن ڪري انهي گستاخانہ جملہ ڳالهائڻ جو مرتڪب ٿيو پوءِ موسیٰ جي پرجوش عتاب سان ڪين رب ڪريم جيرو ڪرڻ فرمايو- باقي حضرت موسیٰ عليہ السلام هنن وانگي نہ مئو فقط بيهوش ٿيو جو تہ حضرت موسیٰ قدوسي ڪلام بطور تڪريم ۽ اجلال ٻڌو هو نہ بطور امتحان جي- تنهن ڪري سندس گستاخي بہ الله تعالیٰ وٽ عين ادب نظر آئي انهي سبب سندس عرض عتاب تي مئل مشيرن مذڪورن ڪي ڏٽي تعالیٰ دوباري جيرو ڪرڻ فرمايو- پر حضرت مولانا قدس سره پڻ پنهنجي مثنوي ۾ فرمايو آهي تہ گستاخي عاشق جي ترڪ ادب جو نہ آهي بلڪ عين ادب آهي گفت گوئي عاشقان در ڪار رب جوشش عشق ست نہ ترڪ ادب هر ڪہ ڪردار جا مئہ يڪ جرعہ نوش نہ ادب ماند درو نہ عقل و هوش) پر فقير خاڪ وري فراق ۽ جذبہ جدائي جي جوش ڪان پنهنجي جاني جي جيار ڪي هئڻ چئي رهيو آهي (بيت) ڪيئي ڪان ڪمان مون هوت نہ هٽج هاڻ، مون ۾ آهين پاڻ تمان تنهنجو ئي توکي لڳي) پر هينئن ڪافي فقير خاڪ جي جواني جي اوج ۾ تخلص خطائي سان چيل آهي جا ڪافي پڻ ظاهر وارن وٽ گستاخي سان پرپور نظر اچي ٿي پر باطن وارن وٽ عين ادب آهي

(ڪافي)

نگار رخ تي نقاب ڇا ڪون وڏو اٿو آ خيال ڪهڙو + نقاب رخ تان پري ڪرڻ ۾ رسي ٿو وبال ڪهڙو

١. نظر ۾ نازو ادا سان نازڪ عشاق جي دل لٽي ڪسي پو + ڏئي جدائي جگر جلائڻ ۾ آ اوهان جو جلال ڪهڙو

٢. رموز چشمن اوهان جي ريهي چريو ۽ مجنون مون کي بنايو + اجان بہ رخ تي نقاب آٿڻ عجب هي ڏاريو خصال ڪهڙو

٣. نقاب رخ تي وجهي نہ شمس و قمر ۽ اختر اوهان وجهو ڇو + نقاب لاهي نهار نازڪ نظر سان ٿيندس نهال ڪهڙو

۴. فراق تنهنجو سقر جي آتش سڙن ٿا عاشق نفعو اوهان ڇا + جي تيخ بران سان مون کي مارين تہ تنهن ۾ تنهنجو ڪمال ڪهڙو

۵. فراق ۾ ڇا مهينہ هفتا لنگهي ورهہ ويا وڇوڙي اندر + اجان عنايت وصال ناهي سنگين دل ٽئين ڪلال ڪهڙو

٦. دنيا جا اڪثر عجيب رخ جي ضيا کي رخشان رکن مدامي + لکين پتنگ ٿين شهيد تنهن تي اوهان قبوليو مثال ڪهڙو

٧. زڪواة جيڪو ڪدي نہ گنج جمال مان سو سخي نہ سڏبو + انهي تونگر جمال جي کي ڏسيو تہ جاه و جمال ڪهڙو

٨. خدارا خوشرو ڪلي ڏيکاريو ديدر دلڪش حياتي اندر + مرڻ کان پو جي قبر تي ايندا اهو اسان لئي وصال ڪهڙو

٩. فراق ساڙي بدن کي ٻاري ڇڏيو رهيو آهہ ساه باقي + منگي خطائي ملڻ ملافي ملو جي جاني محال ڪهڙو

# سموند جي سيوا ڪرڻ بابت صلاح سود مند

**47- (بيت)**

سيوا ڪر سمنڊ جي جنهن ۾ جر وهي ٿو جال

سوين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لعل

جي ماسو ملئي مال تہ پوڄارا پر ٿي وڃين.

شرح- جناب سرتاج سنڌ جي نظريہ موجب سمنڊ ٽن قسمن تي ورهايل آهي هڪ سمنڊ وحدت جو جنهن جي ڪنڌي ڪناري جو ڪنهن کي بہ ڪما حقه پتو پرو ڪونہ آهي جنهن جي هر هڪ سير ۾ سوين ماڻڪ موتي ماهر معرفت جا ماڻيندا رهندا آهن، تنهن ڪري انهي وحدتي سمنڊ ۽ قلزم عميق جي چند سيرين جي صفت لاءِ جي دنيا جا درياء مداد ۽ مس ڪجن ۽ وڻ ٽڻ قلم بنائي ملائڪ مجموعي حيثيت سان ۽ جملہ جن ۽ انسان سندس صفتن جي صفت لکن تہ ساري درياء جي مس سکي کپي ويندي ۽ وڻن وارا قلم ڪيئي پڇي پري پورا ٿي ويندا ۽ ماڻهو جن ملائڪ لکڻ کان عاجز ٿي پوندا پر وحدتي سمنڊ جي شان جو ڪو پتو پرو نہ پوندو موجب مصرعہ زيرين جي- درين ورط ڪشتي غرق شد هزار) تنهن ڪري انهي قلزم بي ڪنار جي ڪڇ ڪٿ ماپ ڪرڻ ائين آهي جيئن جو منڊي ماڪوڙي ڪوهہ ۾ ويني ڪڇي اپ) تنهن ڪري جناب پنهنجي ڏٺي توکي ۽ مون کي سهڻي صلاح ڏيڻ فرمائي چوي ٿو اي اهڙي سمنڊ بي ڪنار جي سيوا ڪرڻ جنهن جي جر عميق جي هر هڪ سير ۾ معرفت جا موتي ماڻڪ ۽ هدايت ۽ حب حقيقي جا هيرا ۽ لقاء لاهوتي جا لعل سوين وهندا رهندا آهن پوءِ جي توکي سيوا ڪرڻ سبب معرفتي موتن ماڻڪن مان هڪ ماسي جي مقدار جيترو مال ملي وڃي تہ پوڄارا پر ٿي وڃين انهي نظريہ جي تائيد هن هينين آيت الاهي مان نروار آهي قل لوڪان البهر مداد الڪلمات ربي لنفدالبحر قبل ان تنفد ڪلمات ربي) چؤ تون تہ جيڪڏهن وحدتي واڪاڻ لاءِ درياءَ مس ڪجن تہ وحدتي واڪاڻ پوري ٿيڻ کان اڳي دريائن جي مس ڪٽي ويندي) پر شيخ سعدي رح بہ قلزم وحدتي بي ڪنار جي ماپ کان مغلوب ٿي بي اختياري سان هئن چوڻ تي تيار ٿي عاجزي جو اقرار ڪري ٿو توڙي جو هو هر ورق سندس نظر هشيار آڏو دفتر معرفت جي قلزم واري ڪنڌي ڪناري جو ڪو بہ پتو پرو نہ ٿو ڏئي سگهي جيئن جو زيرين بيت مان ظاهر آهي (بيت) برگ درختان سبز در نظر هوشيار، هر ورق دفتري ست معرفت ڪردگار) مطلب تہ انهي سمنڊ وحدت ۽ معرفت جي ماپ ۾ ويچارو سعدي سڳورو ڇا بلڪ لکين انبياءَ اولو العزم ۽ عرفاء اعظم عاجزانہ آواز سان زيرين مقولہ معروفہ عربي آلاپيندا ويا آهن تہ ماعر فناڪ حق معرفتڪ يعني اسان نہ سڃاتو توکي حق سڃاڻڻ تنهنجي جو) 2. سمنڊ سرمدي ۽ قلزم عميق احمدي قرآن ڪريم آهي جنهن جي ست مثل سير سمنڊ جي آهي جنهن ۾ سوين سود مند معرفت جا موتي ماڻڪ ماهرن کي جاري ساري نظر ايندا آهن پوءِ جي قرآن ڪريم جي سيوا ڪندڙ کي ڪو ماسي جيترو مال معرفت نور حقائق قرآني مان ملي وڃي تہ سندس پوڄارو عمر پر پرپور ٿي وڃي ڇو تہ حقيقت قرآن ڪريم جي ڪن ڪن پاڳ وارن تي ڪلندي آهي پر ظاهري قرآن جي قلمن پاڪن جو اهو اعلىٰ قدر آهي جن صفت ۾ دنيا جي دريائن جي مس بہ کٽي وڃي ٿي- مگر ڪلمات قرآني جو قدر اڃان بہ اڻ کٽ رهي ٿو جيئن جو قرآني ڪلمن پاڪن ڏي هن بيت هينين پٽ ڏٺي جي مان پڻ پڌرو پتو پوي ٿو (بيت) ڪوڙيين ڪتابن ۾ حرف مڙوئي هيڪ جي نظر هجيئ نيڪ تہ بسم الله ئي بس آ) پر هي هينيون بيت فارسي پڻ انهي حقيقت تي روشني وجهي رهيو آهي (بيت) بدر ياد رمنافع بي شمار ست اگر خواهي سلامت در ڪنارست) 3. ٽيون سمنڊ دنيا جو جهان ۽ دنيائي سمنڊ آهي جنهن جي بابت پٺ ڏٺي اڳي فرمائي چڪو آهي جنهن جو تفسير ۽ شرح پڻ مٿي ڄاڻايل آهي، اهو بيت هي آهي (بيت) دنيا سپ درياءُ ڪو ڪو تارو تنهن ۾، ڪي لڙهي لهوارا ٿيا ڪي طالبن توڙاهہ جن جو عشق ساڻ الله لهر نہ لوڏي تن ڪي) انهن ٻنهي سمنڊ جي سير سير ۾ بہ سوين سوين مقاصدن معرفت ۽ شريعت طريقت ۽

حقيقت جا ماڻڪ موتي لعل لڙهندا رهن ٿا پوءِ جي انهن جي سير ۾ فڪر سليم ۽ عبرتي عين عليم سان غوط خور ٿي غواص ٿيندو ته هيرا لعل ۽ ماڻڪ موتي جي ماڻڻ جو مستحق ۽ حقدار ٿيندو جيئن جو پٽائي جي زيرين بيت مان انهي ڳالهه کي ٽيڪو ملي ٿو (بيت) هي گهت غواص جيئن سمند سوجهائون پيهي، منجهه پاتار جي ماڻڪ ميڙيائون، آڻي ڏنائون هيرا لعل هٿن سان) هن هينين آيت شريف مان اشارو آهي ته انهن دريائن ۾ ٻيڙن جي ذريعي سان دين دنيا جي تجارت ۽ واپار ڪري موتي ماڻڪن جو وٽج ڪرڻ مباح ۽ جائز آهي جو دريائن ۾ سوداگري جي غرض لاءِ سوار ٿي سود پرائجي بفحوي الڪريم ولتجري الفلک بامره ولتبتغوا من فضله) يعني الله جي حڪم سان درياءَ ۾ ٻيڙين هلندڙن تي هسوار ٿي سوداگري ڪريو) تنهن ڪري انهن سموندن جي سيوا ڪرڻ مان مراد دين دنيا جو سود ۽ نفع پرائڻ آهي چو ته انهن جي سيرن ۾ سوين سودمند ماڻڪ موتي ملن ٿا پر موج جو خوف به لاڳو آهي جن لاءِ پٽ ڏٽي مٿي چئي چڪو آهي ته ڪي لهرين ۾ لڙهي ويا ڪي طالبن توڙاهه پر ڪنهن فارسي دان فرمايو آهي ته (بيت) سوده ريالنيک بودي گرنه بودي بيم موج صحبت گل خوش بدي گم نيستي تشويش خار) تنهن ڪري پٽ ڏٽي جي نظريه موجب هن دنيا جي درياءَ ۾ ماڻهو موتي ماڻڪ ڳولڻ ۽ وٽجڻ آيو آهي پر اسان ته غفلت ڪري فقط سيهي ڪمائڻ تي سندرو ٻڌو آهي باقي موتن ماڻڪن جي ڪمائڻ جي ڪوشش ئي ڪانه آهي اسان پارن جي حال پرملال تي لطيف لاڏلي جي زيرين لات پوري پوري صادق آهي. (بيت ڪيو ڪمايوم پر موتي مون نه وٽجيو سيهي جو سيد چوي وکر وهايوم، اوچتو آيوم سودو صرافن سين) مطلب ته اسان مردن توڙي عورتن خواب غفلت ۾ عمر اجائي وڃائي نڪرن پترن جا پاندا پري رهيا آهيون وگر نه موتن ماڻڪن جو وکر ڍيرو ڍير موجود آهي جيئن جو سنڌ جو سرتاج فرمائي رهيو آهي ته (بيت) وکر ڍيرون ڍير پر وهائيندڙ ويسلا ڪن وهائي وس ڪيا ڪني ڪئي اوير سٽون ڏيندي سير وکرو وکامي ويڙو) حاصل ڪلام ته غفلت ۾ گذاريل عمر ۽ جواني جوين تي پشيمان ٿي پاڻ تي ملامت ڪرڻ ۽ پنهنجي بدحال پرملال تي صدبار ڇا بلڪ هزار بار حيف ڪرڻ لائق ۽ مناسب آهي پنهنجي حال تي هي هي ۽ حيف ڪرڻ جو عبرتي سبق هينئين ڪافي فقير خاڪ جي مان ونڻ گهرجي

( ڪافي)

حيف هٿ تنهنجي ڪان وئي جوين جواني، جوت حيف + تو نه ڪئي نيڪي سندي ڪنهن ڏينهن ۾ ڳڻ ڳوت حيف.

١. لک لڏي ويا ديس پنهنجي تي وکر وٽجي کٽي + تو نه موتي وٽجيا پئي عمر ۾ آ اوت حيف

٢. برف آ تنهنجي حياتي روز سج جي تاب تي + عمر تنهنجي ٿي ڳري مقصود تنهنجو فوت حيف

٣. لڏ لڏڻ جا رات ڏيهان نڙ نغارا ٿا وڄن + تون نه اي ٻوڙا ٻڌين ٿو موت وارو صوت حيف

۴. خاڪ خالق کان گهرين وٽ ڏوهه جي معافي هتي + تو نه راتن ڏينهن ۾ روئڻ سندي ڪئي روت حيف

## آخرت جي پوک پوکڻ ۾

**48-(بيت)**

پوکين تہ پوک، جو پاڻي اتئي پاڙ ۾،
مند وينديئي نکري، سکي ٿينديں سوک،
جڏهن لڻندو لوک، سکنديں بينو سنگ لئي.

شرح – جناب سرتاج سنڌ جي صلاح موجب پوک ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي هڪ پوک دنيا جي ٻي پوک آخرت جي توکي ۽ مون کي جناب پٽ ڌڻي مشوره مفيد ڏئي چوڻ فرمائي ٿو تہ اي ڪڙمي قربدار آخرت جي پوک پوکڻ جو پاڻ ۾ پيار پيدا ڪر جيستائين جو عمر جو آب عمدو توکي الاهي دربار مان عطا آهي ۽ تنهنجي وجود واري وڻ جي پار ۾ انهي عمري آب جي سهاري هيٺ پنڌ ڪرڻ جي طاقت رکين ٿو تہ تيستائين پيو آخرت جي پوک پوک چو تہ هي دنيائي پوک پوکڻ جي جاءِ آهي نہ آخرت جيئن جو حديث شريف پڻ انهي نظريہ جي پٺ ڀرائي ڪري ٿي الدنيا مزرعت الاخرت) يعني دنيا پوک پوکڻ آخرت جي جاءِ آهي) پر جڏهن تنهنجي جسم مان عمر جو آب کٽي پورو ٿي ويندو تہ پوءِ تون ساهہ نڪرڻ بعد سڪي پانو ٿيندي وري جڏهن توکي حشر جي ڏينهن همہ سان گڏ حساب ڪتاب لاءِ اٿاريو ويندو تہ جن هتي عملن چڱن جي پوک پوکي هوندي تہ اهي اها پوکيل پوک لڻندا پر تون لاباري ڪرڻ کان محروم ٿي سنگ لاءِ پيو سڪندين تنهن ڪري توکي هتي هشيار ٿي آخرت جي پوک پوکڻ گهرجي نہ فقط دنيا جي هائو دنيا جي پوک پوکڻ ۾ بہ توکي رب ڪريم برڪت ڏيندو پر آخرت جو اجر نصيب نہ ٿيندئي جيستائين اها پوک نہ پوکيندين جئين جو انهي ٻنهي قسمن پوک جو بيان هن هيٺين آيتن ڪريمن مان ثابت آهي جي آيتون الاهي پٽ ڌڻي جي بيت مذڪور جو پورو پورو شرح شافي آهن من كان يريد حرث الاخرت نزدله في حزاثه ومن كان يريد حرث الدنيا نؤته منها وماله في الخرة من نصيب) يعني جو شخص آخرت جي پوک جو ايرادو ٿو ڪري تہ انهي کي سندس پوک ۾ وڌيڪ وڌائي برڪت وجهندا سون- پر جو شخص فقط دنيا جي پوک پوکي ٿو انهي کي ان جو نفعو دنيا ۾ ڏينداسون آخرت ۾ ڪجهہ بہ نصيب نہ ٿيندس) هن آيتن مان نتيجو عيان هن طرح آهي تہ آخرت جي پوک پوکڻ مان مراد نيڪ عمل اخروي آهن انهن ۾ اجر جو ازدياد ۽ واڌارو هن طرح ٿيندو آهي تہ هڪ نيڪي جي عوض گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ چڱايون وڌ ۾ وڌ ستن سون کان وني چوڏهن سون تائين پر جي اجان بہ ڌڻي تعالىٰ وڌيڪ ڏيڻ گهري تہ سندس رحمت جا خزانا اڻ ڪٿ ۽ وسيع آهن – هڪ نيڪي تي ڏهوڻو اجر هن آيت الاهي مان عيان آهي من جاءَ بالحسنة فله عشر امثالها) يعني جو هڪ چڱائي ڪندو انهي لاءِ ڏهوڻو اجر آهي) باقي هڪ لاءِ وڌ ۾ وڌ چوڏهن سون تائين اجر هن آية الاهي مان عيان آهي مثل الذين ينفقون اموالهم في سبيل الله كمثل حبة انبتت سبع سنابل في كل سنبلة ماعة حبة والله يضاعف لمن يشاءَ والله واسع عليم) مثال انهي شخصن جو جي الله جي وات ۾ هڪ ڪٽي جو قدر خرچ ڪن ٿا تہ انهي هڪ ڪٽي مان سائينءَ – ست سنگ پيدا ڪري ٿو- هر هڪ سنگ ۾ سؤ داڻو رکائي ٿو پر جي ڪنهن لاءِ ستن سون کي ڏوڙو ڪري ڏيکاري تہ سندس خزانو وسيع آهي- سندس خزانہ جي وسعت تي سندس نالو وسيع دال آهي پر جي اجان بہ انهي ڏيب ڏوڙي کي ڏوڙو ڪري تہ سندس اسم عليم جو اشارو عيان آهي جنهن مان هي ڳالهہ اظهر آهي تہ جيڪي ڪجهہ پنهنجي ٻانهي کي اجر ڏيڻ فرمائيندو انهي جو علم فقط کيس آهي تہ هڪ جي عيوض ڪيتري قدر ٻانهي تي ٻاجهہ ڪرڻ فرمائيندو انهي واڌو ڏيب جو اندازو الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن کي بہ معلوم نہ آهي هن آيت جي عبارت سراسر صريح خير خيرات جي ثواب تي دلالت ڪندڙ آهي پر اخروي اعملان کي انهي آيت تي قياس ڪرڻ عاقل لاءِ علامت انتباهہ ۽ بيداري جي آهي جيئن جو انهي آيت ڪريمہ جي هينان تفسير ابن ڪثير واري عمدو فيصلو ڪرڻ فرمايو آهي، من كان يريد حرث الاخرة) اي عمل الاخرة (نزدله في حرثه اي نقويه و نعينه علي باهو بصدده ونكتريماءَ ونجريه بالحسنة عشرا مثالها الىٰ سبعماءَ ة ضعف الي مايشاءَ الله) ومن كان يريد حرث الدنيا نوته منهاو ماله في الخرة من نصيب) اي ومن كان انما سعيه

يحصل له شييءِ من الدنيا وليس له الي الاخرت همه البتة حرمه الله الخر ۃ والدنيا ان شاءَ اعطاه منهاوان لم يشاءَ لم يحصل الاهذه ولاهذه وفار الساعي بهذه النيتہ بالصفقة الخاسرتہ في الدينا والاخرة ۽ پڻ هي حديث بہ انهي حقيقت تي روشني وجهڻ فرمائي ٿي وعن ابي بن كعب رضہ قال قال رسول الله صہ بشر هذه الامتہ بالسماءَ والرفعتہ والنصرو والتمكين في الرض فمن عمل منهم عمل الاخرتہ الدنيا لم في الاخرتہ من نصيب) ابي پٽ كعب جي_كان مروي آهي تہ فرمايو رسول رب جي تہ بشارت ڏي هن امتہ كي روشنائي رفعت نصر تمكين جي زمين ۾ پوءِ جنهن انهن مان عمل كيو عمل آخرت جو دنيا لاءِ انهي لاءِ آخرت ۾ كجهہ بہ نصيب نہ هوندو) پر علامہ روح البيان وارو انهي ساڳي آيت الاهي جي هينان هن طرح تحقيق كرڻ فرمايو آهي تہ آيتہ ۾ جو لفظ حرث الاخرة جو آيل آهي حرث جي معنىٰ سٽڻ ٻج جو زمين ۾- پوءِ جا شئي انهي مان هويدا ٿي حاصل ٿئي انهي تي اطلاق حرث يعني پوک جو كرڻ مباح آهي ۽ پوک جو نالو ثمرات الاعمال تي استعمال كرڻ احسن ۽ افضل آهي چو تہ حصول فائدن آخرت جو دارو مدار عمل دنيا جي تي آهي موجب حديث الدنيا مزرعتہ الاخرتہ) يعني دنيا جاءِ پوک آخرت جي آهي) انهي اعتبار سان معنىٰ آيت الاهي جي هئن ٿيندي تہ من كان يريد باعماله ثواب الاخرت) يعني جو بہ ثواب آخرت جي ايرادي سان دنيا ۾ عمل كري اهو عمل قابل اعتبار آهي ( نزدله في حرثه) تضاعف له ثوابه بالواحد عشرتہ الىٰ سبعماعة فما فوقها) يعني ڏوڙ كبو انهي لاءِ ثواب سندس هک جو ڏهوڻو ستن سون تائين اجان بہ وڌيک مافوق مولا پاک جي مشيت جو جب) پر ساڳي آيتہ سونهاري جي هينان مولانا كاشفي صاحب پنهنجي تفسير فارسي ۾ فرمائي رهيو آهي تہ چنانكہ كشت دانه مي فزايد تايكي ازان بسيار مي شود همچنين عمل مؤمن روز بروز افزوني ميگيرد تاحديک يكذره برابر كوه احد ميشود) يعني جيئن پوک هک داڻي مان وڌي وڌي گهڻي ٿيندي آهي تيئن عمل مومن جو بہ روز بروز ڏوڙو ٿيندو ايترو تہ اجر ۾ وڌي ويندو آهي جو هک ذرو نيكي جو ثواب ۾ وڌي وڌي جبل احد جيڏو اجر ۾ ٿيندو آهي تنهن كري حضرت سليمان عليہ السلام پڻ فرمايو آهي تہ تسبيحتہ خير من ملک سليمان) يعني هک تسبيح جو اجر سليمان جي ساري بادشاهي كان بهتر ۽ سرس آهي) نقل آهي تہ حضرت سليمان عليه السلام كي مال ۽ مملكت ۽ علم جي دولت آچائون تہ انهن مان جيكو بہ قبول كرين توكي هر طرح جو اختيار آهي سليمان ٽنهي شين مان فقط علم كي اختيار كري ورتو- تنهن كري تبارک تعالىٰ انهي هک علم جي طفيلي كيس مال مملكت پڻ ميسر كرڻ فرمايا جيئن جو هي بيت هک دين جي طالب كي ٻئي جهان ڏيارڻ جي بشارت ڏئي رهيو آهي

( بيت)

دنيا طلبي بهرهء دنيات دهند عقبىٰ طلبي هر دو بيكہ جات دهند.

پر جي رغبت ايمان ۾ واسطي ثواب طلبي ۽ خوف عقابي لاءِ هوندي تہ اها رغبت گهڻو كري مفيد نہ ٿيندي چو تہ رغبت جي مرض جو مريض ۽ عليل كڏهن بہ فلاح جو فوز حاصل نہ كندو جيئن جو پوک سالم سني بہ ٻج ردي سان حاصل نہ ٿيندي آهي مگر ٻج صحيح ۽ سالم سان جو سالم سنو ٻج جامع خيرات ۽ سعادت جو آهي اها سعادت عبو ديتہ الله آهي جنهن ۾ محض رضا الله جي مراد هجي نہ غير جيئن جو هن حقيقت تي روح لبيان جي هي هينين عبارت روشني وجهي رهي آهي ان الحرث لايتاءَ تي الا بالقاءَ البذر الصحيح في الرض والبذر الصحيح الجامع للخيرات والسعادات ليس الاعبوديتہ الله فلايكون العمل اخرويا الابان يطلب فيه رضي الله تعالىٰ)_پر جناب امام راغب صاحب فرمائي رهيو آهي تہ انسان ذات دنيا ۾ پوک پوكيندڙ كڙمي آهي ۽ سندس عمل پوک آهي دنيا جو جهان پوک پوكڻ جي جاءِ آهي موت جو ميقات سندس لاباري جو وقت آهي ۽ آخرت سندس لابارو آهي پوءِ نہ لابارو لڻندو مگر اهو جيكي پوكيائين ۽ نہ پريندو ماپ كرڻ سان مگر جو كجهہ گڏ كري ٻار كيائين –
نقل- هک مرد بلخ جو رهاكو هو پنهنجي غلام كي حكم فرمايائين تہ هو زمين ۾ كڻک جي پوک كري هن غلام كڻک پوكڻ جي پاران جون جي پوک پوكي پوءِ جڏهن لاباري جو وقت ويجهو آيو تہ مرد بلخي پوک ڏسڻ لاءِ آيو ڇا ڏسي تہ كڻک جي پاران جون جي پوک پڌري پديد آهي غلام كان پڇيائين- غلام جواب ۾ چيو تہ مون پاڻ ڄاڻي واڻي جَوَ انهي كري پوكيا آهن تہ جَوَن مان ڦري كڻک ٿيندي تڏهن كيس سندس سائين چيو تہ اي احمق كڏهن كنهن بہ آدمي كي ڏٺو اٿئي تہ پوكي جَوَ ۽ لڻي لابارو كڻک جو- پوءِ غلام چيو جيكڏهن ائين نہ

آهي ته پوءِ تون عمل صالح کان سواءِ ڪيئن فقط باطل ايرادن ۽ ستن نفساني تي مغرور رهي گناهن ڪرڻ سان گڏ اميد رحمت جي رکين ٿو تنهن تي سندس سائين ڏاڍو پشيمان ٿيو (بيت) ازرباط تن چوبگذشتي دگر معموره نيست زاد راه برنمي داري ازين منزل چرا) پر ڪجهه پوک بابت فقير خاڪ جي هن هينين ڪافي مان بچر پڙري ٻڌڻ گهرجي

(ڪافي)

جهڙي پيل تهڙو پيل، ٻٽي پيل نه ڪر پيل

١. هتي پوک هتي ڪاءُ رجهي پوک سان توراءُ + هتان ڇڏ نه دلي داءُ رکي رمز تي رابيل
٢. نلا نيڻ نلو نياڻ وهي پوک هلي هاڻ + رکي پوک راٽو راڻ تکو تاڻ جهڙي ريل
٣. مرون من ۾ ڪئي ويڙ ڪٽي تيغ تهين تيڙ + بنهي قبل سندي ڪيڙ بني ڪاڻ پلي بيل
٤. جهجهي جهار وجهي پيه پڪل پوک رکي ويه + بچي پوک نهي نيه ڪيو جهار وڏو ويل
٥. ڪمي ڪار ڏسي دار لٽڻ لاب لاپي لار + ڪٽي پوک ڪري بار ڪلي پوءِ ڏسج ڪيل
٦. ٻٽئي مهل تي بيباڪ وجي ويهه ڪلي خاڪ + پنهل پاڻ اچي پاڪ مکي توکي عطر تيل

پر انهي آيته الاهي مان روحاني رمز هئڻ رچايل آهي ته من کان يريد حرث الاخرته) جو آخرت جي پوک پنهنجي جهد جذبه ۽ سعيي سوز سان پوکيندو وڏائيندائسون انهي کي پنهنجي هدايت حقيقي ۽ طاعت توفيقي ۽ معارف ۾ احوالن جي صفائي سان اڄ ڏينهن عنايت ارزاني سبب ۽ صباڻي آخرت ۾ قربة ۽ مکالة ۽ درجات جي رفعة ۾ ۽ صديقن ۽ قريبن جي شفاعته ۾ هن کي وڏائيندائسون جيئن جو هي هينيون بيت فارسي انهي ڳالهه تي صادق آهي (بيت) شنيدم که در روز اميد و بيم بدان رابنيکان به بخشد کريم) ومن کان يريد حرث الدنيا نؤته منها) جو دنيا جي الفت تي اکتفا ڪندو قلبي اکين جي انڌائي ۽ ڪنن جي ٻوڙائي ۽ زبان جي گونگائي سبب ۽ حجابن ۽ پردن سبب جن پردن مان پيدا ٿين ٿيون عادتون خراب نفساني ۽ صفتون ردي شيطاني ۽ صفتون ساديون سبعي ۽ بهيمي حيواني ڏيندائسون انهي کي دنيا جي دوستي سبب آفتون الفت دنيا جون نه هوندو انهي کي اخلاق رباني ۽ صفتن روحاني مان ڪجهه آخرت ۾ نصيب- پر عرائس البيان وارو فرمائي ٿو ته حرث الاخرة مان مراد مشاهدو ۽ وصال ۽ قرب معنوي محبوب جو آهي ۽ اهو حظ ۽ نصيب عارفن جو آهي جيئن جو زيرين بيت مان ظاهر آهي (بيت) جٺان وجهي تٺان واٺ ڪپر پڇن ڪوڙيون جن کي سڪ ساهڙ جي سي گير نه پڇن گهاٽ جن کي عشق اوسات سي واهڙ پائن وڪڙي) پر دنيا جي پوک ولين ۽ عارفن لاءِ ظاهري ڪرامتون آهن پوءِ جنهن کي ظاهري ڪرامتن پلايو ۽ رپايو اهو حق ۽ معرفته الله ۽ صحبت معنوي کان محروم رهندو ۽ اهل معرفت وارن وٽ انهي جو ذرو به وزن ۾ نه ايندو بعض صوفين فرمايو آهي ته هن آيته جو مطلب آهي ته جو به جزا لهڻ جي اميد کان عاري ٿي فقط محبت محبوب معنوي جي ڪري عمل اخلاص سان ڪري ٿو انهي جي اکين آڏو س سوا سجڻ سرمدي جي سڀ شيون ساري ڪائنات جون صغير ۽ ننڍڙيون نظر ايندبون آهن، اهو ڪڏهن به دنيا ۽ آخرت جو طالب تي نه رهندو بلڪ مدامي مولا پاڪ جو طالب تي گذاريندو- حاصل ڪلام ته دنيا زينت پري زال آهي، پوءِ جو شخص به سندس زيب زينت تي شائق ۽ فاخر آهي، اهو پڻ زال جي حڪم هيٺ آهي تنهن ڪري عاقل انسان تي لازم آهي ته آخرت جي عزت ۽ احترام عملن صالحن باقين سان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش قوي ڪندو رهي نه دنيا وما فيها فاني جي – جيئن جو جناب شيخ عطار قدس سره فرمايو آهي (بيت) همچو طفلان منگر اندر سرخ وزرد چون زنان مغرور رنگ وبو مگرد) ۽ پڻ بيد عربي ۾ چيو آهي الا کل شيئ ماخلا الله باطل وکل نعيم لامحاله زائلته خبردار سڀ شيون الله کان سوا باطل آهن ۽ سڀ نعمتون ضرور زائل ٿينديون آهن) مطلب ته جيستائين مجاهدن ۽ رياضتن ۾ رافت رباني ۽ توفيق رفيق رحماني نه هوندي تيستائين فوز فلاح جي منزل ۽

منصب ماڻھ مشڪل ۽ محال آهي جيئن جو انهي صائب جي شعر زيرين جو اشارو عاقل لاءِ ڪافي ۽ ورھ واري لاءِ حجت وافي آهي تاچہ آيد روشن ست از دست اين يکہ قطعہ خاک چرخ نتو انست کردن زه کمان عشق لسا) پر جناب سرتاج سنڌ پڻ ڏاهي ٽيڻ ڪان ڏور رهڻ جي دعا گهري رهيو آهي تنهن ڪري جو ڪجھ آهي تہ پورائي ۽ اڀوجهائي ۾ آهي نہ عقل ۽ اٽڪل ۾ جيئن هن هينئين بيت مان باهر ظاهر آهي

(بيت)

الا ڏاهي م ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن

مون سان مون پرين پورائي ۾ پال ڪيا-

# نسب تي ناز ڪرڻ

49- (بيت)

سنگ پسي سرهي نہ ٿي، متان هوت نہ پنهنجو ڪن،
هت لڪين لوڏائي چڙيون، ٻانهيون ٻروچن،
در متي ئي دادليون، ڪيئي رت رڙن،
تڏهن بہ مسين ماڳ لهن، لطف ساڻ لطيف چئي.

شرح- اي اچي ذات وارا پنهنجي عمدي ذات ۽ سنگ ساداتي تي سرهو نہ ٿي بلڪ هردم هوت جي هيبت ۽ حشمت کان هراس ۽ خوف ۾ رهہ چو تہ هتي هزار ڇا بلڪ لکين لوڏايا ويا آهن تنهن ڪري ڪيئي دادليون درگاه جون پڻ رت رڙندي رڙندي مس مس لطف لطيفي جو لاڳ حاصل ڪري رهن ٿيون، تنهن ڪري تون هشيار ٿي ڪڏهن بہ غافل ٿي پنهنجي نسب ۽ ذات تي ناز نخوت نہ آڻ چو تہ ڪيچ ڌڻي ڪي ڪنهن جي نسب جي ڪاڻ ڪانہ آهي، بلڪ جي باري تعالیٰ جي بارگاه ۾ ڪجهہ ڪجهہ اهميت ۽ اعتبار آهي تہ عمل صالح کي آهي سو بہ تنهن وقت جڏهن اهو عمل صالح پوري پوري اخلاص سان هوندو جيئن جو عمل بابت هي آيت الاهي نص نروار آهي ولڪل درجات مما عملوا) يعني سڀ ڪنهن کي درجا عملن جي آڌار تي ملندا) پر جناب پٽ ڌڻي جي نظريہ موجب هي هينئين آيت الاهي سندس بيت مذڪور جو پورو پورو شرح ثابت آهي فلا انساب بينهم يومئذ ولا يتساعلون) يعني انهي ڏينهن ۾ انهن جي وچ ۾ ڪو بہ نسب نہ هوندو ۽ نہ نسب جي پڇا ڳاڇا ٿيندي) تنهن ڪري نسب تي ناز ڪرڻ عبث ۽ اجايو آهي جيئن جو هن حديث هينئين مان پڻ پڌرو ثابت آهي من ابطاء بہ عمل يسرع بہ نسبہ) جنهن شخص عمل پوئتي ڪندو انهي کي نسب تڪڙ سان اڳي ڪري نہ سگهندو ) پر جي ماڻهو پرائي پوک ۽ وڏن جي ڪمائي تي فخر ڪري پاڻ نہ ڪا ڪمائي انهن جي باري ۾ پٽ ڌڻي هئن فرمائي رهيو آهي (بيت) پنهنجي ڪمائي ڪينڪي ساراهن ڏاڏا ۽ نانا اهڙا وائي آنا ڪڪڙن ڪيريا ڪيترا) هي تحقيق انيق تہ شرعي نقط نگاه کان نروار آهي پر عشق ايزدي جي مشرب ۽ مذهب ۾ پڻ نسب کي ڪا بہ وقعت ڪانہ آهي جيئن جو مولانا جامي فرمائي رهيو آهي (بيت) بندهء عشق شدي ترڪ نسب ڪن جامي ڪہ درين راه فلان بن فلان چيزي نيست) نسب جي بابت جناب خواجہ شاہ آغا صاحب پنهنجي ڪتاب راحتہ المخلصين جي صفہ 9 - ۾ هن طرح فرمائي رهيو آهي، اسان پيرن کي نسب تي فخر ڪرڻ ڏاڍو خراب ڪيو آهي، هر ڪو پير سرهندي پائين تہ آئون خود امام رباني مجدد الف ثاني آهيان، هر ڪو پير صاحب جيلاني سمجهي آئون پاڻ پير دستگير غوث ثقلين آهيان- ماڻهن تي فرض آهي تہ اسان جا هٿ پير چمن اسان جي اڳيان سر بسجود ٿين – اسان جي ڪٽ تي هٿ رکي ساک ڪڻن اهڙو ادب ۽ احترام ڪن جهڙو اسانجن ڏاڏن جو ڪرڻ گهرجي – حالانڪ اسان جا ڏاڏا هن وقت حال حياتي موجود هجن ها ۽ اولاد جا هي حال افعال بداعمال خراب عاداتون ڏسن ها تہ هو پاڻ اسان کان بيزار ٿين ها- نہ اسان جو مهن ڏسن ها نہ اسان سان محبت رکن ها نہ اسان کي پنهنجو جاءِ نشين ۽ قائم مقام ڪن ها – سنگ پسي سرهو مَ ٿي متان پرين نہ پنهنجو ڪن، لکين لوڏائي چڙيون ٻانهيون ٻاروچن، روئنديون رت وتن جي در متي هيون دادليون) مطلب تہ نسب فقط تعارف لاءِ آهي نہ نخوت ۽ ناز ڪرڻ لاءِ-

# پيرن کي نسب جي فخر خراب ڪيو آهي

**50-(بيت)**

جي پلئين جوڳي ٿيان، سنگ سيئي ٽوڙ

تہ تون پهچين توڙ محبت جي ميدان ۾

شرح- جناب سرتاج سنڌ جن هر مشتاق صادق کي فرمائي رهيا آهن تہ جيڪڏهن تون جوڳي يعني محبوب معنوي جو محب ۽ مشتاق ٿيڻ گهرين تہ پهريان پنهنجي قلب مبارڪ مان غير جي محبت ڪيري ڇڏ ۽ غير سان تعلقاتي سنگ وارا ناتا ٽوڙي پنهنجي هوت حقيقي سان هڪ ٿي رهہ تہ محبت واري ميدان ۾ پروان وانگي پهرين نمبر پاس ٿي توڙ تائين پهچي پنهل پاڪ جي هٿان شراب پاڪ جو پيالو پيئڻ عطا ٿئي – جو تہ محبت ئي ڪارڻ ڪائنات جي ايجاد جو آهي ۽ هر نعمتن ۾ فقط محبت صادق ئي نعمت عظمیٰ آهي، جنهن جي ذريعي پنهل پاڪ پلڪ ۾ پرچي پوي ٿو – مطلب تہ جڏهن بہ محبت مزيد الفت ازيد مشتاق جي من ۾ موج زن ٿيندي آهي تہ انهي محبت جو لقب عشق اعلیٰ مبدل هوندو آهي، بيت مذڪور جي تائيد بطور شرح جي هي آيت شريف ڪري رهي آهي سوف ياءِ تي الله بقوم يحبهم ويحبونه) جلد الله آٽيندو اهڙي قوم جنهن سان پاڻ محبت رکندو ۽ اهي ساڻس محبت رکندا- مطلب تہ جن کي محبوب معنوي جي مشاهدي ماڻڻ جي محبت هوندي تن سان محبوب معنوي کي پڻ ملڻ جي محبت هوندي آهي جيئن جو هن حديث هينين مان هويدا آهي من احب لقاءَ الله تعالیٰ احب الله لقاعه ومن لم يحب لقاءَ الله لم يحب الله لقاعه) جو شخص ڏٺي جي ديدار جي حب رکي ٿو ڏٺي تعالیٰ پڻ انهي جي ديدار جي حب رکي ٿو ۽ جو ڏٺي جي ديدار جي حب نہ ٿو رکي تہ ڏٺي بہ انهي جي ديدار جي حب نہ ٿو رکي- پر هن بي حديث ۾ ابي هريره کان روايت آهي تہ حضور جن فرمايو تہ جڏهن بہ ڏٺي تعالیٰ ڪنهن بانهي سان الفت رکڻ گهري ٿو تہ جبريل کي فرمائي ٿو تہ اي جبريل تحقيق مان فلاڻي سان محبت رکان ٿو پوءِ تون بہ انهي سان محبت رک پوءِ جبريل بہ انهي سان محبت رکي ٿو – تنهن کان پوءِ جبريل آسمان وارن ۾ پڙهو ٿو ڏئي تہ تحقيق ڏٺي تعالیٰ فلاڻي سان محبت رکي ٿو پوءِ توهان بہ ساڻس محبت رکو پوءِ آسمان وارا پڻ ساڻس محبت رکن ٿا تنهن کان پوءِ زمين وارن وٽ پڻ اهو قابل قبول رهي ٿو - متين حقيقت تي هي حديث هينين هوبهو صادق آهي. ان النبي قال اذا احب الله العبد قال لجبريل يا جبريل اني احب فلانا فاحبه فيجبه جبريل ثم ينادي جبريل في اهل السماء ان الله تعالیٰ قد احب فلانا فاحبوه فيحبه اهل السماء ثم يضع له القبول في الارض) پر امام قشيري رحہ پنهنجي رساله ۾ محبت بابت هئن فرمائي رهيو آهي، جيڪڏهن تنهنجي نفس کان استقلال ڪثير ۽ تنهنجي حبيب کان استڪشار قليل سرزد ٿئي تہ انهي جو نالو محبت آهي پر اهو رايو بايزيد بسطامي کان باهر آهي - ۽ شبلي فرمائي ٿو تہ محبت نالو محبت جو انهي ڪري آهي – ماسري المحبوب کي قلب کان محو ڪرڻ فرمائي ٿي، ابن عطاءَ چوي ٿو تہ محبة آهي پاڻ کي داعمي عجيبن جي زير عتاب رکڻ – پر يحيیٰ بن معاذ جي نظريه موجب محبت جي حقيقت اها آهي جو جفا جوز ڪري بہ ڪڏهن نہ گهٽ ٿئي پوءِ محبت جنهن کي جنهن سان هوندي اهو انهي سان گڏ هوندو نہ جدا جيئن جو هن حديث شريف مان هويدا آهي المرعمع من احب) مطلب تہ انهي حديث جي تقاضا موجب محبوب معنوي جا مشتاق صادق پڻ مدامي مع الله هوندا نہ جدا – حضرت جنيد بغدادي فرمايو آهي جڏهن محبت صحت جي درجه تي موجزن ٿيندي تہ ادب جا شرائط ڪري پوندا آهن، صدبار مبارڪ انهي مشتاق معنوي کي آهي جنهن کي اهڙي رنگ رندي واري محبت ميسر ٿي آمين ثم آمين-

هن 50 نمبر بيت تي پنهنجي رسالہ خزانة العارفين حصہ اول کي في الحال پورو ڪريان ٿو – پر هتي هي هينيون بہ ٽي رباعيون آڻ موزون ۽ مناسب آهي –

رباعي نمبر ١

شرح شاه جو نيٺ شايع ٿيو + ٻڌيو مشتري خاڪ بايع ٿيو

لڪل لعل هيرا ٿي پڌرا پيا + ذرو ڪين تن مان ڪو ضايع ٿيو

رباعي نمبر ٢

خوشي خاڪ جي آهہ غفران ۾ + نظر نور نازڪ جو نگران ۾

1381 هہ

پڙهي پاڪ ڪلمو لڏي لوڪ مون + رهي باغبان ساڻ بستان ۾

رباعي نمبر ٣

سدا ساڻ ساغر ۾ ساقي رهي + ڪڏهن يار مون کان نہ ياڪي رهي

خوشي خاڪ کي خوبرو جي ڪلي + ٿيان خوش نہ بيماري باقي رهي

آخر دعوا نا ان الحمد لله رب العالمين 12-

تاريخ تماميت رسالہ ڪرڻ جي اڄ 27 – ماهہ ربيع الثاني سنہ 1381 هہ

بقلم فقير در محمد خاڪ صديقي ڪاندهلوي

## تصديقات علماءِ ڪرام

تصديقات لائق تحقيقات از قلم حضرات علماء ڪرام و ادباء عظام تصديق از قلم فيض رقم جناب محب الله داعي الي الله واصل بالله مرشدي و مربي محمد مصطفىٰ سجاده نشين درگاه ملڪاني سيف رحماني جي ۽ اديب اعلىٰ بليغ بالا صاحبزاده محمد مجتبىٰ (غالب) جي تقريظ

خلاق فطرت انسان ۾ جي انيڪ قسمن جون صلاحيتون رکايون آهن انهن مان علم ۽ عمل – عشق ۽ معرفت- طريقت ۽ تصوف مرتبه عين اليقين ۽ حق اليقين ۾ بلند معيار رکن ٿا – علوم متفرقہ ۾ فلسفہ رياضي- سائنس ۽ فقه کي اگرچ چڱو درجو عطا ٿيل آهي مگر قديم خواه جديد زماني جي بزرگن وقت بوقت سندن خشڪ ۽ تلخ تعليم کي سجائي ۽ سلوڻي بنائڻ لاءِ بين علمن جي مدد وٺڻ اشد ضروري سمجهي – جهروڪ قران مجيد سان فلسفہ جي اصطلاح ڪئي وئي ۽ حديث شريف سان فقہ جي تعمير ٿي – هن اصول تي هلندي امام اعظم صاحب هن حد تائين بہ فرمايو تہ جيڪڏهن ڪنهن مسئلہ ۾ فقه ۽ حديث متضاد هجن تہ حديث تي عمل ڪيو ۽ فقه کي ڇڏي ڏيو- اهڙي طرح روحاني تعليم لاءِ علم تصوف جي ضرورت پيش آئي جنهن جو پايو خود سرور ڪائنات عليہ الصلوات والسلام جن رکڻ فرمايو هو – جنهن جي تعمير حضرت ابوبڪر صديق- امير عمر – حضرت علي ۽ خواجہ حسن بسري ڪئي هئي. رضي الله تعالىٰ عنهم – علم عروض بہ حضرت آدم صفي الله جي زماني کان قائم ٿيو جيئن تہ هابيل جي حسرت ناڪ قتل تي آدم عليہ السلام جو هڪ مرثيه تاريخن ۾ شاعري جو سنگ بنياد ليکيو ويو آهي- عربن بہ شاعري کي چڱي اوج تي آندو مگر انهن هن فن کي اُٺن ۽ گهوڙن جي تعريف ۾ جنن پوتن جي قصن ڪهاڻين کان وڌيڪ اهميت نہ ڏني – اسلام ۾ جڏهن روحانيت ۽ تصوف جي تعليم آئي تڏهن ڪيترن ئي بزرگن شاعري کي روحانيت جو رنگ ڏيڻ شروع ڪيو قديم بزرگن مان منصور حلاج- عمر خيام- حافظ شيرازي- جامي ۽ سعدي ۽ عطار عروض ۾ ڪيئي قرآن – حديث ۽ تصوف جا گوهر پاره پيش ڪيا ۽ رومي تہ مثنوي جهڙو هڪ عظيم الشان ڪتاب لکي دنيائي اسلام تي احسان ڪرڻ فرمايو آهي- شاه عبداللطيف ڀٽائي بہ انهن بزرگن مان اسان جو هڪ سرتاج سنڌ سنڌي شاعر شاندار ۽ روحانيت جو علمبردار آهي- جنهن جي پڻ رومي جي مثنوي سان گهري محبت رهي- ڏسبو تہ شاه صاحب جي رسالي تي مثنوي جو گهرو رنگ چڙهيل آهي- ڪيترا مثنوي جا فارسي بيت پنهنجي سنڌي زبان ۾ توري ڦير گهير بعد ڪم آندا اٿس- مثنوي لاءِ جيڪڏهن پهلوي زبان ۾ قرآن هجڻ جي دعوىٰ آهي تہ شاه صاحب بہ فرمائي ٿو- بيت نہ ڀايون ڀائرو هي آيتون آهين- جس ۽ آفرين هجي اسان جي پيرسن دوست مولانا مولوي در محمد صاحب خاص صديقي ڪاندهلوي خليفہ درگاه ملڪاني کي جنهن شاه صاحب جي چند متفرقہ بيتن جي شرح قرآن ۽ حديث سان لکي شاه صاحب کي پنهنجي دعوىٰ ۾ ثابت ڪيو آهي. هن کان اڳي شاه تي گهڻن ئي اديبن جا مجمل خواه مفصل شرح لکيل آهن مگر حقيقت ۾ انهن کي سطحي سڏڻ گهرجي- مولوي صاحب جو هي شرح اگرچ چند بيتن تي منحصر آهي مگر جيڪي ڪجهہ لکيو اٿن سو سڀ عالمانہ طرز ۽ صوفيانہ رنگ ڍنگ تي لکيل آهي- شايد هن کان اڳ هن قسم جو معياري شرح ڪنهن بہ نہ لکيو هجي- هر موقعي تي قرآن حديث ۽ فارسي اشعار مثال طور پيش ڪيا اٿن ۽ نهايت سليس سنڌي ۾ بيتن جي معنىٰ سمجهائي اٿن- الله تعالىٰ اهڙن اديبن ۽ عالمن فاضلن کي دنيا ۾ تادير قائم رکي جيئن سنڌي علم و ادب جي خدمت ڪري قوم جو معيار بلند رکن – الله کري زور قلم اور زياده-

حاصل ڪلام تہ هي ڪتاب خزانة العارفين حصہء اول تصوف جي نڪتہ نگاه کان بلڪل عمدو ۽ ڪار آمد آهي، اسان سندس مطالع کان آگاه بطور تائيد سندس تصديق ڪئي آهي-

الفقير محمد مصطفىٰ النقشبندي الملڪاني عفي عنہ

العبد الضعيف العاصي مجتبىٰ احمد الحنفي

النقشبندي المجددية الملكاني

عفي عنہ ولدالديه

15 آڪٽوبر 1961ع درگاه ملڪاني شريف

-2 تصديق لائق تحقيق از دست حاتم شفيق جناب عالم فاصل فقيه فهيم ڪامل مولانا عبدالحي صاحب بزرگ رهڙي شريف جي

هي رسالو محبت ۽ الفت الستي جو مقالو نظريہ نيهن لطيفي جو شرح نرالو آيتن الاهي جي شراب پاڪ سان پر پيالو پلي پيي معرفت جي ميخانہ جو مست متوالو – جنهن آب احمر نوراني جي پيڻ سان پياسن ۽ اجاين جي اڄ بک لهي دور ٿي ويندي آهي- تنهن پيالي پاڪ جو پياريندڙ ۽ ساقي جناب مولانا ابو الا اقبال در محمد خاڪ- صديقي ڪاندهلوي آهي جو صاحب جامع شريعت ۽ طريقت جو آهي تنهن صاحب باوجود بيماري کهنه ڪنسر ۽ پيري زهيري جي پاڻ کي تفريح پاران تڪليف ڏئي بہ حضرات اهل ادب جي اڳيان هي تحفو عمدو پيش ڪرڻ فرمايو آهي- جنهن تحفہ قيمتي جو قدر ڪرڻ قدردانن تي ادبي نڪتہ نظر سان لازم ۽ واجب آهي-

انا المصدق فقير عبدالحي رهڙوي

مدرس مدرسہ ٿرڙي محبت

-3 تصديق از قلم تحقيق رفيق ادب شفيق طبع احسن لقب جناب حافظ احسن صاحب جي

گهڻي وقت کان اها عام تقاضا آهي ۽ تازو مهراڻ رسالہ حيدرآباد ۾ ايڊيٽرول نوٽ ۾ طلب ڪيل آهي تہ سلطان العارفين سرتاج الشعرا حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمتہ جي رسالہ جي شرح لکي وڃي ۽ اهڙو ڪو مرد مجاهد نڪري نروار ٿئي جو اهو ڪم ڪنن هٿ ۾ ڪٽي- نهايت خوشي ٿي آهي تہ ڪهنہ مشق اديب ۽ شاعر جناب حضرت مولانا مولوي در محمد صاحب خاڪ صديقي ڪاندهلوي جن، شاه صاحب جي چند بيتن جي شرح قرآن شريف – حديث ۽ اسلامي روايات موجب مثنوي رومي- شيخ سعدي سچل سرمست ۽ ٻين صاحبن جي ثبوت سان شرح لکي آهي جا سنگ بنياد جو ڪم ڏيندي- اميد تہ حضرت مولانا موصوف صاحب سلسلہ وار شاه جي رسالہ جي بيتن جي شرح لکڻ فرمائيندو- مرحوم ميان محمد بخش صاحب واصف 25 – بيتن جو شرح لکي ڇاپايو هو – هينئر مولانا صاحب 50 – بيتن جي شرح لکڻ فرمائي آهي جا اميد تہ عوام ۽ شاه صاحب جي شيدائين لاءِ خوشي جو باعث ٿيندي.

-16 اڪٽومبر 1961ع

راقم حافظ محمد احسن چنا دادو

**قطعہ تاريخ ڪتاب خزانة العارفين از حافظ محمد احسن چنا دادو**

مبارڪ ميان درمحمد کي آهہ + ڪئي جنهن محقق هي تشريح شاه

رکي سنگ بنياد تشريح جو + ڪيو جنهن هي مشڪل ڪم آهي اٿاه

اديب آهہ عالم ۽ فاضل فهيم + اديبن ۾ جنهنجو وڏو عزم و جاه

لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ رهي روز شب + ادب جي فزون لئي سندس خوب چاه

پٽائي جي فرمان تي باعمل + تني ۽ تڏي ۾ پيو ڪاه ۽ ڪاه

ڪري خوب خدمت ادب علم جي + ٿيو سنڌ وارن جو هي خير خواه

لکئين عارفن لئي خزانو عجيب + تي شارح پسايائين همه شاه راه

عطا ان کي حق عمر خضري ڪري + ڏئي ان کي الله امن و پناه

لکيائين هي نسخو تہ احسن عجيب + ٿيو جنهن تي راضي گهڻو آه شاه

پڇم سال هجري تہ هاتف چيو + مضامين گلشن اهي واه واه

1381 هه

4. تعارف از قلم معارف جناب رئيس ادب نجيب نسب باغ سنڌي جي سهڻي بلبل جي وارث وڪيل پر ضيا گل گلاب عالي جناب جناب مستر ضياءُ الدين ضيا دادو جو

جناب مولانا مولوي در محمد صاحب متخلص خاڪ هڪ ڪهنہ مشق شاعر ۽ شاعري جو دلداده حضرت آهي جنهن سان مشاعرن ادبي مجلسن ۾ خواه خانگي ملاقاتن سبب گهڻي وقت کان آشنائي آهي- سندس مزاحيہ طرز جي شاعري مون کي اول اول سندس شعر ڏانهن راغب ڪيو ۽ سندس هر شعر کي دلچسپي سان مطالع ڪندو رهيس – مون کي وڏي خوشي حاصل تي جڏهن اوچتو دادو ۾ قدم رنج فرمائي پنهنجي نت نئين انوکي ۽ انمول ايجاد ڏيکاريائين – اها آهي ڪتاب خزانة العارفين جي ايجاد- جنهن جي ڏسڻ سان آفرين صد آفرين چوڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيس- شاہ پٽائي رحمتہ الله جي دعوىٰ تہ جي تو بيت ڀايان سي آيتون آهين، جو ويهي هن صاحب دليل پيش ڪيو آهي. قران پاڪ جون آيتون پيش ڪري شاہ جي بيتن سان ملائي ثابت ڪيو اٿس تہ شاهہ جو ڪلام قرآن پاڪ جي آيتن جو عڪس آهي ويتر جو عمدا ۽ نهڪندڙ مثال ۽ تلميحون پيش ڪيون اٿس تن تہ سون تي سهاڳي جو ڪم ڏنو آهي. خزانة العارفين سچ پچ عارفن لاءِ هڪ بيش بها خزانو بنجي پيو آهي. شاہ جي ڪلام کي هن جديد نموني ۾ پيش ڪرڻ جو سهرو هن سگهوري جي سر تي سونهين ٿو. ۽ پٽائي ڪيس خواب ۾ ديدار ڪرائي دلجائي پڻ ڏني آهي تہ سندس تحفہ قبول ٿيو. اها سعادت هن صاحب کي صلہ ۾ نصيب تي چڪي آهي ۽ اميد تہ سنڌي بہ سهسين سلام هن سگهوري تي چوندا جنهن کين هيءَ سوکڙي سونپي آهي. وڏي خوشي جي ڳالهہ آهي جو شايد پٽائي جي روح پرفتوح جي برڪت ۽دعا سان هن ڪتاب جي ڇاپجي شايع ٿيڻ لاءِ سامان بہ موجود تي ويو آهي. خدا ڪري زور قلم اور زياده.

ضياءُ الدين – ضيا وڪيل دادو

مورخہ 20 – اڪتوبمبر 1961ع

5. تصديق لائق تحقيق انيق از قلم قابل فن اديب واقف شريعت ۽ طريقت جناب محمود صاحب ايزدي مجتنب از غيبت وبدي- ڪاندهلوي تلميز مسفيد از درگاه ڪاندهلويہ

راقم فقير حقير تصحيح ذيل واري رسالو معرفت جو مقالو نالي خزانة العارفين حصہ اول مطالع ڪري ڏٺو. جو تمام عمدن مضامين معرفت ۽ رازن صوفيانہ سان سينگاريل آهي. منجهس حقيقي عشق جون حقيقتون اهڙيون تہ سهڻي طريقہ سان درج آهن. جو مبتدي خواه منتهي کي تمام سهڻي سبق جو راه سيڪاري راه طريقت جي پوري

پوري رهبري فرمائن ٿيون. اميد تہ حضرات سامعين ۽ ناظرين صاحبن کي پڻ مستفيد بڻائيندئيون رهنديون. ۽ جناب حضرت قبلہ مصنف رسالہ قدوة السالکين عمدة العارفين جامع شريعت و طريقت حضرت مولانا عالم رباني سيف سبحاني استادي خليفہ درگاه ملکاني حضرت سير رحماني- بنام نامي گرامي مولانا ابو الا قبال در محمد خاڪ صديقي کاندهلوي. پنهنجي ڪمال محبت ۽ اخلاص سان پنهنجي گوهر فشاني ڪرڻ فرمائي آهي جا اميد تہ راه گيرن لاءِ راه هدايت جو سبب ثابت ٿيندي هن رهبر روحاني کي نہ فقط روحاني راه ۾ رشد ۽ ڪمال آهي پر هي صاحب پنهنجي قومي خدمتن کري بہ ممتاز درجہ تي پهتل آهي ڪيس قومي خدمتن جي صلہ ۾ قوم کاندهلويان سنڌ کان قائد القوم جو ممتاز لقب عطا ٿيل آهي ۽ بين قومن کان بہ ڪيئي احترامي القاب ڪيس عطا ٿيل آهن جهڙوڪ نصير آباد شهر ۾ هن کان اڳ چند سال انجمن همدرد قوم کان صدر جو لقب لائق ماڻي چڪا آهن اهڙي طرح مسلم ليگ طرفان پرزائڊنگ آفيسر جو عهدو عطا ٿيو هون وغيره مطلب تہ سندن وجود مسعود پنهنجن پرائن واسطي سبب سعادت ۽ شفقت جو ثابت ٿيو آهي ۽ ٿيندو رهندو آمين.

العبد فقير محمود عفي عنہ المعبود ايزدي کاندهلوي

مريد درگاه مجدديہ سرهنديہ ٽنڊو سائينداد

6. تبصره از نظر ناظر باريڪ بين باهو ادب جي عاشق شوق علم جي شائق گوهر ادب حميده حسب مسٽر محترم گلاب خان شيخ پروپيگنڊا سيڪٽري سنگت نصير آباد جو

جناب حضرت مولانا مولوي در محمد خاڪ صديقي کاندهلوي صاحب هردلعزيز همدرد سنگت ۽ بزم لطيف نصير آباد جو لکيل ڪتاب لاجواب نالي خزانة العارفين . جناب شهنشاه گهوٽ لطيف جي شعر تي شرح شايان شان ادب، تبصره لاءِ پهتو. جناب حضرت خاڪ صاحب جهڙي عالم فاصل جامع شريعت ۽ طريقت صوفي صادق عمدة الشعرا جي لکٽيءَ تي مون جهڙي ڪم علم حقير کي تبصري ڪرڻ جي ڪهڙي قوت ۽ طاقت آهي. ڪتاب جنهن نئين رنگ رندي ۽ عارفانہ ڍنگ سان جناب خاڪ صاحب جن جوڙيو آهي سو هر تعريف جي لائق ۽ سندس مصنف صد مبارڪ جو مستحق آهي اهڙي ڪتاب ناياب جي جوڙيندڙ کي بہ لائق صد تحسين جو نہ چاڙجي تہ پوءِ انصاف جو خون آهي. جناب لطيف سائين جي هر شعر جي مشاهبت قرآن ڪريم جي آيتن ۽ حديثن سان جنهن روحاني رنگ ۽ صوفيانہ ڍنگ سان جناب خاڪ صاحب جن ڪرڻ فرمائي آهي. اهڙي شايد مشڪل ڪنهن ٻي عالم اديب صاحب کي اچي، چو تہ جناب خاڪ صاحب فقط شاعر ڪونہ آهي پر هو صاحب هڪ مجدد عالم عديم المثال صوفي صادق صاحب الحال پڻ آهي، حقيقت ۾ جناب پٽ ڌڻي جو شعر شاندار جيڪو آسماني الهام پايدار جو محض ترجمو آهي، ان تي شرح شافي لکڻ بہ هڪ عالم فاضل ۽ صوفي سالڪ ولي ڪامل جو ڪم آهي جنهن لاءِ جناب حضرت خاڪ جهڙو مجدد محقق موزون ماڻهو آهي. جناب خاڪ صاحب هي ڪتاب لکي نہ رڳو جناب سرتاج سنڌ جي روح پرفتوح کي راحت رسائي آهي، پر هن صاحب فخر ادب علم ادب سنڌي جي غير معمولي خدمت انجام ڏني آهي جنهن لاءِ آءٌ جناب خاڪ صاحب کي پنهنجي سنگت جي پاران ۽ پاڻ دلي مبارڪ پيش ڪريان ٿو. جناب خاڪ صاحب هر قومي تحريڪ ۾ بهرو وٺندڙ آهي. قومي خدمتن ڪري هي صاحب بي طمع بي رياءِ هن کان اڳ ڪنهن زماني ۾ انجمن همدرد قوم نصير آباد جو پڻ صدر صاحب تي رهيو آهي، جنهن انجمن اهڙي امين عقيل صدر صاحب جي زير سايہ رهي ڪري شهر نصير آباد ۾ تمام گهڻا سماجي ڪم ڪيا آهن.

نيازمند ڪاتب تبصره گلاب شيخ

10-10-1961

7. سپاس نامہ پرت پيامہ از قلم فيض رقم صوفي سالڪ جناب پير شير شاه شائق لبيب لائق چيئرمين يونين ڪائونسل لاڪا تعلق وارهہ ضلع لاڙڪاڻ جي سپاس نامو

خزانة العارفين حصہ اول جناب علامہ صوفي سالک فقير در محمد خاک صاحب صديقي ڪاندهلوي اسان صوفين لاءِ اهڙو تہ اعلیٰ درجه جو خاص آئينه ۽ دل مخمور ڪندڙ شراب حقيقي خاص سولي سنڌي زبان ۾ باوجود ڪهنه سالي ۽ خطرناڪ بيماري جي نازڪ حالت ۾ پاڻ کي تڪليفن ۾ پتوڙي بہ نهايت نوازش ۽ مهرباني فرمائي اسان واسطي راهبر حقيقي تيار ڪرڻ فرمايو آهي اميد تہ انهي جي حصہ دوم لاءِ پڻ هٿ همت جو وجهي ڪوشش ڪرڻ فرمائيندو. الله سائين شال کيس عمر دراز ۽ توفيق رفيق بخشي آمين ثم آمين

بنده مشڪين شير شاه از لاڪا موندر 11-10-61

### 8. تصديق لائق تحقيق از قلم قابل عالم تحرير صاحب التحرير والتقرير جناب مولانا محمد عظيم صانہ الڪريم عن خصومتہ الخصيم وذم الذميم المتخلص بشيدا نصير آبادي

جناب مولانا در محمد صديقي ڪاندهلوي صاحب متخلص بخاڪ جيڪو ڪتاب ناياب تصوف ۾ حضرت ولي ڪامل شاعر فاضل فخر سنڌ عبداللطيف شاه صاحب جي رسالہ جي جيڪا تشريح ۽ سندس بيتن جي تقرير ڪرڻ فرمائي آهي سا تقرير ساري عالمانہ ۽ محققانہ طرز تي تيار ٿيل آهي. تنهن جي تعريف ڪرڻ جڻ سج کي آئينو ڏيکارڻو آهي بلڪ زبان تعريف کان قاصر ۽ قلم لکڻ کان عاجز آهي، مطلب تہ هي ڪتاب سالڪن لاءِ رهبر ڪامل ۽ مريدن مرشدن لاءِ مشعلہ راه هدايت آهي، شل الله تعالیٰ مولانا موصوف کي اجر عظيم ۽ توفيق عميم عطا ڪرڻ فرمائي. آمين ثم آمين

مصدق محمد عظيم شيدا نصير آباد

11-10-1961

### 9. تصديق از جناب اديب لائق فهيم فائق مسٽر عبدالغفور صاحب پرڳڙي ايم-اي-ايل ايل-بي وڪيل لاڙڪاڻ

محترم جناب مولوي در محمد صاحب جن جي بيش بها ۽ عالمانہ تصنيف بنام ”خزانة العارفين“ ڪنهن حد تائين منهنجي نظر مان گذري آهي، جنهن ۾ مولوي صاحب سنڌ جي عظيم الشان فلسفي ۽ شاعر شاه عبداللطيف ڀٽائي جي پنجاهہ بيتن جي شرح هڪ نئين انداز سان ڪئي آهي. اسان جي اديبن هن وقت تائين ڪا اهڙي خاص ڪوشش هن ڏس ۾ ڪانہ ڪئي آهي. مولوي صاحب هن ڪاوش ذريعہ شاه صاحب جي ڪلامہ جي روحاني رازن ۽ اصلي معنیٰ کي سنڌي عوام وٽ پيش ڪيو آهي جنهن لاءِ مبارڪ جو مستحق آهي.

مولوي صاحب نہ صرف هڪ بلند پايہ عالم آهي پر ساڳي وقت سنڌي علم ادب جو وڏو ڄاڻو ۽ ڪهنہ مشق شاعر بہ آهي. شاه صاحب بابت سندس مطالعو وسيع ۽ عميق آهي ۽ هيءَ ڪتاب سندس سالها سال جي گهري مطالع جو نتيجو آهي. مون کي يقين آهي تہ سنڌي ادب ۾ هيءُ ڪتاب اهم جڳهہ والاريندو ۽ سنڌي اديب ۽ عوام ان کي قدر جي نگاهن سان ڏسندا ۽ پورو پورو فائدو وٺندا.

عبدالغفور پرڳڙي لاڙڪاڻ

تصديق از قلم قابل اديب عاقل شاه لطيف جي شائق ۽ رسالي جي عاشق جناب خان صاحب مسٽر عطا محمد خان کاندڙهه ايڊوڪيٽ ميهڙ جي

مون هي ڪتاب مستطاب نالي خزانة العارفين حصہ اول جوڙيل جناب حضرت قبلہ خاڪ صاحب سيف سبحاني رهبر روحاني صديقي ڪاندهلوي جن جو گهڻي ڀاڱي مطالع ڪري ڏٺو آهي. اڄوڪي زماني جي ماحول واري مخلوق عام ۽ اديبن ۽ عاقلن جي طبقہ خاص ڪي پڻ اهڙي ڪتاب ناياب جي جو صوفيانہ رنگ ڍنگ تي تصوف جي تحقيق انيق موجب جديد نمونہ جي طرز تي جناب سرتاج سنڌ جي چند ابياتن جو الاهي آيتن سان سينگاريل شرح آهي سخت ضرورت هئي. جا ضرورت سهڻي صورت ۾ ڏٺي پاڪ پنهجي فضل ڪرم سان هٿان حضرت خاڪ صاحب پيرسن ۽ بيمار جي پوري ڪري ڏيڻ فرمائي. شال ڏٺي تعالیٰ اجان بہ سندس عمر سڳوري دراز ڪرڻ فرمائي تہ باقي رهيل حصا خزانة العارفين جا تيار ڪري جهان وارن جي دعا ۽ جس ڪٺڻ جي واڌو مبارڪ ماڻڻ جو مستحق رهي. آمين ثم آمين

نيازمند عطا محمد وڪيل ميهڙ

11. تعارف ذي المعارف از قلم عاقل عارف جناب پير شمس عالم شاهہ راشدي صاحب

جناب حضرت قبلہ گاهہ مقبول درگاهہ جامع شريعت طريقت حقدار منصب مرشديت مجاز ملڪاني رهبر روحاني ملقب بسيف سبحاني صديقي ڪاندهلوي جن جو جوڙيل عمدو رسالو لطيف سائين جي چند بيتن جو لاثاني شرح نرالو. ڏسڻ وارن جي ڏسڻ لائق ۽ پرت وارن جي پسڻ لائق آهي، جو تہ اهو رسالو صوفين صديقن جي رنگ ڍنگ تي برپا ٿيل وره وارن جو ونگ ۽ الستي عاشقن لاءِ عبرتي انگ آهي. تنهن ڪري جن جي اندر ۾ الستي رنگ اثر ڪرڻ فرمايو آهي، انشاء الله تعالیٰ سعادت سرمدي ماڻڻ ۾ دم دير نہ ڪندا پر اميد تہ هي رسالو فيض الاهي جو پر پيالو بين جي واسطي بہ پوري طرح فائدي رسان ثابت ٿيندو. هي تہ رسالي جي رهبري مان فائدو پٽرو پديد ديده ديد آهي پر رسالي جي جوڙيندڙ رهبر روحاني جي صحبت سوني تہ سون تي سهاڳي جو ڪم ڏئي ڏيکاريندي پر ڪو پياسي پرت جو ۽ سڪايل سڪ جي سرڪ جو سلوڪي سرت سان سندس صحبت پر محبت ڪري ڏسي تہ ڪيس پورو پورو پتو پئجي ويندو و تہ عطر عجيب اهو آهي جو پاڻ بوءِ بهار جي ڏيکاري نہ اهو جو عطار چئي بڌائي موجب مقولہ معروف زيرين جي، عطر آن ست ڪہ خود ببويد نہ آنڪ عطار گويد. هن لڪل گوشہ نشين لعل جو مشرب مدامي لطيف لاثاني وانگي پاڻ ڪي گهٽو ڪري لڪائڻ جو رهيو آهي وگر نہ اڄ تائين سنڌس لک مريد هجن ها، تنهن هوندي بہ هن رهبر روحاني جا نہ فقط عام آدمي خفيہ طريقہ موجب مريد ۽ معتقد آهن پر ڪيترا معزز ۽ خاندان بہ سندن فيض ڪان فائز ٿي ويا آهن پر تن مان جي صاحبن ڪي شاگردي ۽ ارادتمندي مان حظ حاصل ٿيو آهي تن مان قابل ذڪر هينين نالن وارا صاحب پڻ آهين.1.پير شمس عالم شاهہ راشدي 2. حاجن شاهہ راشدي 3. رشيد شاهہ راشدي ساڪن لعلو رائونڪ 4. پير علي شاهہ سيد مرحوم ساڪن ڊينگل ماڇي 5. پير قاسم شاهہ سيد 6. حافظ محمد شاهہ پيچوهن وارو 7. حبيب الله شاهہ سيد گاجي وارو 8. پير حيدر شاهہ لاکائي مرحوم قبي ڏٺي 9. عبدالله خان چنہ صاحب اديب سنڌ رٽائر ڪليڪٽر صاحب 10. مختيارڪار صاحب يار محمد خان ميمڻ جو بوءِ ڪليڪٽري جي اعلیٰ عهدي تي فائز ٿيل هو 11. مختيارڪار غلام محمد ڪلهوڙو مرحوم قمبر وارو 12. سردار بهادر محمد پريل خان ڪلهوڙو باليشاهہ وارو 13. جناب مولوي مير ولي محمد خان چانديہ داماد نواب غيبي خان ديره واري جو 14. مولانا علي محمد صاحب مدرس ۽ پيش امام معلم مير ولي محمد خان ديره واري جو 15. مير تاج محمد خان سردار ڪچي حسين خان چانديہ جي ڪور وارو 16. حاجي محمود خان ايزدي ڪاندهلوي وڏو زميندار ڳوٺ دائود ڪانڌڙو 17. رئيس جعفر خان چانديہ فتح پور وارو 18. حاجي آدم خان مشوري وينل ڳوٺ پنهنجي نزديڪ اسٽيشن باڪراڻي 19. حاجي عرس محمد خان داروغو مشوري وينل ڳوٺ آدم خان مشوري في الحال ٽنڊي محمد خان جي نزديڪ نوڪري تي چڙهيل آهي. 20. حاجي حافظ مولوي ميان مولاداد صاحب اسٽيشن

دوڙ وارو 21. مولوي محمد صالح ڪولاچي باڊه پراڻي وارو 22. مولوي غلام محمد عرف سجاول مشوري مرحوم فريد آباد جتوئي وارو 23. مولوي عبدالحليم ڪوڪر حسن آباد وارو 24. حڪيم عزيز الله شيخ بوٽري وارو 25. مولوي محمد گاجي ڪهاوڙ وارو 26. قاري خان محمد نصير آباد وارو 27. حاجي نصر الله صاحب نصير آباد جي جامع مسجد جو پيش امام 28. حاجي حبيب الله صاحب پنگر بڪيجن وارو 29. ميان غلام النبي خان گوگاڻن وارو 30. ماستر عبدالقادر شائق صاحب اديب فاضل بي. اي جو امتحان پاس ڪيل آهي. 31. جناب ماستر جمعه خان غريب ايڊيٽر اديب سنڌ رسالي وارو 32. مشهور شاعر ضامن دادو وارو وغيره وغيره. تنهن ڪري هن بزرگ پلاري ڪي پيرن جو پير سڏڻ مناسب آهي نه فقط عام جو پر تنهن هوندي به هن ولايت جي وارث ڪي ڪا به وڏائي ۽ فخر ڪونه آهي، بلڪ سدائين پاڻ کي فقير خاڪ سڏائيندو رهي ٿو. باقي اجوڪن پيرن جديدن کي جيڪو پنهنجي پيري فقيري تي فخر ۽ ناز آهي سو قابل عبرت ۽ لائق نفرت آهي جو ته ڪن ته اهل طريقت ماهر معرفت جي ڪان سند به نه ورتي آهي بلڪ پاڻ مرادو لئي مان لٿ پيجي ڏڻ جا ڏنار ۽ ڏانداري مان صبرڪتي جا سزا وار بڻيا آهن جن صاحبن تي زيرين بيت پٽ ڏٽي جو پورو پورو صادق اچي ٿو. بيت. هنجهه هلي ويڙا، ويا مور مري وطن ٿيو وري ڪوڙن ڪانيارن جو. ڪوڙن ۽ ڪرن ڪي شريعت پاڪ جي ڪسوٽي تي پرکڻ گهرجي وگرنه خوف حساب واري ڏينهن ته ازخود ڪوتا ڪرا ظاهر ٿي پوندا، جيئن جو سرتاج سنڌ جي زيرين بيت مان ظاهر آهي (بيت)

جوڳي هن جهان جا ڏئوتا ۽ ڏئوتا

پني ڪائن پيٽ ۾ تڪر ۽ توتا

ڪرا ۽ ڪوتا پورب ٿيندا پڌرا.

فقير پير شمس عالم شاه راشدي از لعلو رائونڪ

### 12. تصديق از قلم قرب ڪامل مولوي فاضل محمد صالح صانه الله عن صحبتہ الصالح ڪولاچي

جناب حضرت قبلہ عالم سالڪ سالم شمس شريعت طريقت ماهر معرفت حقيقت مرشد مجدد مهدي رهبر هادي سيف سبحاني زائر حبيب حقاني خليفہ درگاه ملڪاني جن جو جوڙيل هي رسالو نالي خزانة العارفين مون اول کان وني آخر تائين ڏٺو آهي. ڏسڻ سان ڏاڍو وڻيو ۽ بلڪل پسند پيو چو ته سارو رسالو آيتن ۽ حديثن ۽ سلفن صالحن جي سونن قولن سان سينگاريل آهي. وحدت جي وڻجارن ۽ معرفتي موتين ماڻڪن جي خريدارن واسطي جڻ وڏي وکار ۽ وٽ آهي، جنهن وکار مان هر ڪو وڻجارو وحدتي ورهه جا وکر وني وڃي وهائي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن به حبدار حق جي کي هھڙي صوفي صادق جي صحبت سوني حاصل نہ ٿي آهي تنهن واسطي هن رسالہ بي بها جي رهبري پڻ ڪافي فائدي مند ثابت ٿيندي چو ته درد وارن جو ڪلام به پردرد هوندو آهي، جيئن ڪنهن دردي صاحب اردو زبان ۾ آلاپيو آهي. کيا کهون ڪسکو کهون کس کو ميرا درد هي، لفظ درد خود مين هون جس پہ الٹون درد هي. پر جي اجان به ڪن قربدارن ۽ پرت جي پنڌ پڇڻ وارن کي حضرت ساقي صادق مذڪور جي صحبت سوني ۽ قرب قيمتي جي حاجتہ هجي ته اهڙن جي صحبت هڪ ساعت سان سالن جي عبادت کان وڌيڪ فوزي فيض جو فائدو پرائي سگهجي ٿو، جيئن جو انهي بابت مولانا مثنوي صاحب جو فيصلہ ڪافي حجت آهي. مثنوي، يڪ زماني صحبت با اوليا بهتر از صد سال طاعت بي ريا، پر اجوڪي زماني جي ماحول مذموم ۾ صحبت صادقن جي ۾ وڃڻ ۽ وڃي وحدتي هيرن لعلن جو وڻجارو ٿيڻ ڏاڍو دشوار ۽ محال آهي مگر جن کي غفور گهري ته اهي گوهرن جا وکر وٽجي سگهندا وگرنہ نہ. جيئن جو پٽائي گهوٽ فرمايو آهي (بيت) ويا سي وينجهار هيرا لعل وڏين جي قدر وارا ڪم ٿيا ڪتا خريدار ڪٽن ڪٽ لوهار هاٽي انهين پيٽيين. هائو جنهن جوان پهلوان مجاهد ميدان جي کي جذبو عشق الاهي جو الله واحد ڪان وهب طور عطا ٿيندو ته اهو جوان جوڳي تي جهان ۾ جاچي ڳولي به صوفين صادقن جي صحبت سوني هٿ ڪري وحدتي وکرن جو وٽج وٽجي سودي

سعادت جي سان سودمند ٿيندو، جيئن جو وکرن جي وڻجاري پٽائي پياري زيرين بيت ۾ وکر وهائڻ بابت چٽو فرمايو آهي (بيت) وکر ڍيرون ڍير پر وهائڻ وارا ويسلا کن وهائي وس کيا، کني لائي اوير ستون ڏيندي سير وکر وکامي ويڙو.

انا المصدق فقير محمد صالح

مريد درگاه کاندهل شريف

### 13. تصديق از قلم کامل يقين ۽ عالم ذهين ميان عبدالحليم کوکر حسن آبادي عفي عنہ

جناب حضرت قبلہ گاه مريدن پشت پناه مخزن معرفت آگاه اسرار حقيقت پروان شمع شريعت تاجدار طريقت رهبر روحاني لقب يافتہ سيف سبحاني خليفہ درگاه ملکاني جناب حضرت ابو الاقبال در محمد خاک صديقي کاندهلوي جن هي رسالو نالي خزانة العارفين جوڙي جهان وارن صوفين صادقن ۽ الستي عاشقن تي وڏو تورو ۽ احسان کرڻ فرمايو آهي جو تہ رسالو رمزن روحاني ۽ نکتن نوراني سان اهڙو تہ پرپور کري نروار کيو آهي جڻ تہ کوزي ۾ قلزم معرفت جو ماپايو آهي، سو بہ صفا سنڌي زبان ۾ تہ پلي هرکو حق جو طالب توري يا گهٽي علم وارو پورو پورو فائدو پرائي سگهي. مون کي قوي اميد آهي تہ عبرتي عشاق ۽ معرفت جا مشتاق الفتي اشتياق سان هن رسالي کي ڏسي پڙهي فيض ياب ٿي سندس مصنف ممتاز حضرت خاک صاحب کي دعا خير جي سان ياد شاد کرڻ فرمائيندا آمين ثم آمين.

مصدق مسکين عبدالحليم

مريد درگاه کاندهل شريف

### 14. تصديق از طبع شريف عنصر لطيف صاحبزاده نثار احمد (نثار) صديقي کاندهلوي

حضرت قبلہ گاهہ حڪيم جسماني ۽ روحاني مجاز حضرت مرشد ملکاني زائر نبي آخر زماني منبر نشين محبوب مناني خليفہ رسول رباني جناب حضرت مولانا مرشدنا ابو الا قبال در محمد خاک صديقي کاندهلوي ملقب بسيف سبحاني جن هک رسالو محبت معنوي جو مقالو نيهن جو نياپو نرالو پياسن جي پياس لاهڻ لاءِ پرت جو پيالو جوڙي تيار کري متس نالو خزانة العارفين رکيو، جنهن ۾ شاه صاحب جي چند ابياتن جو شرح قرآني آيتن ۽ حديثن ۽ علمائن ربانين جي راين ۽ اشعارن سان سنڌي ۾ کيو ويو آهي. جو درد وارن دلين کي وڻندڙ ۽ روحن کي راحت بخشيندڙ آهي. اجوکي قحط واري زماني ۾ دنيا جي دل اُجاري ۽ پاڪستان جي دل پياري کي اهڙي وحدتي پيالي پاک جي پيڻ جي گهٽي گهرج ۽ پياس هئي جا ڏٺي تعالیٰ حضرت قبلہ گاه ساقي هٿان مس مس پوري کرائي ڏني آهي. اميد تہ هي رسالو هر ذات انسان ۽ هر فرقہ واسطي هدايت ۽ سعادت سرمدي جو سهٽو سبب ثابت ٿيندو ۽ اسان نوجوانن کي هن رسالي جي ذريعي سعادت پرائڻ ۽ نيهن الستي سان ناتو نباهڻ تمام سولو ۽ سهنجو لڳندو. جو تہ سنڌي زبان ۾ سهنجي سهٽي طريقہ سان سمجهاٽي ڏني وئي آهي جا سهٽي سمجهاٽي گهٽو کري مردن توڙي عورتن لاءِ تمام کارآمد ۽ مفيد ثابت ٿيندي. الله تعالیٰ شال اجان بہ قبلہ گاه جي عمر دراز فرمائي تہ باقي رهيل حصا خزانة العارفين جا ناهي پورا کرڻ فرمائن آمين ثم آمين.

مصدق نيازمند نثار احمد (نثار)

صديقي کاندهلوي – ميٽرک

27-10-1961 مطابق جماد الاول 1381 هہ

### نظم نعتيه از طبع نثار احمد نثار صديقي

تي خوشي ويڙو کلي مس مس خزانه عارفين + جوڙيو جنهن تنهن کٽي جس جس خزانه عارفين

گوهر جي گنج جي هي گهرج گهر گهر کي گهٽي + نيٺ پڙهو تي ويو پس پس خزانه عارفين

شوق سان پڙهه ذوق سان پڙهه هي رسلي جو شرح + قلب جي کوري ڇڏي کس کس خزانه عارفين

تو لسا توڙي ڦڪا کيئي قصا پڙهيا ڏنا + پر پڙهي هي پرت مون ڏس ڏس خزانه عارفين

آيتن قرآن سان سينگاريل سارو سجو + بره وارن جو بلو بس بس خزانه عارفين

قدر قيمت کير ڄاڻي قدر داڻن کان سوا + روح وارن کي ڏئي رس رس خزانه عارفين

ماڻکن موتن سان پريل معرفت جو بحر هي + ميهن وحدت جي وسي وس وس خزانه عارفين

مرد عارف لاءِ زيور زيب ظاهر تي ويو + زن ڳچي جو هار ۽ هس هس خزانه عارفين

لوڪ جو لاڙو ڇڏي جو لس جي ٻيلي ۾ لکي + لوڪ کان تنهن وٽي لس لس خزانه عارفين

شهد جا شيرين چاتا تو چکيا هوندا چڱا + شهد شوقي وٺ چکي چس چس خزانه عارفين

هئن چيو هاتف اچي – غارق گهٽي – رحمت ۾ سو + جنهن لتو ڳولي وڃي گس گس خزانه عارفين

1381 ھ

سر نثار آهي جهين جو نهين جي نالي مٿان + تنهن جي هٿ ۾ سون جهڙو تس خزانه عارفين

### 15. تصديق از دست تحقيق صاحبزاده ميان منظور احمد (منظور) صديقي کاندهلوي

حضرت قبلہ گاه حافظ حقائق قرآني مقبول درگاه مناني مجاز درگاه ملڪاني زائر نبي آخر زماني خليفه رسول رباني شمس العلماءِ سيد الشعراءِ عمدة العرفاءِ جناب مولانا و مرشدنا ابو الاقبال در محمد- خاڪ- صاحب الاقبال والادراڪ جامع شريعت طريقت پاڪ ملقب بسيف سبحاني جن هڪ رسالو معرفت جو مقالو نيهن جو خزانو نرالو صوفيانه رنگ ۾ گڏ ڪري متس نالو خزانة العارفين رکڻ فرمايو آهي جو رسالو جناب شاه صاحب جي چند ابياتن جو سهڻو ۽ عمدو شرح آهي. آيتن ۽ حديثن ۽ سونن قولن صوفين صديقن جي سان اهڙو ته سينگاريل آهي جو قابل توجه ۽ لائق تصديق جي آهي فدوي اول کان وني آخر تائين نظر مان ڪڍيو آهي مون کي ڏاڍو وڻيو ۽ ڏاڍو مزو ڏنائين. مان سندس مطالعه مفيد ڪان پوءِ هن چوڻ ۾ حق بجانب آهيان ته هي رسالو حڪمت جو پر پيالو هر درد واري دل لاءِ دوا ۽ هر محبت جي مريض لاءِ شفا آهي. اميد ته عالم جا علماء ۽ دنيا جا داناء ۽ شاهاني دماغ وارا شعراء ادبي علم جي اعزازي خيال کان هن ڪتاب قيمتي جو ڪجهه نه ڪجهه قدر ڪرڻ فرمائيندا. توڙي اجوکي قحط رجالي ۾ قدردان گهٽي پاڳي ڪونه آهن جيئن جو پٽ ڏٽي فرمايو آهي. قدر وارا کم ٿيا، کتا خريدار) تبہ اجان دنيا ۾ کي کي موجود آهن هرون پرون صفا سنج ڪانه تي آهي موجب نظريہ نامدار نيهن جي. اجان کي آهين قيامت تائين کاپڙي) تنهن کري هي رسالو هر طبقہ جي انسان ذات لاءِ عام طرح ۽ صوفين صادقن ۽ اديبن لاءِ خاص طرح ڪارآمد ۽ مفيد آهي. فدوي خوشي جي خيال کان محبت جي موج ۾ موج زن تي رسالي خزانة العارفين جي خوبي ۾ هڪ نظم نعتيہ نروار ڪئي آهي جا هيٺ لکي وڃي ٿي-

### نظم نعتيه از طبع منظور احمد – منظور

خلق ۾ ٿيڙو عيان خوشتر خزانہ عارفين + هر بشر جي واسطي بهتر خزانہ عارفين

سنڌ جي سرتاج جي سيرت جهين ۾ مختصر + پڻ رسالي جو شرح برتر خزانہ عارفين

چند بيتن جو شرح في الحال پڌرو ٿي ويو + نيٺ آخر ويندو ٿي دفتر خزانہ عارفين

ويو ادب جي آسمان تي اوچتو أيري ڏسو + عارفين جي عين جو اختر خزانہ عارفين

تحفہ عمدو عجب ٿيڙو عيان آفاق ۾ + جوهرن جي واسطي جوهر خزانہ عارفين

ناظرن جو نور افزا ٿيندو نافع باليقين + نيهن وارن لئي ٿيو نشتر خزانہ عارفين

ڪنت ڪنزاً جا خزانا ڪوڙ مخفي تا رهن + ڪاڻ موتن ماڻڪن گوهر خزانہ عارفين

حصہ اول عيان ٿي عاشقن آڏو ويو + برڪتن پريو ٿيو گستر خزانہ عارفين

مرد عورت عشق الفت سان رسالي ڪي پڙهڻ + درس عبرت جو بٽي در در خزانه عارفين

غيب سهٽي بڪ خبر – قايص ظفر – غفران ۾ + شوق پڻ پهچي وجي گهر گهر خزانہ عارفين

1961ع 1381 هہ – 1381 هہ + 1961ع

معرفت جي ماهرن وٽ من وجي منظور ٿي + فرش چا پر عرش تي اظهر خزانہ عارفين